نسيم کرل
جون
ڪهاڻيون

روشني

نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون

(نسيم جي ڪهاڻين جي ٽن ڇپيل مجموعن
"شبنم شبنم ڪنول ڪنول"، "چوٽيهون در" ۽ "ڏمي" تي مشتمل ڪتاب)

نسيم ڪرل

روشني پبليڪيشن

کمپوزنگ : بشير احمد جمالي
عبدل برادرز ليزر ڪمپوزنگ سسٽم حيدرآباد سنڌ
ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇاپيندڙ : سهيل آرٽ پريس، ڪراچي

قيمت : 125.00 رپيا

طارق اشرف جي يادگيري

(امر جليل جي لفظن ۾)

● طارق اشرف اٽل ارادن سان زنده رهيو ۽ اٽل ارادن سان موت سان مرڪي مليو. ڇا ته جاني شخص هيو!

سٽاءُ

- ٽي زايا 9

□ وڏيرو نسيم کرل عبدالقادر جوڻيجو 11

□□ نسيم کرل جي سوچ ولي رام ولڀ 18

□□□ وڏيرو، وڏيري نظام ۽ نجم عباسي 23

نسيم کرل جون ڪهاڻيون

1 مڪسٻ گرل 31

2 پهرين مراد 37

3 مجاور 49

4 آٽت 56

5 ڪرنٽ 67

6 اٽالو پڊنگ 74

7 اسلام عليڪم 80

8 دارالفلاح 87

9 پارٽنر 97

10 چوٽيهون در 105

11 پهرين پهر 117

12 ڪافر 124

13 شبنم شبنم، ڪنول ڪنول 133

14 زماني جي گردش 147

15 گٽس 166

16	ڪچو رنگ	177
17	گذريل واردات	188
18	زر ۽ زور	196
19	ٻڪڻ	205
20	ڪني آگر	211
21	ڀت	216
22	ڏمي	218
23	منڌ پوڙيو مهراڻ	232
24	مساوات	243
25	ڪوڙڪيون	251
26	خاڪي پنهنجي فطرت ۾	264
27	تنهنجي خوديءَ جو ڀرم	268
28	ننگر	273
29	منجهيل سٽ	277
30	استاد ۽ شاگرد	280
31	سوڪڙيون	282
32	لهرين جا لوڏا	286

نسيم کرل جون کهاڻيون

□□□ تي رايا

{تي رايا، سهڻي نسيم کرل نمبر جي ٿورن سان}

وڏيرو نسيم کرل

هيءَ انهيءَ وقت جي ڳالهه آهي جڏهين اسان جا ڪٽَ ڦريل پيا هئا. جاڳ ۾ گهٽ، ننڊ ۾ گهڻو هلندا هئاسين. ڪچڙي گنونچ جهڙي ڪچڙي عمر هئي، خوابن ۾ سائو ڪَڄُ پريل هو. ڇپرن جي هيٺان اکين جي ديوارن تي جوانڻ جماڻ سهڻن مهاندن جون تصويرون ٽنگيل هونديون هيون ۽ دل جي ديوارن جي پورن جو دونهون Abstract art وانگر ڇانيل هوندو هو، اها خبر ڪانه پوندي هئي ته ٻي وک ڪٿي ٿي پوي ۽ ٻهرين وک ڪٿي هئي، انڌا ٿي هلندا هئاسون.

پڙهڻ جا نوان نوان شونق گنونچ ڪري نڪتا هئا. نيون ڍليون لڳل هيون. ڪو ڪتاب رسالو ور چڙهندو هوسون ته ڦاتي جند ڇڏائيندو هو. جهڙو تهڙو واٽرو شونق ڪونه هو.

انهن ڏينهن ۾ سنڌي ادب جي ماءُ "ابراهيم جويي" جي پارڪو هٿن مان سنوارجي سينگارجي نڪرندڙ رسالو "مهراڻ" سندس هٿن مان ڇڏائجي روح ۾ رلي ويو هو. "روح رهاڻ" اڃا پيٽ ۾ ستين مهيني ۾ هئي. آڪي آ. سندس جنم ٿيڻ وارو هو. مرحوم حفيظ، شيخ اياز، جمال ابڙو، ۽ رباني اُپ سان پيا ڳالهيون ڪندا هئا. ادب جي پڙ ۾ مڙسن جي لانگ پيٽي لڳندي هئي، چوڌاري "بلي بلي" پٽي پوندي هئي. ان وقت فقط "نئين زندگي" اهڙو رسالو هو، جنهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا يلي ڪهاڻي، ڪو يلو شعر ڇپجندو هو ته ان کي پڙهي اسان خوشبوئن جي ڪڪرن ۾ ويڙهجي ويندا هئاسين.

انهن ڏينهن ۾ ٻهريون ڀيرو نسيم جي ڪهاڻي (عنوان ياد نه اٿم) پڙهيم، نه رڳو نالو زنانو ڏٺم، پر ڪهاڻيءَ جي لکٽي به زناني ٿي ڏٺائي. ان ڪري پڙهڻ سان ٻهرين سَٽِ سائس عشق ٿي ويو ۽ اکين جي ديوارن تي نئون اٺ ڇاتل اٺ سڃاتل، منڌل منڌل مهاندو تري آيو ۽ سائس شادي ڪرڻ جي خواهش پوري زور شور سان دل ۾ اُيري آئي. مونکي ڪيئن فلمون ۽ بادشاهن جون آکاڻيون ياد اچي ويون، جن ۾ ناممڪن ممڪن ٿيندي د ـ ڪونه ڪندو هو. ڪئين هٿ جون ڪهاڻيون جوڙيم جن جي IX) نسير سان شادي هئي، سڄو ذهن ڪهاڻي ڪهاڻي ٿي ويو. اسا: ـنهن

ٻڌايو ٻه ته اها ڪا مِس نه آهي، پر مستر آهي، پر اسان کي ڪٿي تو اعتبار اچي، سندس ڪهاڻيون ٿي زنانيون هيون، هلڪيون هلڪيون، مٺيون مٺيون، خوشبودار جهڙو گلن جو ڇهاءُ.

پر سائين، الله ڏاڍو آهي، بندي جي من ۾ هڪڙي الله جي من ۾ ٻي، ٿئي نه جو روح رهاڻ جو جشن، مون کي ٻه ٽي ڪٿي ڪٿي ۽ وڃان تو جشن ۾ ۽ ڏسان نسيم ڪرل کي ته منهنجيون هيٺيون هيٺ ۽ مٿيون مٿي رهجي ويون، ذري گهٽ رڙ نڪتي هئي، منهنجو ته ڏيهه (ديهه) ڏڪي ويو، نڌڻپ جي مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ ياد ڪيل سڀ دعائون ياد اچي ويو، ڪو وقت ته ڪيس يڪ ٽڪ ڏسندو رهيس، "منهنجا مولا پناهه ڏج هن بلا کان...." منهنجي خوابن جا شيشا نسيم جي دٿوس لتن هيٺيان اچي ڀور ڀور ٿي ويا، ٽڪر نه گڏيو ٽڪر کي، ٻيهر اٿين پرپٺ الله ڪارڻ دل جي دهن تي لڳي، عشق ڪان توبنهه ڪئي سين، گيسي ڪئي سين، ڪنن تي هٿ رکياسين.

انهيءَ دل ڏاريندڙ ملاقات کان پوءِ ڪي سال گذري ويا، نسيم جي ڪهاڻين مان زنانيون نزاڪتون نڪري ويون، جهڙو مڙس ڀاڻ ڳرو آهي، اهڙيون ڳريون ڳريون، سچائيءَ جي سخت پٿرن سان ڀريل ڪهاڻيون لکڻ لڳو، سندس فن آهستي آهستي وڪ وڪ ۾ ڏيئي اوچاين تي چڙهڻ لڳو، اڄڪلهه سندس مٿين چاڙي آپ سان ۽ هيٺئين چاڙي زمين سان لڳل آهي، سائنس منهنجي ٻي ملاقات به ڏاڍي دلچسپ ٿي.

ٻه اڍائي مهينا کن ٿيا هوندا جو آءٌ ڪنهن ڪم سانگي ڪراچيءَ ويو هوس، مشتاق شورو مونسان گڏ هو، مشتاق کا ڪهاڻي لکي هئي، جيڪا تاج بلوچ کي سوجهري لاءِ ڏيئي ڪئي هئي، سو ٻئي ڄڻا گڏجي سوجهري جي آفيس ۾ وياسين ته ڇا ٿا ڏسون نسيم هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي قبضو ڪريو، سڄي آفيس کي ڏڪايو، ڏاڍي رعب سان ويٺو آهي ۽ تاج کي ست سريون پيو ٻڌائي ڄڻ سڄي بلڊنگ سندس هجي ۽ ٻيا سڀ نوڪر هجن، اسان گهرڻ سان ڏڪي وياسين، ٻئي مڙس ڀاڏا، جي هلندي ٿا اٽڪن ته ڪير ڇڏائين، آءٌ ته دٻ جهلي وڃان، پر مشتاق ويچاري کي ته ڀڄڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهه ڪانه هئي، اڍائي هڏيون ته آهن، مشتاق جي جسم ۾:

مشتاق ڪهاڻي ڪئي تاج اڳيان رکي ته نسيم هڪدم ڪهاڻي ڀنهين جي هٿن مان جهٽ هٿي ڦري ورتي ۽ زور زور سان اکيون ڇنڀيندي ڇپائين.

"ھي ڇا آھي؟ ڇا آھي؟"

"ڪھاڻي آھي." مشتاق چونچڻ ڪيو ۽ تاج ڪھاڻي وٺڻ لاءِ ھٿ وڌايو.

"ڪھاڻيءَ جا پئسا ھٿ رک روڪڙا. ڇڻ ڦريا اٿئي؟"

"پر ڪھاڻي تہ ڏي." تاج چيو.

"ڪھاڻي ڀھائي مون وٽ ڪونھي. ھٿ پئسا رک نہ تہ مون ڪان ٻيو ٻيڙو نہ ڏسندين."

تاج گھڻي آنا ڪاني ڪئي، ھيڏانھن ھوڏانھن نتاياڻين. جند ڇڏي. پوت ڇڏي نسيم نہ ڇڏي. ھونئن بہ تاج ماشاءالله وھڙو لڳو پيو ھو. ٻروچ بہ آھي، گھڻ ڳالھائو بہ آھي. نسيم سان ڏاڍو ھجائتو بہ آھي. پر سائين نسيم جھڙي بلا سان منھن يا ھٿ اٽڪائي ڪير ٿو پورو پئي. نيٺ پورا پنجاھ رپيا مشتاق کي مليا. تڏھن تاج جي بہ جان ڇٽي تہ مشتاق ۾ بہ ساھ پيو. بعد ۾ نسيم اديب جي معاوضي جي حق تي اڌ ڪلاڪ ليڪچر ڏنو. مون اھو محسوس ڪيو تہ نسيم حق جي ڳالھہ تي متو ڦاڙائيندي بہ ڪونہ گسندو. پر ڪنھن کي ٿي ڪٿي ڪٿي جيڪو نسيم جو متو ڦاڙي! پري ڪان ڪو سروٽو اجلائي ھئيس تہ بي ڳالھہ آھي.

نسيم سان ٽئين ملاقات "سھڻي" جي آفيس ۾ ٿي. مونکي نسيم تي مضمون لکڻ جو ارادو ھو سو سوچيم تہ طارق ڪان وڃي پڇان تہ ڪجھہ وقت ھجي تہ آءٌ بہ ٻہ ٿي اکر رھڙي شھيدن جي قطار ۾ شامل ٿي وڃان. اسان کي ويٺي کي اڃا ٿورو وقت مس گذريو ھوندو تہ نسيم اچي ٺھڪو ڪيو. ايندي ساڻ صوفي تي ويھي ھٿي پير جتين سوڌا ڪٿي سامھون پيل ننڍڙي ٽيبل تي رکيائين. ڪجھہ چرڙاٽ ٿيا. پوءِ اھي الائي ٽيبل مان نڪتا يا طارق جي روح مان يا پنھين مان، سا تہ خبر ڪانہ پيم. پر ٽيبل ۽ طارق جي حالت خراب ٿي ويئي. ھڪڙو تہ طارق مسڪين ماٺھو پنجاھہ سٺو جي ڇٽي تي پيس. ماڪوڙي لاءِ ٽڪ جو ڏنب ڪوڙ. ٻيو وري طارق جي طبيعت اھڙي آھي جو پراٺو ھٿ پنھنجي ڪلھي تي ڪونہ سھي ۽ ڪو ماٺھو سندس دادلي ٽيبل تي ھاٿين جي پيرن جھڙا پير جتين سوڌا رکي وھي تہ ڀانيو ٿا تہ سندس دل مان ڇا ورندو ھوندو. ڪجھہ وقت ويھي آءٌ تہ ھليو آيس. پر پويان نسيم الائي ڪيتري دير طارق جي ڇاتيءَ تي مڱ ڏريا ھوندا. الله بچائي نسيم ڪان.

مڙس ۽ گهوڙي جي پرک هڪڙي، پرتو نگاهه جي کهوري آهي، پهرئين تڪ ۾ سچاپو ٿيو وڃن. مون ته نسيم سان ٿي ملاقاتون ڪيون آهن.

نسيم جتي قد بت جو وڏو آهي، ڪهاڻيڪار وڏو آهي، اتي زميندار به وڏو آهي. جيتوڻيڪ پاڻ پڙهيل ڪيل، رليل گهميل، نهيل نهڪيل وڏيرو آهي. راڄن جا راڄ، ڪتابن جا ڪتاب اکين مان ڪڍيا اٿس، پر پنهنجي اندر ۾ وينل نج ڄٽ ڳوناڻي وڏيري کي نه لڪايو اٿس. جهڙو اندران آهي، اهڙو ٻاهران ڏيکاءُ ڏيندو، ٻه چَپو ماڻهو نه آهي. پڙهيل مهذب ٽائيپ ماڻهن وانگر ڊپلوميسي ۽ ٻين اهڙين حرامپاڻين مان ڪونه ڇاڻي، جن جي اندر ۾ ته لنڊيون پيون وڻ ڪائينديون، پر ٻاهران منهن تي اهڙو رُڪ ٻڌندا، ڄڻ سامهين جا سڳا پٽ هجن. دليپ ڪمار جي ڪِتي آهي، جو ساڻن ايڪٽنگ ۾ پڄي. نسيم انهيءَ قسم جي ماڻهن کان قطعي مختلف آهي، بلڪ متضاد آهي. جيڪا ڳالهه دل تان ٽڙي منهن ۾ آيس، سان پڙ تي ٺهڪائيندي ڪونه گسندو. ڪو يار ڪاوڙجي پئي ته پلي ست پڇاڻي وڃي ڪاٺي، نسيم جون جيڪي آلوڙيون سوٽائون ڪاهرائيون هجنس ته وڃي ڪاهرائي، پر نسيم سچ چوڻ کان ڪونه مڙندو. نسيم خالي پيلي، ٺڪو ٺڪو، لوڻ مرچ کان آجو سچ ڪونه چوي، سچ سان گڏ گار ۽ پونڊي جي به رئي پيئي پوندس. وڏيرو ماڻهو آهي، پنهنجي لئه وارو آهي، ڪنهن جي گهران ڪونه ٿو کائي، اسان وانگر پرائو بزگير ڪونهي، جيڪو چپ سبيو ويٺو هجي يا ڪنهن جي ڪا غرض ڪڍي.

هيءَ دنياداري آهي، هڪڙي جو ٻئي ۾ ڪم پوي ٿو، ڏک سک ۾ هڪ ٻئي وٽ ڊوڙي وڃڻو پوي ٿو، هڪ ٻئي سان ڪلهو وهڻو ٿو پوي، پر پڙ تي وهي وڃڻ اڄڪلهه ڏاڍو ڏکيون آهي، ڇا آهي جو اڄڪلهه ماڻهن جو ڦرڪو ڦِري ويو آهي، ماڻهن کي لالچون، خود غرضيون ۽ مانار ڪائي ويٺي آهي. هڻ هٿان لڳي پيئي آهي، هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آهي. هرويرو ڪو ڪنهن ڏانهن ڏيان ڪونه ٿو ڏئي، پر نسيم اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو پڙ تي ڪم ايندو آهي، جيڪا به وٿانس پڇندي سان ڪندو، ڏڪندو، ڊوڙندو، پنهنجي ڪم کي ڀانهن پُٺ اُڇلائي به ٻئي جي ڪم اچي ويندو. نسيم ان لحالظ کان بلڪل ڪلاسيڪل سنڌي آهي. اهو مڙس کهڙو، جيڪو وقت تي

ڪم نہ اچي، نسيم ڪڙهہ تي ڪير پيارڻ وارو ميهار آهي.

گهڻا ماڻهو اهڙا ٿيندا آهن، جو سدائين وتيا ستيا پيا هلندا آهن، ڪٿي وينا تہ بُت ڪي اهڙو سُڪ جهلندا جڻ پٿر هجن. ڇِڪَ ايندين تہ يڪدم ڏاڍيءَ نزاڪت سان رومال ڪيسي مان ڪڍي مُنهن تي رکي هلڪو ڇيڇڻ ڪندا، ذر ذر پيا ڪپڙا ڇنڊيندا ۽ پنهنجو پاڻ ڏانهن پيا نهاريندا تہ ڪٿي ڪا ڪُنڊ پاسو خراب تہ ڪونہ ٿو ٿئي، ڪريز تہ خراب ڪانہ ٿي ! ڳالهائڻ وقت جاندار لفظن جي بدران تهذيب ۽ ايٽيڪيٽ جي ابن ڏاڏن ڪان سڪيل ريڊي ميڊ بي جان لفظن ڪان ڪم وٺندا. سندن ڳالهين ۾ روح گهٽ ۽ اسٽائيل (Style) وڌيڪ هوندي آهي. پر نسيم انهن وانگر پُتلي نہ آهي، ڳالهائيندي، اُٿندي وهندي جيئري ماڻهوءَ جو ڏيکاءُ ڏيندو، سندس ڳالهين ۾ بناوٽ بدران روح آهي.

نسيم، بقول ڪرشن چندر جي ڀصر نہ آهي، جنهن جي هڪ ڪل لاهہ تہ بي ڪل هوندي، بي ڪل لاهبي تہ ٽئين ايندي، مطلب تہ مڙس ڪلون ئي ڪلون هوندو، ڪل هيٺان ڪل پيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو. نسيم تہ بلڪل بيضو آهي، هڪڙي ئونگي ساڻ منجهانئس سفيدي ۽ پيلاڻ نڪري ايندي.

نسيم کي، نسيم سندس ڪهاڻين ڪيو آهي نہ تہ سنڌ ۾ هِن ڪنڊ ڪان هُن ڪنڊ تائين وڏيري وڏيري جي ذات پيئي آهي. پٽڪي جي وَرَ جو ڇيهہ ئي ڪونهي.

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ جيڪي بہ سَئي ۾ سَئيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، انهن ۾ گهڻو حصو نسيم کرل جو آهي. آءٌ پانيان ٿو تہ ڪوبہ پارکو ان ڳالهہ ڪان انڪار ڪونہ ڪندو، هيءُ همراه پين وانگر هڪدم وڏو ٿِپ ڏئي چوٽ تي ڪونہ چڙهيو آهي، پر وک وک ۾ ڏيئي، پنهنجي محنت، لاڳيتي لوچ پوچ ۽ سوچ سان پنهنجيءَ موجوده حيثيت تائين پهتو آهي. جيڪي ڇمندي ڇام هوندا آهن، سي مرڻ ۾ بہ ڇام هوندا آهن، ديرٽي ڪانہ ٿينديءَ اٿن، هيڏانهن اُپريا هوڏانهن لٿا، الا الا خير صلا. مطالعو پورو، مشاهدو پورو ۽ مڙس بہ پورو يعني قبر جي حوالي. نسيم جو فن رچيل، پڪل ۽ رسدار ۽ چوٽيءَ تي پهتل آهي. پال تڪڙ جي پَڪل نہ آهي پر مدي تي ڪڍيل آهي. سندس فن جي ڪابہ ڪنڊ پاسو لاٽون يا گُتل ڪونهي. اُٿت ۾ هڪڙي ڳُنڍ بہ هيڏانهن هوڏانهن ٿيل نہ هوندي. پلاٽ، ڪردار، لفظن

جي چوند، Climax مڪالما، جزئيات، مطلب تہ ڪهاڻيءَ ڪي جن بہ شين جي ضرورت هوندي آهي، انهن مان ڪنهن جو بہ ڪو هڪڙو حصو بہ وائڙو نہ هوندو آهي. ان ڪري تہ شوڪت شوري لکيو آهي تہ: "نسيم جي ڪهاڻين مان ڪو هڪڙو لفظ يا هڪڙو جملو ڪڍي ڇڏجي تہ سڄي ڪهاڻي ختم ٿي ويندي" تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، سندس ڪهاڻي بلڪل هڪ اهڙي ايڪي وانگر آهي، جنهن مان ذرو بہ ڪڍجي يا وڌائجي تہ سڄي ڪهاڻي پرزا پرزا ٿي ويندي، جيئن سندس بدن ماس سان ڳتيل آهي، تيئن سندس ڪهاڻي فني ذرن سان ڳتيل آهي.

جيئن آغا سليم پاڻ جهڙيون خوبصورت ڪهاڻيون لکندو آهي، مشتاق شورو پاڻ جهڙيون منجهيل ڪهاڻيون لکندو آهي يا شمشير الحيدري پاڻ جهڙا جاندار شعر لکندو آهي، تيئن ڪرل پاڻ جهڙيون ڳريون، رعبدار ۽ سچيون ڪهاڻيون لکندو آهي. جهڙي نموني ڪرل جهڙو ٿلهو ۽ مضبوط ماڻهو پوري زور سان ڪنهن ايري ۽ سُڪل ماڻهوءَ مٿان ڪري پوي ۽ هٿ پير هلائڻ جي باوجود بہ پري هٽي نہ سگهي، تيئن سندس ڪهاڻي بہ روح مٿان ڪري پوندي آهي، طاقت لڳائڻ جي باوجود پري نہ هٽندي آهي. ڏينهن جا ڏينهن پيڙا جو احساس رهندو آهي. اِهوئي سبب آهي جو نسيم جي ڪهاڻي وسارڻي ٿي وسري.

اردوءَ جي مشهور نقاد پروفيسر ممتاز حسن ڪنهن هنڌ لکيو آهي تہ: "سچ ڪي وڌائي، ان ڪي وڏيڪ روشنيون بخشي پيش ڪرڻ ڪي ڪلا چئبو آهي." درحقيقت ڪلا سچ جو تيز ۽ روشن روپ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سچي پچي زندگيءَ جي اٿاهہ مان ڪو ٽڪر ڪٽي فن ۾ ويڙهي پڙهندڙ اڳيان پيش ڪبو آهي تہ جيئن پڙهندڙ ان مان ڪجهہ رنگ جهٽي پنهنجي اندر جي رنگن ۾ ملائي ڇڏي. زندگي جيتري اندر آهي اوتري ٻاهر بہ آهي ۽ نسيم زندگيءَ جي نس نس ۽ پور پور کان واقف آهي. سندس نگاهہ جا تيز ڪرڻا زندگيءَ جي سخت پٿر ڪي ٽڪي عجيب سچايون ڳولي لهندا آهن ۽ هو انهن عجيب سچاين کي پوريءَ پوريءَ ايمانداريءَ ۽ رُعب سان ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندو آهي. سندس نگاهہ سطحي نہ آهي، جيڪا مٿان مٿان ترڪي وڃي ٻٽ تي ڪرندي آهي ۽ فقط مٿيون جرڪو جهٽي وٺندي آهي.

نسيم وٽ ٿلهو سچ نہ آهي پر جامع بہ ڏاڍو آهي، جيڪو سچيءَ سند

کي پني وانگر ويڙهي وڌندو آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڻ جيتوڻيڪ سنڌ جي سيرانديءَ کان ويٺو هيءَ آءٌ پيراندين وٽ. پر سندس ڪهاڻين "پهرين مراد" "ڪافر" "چوٿيهون در" ۽ "گذريل واردات" جا ڪردار، انهن جو اُٺڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ، واقعن جي اُٿت وغيره اهڙيون آهن، جو اهي ڪهاڻيون مون کي پنهنجي ترَ جون ڪهاڻيون لڳنديون آهن. ائين محسوس ٿيندو اٿم تہ اهي ڪهاڻيون نسيم نہ، پر مامي رموءَ لکيون آهن. جيڪو هن تر جي عام زندگيءَ جي نس نس کان واقف آهي، رڳو مان ڪڏهن آءٌ هٿڻ جي دير آهي.

جذباتي طور تي مون کي آغا سليم جون ڪهاڻيون گهڻيون وڻنديون آهن. اهوئي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن کي ٻہ ٽي ڀيرا پڙهڻ تي دل چوندي آهي. انڪري منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي تہ ڪهاڻي نثر ۾ چيل شعر آهي ۽ گهڻن پارکن جي بہ اها راءِ آهي، پر ڪرل جي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس ٿيندو آهي تہ ڪهاڻي هروڀرو شعر نہ آهي. سندس ڪهاڻين ۾ شعريت نہ آهي، سندس ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ کي منڙو گيت نٿا چئي سگهون، بلڪ حقيقت جو جاندار ۽ سخت روپ چونداسون. نسيم، ڪهاڻيڪار شاعر نہ آهي، پر ڏاڍو سخت قسم جو ڀرپور ڪهاڻيڪار آهي، نگاهن ۾ سچائيءَ جو ظلم ڀريل اٿس. وقتي وقتي ڪائنس ڏپ بہ ڏاڍو ٿيندو آهي، سندس جُسو ڏسي نہ، پر ڪهاڻيون پڙهي، جو تہ هو انسان جي ڪمزورين کي منٺن ۾ ڳنڍڙ مان جهلي وٺندو آهي، "گذريل واردات" ان جو هڪڙو مثال آهي.

نسيم پنهنجي هڪ مضمون ۾ امر کي "جليل" بدران "ذليل" چئي چڙيو، تيئن آءٌ ڪيس "ڪرل" بدران "ڪريل" چوندس، ڇو جو چئن چڱن جي وچ ۾ ويهي، ڪين منهن تي سچ ڦهڪائي ڏئي تہ اهو "ڪريل" نہ ٿيو تہ ٻيو ڇا ٿيو؟

عبدالقادر جوڻيجو

نسيم جي سوچ ۽ تخيل

اسان ازلي مرده - پرست آهيون. پنهنجي دل گهرٽي فنڪارن ۽ من - پسند ليکڪن ۽ شاعرن جي قدر شناسي سندن مئي پڄاڻان ڪندا آهيون. سندن لاشن کي سنواريندا سينگاريندا آهيون، مٿن سنگ مر مر جا مقبرا ۽ سماڌيون جوڙيندا آهيون، چراغان ڪندا آهيون، نياز ورهائيندا آهيون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سندن فن کي عظيم هجڻ جي ليبل لڳائيندا آهيون، اخبارن ۽ رسالن ۾ سندن سوڳ ۾ سياهه حاشيا ڇاپيندا آهيون، ۽ پوءِ هر سال ورسيون ملهائي، جلسا ڪوٺائي، اخبارن رسالن جا خاص نمبر ڪڍي، ريڊيو ٽيليويزن تان خاص پروگرام جي تحت کين خراج- عقيدت پيش ڪندا آهيو. شرڌا انجليون ڏيندا آهيون. اسان انهن جي جيئري سندن موت جو ڏاڍو انتظار ڪندا آهيون، جيئن جلد از جلد پنهنجو فرض ادا ڪري ثواب جا حقدار ٿي سگهون. اسان وڏا قدردان آهيون. اسان آدجڳاد کان پنهنجي فرض نباهيندا اچون. اها اسان جي عظيم روايت آهي. اسان جو عظيم ورثو آهي. جو زمانن کان پنهنجي سيني ۾ سانڍيو اچون. اسان هميشه سندن "موت جي ڏينهن" تي سندن جنم ڏينهن ملهائيندا آهيون، پوءِ هي طارق اشرف وري ڪير آهي جو جيئرن جا ٿو نمبر ڪڍي. هن اڳ ۾ "جليل نمبر" ڪڍيو هو ۽ اسان جي ورهين پراڻي رسم ڀڃي هئي. نسيم ۽ امر ته اڃا جيئرا آهن. طارق سندن نمبر ڪڍي اسان جي روايتن کان بغاوت ڪئي آهي ۽ اسان جي عظيم ورثي کي للڪاريون آهي. ياڻ کي الائجي ڇا ٿو سمجهي؟ اسان انهن سيني کي ڏسي رهنداسين ۽ پڇي ونداسين.

سهڻيءَ جي "جليل نمبر" شايع ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن "نسيم کرل نمبر" جو اعلان ٿيو هو، تڏهن کان ڪجهه مٿين قسم جي چوڻيون جا پڙاڏا منهنجي ڪنن ۾ ٻري رهيا آهن. وچ ۾ طارق اشرف جڏهن جيل روانو ٿيو هو، تڏهن پڙاڏن ۾ تهڪ به گونجيا هئا. هن ۾ انتقامي خوشيءَ جو اظهار هو ۽ مونکي "نسيم نمبر" نڪرڻ جي ذري به اميد نظر نٿي آئي، پر طارق اشرف واپس ورنديئي ئي تاريخ جو اعلان به ڪري ڇڏيو ۽ مون کي چيائين ته : نمبر ضرور نڪرندو ۽ تون به نسيم تي ضرور لک. ڪيس هر وقت اهو فڪر لڳو پيو آهي ته نمبر نڪري ته مڪمل ۽ جامع قسم جو نڪري، پر آءٌ

انهيءَ پڌ تر ۾ آهيان تہ لکان تہ ڇا لکان. پلا نسيم اڳيان منهنجي ڪا حيثيت آهي؟ ڪٿي راجا ڀوڄ ۽ ڪٿي گنگو تيلي. هن يغادري رائيٽر اڳيان منهنجي ڪا مجال آهي. گهڻو ٿي ٽنايم، بهانا ڪيم، ڪوڙا آسرا بہ ڏنم پر دال نہ ڳري. جولاءِ جي پرچي ۾ نسيم نمبر ڪڍڻ جي اعلان ۾ نسيم تي لکندڙن ۾ منهنجو نالو بہ شامل هو ۽ پوءِ تہ طارق اشرف هر ملاقات ۾ مضمون جي گهر ڪلم ڪلا شروع ڪري ڏني تہ : هاڻي نالو بہ اچي ويو اٿيئي ۽ پڙهندڙن کي Missguide ڪرڻو ناهي. مٿان خود نسيم اچي وارد ٿيو. ساڻس اڳ ۾ ٻئي مختصر رسمي ملاقاتون ٿيل هيون. مون کي چيائين تہ : ياءَ ڇا جي دير آهي. لکي وٺ. هاڻي دير نہ جڳائي. هن يڪساهي، هٿن جي اشارن سان زوردار نموني پٽي چيو. نسيم جي جسم جي اڏاوت ڏني اٿو؟ ديو جيڏو مڙس آهي. سندس اڳيان پنهنجي پاڻ کي جيتامڙو محسوس ڪيو هئم ۽ ناڪار ڪري نہ سگهيس. قدبت بابت اعتبار نہ اچيوَ تہ روبرو ڪٿي ڏسجوس پنهنجو پاڻ جادو جي چراغ واري علاوالدين جي جن اڳيان بيٺل محسوس نہ ڪريو تہ مونکي ڪٿي چئجو.

نسيم بابت، سندس نمبر لاءِ هي جو ڪجهہ لکيو اٿم، فرمائش تي لکيو اٿم، فرمائش تي لکيو اٿم يا ائين ڪٿي چئجي تہ خنجر جي نوڪ تي لکيو اٿم، پر نسيم جون ڪهاڻيون ڪنهن جي فرمائش يا خنجر جي نوڪ تي نہ، پر پنهنجي پسند تي پرهيون اٿم. نسيم جون ڪهاڻيون مون کي پسند ايندڙيون آهن، تنهن ڪري پڙهندو آهيان. جڏهن ڪنهن رائيٽر جي لکٽي پسند ايندي آهي تڏهن سندس Close Study ڪبي آهي ۽ انهيءَ رائيٽر جي هر لکٽي گڏ ڪري سانديي سنڀالي رکبي آهي ۽ پوءِ ٻي لکٽيءَ جو انتظار ۽ تلاش جاري رکبي آهي، جٿن واٽ ويندي ڪا سونهن - پري نظر چڙهي وڃي تہ نگاهون سندس پيڇو تيستائين ڪنديون آهن، جيستائين اها اکين کان اوجهل ٿي نہ وڃي ۽ پوءِ هُن جو عڪس ۽ اثر ذهن ۾ قائم ٿي ويندو آهي.

سنڌي ادب جي باب ۾ جڏهن نسيم پير ڌريو هو، تڏهن ڪهاڻيءَ جي افق تي جمال ابڙو، شيخ حفيظ ۽ غلام رباني وارن جي جماعت ڇانيل هئي، پر نسيم پنهنجي انفرادي اسٽائيل ڪري آغا سليم ۽ امر جليل سان گڏ، انهن جي جاءِ والاريو ويٺو آهي. نسيم سنڌ جو ڄائو آهي، سندس ڪهاڻين مان

سنڌ ڌرتي جي سگنڌ اچي ٿي. سنڌي ماڻهو ۽ ماحول، واقعا ۽ وارداتون پنهنجي فطري انگ ۽ رنگ سان پسجن پيا.

مون کي ياد آهي تہ مون نسيم جي بهترين ڪهاڻي ڪهڙي پڙهي هئي، پر جڏهن "ڪافر" پڙهي هئم، تڏهن ڏاڍو متاثر هيو هوس ۽ محسوس ڪيو هئم تہ سندس ڪهاڻي ۾ سندس گهري مشاهدي، اونهي مطالعي ۽ وسيع تجربيڪاري جي ڪارفرمائي آهي. هو روزمره جي زندگي ۽ ان جي ماحول کي فطري ڍنگ سان يڪجا ڪري سموئڻ جي شعوري ڪوشش ڪري ٿو. ماحول جي سچائي سان اُٽت ڪري، ڪردارن ۽ واقعات کي سندن اصلي شڪل ۾ بنا ڪنهن تصنع ۽ بناوٽ جي، قالبن مان ڪڍيو ٻاهر ڪري. جنهن ڪري اهي پاڻيهي حقيقي ۽ فطري بنجيو اڀريو اچن.

نسيم Objective ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ ڪچو مال پنهنجي اردگرد، عام ماڻهن مان حاصل ڪري ٿو. ڪيس ماحول ۽ ماڻهن جي وسيع ڄاڻ آهي، جنهنجي بيان ڪرڻ ۾ هو ڪا ڪسر نٿو ڇڏي. حقيقتون بيان ڪرڻ ۾، ڪردارن کي پيش ڪرڻ مهل، هو حالتن ۽ وارداتن کي ڇنڊڇاڻ ۽ باريڪ بينيءَ سان استعمال ڪري ٿو، پر پنهنجي شخصيت جو ذرو بہ دخل ڏيڻ ڪانسواءِ. هو مڙيوئي هردم پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريندو رهندو اهي. جيڪڏهن پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهندي ڪلي ٿو ويهي تہ اُتي نسيم بہ ڪلي ٿو، روئڻ مهل هو توهان سان گڏ روئندو ۽ هراس ۾ يا هيسجي وڃڻ مهل هو هيسيل نظر ايندو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهو ظاهر نٿو ڪري تہ سندس همدردي ڪٿي لڪل آهي يا ڪهڙي ڪردار سان آهي، پر پڙهندڙ ٿورو سوچڻ سان اهو راز هڪدم پروڙيو وٺي. وٽس لکڻ جو اهو ڏانءُ آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي Objectivision سان ويجهائپ محسوس ڪرائيندو رهندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ لطف پيدا ڪندو آهي.

نسيم ڪهاڻيون لکي، هڪ طرف پنهنجي فطري تخليقي اُساٽ کي مطمئن ڪرڻ ٿو چاهي تہ ٻئي طرف معاشري جي ناسورن ۽ انساني بيچيني ۽ ٽڪراءَ جي اظهار ۾ نشترزني بہ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري سندس ڪهاڻين جا موضوع خيالي، مدي خارج يا فرسوده ناهن. پر انهن جي چونڊ موجوده ماحول ۽ سماج مان. وڏي سوچ ۽ فڪر ڪان پوءِ ڪري ٿو. عام ماڻهو سماجي مسئلن ۾ جڪڙيل ماڻهوءَ جي بيچيني کي ڏسيو بي دليو رد عمل جو

تہ اظهار ڪندو آهي. پر متاثر نٿو ٿئي. پر رائيٽر بنيادي طور تي حساس هجڻ ڪري ڪڏهين بہ حقيقتن کان چشم پوشي نٿو ڪري، بلڪ حقيقتن تان پردو کڻي اگهاڙو ڪيو ڇڏي. نسيم پيدائشي طور تي سنڌي وڏيرو ۽ زميندار هئڻ جي باوجود پنهنجي ڪهاڻين ۾ نرالو ۽ يگانو آهي. ڪهاڻين ۾ سندس لڪل شخصيت موجود رهي ٿي، جنهن مان سندس بہ گڻ ظاهر ٿين ٿا. پهرين تہ هن زندگي جي دنياوي ضرورتن کي چڱيءَ ريت پروڙيو ۽ پرکيو آهي ۽ ٻي سندس فطري بيچيني آهي جا هر اندر- اُجڙيل ماڻهو ۾ ڪوڙ، جبر ۽ ناحق خلاف آواز اٿارڻ جي هوندي آهي. تنهن ڪري انهيءَ لحاظ کان سندس اهي صفتون Posetive آهن.

نسيم پنهنجي ڪهاڻين ۾ زوال پذير سنڌي وڏيرڪي ذهنيت ۽ نئين اُيرندڙ ٽهيءَ جي سوچ جي تصوير ڏاڍي ذهانيت، فطري بيساختگيءَ ۽ ٻي باڪي سان عڪس ٿو ڪڍي. هن سنڌ جي وڏيري، سردار، ڪاموري، مذهبي جنوني، هارين، فرسٽيٽڊ جوانن، وڏي سوسائٽي جي فردن جي نفسيات کي جنهن ڍنگ سان پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي، انهيءَ جو مثال نٿو ملي. ٻوٺائي زندگيءَ ۽ شهري ماحول کي هڪ جهڙي قابليت سان پيش ڪرڻ جو ڍنگ فقط نسيم کرل کي ئي اچي ٿو.

نسيم جون ڪهاڻيون بيشڪ ننڍيون آهن، پر منجهن گهٽائڻ وڌائڻ جي گنجائش اصل نہ هوندي آهي. اهي پوريون ڪوريل ڪتيل ۽ مڪمل هونديون آهن جن ۾ يڪ رنگي يا Repeatation اصل نٿي ملي. ۽ واقعات يا ڪردارن جي لحاظ کان ڪنهن بہ ڪهاڻي ۾ هڪجهڙائي ناهي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار چٽا ۽ نرالا، پر مڪمل شخصيت سان پيش ڪري ٿو. ڪيس پنهنجي ڪردارن بابت پوري ڄاڻ آهي تہ اهي ڪهڙي ماحول مان آسريا آهن، ڪهڙي ماحول ۾ اٿن ويهن ٿا، سندن دلين جي ڪيفيت ڪيئن آهي ۽ پنهنجو رد- عمل ڪيئن ٿا ظاهر ڪن. سندس ڪردارن کي، نسيم جي من-ڇيد جي ڪاڻ ڪڏهين نٿي پوي.

نسيم جي ڪهاڻين ۾ مون محسوس ڪيو آهي تہ هو پنهنجي ڪردارن کي جا ٻولي ڏي ٿو، اها سندن ماحول سان ٺهڪندڙ ۽ فطري آهي، جا حقيقت ۾ ڳالهائي ويندي آهي. انهيءَ ڪري سندس ڪردار فطري ۽ ساڌارڻ لڳن ٿا، سندن ٻولي اُڌاري نٿي لڳي، سندن ذهن اُڌارو ڪونهي. ڪاٿئن

مصنوعي بناوٽ واري ٻولي نٿي پڙهجي. ڪو ٿانگي وارو فيلسوفاڻو مڪالمو ڪونہ ٿو ٻولي ۽ نڪي وري ڪو هاري پنهنجي سوچ جي دائري کان وڏي ڳالهہ ڪندو ڏسجي ٿو. انهيءَ کان سواءِ سندس ڪهاڻي جو ڪو ڪردار نعريباز ناهي، پر ماحول مطابق آهي. هو ڪٿي بہ ڪهاڻي ۾ نعريبازيءَ کي پنهنجي مقبوليت جو هٿيو ڪري استعمال نٿو ڪري ۽ مروج لاڙن کان پريرو ٿي شهرت حاصل ڪرڻ جو آسان فارمولو ڪم نٿو آڻي. سندس ڪهاڻين ۾ آڪاڻي جي عنصر کي وڏي اهميت آهي. شايد انهيءَ ڪري سندس ڪهاڻين جون آڪاڻيون گهڻي ڀاڱي ياد رهن ٿيون.

نسيم ڪهاڻيون تخليق نٿو ڪري، پر زنده حقيقت تان پردو پري ڪري، اصلي صورت ٿو ڏيکاري، جڻ وٽس ڪو اهڙو خاص اوزار آهي. جنهن سان هو ڏسي ٿو. پڙهي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو. جنجي ٻين کي ڀيٽ بہ نٿي پوي ۽ جڏهن انهن،تان ڍڪ پاسيرو ڪري ٿو، تڏهن ڪين خبر پوي ٿي تہ اهي غير حقيقي ناهن، هترادو يا بناوٽي ناهن، پر زندگي جي ڄاتل سڃاتل حقيقتن جهڙا آهن. يا وري ائين لڳي ٿو جڻ اسان جي آسپاس بيشمار ماڻهن مان ڪن کي اسان لاءِ جدا ڪري، پنهنجي ذهن جي ڪئميرا سان Close up جي صورت ۾ ڏيکاري ٿو. جن جون ڏنڊليون شڪليون چٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

اڄ ڪلهہ اڪثر ڪري ادب کي جنسي لذت جو ذريعو بنائڻ جو لاڙو زور وٺندو پيو وڃي، پر نسيم انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي سوچ ۽ تخيل جا نوان رستا ڳوليا آهن. انهيءَ جو بهترين مثال سندس ڪهاڻي "ڪرنٽ" (پيار جو ڇهاءُ) آهي.

نسيم برابر ڪهاڻي لکڻ لاءِ جگر جو رت ولوڙي ٿو، پيڙا ڀوڳي ٿو، جيئن ڪا ماءُ نون مهينن تائين پيٽ ۾ ٻار کي پالي جنم ڏيڻ کان پوءِ اوچو ڳاٽ ڪري فخر محسوس ڪندي آهي ۽ ٻئي کي پنهنجو جيس نہ سمجهندي آهي. شايد اها سندس فطري ڪمزوري هوندي آهي.

ولي رام ولڀ

وڏيرو، وڏيري جي نظر ۾

سائين طارق اشرف مون کي سنڌيءَ جي برک ليکڪن سان پڻ ملايو آهي. ڊسمبر 1973ع جي هڪ سرد ڏينهن تي، هن سان گڏجي، سائين نسيم احمد کرل سان ملڻ نڪتس.

مون کي نسيم جي ذات سان لفظ "وڏو" جي گهاٽي نسبت نظر آئي.

هو شهر جي "وڏي" هوٽل ۾ رهيل هو. هنجو ورتل ڪمرو، هڪڙي ڄڻي جي لحاظ کان "وڏو" هو. هن جو پلنگ به هڪڙي ڄڻي جي خيال کان "وڏو" هو. هو رڪارڊر پليئر تي جيڪي رڪارڊ وڄائي رهيو هو، سي پڻ "وڏا" لانگ پلي رڪارڊ هئا. طارق اشرف ڏيٺ ويٺ ڪرائيندي اهو ٻڌايو ته نسيم تمام "وڏو" زميندار آهي، ۽ اها خبر مون کي به هئي ته هو هڪ "وڏو" ڪهاڻيڪار آهي.

جڏهن هن جي باري ۾ ليک لکڻ جو خيال ٿيو، تڏهن سوچيم ته هن جي ڪهاڻين ۾ آيل وڏن ماڻهن جي ڪردارن جي ڇڪاس ڪريان. ٻين لفظن ۾ اهو ڏسڻ جو اِرادو ڪيو ته هن وڏن سياستدانن، وڏن ڪامورن، وڏن سرمائيدارن ۽ وڏن زميندارن بابت ڪهڙا ويچار پڌرا ڪيا آهن ۽ انهن تي ڪهڙي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي؟

اِن خيال کان، هن جي ڪهاڻين جي ٻنهي ڪتابن جو، نئين سر اڀياس ڪيم.

اهڙي ڪا ڪهاڻي ڪانه هئي، جنهن جو خاص ڪردار وڏو سياستدان هجي. وڏن ڪامورن جي باري ۾ ٻه ڪهاڻيون نظر آيون. خاص وڏي سرمايدار جي ڪردار واري ڪهاڻي فقط هڪڙي ڏٺم. باقي وڏن زميندارن جي باري ۾ ڪافي ڪهاڻيون هيون.

وڏن ڪامورن جي باري ۾ ٻه ڪهاڻيون آهن: "گڏريل واردات" ۽ "مجاور".

گڏريل واردات: هيءَ هڪ پوليس انسپيڪٽر جي ڪهاڻي آهي: هي عهدي جي لحاظ کان نه، پر ڌڪاءَ جي لحاظ کان وڏو عملدار ٿيئي ٿو.

ڪامورن جي عزت، دولت ۽ دٻدٻو سندس عهدي ۽ ڪرسيءَ ڪري

ٿي آهي. ۽ نہ سندس ذاتي خصلتن ۽ خوبين ڪري. اهڙي قسم جو احساس، پوليس انسپيڪٽر غوث بخش شاهہ کي تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هو، اپهرائي ڪري وقت کان اڳ، پينشين تي لهي ٿو.

ان ڪري وري ڪاموڪي ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا حيلا هلائي ٿو.

ساڳئي وقت اهو بہ اثر ملي ٿو تہ انسان جون ڪي خوبيون ۽ قوتون، تڏهن پڌريون ٿين ٿيون، جڏهن هن کي طاقت ۽ اختيار ملي ٿو.

مجاور: هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏن عملدارن جي پٽي من- ورتي واڪي ڪئي وئي آهي. هڪڙو ڊپٽي ڪمشنر، موالين جي ميڙي تي ان ڪري پندش وجهي ٿو، جو ان ۾ راڳ روپ ۽ ناچ ڳاني ڪري گوڙ گهمسان ٿئي ٿو. لوفر پاڻيون ٿين ٿيون، اوڙي پاڙي وارن شريفن واسطي آزار مچي ٿو ۽ هل هنگامي ڪري آسپاس وارن جي ننڊ ۽ آرام ڦٽي ٿو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ، ڊپٽي ڪمشنر، ساڳئي شهر ۾ ساڳي جاءِ تي جشن ڪرائي ٿو، جنهن ۾ ساڳئي نموني راڳ ۽ رقص ٿين ٿا ۽ ساڳيون ڳائڻيون ياڳ وٺن ٿيون.

ان وقت صاحب کي اهو خيال ئي ڪونہ ٿو ٿئي تہ ان جو ماتهن جي اخلاق تي برو اثر پوندو، لوفر پاڻيون ٿينديون ۽ هل هنگامي ڪري آسپاس وارن شريفن جو سک آرام ڦٽندو. اهو ڪم ان ڪري مباح ٿي وڃي ٿو، جو ان تي ڪلچرل يا ثقافتي جشن جو نالو رکيو ويو آهي.

هڪڙي وڏي سيٺ بابت جا ڪهاڻي آهي، سا آهي دارالفلاح.

دارالفلاح: هڪڙو وڏو سخي ۽ سماجي ڪارڪن سيٺ آهي. هن هڪ دارالفلاح کوليو آهي. جنهن ۾ بيواهہ ۽ سماج جون ستايل ڇوڪريون ۽ ضاعفون اچي پناهہ وٺنديون هيون. جيئن هن جو سَتُ قائم رهي. گناهہ جي زندگيءَ کان بچن، حريصن ۽ بدمعاشن جي چنبي کان پري رهن.

هڪڙي ڪسبياڻي نينگري، چڪلي جي گناهہ واري حياتيءَ کان محفوظ رهڻ خاطر ڀڄي اچي ٿي هن دارالفلاح ۾ پناهہ وٺي. هتي داخل ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن هوءَ ان دارالفلاح جي هلائيندڙ سيٺ آڏو اچي ٿي، تڏهن هوءَ ڏسي ٿي تہ هي اهوئي عياش سيٺ آهي، جنهن چڪلي ۾ اچي پهرين پهرين سندس عصمت جو سودو ڪيو هو ۽ پنج هزار ڏئي هن جي بولي لاٿي هئي. دارالفلاح جي ڪراڙي نوڪرياڻي اول ئي هن نينگريءَ کي اشارو ڏئي

چڪي هئي ته جي هو، هن جڳهه ۾ رهڻ چاهي ٿي ۽ سکيو رهڻ چاهي ٿي ته پوءِ هن کي، ان جي هلائيندڙ سيٺ کي راضي رکڻو پوندو.

اها آهي هن وڏن سيڻين جي خير جي ڪمن جي حقيقت ۽ اصليت، ۽ هن جي ڪردار جي هڪڙي جهلڪ.

وڏيري جي ڪردار بابت پنج ڪهاڻيون آهن.

زماني جي گردش: هه وڏيرا هڪ ٻئي جي ريس ۾، هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ خاطر، هڪ ٻئي کي نيچو ڏيکارڻ لاءِ، پنهنجي وڏماڻهپائي ۽ برتري ثابت ڪرڻ لاءِ، پنهنجو ڪوڙو ڏيک ويک قائم رکڻ واسطي، پنهنجو پاڻ لٽائي ٿا وهن. پنهنجو پاڻ کي تباهه ٿا ڪن، پنهنجون ملڪيتون تين وال ٿا ڪن، هڪ ٻئي جي رت جا پياسي ٿا ٿين ۽ پڇاڙيءَ ۾ پنڻ جهڙا ٿا ٿين.

هن پنهي وڏيرن جي هيءَ سڄي ريس، رقابت، دشمني، چٽاڀيٽي ۽ تباهي، هڪڙي "ناچڻي نينگري" جي پٺيان آهي. هن وٽ هي عياشيون ۽ فضول خرچيون ڪرڻ لاءِ اڻ ميو ڏن اچي ٿو. ٻين جي پورهئي مان ۽ ورثي ۾ مليل ملڪيت مان.

برباد ٿيڻ کان پوءِ، هو محنت مزدوري ڪري پيٽ پالڻ بدران، پناهه وٺڻ ۽ سهائتا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طبقي وارن يعني ٻين زميندارن وٽ وڃن ٿا. ائين سمجهو ته زميندار طبقي جي وجود جي لازمي هجڻ جو اثر ڏنو وڃي ٿو، جيئن هو ڏتڙيل زميندارن جي مدد ڪري سگهن. اها تنبيهه به آهي ته وڏيرا ايتري قدر ڪوڙي شان مان ۽ فضول خرچين ۾ پنهنجو پيسو برباد نه ڪن، جيئن سندن زميندار قائم رهي ۽ جي ڪو زميندار زماني جي گردش ڪري ترين ۾ ڪري ته ٻيا زميندار هن جي واهر ڪن.

گنس : هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ جا پڙهيل ڳڙهيل نوجوان وڏيرا، شهرن کي پنهنجي عياشيءَ جو مرڪز بنائن ٿا. اتي جي اوچي سوسائٽي ۽ ڪلبن ۾ گلَ گلَ جو واس وٺن ٿا. ۾ ڪٿي ٽڪي ڪونه ٿا وهن.

هي شهري ڇوڪريون نه رڳو ڇوڪريون ۾ سندن مائرون پڻ (جيڪي نالن مان غير سنڌي لڳن ٿيون) هن سنڌي وڏيرن کي سندن دولت ۽ ملڪيت ڪري، پنهنجي دامن ۾ ڦاسائڻ چاهين ٿيون ۽ انهيءَ لالچ ۾ سڀ ڪجهه هن جي حوالي ڪن ٿيون. ۾ وڏيري کي نڪاح جي نوڙي، ۾

ڦاسائڻ ۾ ڪامياب اها ڇوڪري ٿئي ٿي، جا ٻاهريون ڀنو رکي، اٽڪل کان ڪم وٺي، وڏيري کي ترڦائي، پوءِ پيار جو ڍونگ رچائي بيوقوف بنائي سگهي ٿي.

ڪي شهري ڇوڪريون ۽ ضاعفون، جا وڏي ۾ وڏي خوبي وڏيري ۾ ڏسن ٿيون، يا جنهن چيز کان گهڻي کان گهڻو متاثر ٿين ٿيون، سا اها آهي، جو هو پاڻيءَ وانگر پيسو خرچ ڪري ٿو.

ڪچو رنگ: جن چيزن جي چوڌاري، زميندار جي زندگيءَ جو محور ڦري ٿو، انهن مان ٻه مکيه آهن: هڪ ملڪيت جي واڌ ۽ سلامتي ۽ ٻي ڪامورن جي خوشنودي.

هن ڪهاڻيءَ وارو زميندار به پٽ تي انڪري ايترو نٿو ڪاوڙجي ته هن سندس اجازت کانسواءِ شادي ڪئي آهي، يا شهري ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. پر هن کي اصل غصو ان تي آيو آهي ته رستم خان جي نياڻيءَ سان پٽس جي لاڱون نه لهڻ ڪري، ان جي ملڪيت سندس خاندان ۾ اچڻ کان رهجي وئي.

وري جڏهن پتو پويس ٿو ته پٽس جو سهرو ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) آهي ته ساري ڪاوڙ ڪافور ٿي وڃيس ٿي. هي وڏيرا ته هلڪي سلڪي آفيسر جي سنگتي هجڻ تي به فخر ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو ڇڳو آفيسر رڳو عنايت جي نظر ڪندو اٿن يا کلي ڳالهائيندو اٿن، ته راڄن ۾ پيا ٻٽاڪون هڻندا آهن. هتي ته ڊپٽي ڪمشنر جهڙي وڏي ڪاموري هن سان مائٽي ڳنڍي هئي. ان ڪري ڪڪيون هڻڻ لاءِ هن کي هرڪو سبب هو.

اهو ان ڪري به جو اهڙو وڏو ڪامورو سندس موجود ملڪيت محفوظ رکي سگهي ٿو. تنهن کانسواءِ ايڏو وڏو ڪامورو، سندس سيڻ ٿيڻ ڪري، هن جو تر ۾ رُعب تاب ٿيندو. ان فوند ۾، هو ان ڳالهه کي به ڪا اهميت نه ٿو ڏئي ته سندس نهن پردو ڪرڻ واري نه آهي ۽ اهڙو لباس پائي ٿي، جنهن سان جسم جي اڌ اوگهڙ ٿئي ٿي. حالانڪ اهو ساڳيو شخص، پنهنجي گهر جي ضاعفن جي غير مرد تي اتفاقي نظر پوڻ تي هن جون اکيون ڪيرائڻ کان نه مڙي ۽ سندس حويلي ۾ ڪنهن نر پکيءَ کي به اچڻ جي طاقت نه هئي.

پٽ جي، خاندان کي ٽِڪو لڳائڻ واري ڳالهه ۽ هن کي ملڪيت کان

محروم ڪرڻ جا اِرادا، واريءَ سندا ڪوٽ ثابت نٿين ٿا.

اهي آهن زميندارن جي اخلاقيات جا ماپا، عزت ۽ شان جا پيمانا.

زر ۽ زور : هن ڪهاڻيءَ ۾ به وڏيرن لاءِ اهو ڏيکاريل آهي ته هنن جي دشمنين، سازشن ۽ خونريزين جا مکيه ڪارڻ آهن ٻئي جي زمين ڦٻائڻ جي هوس ۽ سريتن جي ڪري رقابت.

وڏيري جي لاڏاڻي تي ، هن جي خاندان ۾ نه رڳو ورثي جي ورهاڱي ڪري ڏاڙهي پٽ ٿئي ٿي، پر سُريتون ۽ بي نڪاحيون زالون ۽ سندس اولاد به جهڳڙن، ڇڪتاڻ ۽ بدناميءَ جو باعث بنجن ٿا.

هڪ سهڻي ڇوڪري، ٻنهي ڀائرن جي سُريت آهي. رقابت وچان، هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءُ کي قتل ڪري ٿو. ان نموني هو سموري ملڪيت جو اڪيلو مالڪ پڻ بنجي ٿو.

آٿت : هتي وڏيري کي "ستايل" جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ۽ هتي ستم ڪندڙ آهن سرڪاري ڪامورا ۽ پنجابي ڪامورا. ون يونٽ جي زماني ۾، وڏيرو پنهنجي ڪلراٺي زمين تي سارين جي فصل ڪرڻ جي منظوري وٺڻ واسطي لاهور وڃي ٿو، پر اتي جا پنجابي ڪامورا، هن جو عرض واجبي ۽ قاعدي پٽاندر هوندي به، قبول نٿا ڪن. هتان هن کي گهٽ وڌ ڳالهائن ٿا، ڇڙٻون ڏين ٿا، لوڌي ٻاهر ڪڍن ٿا ۽ گاريون ڏئي بي عزتو ڪن ٿا.

لاهور جا ڪامورا، سنڌي وڏيري جهڙو "مرغو" ائين ڪونه موٽائيندا هئا. جو هو ٻين وٽان ايتري رشوت ڪڍي نٿي سگهيا. پر هتي سوال هو پنهنجي چوڌري جو. چوڌري چنن الدين وٽان ڪٿي هنن کي ايتري رقم حاصل نه ٿي هوندي، پر جيئن ته مقابلو وڏيري ۽ چوڌري جو هو، ان ڪري، ڪس ڪاڻي به هنن ڪم پنهنجي چوڌريءَ جو ڪيو.

وڏيرو پنهنجي ان بيعزتيءَ جي باهه ٺارڻ ۽ بدلو وٺڻ خاطر هڪ انوکو طريقو اختيار ڪري ٿو. هو هوٽل ۾ هڪ رات لاءِ هڪڙي پنجابڻ جو جسم خريد ڪري ٿو، ۽ پنهنجي اندر جي آگ اجهائي ٿو.

اسان ٻڌو ته ٻي طرح به هو. ون يونٽ جي زماني ۾، سنڌ جا وڏيرا، اسيمبليءَ جي اجلاس وقت، يا شخصي ڪمن ڪارين جي بهاني لاهور ويندا هئا ۽ سنڌ جي دولت اتي پاڻيءَ وانگر هاري پنهنجي باهه ٺاريندا هئا. ڪهاڻيءَ واري وڏيري جو آفيس ۾ ڪم ٿئي ها ته به هو خوشيءَ ۾ هوٽل ۾

پنهنجي باهہ نهاري ها. بهرحال جيئن ڪهاڻيءَ جي عنوان "آئٽ" مان پڌرو آهي تہ ان وقت وڏيري پنهنجي ذهنيت ۽ سمجهہ موجب ان ڳالهہ ۾ پنهنجو آئٽ سمجهيو. اهائي سنڌ جي وڏيري جي ذهنيت جي حقيقي تصوير آهي.

اسين اهو چوندا آهيون ۽ جا آهي بہ حقيقت، تہ پين پرڳڻن وارا سنڌ مان پيسو ڪمائي، پنهنجن پرڳڻن ۾ کنيو وڃن. پر اها بہ حقيقت آهي تہ هتي جا وڏيرا تفريح لاءِ لاهور، مري ، نٿياگلي، سوات، ڪوئٽيا ۽ زيارت وڃيو سنڌ جا پيسا اُتي لٽائين ٿا.

هن ڪهاڻين ۾ هڪڙي ئي طبقي جي اپٽار آهي. هڪڙي ئي طبقي جي نمائندگي آهي. هڪڙي ئي طبقي جي اندروني چڪتاڻ جو احوال آهي. هڪڙي طبقي جي مسئلن جو ذڪر آهي. هڪڙي ئي طبقي جي خير خواهيءَ خاطر، ان جي اوڻاين طرف اشارو آهي. هڪ طبقي جي بچاءُ ۽ بقاءَ واسطي، ان جا نقص سڌارڻ جو سبق آهي. اهو آهي وڏيرڪو طبقو.

ڪٿي بہ طبقاتي ڪشمڪش ڪانہ ڏيکاري وئي آهي. ڪٿي بہ طبقاتي مسئلو نہ اٿاريو ويو آهي. ڇو اهو مسئلو آهي ئي ڪونہ. ڪٿي بہ هاريءَ کي سامهون نہ آندو ويو آهي. ڇو تہ هن جو وجود ئي ڪونهي. هن ڪهاڻين ۾ ڪٿي بہ هاريءَ جو وجود ڪونهي. سندس مجموعن ۾ ڪٿي بہ هاريءَ جو وجود ڪونهي.

نجم عباسي

نسيم کرل جون کهاڻيون

مڪسڊ گرل

ٽڏڙي ٽڏڙي هير پئي گهلي، اسين ٻئي ڄڻا هوٽل جي بالڪنيءَ ۾ ويٺا پي رهيا هئاسين. هيٺ ڏاڪا گراس جي وڏي لان ۾ ٺهيل سوئمنگ پول ۾ ڀوريون ڀوريون جوانڙيون ائين پئي تريون، جيئن ڪي جل پريون. ٽورو ڀرتي ڪمپائونڊ وال جي چوڌاري پام جي وڻن جا پاڇا گهرا ٿي ويا هئا ۽ ڪارن ڪارن ديون جيان پئي ڏِڪ ڏنائون. مان اڃا ٽيون جام پئي سِپ ڪيو ته هن پنج پورا ڪري ڇهون پئي اوتيو ۽ هر ڍڪ چکڻ سان هيٺ ترندڙ جل پرين کي تڪيندي، مرحبا مرحبا جا پئي نعرا هنيائين. هو ٽئين جام پيئڻ سان ٺي ونجي ويو هو ۽ مونکي چيو هئائين، "آءٌ ڪاڪٽيل " پيون."

مان بيري کي سڏڻ لاءِ بندر ڏانهن هٿ وڌايو هو ته هن منهنجي هٿ کي جهليندي چيو هو، "اها ڪاڪٽيل ٽوري ٿو چوان!"

"پي کهڙي، يا شيخ؟"

"هن پول مان ڊُنگ ڀرائي وٺ ته ڍؤ ڪري پيون." هن سوئمنگ پول جي پاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

مان کلڻ لڳس ته هو به کلي چوڻ لڳو، "بيرو جيڪا ڪاڪٽيل آڻيندو، ان ۾ به شراب هوندا. هتي هن پاڻي ۾ ته الائي ڪيترا شراب مليل آهن، هينئر به ته ڀوريون ڇهه ڄڻيون پيون ترن!"

چوٿين پنجين پيگ پيئڻ وقت مون هنجي اکين ۾ ڏٺو ته انهن جو رنگ مٽبو پئي ويو. ان کان اڳ جو هو ڇهون پورو ڪري ۽ سندس اکين جو رنگ سندس منڊيءَ جيان ياقوتي ٿي وڃي، ٻئي ڄڻا ڊائنگ هال جي ڪنڊ ۾ وڃي ويٺاسون. ڀرسان رکيل مينو ڪارڊ تي سرسري نظر وجهندي هن چيو، "منهنجي لاءِ صرف لنڊن هائوس مڪسڊ گِرل."

"اوهان تڪلف تا ڪريو، يا شيخ." مون ڏک ظاهر ڪيو.

"والله، مان رات جو ماني گهٽ کائيندو آهيان. رات صرف کائڻ لاءِ ناهي، يا سيدي!" هن اک ڀڃيندي چيو.

مونکان زور سان ٽهڪ نڪري ويو، "مان سيد ناهيان، يا شيخ! انا عبدالسيد."

Mixed Grill مڪس اهڙي ڊش جو نالو آهي، جنهن ۾ گوشت، چوزو، جيرا ۽ ٻڪيون سيخن شامل هوندا آهن.

هو وائڙو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو. "اسين ته هر معزز کي السيد ڪري سڏيندا آهيون. جيئن توهين ڪنهن کي مسٽر يا آنربل سڏيو."

"آهستي ڳالهاءِ. يا شيخ، متان ڪو سنڌ جو سيد ٻڌي وٺي ۽ پٺي جهڳو ئي مسيت ڪري ڇڏي."

هو ڪلڻ لڳو ته مون وري ڪيس سمجهايو. "اسين سنڌي، سيدن کي مرشد ڪري، ٻارهين مهيني ڏن ڏيندا آهيون ۽ هو ان جي بدلي بهشت جي ڪنجي ڏيندا آهن."

"ڪو ڪنهن جي قيامت نه ڇڏيائيندو. هر ڪنهن کي اعمال ڇڏائيندا."

"نه نه، سيد ميرو ته به پنج سورو. يا شيخ، اسان کي ايمان مان نه ڪڍ."

"چڱو، جي توکي اهو نالو نتو وڻي ته توکي پيو ٿو سڏيان يا ابن سنڌ."

"بس بس اهو ٺيڪ آ."

"جيئن تنهنجي مرضي." هن ٻئي هٿ سيني تي رکي جهڪندي چيو.

اتي مونکي ياد آيو ته مونکي مٿي ڪمرن ڏانهن به ماني موڪلڻي هئي، جتي سندس ٻه حرم هئا. مون سيني جي ماني موڪلائي هئي. مون ڪيس چيو، "يا شيخ، حرمن جي ماني؟"

"نه نه، تون انهن جو فڪر نه ڪر. انهن کائي ڇڏي هوندي."

"يا شيخ، انهن ڪيئن کاڌي هوندي؟ مون ته ڪين به عرض ڪيو هو ته رات جي ماني مون وٽان ايندي."

"چئبو ته تون حساب ٿو ڪرڻ گهرين."

"ماني مولا جي آ. يا شيخ، اوهان سيني کاڌي ته هن غريب ميزبان جي دل خوش ڪندؤ."

"پوءِ مٿي موڪلين، هتي ايندءِ ته اسان ٻنهي کي گونگو ٿيڻو پوندو. هونءِ نه ته مزي جون ڳالهيون ٿيون هلن."

"بلڪ صحيح آ. يا شيخ."

مون بيري کي اشارو ڪيو ۽ ڪيس شيخ لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ آرڊر ڏنو. ڪيس اهو به سمجهايم ته مٿي حرمن جي مرضيءَ تي ماني موڪلي ۽ ڪابه ڪفايت نه ڪري.

"مٿي ماني پوري ساري موڪلجان، يا ابو شوارب."

مون اها ڳالهه ٻڌائيندي، ڪلنڊي شيخ کان پڇيو، "شوارب ڇا کي چوندا آهن، يا شيخ؟"

"شوارب انهن ڏيو وارن مڇن کي چوندا آهن، جي پورا پارهن وڃي پنج منٽ ٿيون وڃائين."

مونکان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويو، "اوهان وٽ مڇون آهن يا نه؟"

"آهن، پر ست لڳي پنجويهه منٽ واريون."

"پلا ڏاڙهي؟"

"گهڻو ڪري ڪلين شيو يا ڪا فرينچ ڪٽ."

"يا شيخ، جي تون سنڌ هلين ته اهڙيون اهڙيون ڏاڙهيون ڏيکاريانءِ، جو تون حيران ٿي وڃين." مون هٿ سان اشارو ڪري اندازي سان ڏيکاريو ڏنو.

"والله!" هو ڪلڻ لڳو.

"مان ڪوڙ نٿو ڳالهايان، هلو ته اکين سان ڏيکاريانوَ."

"سنڌ ۾ ٻيو ڇا ڏيکاريندي؟"

"مديني پاڪ جي ڪارڪن جو ڪڪڙيون، جي اسين ادب سان سنڀالي رکنداآهيون."

"گهر جو پير چلهه جو مارنگ. اوهان کي ڪهڙو قدر. تون اتي هلين ته توکي ته پير ڪري پوڄين، ۽ سڀ مولود چون، "مولا منهنجون واڳون وار، وڃان پلي پار، شهر مديني جو پاڻي مونکي پيار."

"مون پاڻ اتي ڏٺو آهي ته سنڌ جا ماڻهو اتي جام ايندا آهن ۽ معاف ڪجانءِ، يا اِبن سنڌ، اهي پنڌ به حج ڪندا آهن، جڏهن ته انهن تي فرض ڪونهي!"

"ها، بلڪل سچ ٿا چئو. اوهان گهڻا حج ڪيا آهن، يا شيخ؟"

"ڇو، مان اڃا ڪراڙو ته نه ٿيو هان!"

"چوندا آهن ته جوانيءَ جو هڪ سجدو ڪراڙپ جي سؤ سجدن جي برابرآهي."

"مان ڪراڙپ ۾ ڪئي سؤ سجدا ڪندس." شيخ ڪلنڊي چيو.

اوچتو مونکي ياد آيو ته سويٽ لاءِ ڪو آرڊر نه ڏنل هو. مون شيخ

کان پڇيو:

"اوهان سويٽ ۾ ڇا وٺندؤ يا شيخ؟"

"هتي ڪهڙي سويٽ ملندي؟"

"سڀ ڪجهه ملندو، يا شيخ گيتوالا محمود، ليمن سوفلي، ايپل پاءِ."

"نه، ان کان وڌيڪ مٺي؟"

"پلا آئيس ڪريم؟"

"اها به ته ٿڌي شيءِ ! ڪا گرم گرم مٺي شيءِ ٻڌاءِ."

"اوهين ئي ٻالو ڪٿو."

"دنيا ۾ سڀ کان مٺي شيءِ ڪهڙي آهي؟"

مان سوچڻ لڳس ته هو مونکي منجهيل ڏسي ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو، "تون سويٽ جو فڪر نه ڪر. عاتڪه ءِ ام ڪلثوم جي چپن کان مٺي ڪهڙي سويٽ ٿي سگهي ٿي."

مان کلڻ لڳس ته هو وري پڇڻ لڳو، "ٻڌاءِ ته آهي چپن کان وڌيڪ ڪا مٺي شيءِ ؟"

"نه، بلڪل نه." مون مشڪندي چيو.

"پوءِ تون مونکي هي سويٽ کيئن ٿو ڪارائين؟"

مان ته ڪاوان."

"بلاشڪ ."

بيرو آيو. سلاد، چٽنيون رکي پليٽون ٺاهڻ لڳو. مون کيس پنهنجي لاءِ سويٽ جو به آرڊر ڏئي ڇڏيو.

"توکي ڪيتا حرم آهن يا حبيبي؟"

"يا شيخ، صرف هڪ."

"چو، آهين ته تکڙو جوان!"

"يا شيخ، اها هڪ ئي لکان دي مٺ آهي. ان مان به ڪَڪِ ٿيندو آهيان ته ٻه ٽي ڏينهن هتي پڃي اچي آرام ڪندو آهيان ءِ وري سڪ لڳندي اٿم ته واپس پڃندو آهيان. اوهان کي اهي ٻه حرم آهن يا اڃا به وڌيڪ؟"

"باقاعدي نڪاح ته انهن ٻن سان اٿم، پر چوان ٿو ته ٽين به تنهنجي ملڪ مان ڪيان. تون صلاح ڏي ته ڪٿان ڪيان؟"

"يا شيخ، جي تون ٽيون حرم ڪرين ته لاهور مان ڪر، تنهنجو

ڏک اهي جهليندي يون. لاهور جو حسن به واه واه آهي. اوهين لاهور ته ويا هوندؤ؟"

"مان به پيرا لاهور ويو آهيان. لاهور جو حسن، جزاڪ الله!"

"يا شيخ، اسان سنڌين جي به اتان جي حسن تي ڪِڪ ڳڙي پوندي آهي ۽ بنا ڪم ڪار جي پيا لاهور ۾ ٺوس ٺوس ڪندا آهيون."

"تون به لاهور مان ڀيو حرم ڪر." شيخ مونکي صلاح ڏني.

"نه، يا شيخ، ٻن حرمن کان پوءِ جيڪا مڙس جي ڏاڙهي پٽ ٿئي ٿي، مان ان کان پناهه ٿو گهران، الامان والحفيظ!" ڪنن جي پاپڙين کي جهلي توبنهه توبنهه ڪندي چيم.

"ڇو ٿيون وڙهن؟"

"اوهان جا حرم پاڻ ۾ نه اٽڪندا آهن ڇا؟"

"ڇو اٽڪنديون! اسان وٽ تيل کان پوءِ پئسو جام آهي. هر هڪ کي هڪ جهڙيون ڪنيزون آهن، ٻنهي کي جيب خرچي جام ڏيندو آهيان. مان ٻاهر نڪرندو آهيان ته ٻنهي کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آهيان. يا اِبن سنڌ، هونءَ به اسان عرب، گهوڙا ۽ حرم هميشه رانَ سان رکندا آهيون." هن سٿر تي هٿ هڻي چيو.

"اهي ڳالهين ته ڏينهن جون ٻڌايوَ ۽ يا شيخ، رات جو؟" مونکي به نشن بيباڪ ڪري ڇڏيو هو.

"رات جي ته ڳالهه پڇين ته ڪي ڏينهن مان ٻنهي کي پاڻ سان ساڳئي بيڊ تي سمهاريندو هوس، هڪ سڄي پاسي هوندي هئي، ته ٻي کٻي پاسي، اجا جي اِڳتي ٿو پڇين ته مان گهڻو ڪري هڪ ئي وقت ساڳئي بيڊ تي ...."

"بس بس، يا شيخ!" مون ڪلندي چيو. منهنجون لونڊڙيون نڪاءُ ڇڏڻ لڳيون- ماڻهو هو يا ڪو سرڪاري گهوڙو!

منهنجي عجب ۾ پوڻ تي هو ڪلندي سمجهائڻ لڳو. "ان ۾ ڪهڙي عجب جي ڳالهه، ٻئي منهنجون محرم آهن، ٻئي حال پائي آهن، ٻنهي سان ساڳيو رشتو آهي. مان اجا تڪڙو جوان به آهيان." هن ڏوري تي هٿ هڻندي چيو.

بيرو گرم گرم ڪاڦو ڪٺي آيو. اسان ٻنهي ڪاڻتا ڇريون ڪنيون، هن

پنهنجي پليٽ مان جيري جو ٽڪر ڪانٽي سان ڪٽيندي چيو، "تون ڇا ٿو کائين، يا اِبن سندؔ؟"

"چڪن الاڪنگ، يا شيخ."

"ان ۾ ڪھڙو مزو، مون وانگر مکسڊ گِرل گھرائين ها تہ ھڪ ئي وقت مختلف ذائقا چکين ها. جيئن مان ھڪ ئي وقت چکن بہ ٿو کاوان تہ مٽن بہ."

"يا شيخ، منھنجو هاضمو اها دٻ جھلي نہ سگھندو."

"تہ پوءِ تون بہ حرم ڪر، پاڻھي ھري ويندين، ٻئي حرم گڏ ماڻيءِ تہ جڻ مکسڊ گِرل کاڌئي." ھن نئپکن سان چپ اگھندي چيو.

مان پليٽ تي ٽپ رکي بل تي صحيح ڪئي. ٻئي ڄڻا لفٽ ۾ چڙھي ڇھين فلور تي آياسين، جتي ھڪ ئي قطار ۾ چار ڪمرا ھئا. ٽي ڪمرا ھن جي بلي ھئا ۽ چوٿين ۾ مان رھيل ھوس. ڪاريڊور ۾ ڪمرن ڏانھن ھلندي ھو پڇڻ لڳو، "سياڻي ڪاڏي گھمائيندين، يا رفيقي؟"

"جاڏي چوندؤ، يا شيخ، سٽنڊرپٽ، ھاڪس بي ...."

"توکي تڪليف ڏيندي شرم ٿو اچي، پر تو ڪانسواءِ گھمڻ ۾ نہ مون کي ٿو مزو اچي ۽ نہ ام ڪلثم کي."

"مان حاضر آھيان، يا شيخ."

ھو ڪمري جو در کولڻ لڳو تہ مان سندس ڪن ۾ پڇڪو ڪيو، "ڪھڙو پروگرام آ، يا شيخ؟"

"بدستور مکسڊ گرل، يا حبيبي." ھن اک ڀڃي جوابي پڇڪو ڪيو.

مان ڪمري ۾ اچي سليپنگ سوٽ پائي ڊھي ٿو پوان. مون کي لڳندي پاسا ورائيندي، ڪي ڪلاڪ ٿا گذري وڃن. مان ڪمري جو ٻئڪ ڊور کولي بالڪنيءَ ۾ ٿو بيھان ۽ ريلنگ کي ٽيڪ ڏئي ھيٺ ٿو ڏسان. پري ڪان سوئمنگ پول جو اجرو پاڻي ائين پيو لڳي، جيئن منديءَ ۾ ڪا ٽِڪ. اوچتو ان ٿڌڙيءَ ھير ۾ محسوس ڪيان ٿو ھڪ گرم جھولو. ڏسان ٿو سنھڙيءَ عبا ۾ ٻرندڙ جسم اکين بجاءِ بہ ٽانداٽا ۽ پھن تي مون ڏانھن آيل - ام ڪلثوم. ❑

ڀرين مراد

عنايت ڏانداريءَ سان چڪون لٽيندي، پنهنجي پٽ مانڪ کي چوڻ لڳو: "توکي تہ ٽيون سال پاڪي ڪٽڻي ٿيو آهي. مان تہ اڃا پاڪي بہ پوري نہ ڪٽڻي هئي جو راوي چناهہ جو مينهون هتي لوڙهي آڻيندو هوس. اسان جي پڙ تان سدائين ويهہ. ڀنجويهہ آلوڙيون ۽ ويهہ - ڀنجويهہ ڍڪيون ڄرنديون هيون. مينهون بہ ذاتيون، سڄڻ لاءِ هنيانءَ جو ٺار تہ دشمن تي داغ."

"ابا، مُشڪ ڪان بہ ڀليون؟" مانڪ ڀاڻ جي نوڪري هاريندي چيو.

"اڙي مُشڪ جهڙين کي تہ ڪِلي سان بہ نہ ٻڌندا هئاسين ۽ ڀيون گور چرنديون هيون. ڀير سوريندو هوس تہ ڪنهن مهانڊي جي سٽ ۾ اچي وڃي تہ ويڳ ۾ ڀلوڙ چنان."

"ابا، مشڪ ۾ ڪهڙي گهٽ آ. ستون ڀيٽ ويائي آهي تہ بہ ڪينگر تي ڏهائي."

"تو چرئي کي ڪهڙي ڪيرن جي خبر. وڃي ماءُ کان گلزار ۽ ملڪان جو پڇ، جي مان سانگهڙ مان آنديون هيون. ماٺهين بہ ٽڻ بہ ڪونہ ڇڏائي سگهندي هئي. ڪير بہ مصريءَ جيان مٺو. منو منو پاءُ مکڻ تہ ماٺهين ڪير مان اُتاري ڪڍندي هئي. هن مشڪ ۾ ڇا رکيو آ. ڀانڊا سو چڱا اٿس جو سڄو ڏينهن بندرَ تي تي جل چري، باقي وڙ وجهہ ۾ ٽڪو نہ لهي. جي جهنگ چرڻ تي وڃي تہ پورڻ سان گٽِ جي اوسي پاسي جون ليون ڀڃي. اڙي مانڪ، هنن مينهن جا ڀور نہ ڏيار، دل - هول تو ٿئي. ڇا تہ هنن جو وڙ هو، ڇا تہ وجهہ هو. هيءَ منهنجي هٿ جي چيچ پورن ۾ نہ پوندي هئي. ڪونج جهڙيون ڍڳيون ڪُچيون ۽ ريشم جهڙيون ڪلون!"

مانڪ چپڙي ڪري ويٺو رهيو. پيءُ کي بہ وڏيڪ پٺي چورياٿين تہ ڪکر ۾ پٺي ڪڙو هنياٿين. پر عنايت کي جيڪي اڳلا پور پيا هئا، تن ڪيس اٿين ڪيٺن پٺي ماٺ ڪرڻ ڏني. هن وري ڀڙڪو ڪاڍو: "اعتبار نہ اچئي تہ وڃي ٺٽين ديري منهنجا پراڻا ڪنڊا ڪولاءِ. چوٿين ڏينهن ٽين گيهہ جو ٿيندو هو. هينئر تہ مانيءَ جو مک بہ پورو نٿو ٿئي. ڪو دلگهريو مزمان ٿو اچي تہ ڳنڍڻ لاءِ مکڻ ٿو پنڻو پئي. ان ڏينهن سنجر ڪمالائيءَ منهنجا آهي وڍيا جو اها جاءِ نہ پئي لڌي، جتي وڃي ڦاهو ڪاوان."

"ڇو ابا، ڇا چيائين؟"

"ڇا نہ چيائين، اصل ڪتن سان گڏ ڪارايائين." عنايت تڏو شوڪارو ڀري چيو.

"نيٺ ابا، ٻڌاءِ تہ سهين."

"ڇا ٻڌايانءِ، کھڙي ڊوڙ پايان. تو جھڙي پٽ ڪان تہ اوندھ چڱي هئي. يار مهڻا تہ نہ ڏينِ ها."

مائٽ ڪجھ نہ ڪڇيو.

عنايت کي وري جُھڪي اچي وئي: "ان ڏينهن تون جوڙيءَ کي پيڪا گھمائڻ وٺي ويو هئين جو سنجر ڏاڪو ڪن مهاڻا وٺي اچي مزمان ٿيو. مان ست بسملاهون ڪري مزمانن جي آجيان ڪئي. ڪوٽرو ڪٺي مزمانن جا هٿ پير ڌوئاريم. سائن حالي احوالي ٿيم. پيون تہ لک خدمتان ٿيون، پر ڪير جي پاڻ وٽ ٻاڙائي، سو ڪٿان پوري ڪيان؟ خير مان ويهارو ڪن ڏنگ مانين جا پچرائي، ان مُشڪ جو سمورو ڪير ڪٺي وچي سندن اڳيان رکيو. پر ان ڪير تہ همراهن جو وات بہ آلو نہ ڪيو. اڳيان سنجر بہ اگھاڙي ترار، سو گرڙي ڪري چوڻ لڳو: "ادا عنايت، ڇنبو تہ پنهن بہ ڪونہ ٿيو!" مان جيسين ڪو جباب ڪيان تہ ٻئي ڀروچ وارو هنيو: "سنجر، چاچي عنائت کي نہ ڇڻ. ماني ڪاواري نہ ڪاواري، پر محبت جون تہ لانديون اٿس" پر سنجر اِچا نہ مڙيو، رهندو ٽوڪ ڪيائين: "اهڙين محبت جي لانديِن کي باهہ ڏئي ساڙيو. ادي عنائت کي ڪير جي گهٽتائي هئي تہ پرائيءَ سنگت کي تہ آزمائي ها. سنگت ڪان هڪ تڪ پني ها تہ ٺلو ڪري اچي ها. ڪر ڦانوڙي لاءِ ڪير جباب ڏئيس ها."

"پر، ابا تو بہ ڪمال ڪيو. پياريءَ جو ڪير ڇو نہ ڪٺي وئين؟"

"پياري بہ ڪانگھاري، اڻ ٻر وري کھڙا گھڙا ڪير جا هئا. ان ڪير ۾ ماڻهين سيئتيءَ وري سباڻ ملائي ڇڏيو هو."

"ڀروچ ڇڏيو بہ ماري. پوءِ تو کھڙو جواب ڏنس؟"

"مان تہ پنهنجو اگھاڙو پيٽ ڍڪڻ لاءِ گھٽيون اوباريو لهواريون ڳالھيون ڪيون. چيومانس تہ پيون مينهون ائين ڀھر آهن. پر اڳيوڻ سنجر بہ شير شاهہ جو ڀيريون وچايو وينو هو سو هن اهي گوھيون ڪٺي ٻئي ڪرڻ ڏنيو. مرڪي چيائين: "ادا عنائت، سنجها مهل اهڙا ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. تو وٽ

جيڪي سائين سان گهُنجان ٿيو ڇڙن. سي به ڪونه لِڪنديون. تِڪِي مچ، نه ته هن مهل ٿي واڙو ڏسي خوار خراب ڪندوسانءِ!"

"پوءِ ابا تِڪِي مچيءِ ڇا؟"

"اٺين ته جود ۾ مان به وٺ ڪونه ڏنو. ڪيس ٻڌايم ته سرءُ ۾ ڏهاڪو ڪن آلوڙيون پُري پيون پوءِ پاڻ پڙهايم، تڏهن ڪو خير ٿيو."

"ابا، اها ته وائي نه ڪڏهن ها، ڪا مهل ڪهڙي ڪا ڪهڙي. ماٺڪ ڪي ڪيسڪاٽ اچي ويو.

"نه ته گامون سچار ٻنجي پتا پڌرا ڪيان ها ته ماٺڪ جي نياڳ اچي چوڻي ڪٺي آ ؟" عنايت خار مان چيو.

"پوءِ سنجر ويسهه ڪيو يا ....."

"هون، سنجر ٿو اهڙين ڳالهين تي ويسهه ڪري. چيائين: "ادا عنائت اهڙي بيماري ته اسان ڪانه ٻڌي!"

مان ڪٺي چپ ڪٺي ته هن وري بادشاهه پير جو پلو ڏئي پڇيو: "گهڻيون ٽڪون تي ڪَل هُو؟ بادشاه پير جي قسم ڪان پوءِ مان به ڪوڙ نه ڳالهايو. ننڍي وڏي ڳڻي آڻ ڪن ٻڌايم."

"چاچي جون پنج به چو نه پٽي ڳڻايئي؟"

"انهن ۾ اسان جي ربيع يا خريف ."

"ڍَڪَ ته ڍڪجي وجي ها."

"جهڙيون آڻ، تهڙيون تيرهن. سنجر ته منهنجو سَٺِ سَٺِ مينهون ڇڙندي ڏٺيون."

پوءِ؟"

"پوءِ ڇا، بس ڪِلن جا ڪوڪرا هٿا. سنجر وري مون ڪي قسم ڏنو ۽ پڇيائين ته اهي ٽڪون اڳليون، يا پٺين به گڏيون. مان ٻڌايو مانس ته سڀ اڳليون، ابي اڄا خير سان پهرين مراد به ڪانه آندي آ. سيني جا تاڪ لڳي ويا. گهڻيءَ گهڙيءَ دير ڪان پوءِ سنجر مون ڪي هوريان چيو "ادا عنائت، پوءِ مچ ني ته پٺن ڪونه ٿيو !"

ماٺڪ ڪي باهه وٺي وٺي. هن پيءُ ڪان پڇيو: "ابا، تون مون ڪي ڪهڙي ڏينهن موڪل ڏني جو مان نه ويس ؟"

"ابا، ٿَنگ ڀڳي ڪان ويل نه ويندي، پر تون هٿين اصل ڪان دل

ڀڳوڙو، سو تون ڪهڙا لالڻ ڪرين ها. ڀِريان ماتهين ڪاري خراب ڪَنهي جو پنهنجي گوڏي کان توکي ڀري نہ ڪيائين. وري ٻہ پرٽايو مانءِ تہ جوءِ جي ڪجھ نہ ڇڏيئي. ڪڏهن تو پيڪا گهمائينس تہ ڪڏهن تو ناناڻا گهمائينس. ٻڌي - ڇوڙي دل ڪندي آهي، تو ٻہ اهي دليون ڪٿي!

"ها ابا، تو ٻہ سو دلين جا پانور آهن. تون بہ وڃي پرايو ٽڪان ٻڌيون، ڪن تو کي واهران ڀليون يا مقابلا ڪيا." ماٹک ڀيءِ کي مُهائين هنئي.

عنايت پٽ جو اهو مهٽو ٻڌي صفا ليڪو لنگهي ويو. سٽ ڏئي پنهنجو ڀنڪو لاهي، مٽي وارو ڇنل نشان پٽ کي ڏيکاريندي چيائين " هي مٽي وارو ڇير ڪهاڙي آ يا ماتهين جو ...... آهي؟"

"الائي، توکي خبر؟"

"ڀاڙي شهرن جو تو مهٽو ڏئي! اسان مڙس ماتهو هئاسين، ڪن تو وانگر سڄو ڏينهن ڀٽي رنن سان لاڏ ڪياسين."

"ابا، ڪهڙا تو لاڏ ڪيان؟" ماٹک هيڻائين ورتي.

ڀاڙيا، اهي لاڏ ناهن تہ ٻيو ڇاهن. اسان بہ زالون پرٽيون ۽ ڪمايون. رات جو سو سائن ڪلي ڳالهايوسيون، پر ڪم لٽي کان پوءِ ڪلي جو زيپٽ هوندو هو. ڪن تو وانگر سڄو ڏينهن ٽهہ ٽهہ!"

"پوءِ، ابا، پرٽائي ڇو؟ زور تہ ڪونہ ڪيو هومانءِ."

"پرٽايومانءِ ان ڪري تہ اتر- اوير ويندي پراوا ننگ نہ تڪين ۽ نڪ کي مر نہ لائين. جنهن مهاندي پراوا ننگ تڪيا، تنهن جو بہ ڪم لٽو. جي اڳلا مڙس ماتهو هوندا تہ پل نہ مڙندس، سِرُ نيندس. پر جي اصل ڀانن جا ڀڙوا هوندا تہ وري سمورو وٽج واپار پنهنجي گهر ٻڌي، پنهنجا گهر ڀريندا. ڪانڪوءِ جو ٻنهي ڳالهن ۾ سر ويو، ۽ مائس ڀٽي اباڻين مينهن مان ليڪا لاهيندي ۽ پرٽا ڀريندي."

ماٹک کان ڪو جواب نہ پڳو. ڪن ڇپا ڪري ٻيهي رهيو.

عنايت لوهہ کي گرم ڏسي، وري تاڙي ڏک هنيو: "اڙي ماٹک، ڏاهو ٿي، ٻيلي! هن اڃيءِ ڏاڙهي ۾ يار نہ ڪلاءِ. ڀيهان پنهنجي وهي تہ ڏس."

"پوءِ، ابا، مان وڃان تہ ڪيڏانهن وڃان؟"

"ابا، ملڪ مولا جو ڪٽو آ. مان سڀ ڪنهن جا هٿ ڏوٺاريا آهن. هر

ڪو مون کي سجهائي. جنهن ۾ مهانڊي وٽ لنگهي ويندين ته جيءَ ۾ جايون ڏيندءِ، هٽ ڏس ڪندءِ، اوکيءَ ۾ اڳتي ٿيائيندءِ. ڀلا اوير ويندي يا هيٺ؟"

"ويندس ته اوير."

"پوءِ اوير ۾ چاچهن سنجر اٿئي. ٿورو اڳتي پهلوان، وري لعل ڪروس ۽ گاجيءَ رند وارا. سڀ منهنجا دلي يار اٿئي. انهن وٽ لڪي سندن هٽ ڏس سان سٽ هٿي ايندين ته لِڪ ۾ ٿيندءِ."

ماڻڪ کي گهڙيون سوچ ۾ پئجي ويو. سوچي سوچي، پيءُ کان پڇيائين، "ابا، ڳالهه ته ٻڌاءِ، سنجر ۽ لعل وارا پاڻ ۾ وڙهيل يا نهيل؟"

"اصل تارون تار آهن. پر تنهن ۾ اسان جو ڇا. منهنجون پنهي سان وکون ڪنيل آهن. ۽ هنن ۾ پويون پير ڪڍهن ۾ نه ڏنو آهي. سنجر وٽ وڃين ته اها ئي هٿي ملڻ واري نشاني ڏجانس. باقي لعل وٽ وڃين ته ڪيس منهنجي نشاني ڏجان ته ٿيون مهينو ٿيو جو مان درياهه ته مينهون پٽي چاريون، پاڻ سانداريءَ تي لڙهيو پئي ويو. پري کان هڪيٽي ڪيڪاريوسون، ڪيس ويلي جي صلاح ڪئي هيم. پاڻ چيو هٿائين ته "پلؤ ڪري ٿو موٽان، ڪچو آهيان، تو جهڙي دلگهرئي يار وٽ ڏينهن ڏني جو ويلو نه ڪبو. متان ڪو بار پئجي وڃئي." اها نشاني ڏئي چئجانس ته پهرينءَ مراد لاءِ پٽ ٿو موڪليانءِ، سندس پارت هجئي. ڪيس اهو به چئجانءِ ته ورهين جو سنگتي آهين، ايڏي ٻاجهه ته ڪانگهاري نه ڪر. پيو منهن ته ڏيکار."

"چڱو ته ڀلا دعا ڪجانءِ."

"الله جي دعا هوندءِ. هاڻي ٿي ...."

"پيو نه ته وري، جهڙو اڄ وڃئو تهڙو سياڻ وڃئو. تو به پوءِ لاءِ ڇا ڇڏيو آ." ماڻڪ مشڪندي پيءُ کي چيو.

"ابا، اهڙي ڪئي ڪل ته تنهنجي ناناڻن مان ڪنهن جي ڪانهي. انهن ته سڄي عمر هرڙو ڪاهي ٺڪ ٿنيڻ جي پٺي ڊگڙي ڪاڏي آهي." عنايت به يوڳ ۾ يوڳ ڪيو ۽ سابهان جي سابهان.

"مَٽ ته تنهنجي جي پيداش آهيان."

"بيشڪ، پر ناناڻي رڳ به اٿئي."

"اها رڳ اڄ ماري ڇڏيءِ."

"پڪ ؟"

"پڪ."

"پوءِ الله توهر. هيڏي آءُ تہ ياڪر پايان."

پيءُ پٽ ياڪر پائي موڪلائڻ لڳا تہ پريان گهر جي اڳڻ تان جو ماڻڪَ ماءُ ٻنهي کي موڪلائيندي ڏٺو، سو هلندي هلندي اچي پهتي. پٽ کي سنبريل ڏسي پڇيائين: "ڪاڏي ٿو وڃين، ابا ؟"

"رن، تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟" عنايت ڪيس ڇڙٻي ڏني.

ماڻڪَ ماءُ سڄي عمر جا اهي دڙڪا سٺا هئا ۽ اهي ڪمائي وٺي هئي. مڙس جي دڙڪي جي پرواهہ نہ ڪندي، هن وري پٽ کان پڇيو. "هان ابا، ڪاڏي ٿو موڪلئي پئين؟"

ماڻڪ ويچار ۾ پئجي ويو تہ ماءُ کي ڇا ٻڌائي، تہ وري بہ عنايت وارو هنيو: "موڪلئانس ٿو تنهنجي پيڪن تہ ڪا ننڍي نيٽي ڪئي اچي !"

"منهنجن پيڪن ۾ اهڙيون وانديون ڪينهن. پنهنجي ڏاڏنگ ۾ ڏس تہ ڪوڙ جڙي وَهڙيءَ جيان ڇال ٽيون ڏيني." ماڻڪ ماءُ بہ سور نہ سٺو.

ماڻڪَ بہ ڏٺو تہ هينئر ڳالهہ دنگ ڪندي ويندي، تہ هن بہ ماءُ کي رهڙ ڏني: "ڪوڳ، وات نہ هڻ، موٽ پوئتي، ڏيانءِ نہ مکڙ واري لٺ."

ماڻڪ ماءُ سڄي عمر مڙس جا دڙڪا سٺا هئا ۽ پادر کاڌا هئا، پر سندس پٽ ساماڻي ڪانپوءِ بہ ڪڏهن اگهاڙي وات نہ ڳالهايو هو. مڙسهنس ڪيس ڪڏهن ٺَڪَ چنبا هڻندو هو تہ ماڻڪ بہ پنهنجيءَ ماءُ جي گوڏي ۾ لڪي پيو ماءُ کي پرچائيندو هو. هينئر ان ساڳئي پٽ کي پيءُ سان شامل ڏسي لٺ اولاريندو ڏٺائين، تہ ماڻڪَ ماءُ کي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ميسٽون منهن ڪري، گهر ڏانهن موٽي. عنايت جي بہ پٽ جي ان وراڻ تي ڏاڍي دل سرهي ٿي. هن جو منهن ٻهہ- ٻهہ ڪرڻ لڳو. وڏي پيار سان مٿس گهور گهور ٿيندي چيائين : "ابا ماڻڪ، الله کي پرتين، پر پيلي، مڙسيءَ سان، پختائيءَ سان ! پهرين مراد اٿئي، مٿان بسم الله ٿي برغلط ڪرين !"

اُنين ڏينهن اسر اسر هو جو واڙي ۾ سٽل عنايت پنهنجي لوڙهي ٻاهران منهن جي ڪنڪ ٻڌي، ۽ ان سان گڏ هن مڙس جي پيرن جو بہ دبڪو ٻڌو. هن کي رسو ڦٽو ڪٽي کي ورهيہ ٿيا هئا. ان ڪرت جون واٽون موٽون سندس هنيانءَ تي منهن جي داغن وانگر اُڪريل هيون. ٻئي ڪنهن اوپري ڪانڪوءَ جي سندش پڙ پرسان لنگهڻ يا سندس پڙ تي آلي اچڻ جي اها

مهل ڪانه هئي جو هٽ هٽ کي پٺي ڏئو. هن کي پڪ پڪي وئي ته اهو ڏهڪي وارو مڙس ماڻڪ هو. عنايت ان سوچ ۾ هو جو ٻاهران ڳليءَ جا ڏنگهر لهڻ لڳا. ۽ ماڻڪ ماهيو ڏور ڪاهي اچي اندر واڙي ۾ بندر سان ٻڌو.

"آئين ، ابا!"عنايت ڪانئس پڇيو. اها ڪيس ڪيڪر به هئي ته شابس به هئي.

"آيس ابا !"

"خيرسان."

"ٻيلي ٻڪ لڳي هجئي ته تنهنجي لاءِ ماني سانيبو وينو آن."

"ڳيو ڪاٺو. پر، ابا مينهن کي کو گاهه چنبو وجهان."

"ٻيلي، گاهه مهانگو آ. ٻهرين سوجهرو ڪر ته مينهن ڏسان ته گاهه سجايو ٿو ڪرين يا اجايو."

ماڻڪَ ڪنڌي مان ڪک ۽ چوچا ڪيڍي، ارانبي ٻاري، مينهن پرسان جهلي. عنايت اٿي مينهن جا آڳا پيچا، وڙ وجهه ڏٺو. پٺيءَ تي هٿ گهمائي، ملائيءَ جهڙي ڪل ڏني. وري ارانبي هيٺ ڪري، مينهن جو اوهه ڏٺو. جتي به وڏو مٽ ٽنگيل هو.

"ٻتر گهنج آ. سڱ لڏنس ٿا؟"

"ها ابا، لڏنس ٿا." وري به ماڻڪ پيءُ کي مينهن جا ٻئي ننڍڙا سڱ لوڏي ڏيکاريا.

"ابا، مبارڪ هجئي. دل جا سڀ سور لاهي ڇڏيئي." عنايت کي مينهن دل ۾ کپي وئي هئي.

"خير مبارڪ، توکي به مبارڪ هجي."

"هتي حلالي آ ؟"

"آهي ته پري جي. پر، ابا تنهنجي آ ياري ڏکهي. هتي ڪانه بيهاربي."

"چڱو ٿيو، اهو مال جو مرَڪ آهي. هن مينهن تي ٿي مينهون چوندان ته واهه جو ملنديون."

"ابا، متان نه مڃين! تو به راوي چناهه جون مينهون آنديون هيون. هيءُ به ڪا سوڪڙي اٿئي."

"بيشڪ ملوڪ آ."

"گهر- ڏٿين کي به اهڙي پياري هئي جو جهنگ نه چڙندي هئي سچو

ڏينهن ڪلي تي پٽي راتب ڪاٽيندي هئي، ۽ رات جو ڪڻ جي پاڻي سان پڌل هوندي هئي."

"اهي ٻه گهر ٻه پڌڻ جهڙي. ڪلي تان ڇوڙيئي؟"

"هئو، ابا."

"مڙسي ڪٽي اٿئي. پر، ٻيلي، پيرن جو ڌڪو مار. منهنجي اک تنهنجي ڌڪي تي ئي ڪلي."

"لوڙهي جي ٻاهران ٻوٽ ڇنڊيو هوم. اهو ڌڪو پڌو هوندو."

"ڀلا، وٺين خير سان. لڪ ٻه ؟"

"اصل لڪ ٻه، رات جو پنڌ ڪيم. ڏينهن جو ٿم ٻه."

"ڀلا، واٽ تي ٻيو وچايئي يا رند ونيو آئين؟"

"ٻن - ٽن جاين تي اهڙيون ٻلتيون ڏنيون اٿر جو پاڳيا پاڻ انصاف ڪندا."

"ٻيلي، اوير جا پاڳيا ٻه پنهنجي نالي سان اٿئي. وسٽون ڪونه گهٽائيندا. تون ٻه ماٺهو ماري آيو آهين !"

"هائو ابا، هن مينهن جو سور سڄي عمر پيو ننڊ ۾ ڇرڪ پرائيندن."

"چڱو ٿين. اسان جا ٻه گهڻن ڪير ڪارايا. تون ننڍڙو هئين جو چور منهنجي هير مينهن ڪڍي ويا. آهوڙون ڏنم. گهڻ ورتم. پر ڪانه لڌي. ٻارهين مهيني منهنجي ڪنهن يار ڇڳائي ڪٽي. چورن وڏن حيلن سان مينهن مجي. ساڳي ڪانه ڏنائون. ٻه ويڳيون ڇناٺون. مينهن پرجي ملي. پر هير جو سور اڄ ٻه ڪونه ٿو وسريم. مينهون امڙيون آهن، ابا!"

"هائو، ابا، سور ڪيئن نه ٿيندو."

"ابا، مينهن جو پاڳيو ڪير آ ؟"

"ابا، اهي ڳالهيون پڇيون آهن؟" ماٺڪ پيءُ کي ميار ڏني.

"پيءُ پٽ جو ڪهڙو ليکو."

"هن ڳالهه ۾ ليکو آ. هيءُ پهرين مراد آ، جو توکي ڏيکاريم. اڳتي اهڙو ٿهڙو ڏور توکي نه ڏيکاريو."

"ابا، تون سچ ٿو چئين. پر دل گهريو ته جيڪر ان ذوقين جو نالو ٻڌان، جنهن هڙيءُ مينهن کي پٽي پاليو."

"هائي ته اهو ذوقين تون آن. تو وٽ جو ٻيئي آ." ماٺڪ ٽنائي ويو.

"ابا، پاڳيو ٿو ٻڌائين ته طرف ٻڌاءِ."

" طرف اوير."

"اوير ۾ تہ وڏو ملڪ اچي ويو. پير جي ڪيٽي بہ اوير تہ فيصل بہ، پنڊو بہ اوير، ڳڙهي بہ اوير تہ رستم بہ اوير. اوير ۾ ڪهڙي جوءِ، ڪهڙو ڳوٺ؟"

"بس ابا. اوير!" ماڻڪ ڪلنڌي چيو.

عنايت پٽ جي رخ مان سهي ڪري ويو تہ هن کي ڪا بہ ڄڙ ڪانہ ڏيندو. حقيقت ۾ تہ ڪيس پٽ جي اها پڪائي دل ئي دل ۾ ڏاڍي وڻي، جنهن پنهنجي پيءُ کي انت نہ ڏنو. سو پرائي پيءُ کي ڪهڙي سلڪ ڀڏرائيندو. هو بہ چپ ٿي ويو.

ماڻڪ ڪر موڙي اٿيو ۽ چيائين: "ابا. مينهن ٻڪي آ. ان کي گاهہ چنبو وجهان تہ پوءِ ٿا وري ڳالهايون."

"نہ. تون گاهہ وجهي وڃي اهل. سڄي رات پنڌ هنيو اٿئي. وري سيان رات بہ مينهن کي اڪتي ڏڪندين نہ."

ڀيري ڀيري هٽي، ماڻڪ سڄيءَ رات جي اوجاڳي جو سٽيل، الوٽ ننڊ ۾ پيو هو جو عنايت ننڊ پٽي کي ٻٽي بجا گهروڙي اچي ڀوٽ ۾ ڏنا. ماڻڪ ڇرڪ ڀري اٿيو، ۽ پڇڻ لڳو: "ڇو ابا ڇو؟"

"لخ لعنت تنهنجي ڄمندي گهڙيءَ تي! هو ڏاڏا اوطاق ۾ ويٺا اٿئي!"

ماڻڪ سن ۾ پٽجي ويو، ۽ ڪجهہ نہ ڪڇيو. عنايت وري نہ هم ڪٽي نہ ٿم، ٻٽي تريون مٿيءَ هاتي پٽ تان ڀري، زور سان سندس ڀوٽ ۾ نڪا؛ ڪيون ۽ ڪيس چوڻ لڳو: "اڙي، ان چوريءَ ڪٿون ڀڏين ها تہ ههڙو خوار خراب نہ ٿئين ها. اڙي، توکي ان سڄي اوير ۾ مينهن بہ لڌي تہ سنجر جي! سنجر منهنجو يار. ياڻن جهڙو يا؛!"

ماڻڪ سهي ڪري ويو تہ ڳالهہ ۾ ڪو لِڪَ نہ رهيو هو. هن پيءُ کان هيسجڻ بدران، سنجر کي ٻٽي گاريون سرڙي ڪڍيون، ۽ چوڻ لڳو: "سنجر ڪهڙيءَ رن جو پٽ جو هتي لِڳ ڪري اچي اسان تي چڙون ڪري!"

"اڙي لوندا، هن تہ اهي حجتان پٽي ڪيون."

"هون، اهڙيون حجتان جو سندس اٿو ٿا ڪاٿون! ابا، هونئن تون منهنجو سائين آن، ڪعبو قبلو آن. پر جي هن مينهن جي هاٿو ڪندين تہ لٽ ڪٽي هڪ لونڊڙيءَ واري ڏيندوسان!" ماڻڪ سڄي پڇي ٽانگهہ مان لٽ

ڪڍي هٿ ۾ ڪئي.

عنايت پٽ جون اهي اکيون ڏسي دهلجي ويو. اهڙيون اکيون هن ڪي اڳ خدا نہ ڏيکاريون هيون. هن وارو اڳيون ماڻڪ. جيڪو هن جا موچڙا کائي چپ چاپ سهي ويندو هو، سو الائي ڪهڙيءَ جوءِ ۾ گم ٿي ويو هو. ان جي بجاءِ هينئر وري پيو ماڻڪ ساماپو هو. جيڪو هڪ اڙٻنگ جوان هو. جنهن کي سندس ڪا شناس ڪانہ رهي هئي. عنايت پٽ جي ڳاڙهين، ٽانداڻن جهڙين اکين ۾ نهاريو، اتي بہ ڪيس ڪا ديد نظر ڪانہ آئي. هن سياڻپ ڪري هيڻائين ورتي: "اڙي، مان تنهنجي چڱائيءَ ۾ آهيان. ٻروچ چوڌاري ڪڙو هنيو ويٺا آهن، اها مينهن ڦٻائي سگهندين؟"

"تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟ مان ڀهرين مراد ڪانہ ٻاسيندس."

عنايت پنهنجي سر بہ پراڻو ڪاٺڪو هو. ۽ کيس ڪاٺڪائي جي جملي اصولن جي تير پٽير خبر هئي. هن کان اها ڳالھ بہ لڪل ڪانہ هئي تہ ڀهرين مراد باسڻ سونسو ٿيندو آ جو اهو ڪاٺڪو سڄي عمر اگهاڙو ٿي پوندو آهي، ۽ کيس يا عمر پرائي شي نہ ڦٻندي آهي. پر ماڻڪ کي بہ پاڻ ڪٽيءَ ڪنيو هو جو ڀهرين مراد ۾ ٿي واڳن سان وڃڙيو هو ۽ هن پنهنجي بسم الله پاڻ برغلط ڪئي هئي. عنايت لاءِ هينئر ٻئي ڳالهيون ڳوريون هيون. هن سوچي سوچي پٽ کي چيو: "اڙي، پوءِ منهن بہ پاڻ ڏي. هتي ڇو پوتي پاٺي سمهيو پيو آن؟"

"ها ها، مان پاڻ ٿو وڃان. تون ڇڏل آن."

ماڻڪ منهن تي بہ ٿي پاٺيءَ جا ڇندا هڻي، بہ - پٽاڻين لٽ ڪڇ ۾ ڪئي، وڏيءَ لوڏ سان هلندو وڃي ڪچهريءَ کي سلام ڏنو. سيني کي ڀتا ڀتا ڀاڪر پائي ۽ وڏي قرب سان خوش خير عافيتان ڪري، سنجر کي چيائين: "چاچا سنجر، ڀيا تہ سڀ خير خيراڻي؟"

"پاٺيا، خير وري ڪهڙا. اربيلي ڏي تہ ڪا ڳالھ وٺي."

"چاچا سنجر، تنهنجي مينهن سٽين مذهبين سوئڙ! توسان بابي جي پڳ مٽ ياري، الله اڄا ديد ڏني آهي، مون ڏي ست خير اٿئي."

"ماڻڪ، اهي چاچي سان هائون نہ ڪر. منهنجي مينهن تہ وٽ ڪانهي تہ سو، ٻڌي بہ ڪانهي. ڪيئن سنگت؟" سنجر ڪانپ ڪڍي، پنهنجي، واهر ڪان پڇيو.

”بيشڪ، پوءِ ٻڌي ٻه ڪانهي.“

”چاچا سنجر، گهڻا هر ڪنهن کي ڏٻا آهن. تنهنجي مينهن جي نه جن نه ڪن، وڏيڪ جيئن تنهنجي دل ٺري.“

”ساڪ ڏيندين؟“

”ڪنهن کان وٺندين؟“

”جنهن تي دل پيتي.“

”اسين هٿي پيءُ پٽ حاضر.“ ماڻڪ سنجر کي ٻانهون ٻڌي چيو.

اتي ٻين چئن مهاڻدن، جي سيني کان اڳ پيرا ٽڪي اچي پهتا هئا ۽ چوڌاري آهوڙون ڏيئي وس ڪري بيٺا هئا، سنجر کي چيو: ”سنجر، هن هوندي مينهن جي ساک نه ڏبي. چاموٽ اچ رڍ ٻڪريءَ تي پيا ساڪون ڪٽن. اسان اربيليءَ جا پيرا عنايت جي پڙ ۾ آندا آهن. مينهن پڙ کان ٻاهر ڪانهي. جهاڙو ڏينداسون.“

”رئيس، زبان سنيال، بنا ثابتيءَ جي قراني نه ڪر. باقي جهاڙو وٺي اڱو ته اها به حاضر ڏيون.“

”اها واٽ، پوءِ اسين ڪجهه به نه لهڻون.“

”چاچا سنجر، پوءِ گهراءِ پاڙي جا به امين.“

”ڪهڙا گهرايون؟“

”جيڪي توکي وڻن. باقي به ڳالهيون اٿئي.“

”ڪهڙيون؟“

”پهرين ته پڙ ۾ مينهن نه لڌي ته پوءِ عزت جو پلوَ، ٻي ته ڳر ڳر ۾ تون ٻڌل رهندين.“

”آهي جا پڙَ ۾ اهڙو ڪو ڏور؟“

”پيٽ لاءِ ڪير نٿو چنگهان هڻي.“

”ياڻتيا، مان ٻڌل.“

”ته پوءِ ڀلي گهراءِ.“

سنجر ٻن چئن کي اٿاريو. ڪين چيائين :”اڙي اٿو، وٺي اچو ڳليءَ پياري کوکرن کي جود ۾. ڪڙي وارن کي به سجاڳ ڪيون ويجهو ته تر نه چرن، متان ماڻڪ ملهه ڪري مينهن نه ڪڍي وڃي.“

ماڻڪ گهر موٽڻ سان ڪاتي لاتيءَ ڪوڏر سان وڏو پوڻ کوٽڻ لڳو.

ٻهري، مهل گلو ڪوڪر، پيارو ڳوڪر ۽ سنجر پاڻ. سڄو پڙ تڪولي بيٺا ته ڪاري، وارا ڪڪ هئا. واڙي ۾ مشڪ جو سو ٻوٽ ٻڌو پيو هو. باقي سنجر واري ميڻهن ڇڻ ته زمين ڳهي ويٺي هئي. سنجر دل تي جهاڙو ڏئي، عنايت کي ٻاڪر پائي موڪلائيندي چيو: "ادا عنايت، اربيلي مري وئي ته پرتي رب کي جي جيئري هوندي ته پاڻيهي ٻاڳين لهندس. تو کي سو ماڻڪ ڇائي جون مبارڪان هجن!" ☐

مجاور

شهر جي ماڻهن جو وفد، ڊسٽرڪٽ ڪائونسلر ميان عبدالواحد جي قيادت ۾ ڊي سي صاحب سان مليو ۽ ڪيس هر سومر تي شهر ۾ ٿيندڙ راڳ روپ جي ڪچ جي شڪايت ڪيائون. ڊي- سي صاحب وفد جي ڳالهين کي غور ۽ همدردي سان ٻڌو ۽ ڪائن پڇيو، "ڪير ٿو ڪرائي اهو راڳ روپ ؟"

"سائين، هڪ موالي آهي محمد شاه نالي، جنهن کي نه ڪو ڪم آهي نه ڪار، اهو ڪٺي گذران ٿاهيو اٿائين." ميان عبدالواحد ڪيس ٻڌايو.

"صاحب، اتي جوا جي به ٽڪري آهي، اتان به نال اڳاڙيندو آ." وفد جي ٻئي ساٿيءَ چيو.

"ڪيترو وقت هلندو آ اهو ناچ گانو؟"

"ائين ڪو وقت ٿي مقرر ڪونهي، جنهن وقت وٺين، تنهن وقت شروع ڪن، جنهن وقت وٺين تنهن وقت بند ڪن."

"گهڻو ڪري ته اهو ڌمالو سڄي رات به پيو هلندو آ."

"پيو اتي ڇا ٿيندو آهي؟" ڊي سي ڪائن وڌيڪ پڇا ڪئي.

"سائين ڇا نه ڪندا آهن، جوا اتي هلي، ڀنگون اتي گهوٽجن، چرسن جا دوڪاڙا اتي لڳن."

"صاحب، بس ڳالهه ڪرڻ کان زور آهي."

"ويري بئڊ...... ويري بئڊ."

"صاحب، ماڻهو حلال جون ڪمايون ٿا حرام تي وڃائن، مجاور به پيٽ پريون پيو پور جا مال ڪائي." ميان عبدالواحُد، صاحب کيَ ٻڌايو.

"صاحب اسان به ننگن وارا آهيون، پاڙي ۾ اهڙي ڪشٽ ڪٺين سهون، ننڊ آرام ڦتل آهي."

"فوجدار کي ڊانهن ڏني اٿوَ ؟" ڊي سي ڪائن پڇيو.

"ڪيترائي ڀيرا سائين، پر فوجدار کي اتان منٿليون ٿيون ملن، سو اهو روزگار ڪيئن وڃائي."

"هون." صاحب ڀنڪي چپ پڪوڙيا.

"صاحب ان راڳ مان وڏي ڪشٽ ٿي مچي، شهر جا نامي گرامي شودا ٿا اچي رونشي تي مڙن ۽ پو، رات جو موٽندي ڪونه ڪو ڏوهه ڪيون ٿا وڃن."

"تازو تہ راڳ ۾ جهيڙو بہ ٿيو ۽ ذري گهٽ خونريزي ٿي هئي." وفد جي هڪ همراهہ ڳالهہ کي ٽيڪ ڏني.

"ڇو ٿيو هو اهو جهيڙو؟"

"صاحب انهن شيطاني ڪمن مان وري ٻي ڪهڙي سرهي ٿيندي." ميان عبدالواحد ڳالهہ ڪندي چيو.

"ڇگو مان ان ڳالهہ کي پاڻهي ٿو ڏسان." صاحب ڪين دلجاء ڏني.

وفد اٿيو تہ ميان عبدالواحد اٿندي اٿندي بہ ڊي سي صاحب کي چيو.

"صاحب هاڻي تہ صوبائي حڪومت بہ راڳن روپن بند ڪرڻ جو حڪم ڪڍيو آهي اوهان بہ مهرباني ڪجو."

پوء جنهن ڏينهن ڊي سي صاحب ان راڳ روپ کي بند ڪرڻ جو حڪم ڪڍيو، ان ڏينهن ميان عبدالواحد ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو. آرڊر جي جنسي ڪاپي پئي ايندي ويندي کي ڏيکاريائين ۽ ڪين چيائين، "ميان، جي هي ڊي سي هتي آهي، تہ بدعتن جون پاڙون پٽيل ڏسندؤ. پورو مسلمان آ مسلمان."

پئي سومر تي مڪان ۾ اها بهاري ٿي ڪونہ هئي. اهي ماڻهن جا ميڙ، اهي ماڻهو جا انبوهہ الائي ڪاڏي گم ٿي ويا هئا. مڪان ۾ جتي هزارن ماڻهن جي رونق هوندي هئي. اتي هينئر ٻسائيء پئي واڪا ڪيا. مڪان ۾ ڪل پنج ڇهہ ڇتا وڻا هئا. جن مان ٽي چار تہ مڪان جا مجاور هئا. جي ماڻهن جي اڳ- پوء ۽ ٽاندو ٽوپي ڪندا هئا. پرسان ٻن مجاورن پنگ پئي گهوٽي. پر انهن گهوٽڻ وارين ٻانهن ۾ اهو ست ئي ڪونہ هو. ڇڙا بہ ٽي ڏنڊا اونڌا پاسيرا رهڙي ڪٿي پاٽي وڌائون. وڏو مجاور محمد ساه بہ متومني تي چاڙهيو فوڪيو ويٺو هو. ڪنهن آئي وئي ڪانئس ڪجهہ پڇيو پئي، تہ ڪيس ڇتي ڪٽي وانگر پئي ڇهڙون پاتائين. سب چپ ۾ هئا ۽ ڪنهن اڪر ڪونہ پئي ڪڇيو. پوء بہ محمد شاه پاڻ ڪليو جو ٽوڪ مان ويٺلن کي چيائين، "اڙي اهڙا منبر (ميمبر) اٿو تہ ان ڪان بہ بدحال ٿيندو. اڄ محفل بند تي، سيان چوندو تہ مڪان ئي پٽي وجو."

"فقير انهن خارزين مان وري ٻي ڪهڙي سرهي ٿيندي؟" ٻئي مجاور چيو.

"پر انهن کي گوگائي مرچ ڇو ٿا لڳن. جي بدعتي آهيون تہ اسان آهيون، ڄڻ پڇاڻو ٿيندو تہ اسان ڪان ٿيندو." محمد شاه خار مان چيو.

"مرشد، حڪم حيدر سان، انهن کان اڳ بشت ۾ هونداسين. هي اسان جي رٿي بہ ڪون ڏسندا."

"آمين." مجاورن هڪ آواز ٿي چيو.

"پر سائين ڊي سي بہ تہ ڪٿي حد آ. مڪانن ۾ هميشه محفلون ٿينديون آهن، ڪو واعظ ڪونہ ٿيندا آهن." هڪ مجاور وري ڳالهہ کي ڇوريو.

"ميان ڊي سي بہ ڪو ناٿ ملو هوندو؟" جيسين محمد شاهہ جواب ڏي، تيسين ٻئي مجاور ڳوڻ ڀڳي.

"نہ يار، آهي تہ عين الپڻي."

"پوءِ اهڙو نوٽڊ ڇو ڪيائين؟"

"بابا، اڄ ڪلهہ حڪومت جي واڳ منبرن کي آهي، جيڻن ٿا چون، تيڻن ٿو ٿئي."

"يار، ڪيڏي نہ وروهہ لڳي پئي هئي، چار صورتون ڏسندا هئاسين تہ زماني جا سور وسري ويندا هئا. اڄ تہ هيءَ جاءِ ڪاٽڻ ٿي اچي." هڪ مجاور ٿڌو شوڪارو ڀري چيو.

"هن سومر تي اچا بہ وڏي بهاري ٿئي ها. سائينءَ وسائيءَ ۽ بيگم کي بہ گهرايو هو."

"شمشاد ۾ وري ڪا گهڻ هئي !"

"شمشاد کي ڪير گهڻ چئي، راڻو هن تي ختم آ."

ٿوري دير لاءِ چپ ٿي وئي. ڪين شايد شمشاد جا پور اچي ويا. ٻڪپل مهل ڪاڻ پوءِ هڪ مجاور صلاح ڪئي، "اچو تہ يار اسان بہ ڊي سي ڏي ميل ڪري هلون."

وڏو مجاور محمد شاهہ جو هن وقت تائين چپ ڪري وٺو هو. سو اهو گفتو ٻڌي مٺرجي ويو ۽ ان مجاور کي چيائين، "مان نوڙ وٺي آيس جو تون بہ وڃي وٺيندين."

"سائين، تون ڊي سي ڏي ويو هئين ڇا؟"

"ها ميان، ويو هوس."

"ٻڌائيءَ بہ ڪونہ !"

"کهڙي تار ڪشي ٻڌايائين، جو ٻاڙ هٺان."

"ٿيٽ ڇا چيائين؟"

"پورو ٻڌائين به ڪونه. ائين ئي نشائي ڇڏيائين."

"پر سائين، تون به ته مڙڻ جو ناهين، تو به ته ڳالهايو هوندو."

"مان ته گهڻائي دام وڌا، پر جواب اهو ڏنائين: ته ٻنگون ٽا پيو، جوا ٽا کيڏو، اجازت ڪونه ملندي."

"پوءِ سائين ڇا چيوسين؟"

"هڪ دل ته فقير چيو، ته تسريون ٻڌايانس ۽ چوانس ته صاحب شراب مان چڪو ڏيندو ڪر، ٻنگ نه پيئنداسين، رمي جي موڪل ڏي ته گهوڙي نه کيڏنداسين. پر پيءُ دل چيو ته ڇڏ محمد شاه."

"يار، سيد جو به مان نه ڪيائين!" هڪ مجاور عجب مان چيو.

"هون ميان، هو ٽڪي سڀي لٽائڻ وارو آهي."

"پوءِ يار، هي ميخانو ائين ويران ٿي ويندو."

ان گفتي تي سيني جا ڪنڌ ڍرڪي پيا. هرڪو ڏک ۾ پنجي ويو. ڪنهن به ڪونه ڪڇيو. ڪنهن هائو به نه ڪئي، ته ڪنهن نهنڪر به ڪونه ڪئي. اتي هڪ مجاور ٻنڌ حندي اٿيو ۽ زور سان چوڻ لڳو. "علي علي بول، غم نه هوندءِ ڪول."

ان صدا سيني مجاورن کي آٿت ڏيڻي ڇڏيو. سندن دلين مان بيچيني دور ٿي وئي. سيني گڏجي ولي هڪ دنبهو هنيو. پوءِ ڏندا ڪوندا ساوا ٿيا ۽ وري گهرڙ گهوٽ شروع ٿي وئي.

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي هڪ هنگامي ميٽنگ ۾ جڏهن ڊي سي صاحب شهر ۾ ترقي وٺائڻ جي خيال سان اها رٿ پيش ڪئي، ته هر سال هن شهر ۾ جشن ملايو وڃي تڏهن ميمبرن کان ته بي اختيار واه واه نڪري وئي. گهڻن ميمبرن ته اتي صاحب جي بيدار مغز جي تعريف ڪئي ۽ شهر جي ترقي لاءِ سندس اُوني جو شڪريو ادا ڪيو. اها رٿ بحال ٿي وئي.

ان ڪانپوءِ اي- ڊي- اير اتي اها رٿ پيش ڪئي ته ڊي سي جي زير نظر جشن ڪاميٽي ٺاهي وڃي، جا جشن جو سمورو انتظام ڪري ۽ جمع خرچ جو حساب ڪتاب رکي.

"بحال .... بحال." ميمبرن اها رٿ به بحال ڪئي.

ان ڪانپوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر اتي رٿ پيش ڪئي، ته ان جشن لاءِ شهر

۾ هڪ وڏو ميدان مقرر ڪجي ۽ ان ۾ پڪي طرح اسٽال ۽ هال ٺهرايا وڃن. ان رٿ تي اهو فيصلو ڪيو ويو، ته ڊپٽي ڪليڪٽر مختلف پٽ ڏسي، هڪ سائيٽ مقرر ڪري.

ان ڪانپوءِ هڪ غير سرڪاري ميمبر رئيس الاهي بخش خان اها رٿ پيش ڪئي، ته ان جشن جو نالو هر دلعزيز ڊي سي جي اسم مبارڪ پٺيان مقرر ڪيو وڃي. ميمبرن ته يڪراءِ اها رٿ بحال ڪئي، پر ڊي سي ميمبرن کي گذارش ڪئي، ته هيءَ هڪ عوامي جشن آهي ۽ ان جو نالو، انتظامي خواه اخلاقي طور، سندس نالي پٺيان مقرر ڪرڻ مناسب نه آهي. هن رٿ پيش ڪئي ته جيئن ته اهو جشن بهار ۾ ٿيڻو آهي، ان ڪري ان جو نالو "جشن بهاران" رکيو وڃي. گهڻا ميمبر ته ان مسئلي کي ووٽنگ ذريعي حل ڪرڻ لاءِ آتا هئا، پر ڊي سي جي چوڻ موجب ڪين اها ڳالهه قبول ڪرڻي پئجي وئي ۽ ان جشن جو نالو "جشن بهاران" مقرر ٿي ويو.

ان ڪانپوءِ اڏاوتن تي خرچ ٿيندڙ رقمن لاءِ سوچ ويچار ڪيو ويو ۽ في الحال ان ڪم کي شروع ڪرڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل فنڊ مان هڪ لک روپيا منظور ڪيا ويا.

اٿندي اٿندي، ڊي. سي پنهنجي اي- ڊي- ايم کي چيو، "قريشي، جشن بهاران ڪاميٽي جي لسٽ ٺاهي مونکان اپروو ڪرائجانءِ."

"يس سر."

"ان ڪاميٽي ۾ جملي ڏهه ميمبر هجن ۽ ان مان گهٽ ۾ گهٽ پنج ڄڻا عوامي نمائندا هجن."

"رائيٽ سر."

اوچتو ڊي. سي کي هڪ ڳالهه ٻي به ياد آئي جو ڪيس چيائين، "ون ٽنگ مور قريشي. توکي ان جشن لاءِ ٽڪيٽون به ڇپرائڻيون پونديون، جي مختيارڪارن ۽ ميمبرن کي هلائڻ لاءِ ڏينداسون."

"يس سر، آئي ول ڊو اٽ."

ڊي. سي صاحب وڃي چيمبر ۾ ويٺو. ته ٻيا ميمبر به اٿيا ۽ هال کان ٻاهر نڪتا. ڊسٽرڪٽ ڪائونسلر ميان عبدالواحد به وڃي ڊپٽي ڪيلڪٽر جو پاسو ورتو ۽ ڪيس چيائين، "صاحب هڪ سائيٽ منهنجي نظر ۾ به اٿو."

"ڏيکارجانءِ."

" ڏسندؤ تہ مقرر ٿي اها ڪندؤ. شهر جو شهر ۾، ميدان بہ ڪشادو."

" گهرجي بہ اهڙي."

" پر صاحب مونکي بہ نہ وسارجو ۽ جشن ڪاميٽي تي منهنجي بہ سفارش ڪجو." ميان عبدالواحد وارو هٿي ڇڏيو.

پوءِ هر ڪنهن ڏٺو تہ محمد شاهہ جي ميخاني ۽ ان جي پر ۾ پيل سرڪاري پلاٽ کي بلڊوزرن سان سڌو ڪيو ويو. ان ميدان جي چوڌاري سهڻي پٽ نڪتي، ان پٽ جي اندر بازار نموني ڇٽن پنجن قطارن ۾ اسٽال ٺهيا ۽ وچ ۾ هڪ وڏو شاهي هال ٺهيو. اڏاوتون ٿي ويون، تہ جشن ڪاميٽي تاريخ جو اعلان ڪيو ويو. الائي ڪاٿون ڪاٿون جو خلقون مڙي آيون. اسٽالن ۾ مال پيا ۽ ٻاهرين رونق لاءِ پٽين ۽ دوڪاندارن کي لائيٽون لڳيون. شهر جي شوقين ماڻهن کي بہ هڪ مشغلو ملي ويو ۽ هرڪو سانجهيءَ ٽائي ٽڪيٽ، پٽين ۽ لائيٽن جي جهرمر ڏسڻ لاءِ اتي اچڻ لڳا؛ اتي هرڪا ورونهہ هٽي. چانهہ جا هوٽل هٽا، شٽن جا دڪان هٽا ۽ پان ٻيڙيءَ جون پڙيون هيون. راند جي شوقينن لاءِ بہ سرڪسون هيون ۽ ڪارنيوال هٽا. ان ڪانسواءِ مختلف رانديون هيون، تنبولا هو تہ گولو بہ هو، جتي هرڻ، هاٿي ۽ گهوڙي تي ريبو رکي پٽي آٽ ڪمايا.

پوءِ وري ڪلچرل شو جون تياريون ٿي ويون. عوام ۾ ٽڪيٽون وڪامڻ لڳيون، سڀ کان وڏي ٽڪيٽ پنجاهہ هٽي، ان کانپوءِ پنجويهہ هٽي ۽ آخر ۾ غريب غربي لاءِ رعايت طور پنج روپيا هٽي. شهر ۾ چوطرف ان شو جا پڙها اچڻ لڳا ۽ هر هنڌ ان جي چؤپچو ٿيڻ لڳي. عام ماڻهن اهڙو ڳوڙو نالو اڳ ڪونہ ٻڌو هو، سو هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا.

"ميان اهو ڪلچرل شو ڇا آهي؟"

" ڪلچرل شو معنيٰ ثقافتي شو."

"اها وري ثقافت ڇا آهي؟"

" پاڻکي خبر ڪونهي، مڙئي ڪا چڱي ڳالهہ هوندي."

" ها هوندي ضرور چڱي ڳالهہ. تڏهن پڙها ڏنا اٿن ؟"

" ميان هن ڊي سي تہ وڻ وڃائي ڇڏيا آهن."

" ها يار. ههڙو ڊي سي تہ ياعمر هٽ هجي."

"ڏسو نہ شهر ڪي ڪيڏي نہ ٽاٽائي وٺائي آٽائين"

ان ڪلچرل شو واري ڏينهن تہ ماڻهن جا ميلا مچي ويا. سڄو پنڊال ڀرجي ويو، تہ بہ ماڻهن جي پيهہ پيهان هئي. عام ماڻهن لاءِ ڪرسيون ٺي ڪونہ بچيون. انهن ڪرسين تي ڪامورا لاٽين ويٺي هئي. عام ماڻهو بہ پوئتي ڪونہ موٽيا، پر آپين پيرين بيٺا رهيا ۽ هر ڪنهن جون نظرون اسٽيج ڏانهن هيون، جنهن ڪي وڏو ريشمي پردو لڳل هو.

اٽڪل نائين بجي ڊي. سي صاحب پنهنجي سنگت سات سميت پهتو، تہ پوءِ شو جي شروعات ٿي، پردو هٽيو تہ شهر جي مشهور ڳائڻيءَ شمشاد سرَ راتي مان پلتو هنيو.

ڪرسين ڪان گهڻو پوئتي بيٺل ماڻهن مان مڪان جي اڳوڻي مجاور محمد شاهہ، شمشاد ڪي ڳائيندو ڏسي زور سان ٽهڪ ڏنو ۽ پرسان بيٺل ٻئي مجاور کي لونٽ هڻي چيائين، " فقير، ڏسين ٿو رنگيءَ جا رنگ!"

"ها مر...ه ... ئي شمشاد، ساڳيو ڪلام ..... پر اسان ڪهڙي غناهي ڪئي هئي."

"ميان پينو پينو ڪي نہ سهندو، مجارو مجاور ڪي ڪونہ. هل تہ هلي ڪا ٻي ڪار ڪريون." ❑

آٿت

سارين جي منظوري وٺڻ لاءِ، چوڏهن ڪلاڪن جي ڏکي مسافري ڪاٽي، جنهن وقت رئيس لاهور پهتو ته ان وقت شهر جون روشنيون ٻري ويون هيون ۽ چوڏس چانڊاڻ لڳي پئي هئي. مال روڊ تي ته اڃا وڌيڪ بهاري هئي. اتي وري روشنين پاڻ ۾ اک ٻوٽ راند پئي ڪئي. رئيس اهو نظارو ڏسي ٻوئين سيٽ تي ويٺل ڪمدار کان پڇيو، "ڪمدار ڇا ٿو ڀائين، ڏينهن آ ڪن رات؟" ڪمدار جا ته وائيسر ٿي ڦري ويا هئا ۽ مٿو چرخ تي ويو هو. هن بي اختيار داد ڏيندي چيو، "سائين ڪهڙو شبخور هن کي رات چوندو. ڪِوَل ٿي چري ته اها به ٿي ڏيکارجي."

"ڀلا هن طرف جو به ته ديدار ڪجانءِ." رئيس ٻئي طرف اشارو ڪيو. ڪمدار اوڏانهن نظر ڦيرائي ته جوانڙين جي ٽولن تي نظر پيس، جي ميڏانهن هوڏانهن پسار ڪري رهيون هيون ۽ هزار هزار پاور جي بلبن کي ڦڪو ڪري رهيون هيون. سندن ڏکيون ڪچيون ٻورا ڳاڙها رنگ ۽ رنگبرنگي ڪپڙا ڏسي ڪمدار ٽڏو شوڪارو ڀريو ۽ چيائين، "ابول، سونهن ته ڪا هتي آ. جهڙيون آڙيون، جهڙيون هنجران. بيشڪ جهڙو لهور ٻڌوسون تهڙو ڏٺو سون."

"ميان نيٺ ته ڳاديءَ جو هنڌ آ."

"بيشڪ سائين، واهه واهه."

ڪمدار جي واچ ڳودو ڏسي، رئيس، کي ياد آيو ته ڪيئن ڀيريون ڪمدار اڄڻ کان نابري پئي واريءَ بهانا ڪيا ته "سائين هي ڪم آهي، هو ڪم آهي." رئيس مشڪندي ڪمدار کي چيو، "اڃا ته نه پئي آئين، مڪڻ پئي مٿو ٿي سڙيئي."

"سائين ڪم ڪاريون به ته آهن. مان پئي چيو ته هڪ ته ڳوٺ ۾ هجي."

"ڪمدار، ڪم ڪاريون پيا ٿيندا آهن، هي به ته دنيا جو سير آ. روز روز ٿورو ٿي اچڻ ٿيندو. وري سانگو به ته هو نه."

"هائو سائين، چڱو ٿيو جو آيس. ههڙيون حوران يا ته هتي يا وري بهشت ۾ هونديون. بهشت ۾ ڏسڻ آ نصيب جي بازي، هتي ته ڏٺيونسين."

ٽانگو پنهنجي ٻوري سني رفتار سان هلندو رهيو. رئيس ۽ ڪمدار

هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا رهيا. نيٺ ڪمدار ڏسي ڏسي ٿڪجي پيو ته رئيس کان پڇڻ لڳو، "سائين پورا ٻه ڪلاڪ ٿيا آهن ٽانگي ۾ رلنديءَ، اجا ته شهر ڪٿي ٿي ڪونه ٿو؟"

"ڇڙن ٻن ڪلاڪن جي ٿو ڳالهه ڪرين، هتي سڄو ڏينهن ڦرندين ته به انت ڪونه لهندين، ميان ڏوڪري ڪانهي، لاهور آ لاهور!"

"هائو سائين، اڌ جهان آ. مونکي ته پڪ آهي ته سيائي سارين واري صاحب جي آفيس به شل ليي."

"هون، اندن به ملتان لڌو هو، پاڻ ته سچا آهيون، آفيس جي ائڊريس به ته آهي پاڻ وٽ."

"سائين ائين چئجان، جي ائڊريس به نه هجي ها ته ڪرمين جي به پيڻ خوش هٿي ته اجازت ملنديءَ ساريون ٿينديون. جيستائين اسان آفيس لهون ها، تيستائين پوڪيل ٻج ٿي ڳري وڃن ها."

رئيس ڪمدار جي ان سادگيءَ تي کلڻ لڳو. ويچاري هيڏا وڏا شهر ڪاٿي ڏٺا هئا. هو ڪمدار کي سمجهائڻ لڳو، "ڪمدار هرويرو ائين ڪونهي. ٻه ٽي ڏينهن رهندين ته پاڻهين ئهي ويندين."

"نه سائين، پاڻ کان زور آهي شهر. مان ته هڪ وک به اڪيلو ٻاهر نه نڪران."

ايتري ۾ ٽانگي واري بيهاري رئيس کان پڇيو، "بديرا، هن هوٽل ۾ لهندؤ يا اڳتي هلان."

"ڪمدار، هن ۾ رهون يا اڳتي هلون، ڪنهن سني هوٽل ۾؟" رئيس وري ڪمدار کان پڇيو.

ڪمدار ڪنڌ ڪڍي هوٽل ڏانهن نهاريو ۽ ان جون ماڙيون ڳڻڻ لڳو. ڪيس دروازن تي لڳل ڳاڙهي لائيٽ به ڏاڍي وٺي. هن رئيس کي چيو، "هن هوٽل ۾ ڪهڙي خامي آهي. هڙو هوٽل ته سکر ۾ به ڪونهي."

"خامي جي ڳالهه ڪونهي، پر مان پٺي چيو ته ڪنهن وڏيءَ هوٽل ۾ هلون ها، هتي ته هڪ ٻئي کان اور هوٽل آهن."

"نه سائين، اجايا خرچ. لهو ته هتي رهون."

رئيس ٽانگي واري کي ڀاڙو ڏيئي هيٺ لٿو ۽ ڪمدار کان بئگ کڻائي اچي ڪائونٽر وٽ بيٺو. ڪائونٽر واري ڪانئس نالو پڇيو ۽ هو نالو لکائڻ لڳو.

"لِکُ علي محمد خان."

"ولد؟" ڪائونٽر واري اڳتي پڇيو.

"رئيس حاجي مير محمد خان."

"قوميت؟"

"سنڌي."

"پاڪستاني؟" ڪائونٽر واري ڏاڍيان چيو.

"ها يار، پاڪستاني."

"ڪيئن آيا آهيو؟"

"ڪم ڪار آهي سرڪاري آفيس ۾."

ڪمدار جيڪو رئيس جي پويان بيٺو هو، تنهن کي جواب نہ وڻيو. هن کي خيال آيو تہ مٿان سارين وارو صاحب هن جو واقف هجي ۽ سندس سفارش سان ڪم جلد ٿي وڃي. ان ڪري هن پيرانٿي ڳالهہ ڀڏائيندي چيو. "ميان زمين ڪلر ٿي وئي آهي، سو سارين جي منظوري وٺڻ آيا آهيون."

پر ڪائونٽر واري سندس ڳالهہ ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ اچڻ جي سبب واري ڪالم ۾ خانگي ڪم لکي. بورڊ مان ٻہ چاٻيون ڪڍي پرسان بيٺل ڇوڪراٽ بيري کي وزني گار ڏيندي چيائين. "ڪمرا نمبر بائيس، تيئس."

ڪمدار کي ڪائونٽر واري تي ڪاوڙ هئي. جو هن کيس ڪو گوش ڪونہ ڏنو هو ۽ نہ کيس ڪو جواب ڏنو هئائين. هن ڪمري ڏانهن هلندي رئيس کي پٽڪو ڪيو، "هتي تہ گونگن ۾ ڦاٿا آهيون، ڪنهن ٻئي هوٽل ۾ هلون ها."

رئيس وارا پاڻ ڳوٺاڻين جاين تي هريل، جن جا اڱڻ ڪشادا ٿين، جتي سج ڀريون ڪرٽو نڪرڻ سان اڱڻ ۾ نڪاءُ ڪري ۽ سمهيل کي ڏنگ هڻي. شهر ۾ تہ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل اوچيون جايون، اونداها ڪمرا ۽ وري درن ۽ درين جي مٿان تلها پڙدا، جتي ڏينهن جو بہ بتيون ٻرن، اتي رئيس جي اک ڪيئن ٻئي کلي. مس مس ڏهين بجي رئيس جي اک کلي تہ اهائي اوندهہ ڏٺائين. واري اکيون ھوٽڻ جي ڪيائين پر اکيون بہ نہ ھوٽجن. پرسان سيرانديءَ وٽان واچ کڻي جو ڏٺائين تہ ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ پر واري ڪمري ۾ وڃي ڪمدار کي زور سان سڏيائين، جنهن جي اڃا ڦوڪ ٻئي پئي. رئيس جي

سڏ تي ڪمدار به اکيون مهٽي ڪلمو پڙهڻ لڳو. رئيس ڪمدار کي ٽوڪيندي چيو. "ميان واه جو تو اٿارين. منجهند ڪري ڇڏيئي."

"يوڳ نه ڪيو. اڃا ته ٻاک به ڪونه ڦٽي آ."

"ڇگو در ته کولي ڏس."

ڪمدار در کولي ٻاهر ڏٺو ته اکين تي ترورار اچي ويس. پوري ڪچڙي منجهند اچي تي هئي. موٽي رئيس کي چيائين، "سائين تکڙ ڪري تڙ ڪري وٺو ته مان ڪپڙن ۾ اڳڻ وجهان ته هلون."

"ميان نيرن ته ڪيون."

"نيرن پيا پوءِ ڪنداسون. ڦرين جنهن ڪم سان آيا آهيون اهو ته سجايو ڪيون."

رئيس تکڙ ۾ وهتو. ڪمدار ڪيس ڪپڙا پارايا. ٻئي ڏاڪڻ لهي روڊ تي اچي پهتا. ٻنهي فيصلو ڪيو ته ٽانگو الائي ڪيتري دير لائي، انڪري ٽيڪسيءَ تي هلڻ گهرجي. رئيس هڪ ٽئڪسي روڪيءَ ڊرائيور کي ايڊريس ڪڍي سمجهايائين، "ڊرم پور هل، اتي ريڪلميشن کاتي جي آفيس آ، اتي هلڻو آ."

ٽيڪسيءَ واري کي جو هي ساد سودا ماڻهو هٿ اچي ويا ته هن ڪين رلائي رلائي، مس ڪلاڪ کان پوءِ اچي ان آفيس اڳيان ڪڍيو ءِ ڪائن ڏهه روپيا ڀاڙي جا ڪڍي ورتائين. ٽئڪسيءَ واري مان جند ڇڏائي رئيس آفيس ڏانهن هليوءِ سامهون ورانڊي ۾ ويٺل پٽيوالي کان پڇيائين، "چوڌاريءَ ريڪلميشن کاتي جي هيءَ آفيس آ ؟"

"آهو جي،" پٽيوالي ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

"شڪر تي منهنجا رب." پويان بيٺل ڪمدار ٻٽڪو ڪيو.

"چوڌري اسان جي سارين جي لکپڙه هت آيل آهي، ڪنهن سان ملون؟"

"چوڌري اڪرم سان."

"اهو ڪاٿي ويهندو آ، مهرباني ڪري ساڻس هلي ملاءِ."

پٽيوالو ورانڊو لتاڙي هڪ ڪمري ڏانهن وٺي هليو. اتي هڪ ڪلارڪ ڏانهن اشارو ڪيائين. رئيس ان کي به ساڳي ڳالهه ڪئي ته سندس سارين جي لکپڙه هيٺان منظوري لاءِ آيل آهي. ان ڪلارڪ ڪين مٿي کان پيرن تائين نهاري پڇيو، "ڪهڙي ضلعي جي لکپڙه آ ؟"

" سکر جي."

" ڪهڙي موگا تي آ تنهنجي زمين ؟"

" موگا ڇا؟" رئيس منجهي پيو.

" واٽر ڪورس." ڪلارڪ موگا جي معنيٰ سمجهائي.

" ها ، تيرهون - آر غرڪٽو."

"اها لکپڙه اڃان ڪونه پهتي هوندي."

رئيس جا تاڪ لڳي ويا، پر وري ڪيس ياد آيو ته ان مونجهاري ڪان هن سکر واري آفيس مان به روانگي نمبر ورتو هو، ۽ جو سندس ڪيسي ۾ پيو هو. هن اُها نمبر واري سلپ ڪڍي ڪلارڪ کي ڏيکاري، پر ڪلارڪ ان سلپ کي به ڪونه پڙهيو. چيائين، "جي لکپڙه آئي به هوندي ته اڄوڪي ڏينهن ڪيئن لينديءَ؟

"چوڌري مان به پري ڪان آيو آهيان، منهنجي پنڌ جو قدر ڪر."

" نه ميان، اڄ ڪون لينديءَ." ڪلارڪ ڪِتو جواب ڏنو.

رئيس جي هڪ دل چيو ته جيڪر هن سان مٿو هڻڻ بدران سڌو وڃي وڏي صاحب سان ملي، پر ٻيءَ دل ڪيس ابن ڏاڏن جي پڙهايل سبق کان ابتڙ وڃڻ تي منع ڪئي. ابن ڏاڏن جو ڪيس سبق پڙهايل هو، ته جيئن ڏاڪڻ تي هيٺئين ڏاڪي کان چڙهبو آهي، تيئن سرڪاري ڪمن ۾ پٽيوالي ۽ ڪلارڪ کان ٿي، پوءِ مٿي هلبو آهي. وڏا صاحب به انهن ڪلارڪن جي ئي ڪيسن ۾ هوندا آهن. اهي ٻئي پاسا سوچي هن چيو، "چوڌري صاحب ڀلا سياڻ اچان؟"

" ها سياڻي اڄ ته پوءِ ڏٺو ويندو. الائي لکپڙه هتي هوندي يا رڪارڊ آفيس ۾."

رئيس آفيس مان ٻاهر نڪري ڪمدار کي چيو، "ميان سياڻي آفيس کلڻ کان اڳ هتي پهچون ته ڪو ڪم ٿئي."

" ڀلا ڪم ٿيندو نه سائين؟"

"رک خدا تي، ڇو نه ڪم ٿيندو. چوڌري چنن الدين کي به اسان جي لڳو لڳ منظوري ملي آ."

" ها سائين، منظوري ضروري ملي. اسان جي زمين ۾ وڏو خرابو آهي. سارين ۾ پاڻي جل وهندو ته پوءِ ئي اهو ڏنگ ٽرندو، ڏنگ ۾ ساري وئي، جڻ مهتي ڀيڪين وئي."

"مهتيءَ وارو مثال ڪيئن ڏنيءَ؟" رئيس ڪلڻ لڳو.

"سائين، مهتي پيڪين ويندي آهي تہ مان لهندي آهي، ۽ موٽندي آهي تہ ٽيڙن ٽاڙين سان مڙس جو گهر پري ڇڏيندي آهي. تيئن ڏنگ جو بابو بہ ساريون آهن."

ٻئي ڏينهن اچا پوري آفيس بہ ڪونہ کلي هئي ۽ پٽيوالن ڪمرا ڀئي ڇنڊيا جو رئيس وارا وڃي پهتا. رئيس ڪلهوڪي پٽيوالي کي چيو، "ميان تو وارو چوڌري اڪرام تہ اسان سان لهي ئي ڪونہ ٿو، جي ڪم ڪرائي ڏين تہ وڏي مهرباني. ڪنهن جو حق رکڻ وارا بہ ناهيون."

"پلا پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهايو اٿو؟"

"نہ اچا ڪونہ."

"چڱو، اچي تہ مان تو ڳالهايانس، پلا گهڻو چوانس ؟"

"جيڪو چوندو سو ڏينداسونس، رڳو ڪم ڪري ڏي."

"ٺيڪ آ، قصي کي ٺاهيون ٿا."

واسطيدار ڪلارڪ آيو تہ پٽيوالو سندس ڪمري ۾ هليو ويو، ۽ ڳچل دير ڪان پوءِ موٽي کين ٻڌايائين تہ سندن لکپڙه رد ٿي واپس موٽي وئي.

"اهو وري ڪهڙو غضب؟" رئيس گوڏن تي هٿ هنيا.

توهان دير سان پهتا آهيو. لکپڙه سان گڏيا اچو ها تہ ائين ڇو ٿئي ها؟"

"ڪهڙي دير ٻڌئي سين چوڌري، هفتو ڪن تہ ٿيو آ لکپڙه کي آئي !"

"هفتو ٿورو آ. اوهان جي پاسي جو هڪڙو چوڌري تہ ڪاغذن سان گڏيو آيو هو، ۽ پنهنجو ڪم ٺهرائي ويو."

"چوڌاري چنن الدين تہ ڪونہ هو، ان اسان گڏ تہ منهنجا ڪاغذ بہ هٿا."

"نالو تہ مون کي بہ نٿو اچي. قد جو ڊگهو ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي هئس."

"ها ها چنن الدين. پر ان جي زمين تہ مون واري واٽر تي آهي. ان کي اجازت ملي، باقي مون ڪهڙو گناهہ ڪيو آ."

"تنهنجي لکپڙه ۾ ضرور ڪا گهٽتائي هوندي."

"نہ ميان، سڀ هيئيان ڪاغذ پورا ها."

رئيس ڪمدار کي ٻاهر ڪڍي، ان نئين صورتحال بابت صلاح ثواب ڪيو. سندس زمين ڪلرائي هئي ۽ ٻيو ڪو فصل ڪونہ ٿيندو هو. اهڙين زمين کي سڌارڻ لاءِ ٿي هي ڪاٽو ڪليو هو. گهٽن کي منظوري ملي هئي.

چوڌري چنن الدين کي بہ ملي هئي. سندس لکپڙه کي رد ڪرڻ جو بہ ڪو سبب ڪونہ هو. رئيس جون سڀ ڳالهيون هندائي، ڪمدار تڏو شوڪارو ڀري چيو، "سڀ ڳالهيون برابر آهن، پر دير سان نہ اچون ها تہ ائين ڇو ٿئي ها؟"

ڪمدار، ڪهڙي دير ڪئي سين. لکپڙه کي اتان هلئي اٺ ڏينهن ٿيا آهن، ٽي چار ڏينهن تہ دڳ ۾ ڪاڏا هونداڻين. باقي بچيا ڏينهن چار سو هن آفيس جا منشي اهڙا حلالي ٿي ويا جو چئن ڏينهن ۾ ٽي لکپڙه ٺاهي صاحب ڏي موڪليائون. پورو مهينو تہ ڇڙو نمبر هڻڻ ۾ وڃندا آهن."

"پوءِ کهڙو نوٽن ٿيو؟"

"نوٽن تہ ٿيو آ نہ، لکپڙهہ ويرين جي ور چڙهي وئي."

"کهڙا ويري آهن پنهنجا؟"

"اهو ظاهر ۾ ملان اندر ۾ ابليس، چوڌري چنن الدين. پنهنجي لکپڙهہ ڪرايون اسان جي کي لت هٽايون ويو."

"ڇو....؟"

"اسان واري پيچ ٿي آ نہ. جي اسان کي منظوري ملي ها تہ پنهنجون ساريون ڪاڏهون پچائي ها. پيچ جي ڳن ۾ تہ اسان آهيون نہ."

"هاڻي اسان جو پاڻ وهندو جو بابهنس جي بادشاهي آ. پنهنجو وارو وهي."

"نہ تہ تون ڇا ڪندين. پاڻيءَ کي ڳنڍ ۾ ٻڌي گهر رکندي ڇا. پاڻي واندو هوندو تہ پيو وهندو. اسان کي منظوري ملي ها تہ اهڙا عدل ڪٿون ڪري ها."

"ها سائين، هڪي ڀيري، اسان جي هاريءَ ڪرمونءَ کي بہ چيو هٿائين تہ، "ڇو تو ڪيٿون وهائي ڏاند مارين. اجازت بہ مليوَ الائي نہ."

"مان تہ هيئين سکر واري آفيس ۾ بہ اها لڙي واٽڙي خبر ٻڌي هئي تہ چوڌريءَ جي مرضي آهي تہ منهنجي لکپڙه رد ٿئي. پر مان اها خبر هڪ کن سان ٻڌي، ٻئي کن مان ڪڍي ڇڏي هئي. مان سوچيو هو تہ اجايو ٿا منشي پاڻ ۾ ويڙهائن."

"سائين خارزي آهي."

"پوءِ هاڻي ڇا ڪيون؟"

"سائين. هتن هيئين مان تہ ڪا گذا ڪونہ ٿيندي. تون وڏي صاحب

سان ته ملي ڏس. آخر تون به چوتون پاڻو آهين پنهنجي تعلقي جو."

"اهو به هيئين جي هٿ هوندو. جيئن چوندا تيئن ڪندو."

"تون مليئنس ته مولا جو نالو سنيالي. ڪٿي ڪٿي عمر به مارئي نيندو، ٽر ته ڪونه پيليندو."

"ها، اها ڳالهه ته برابر تو چئين. پر چوڌري چڻ به ته مفت ۾ ڪم ڪونه ڪڍي ويو هوندو، هن به ضرور سٺيي هڏي اڇلي هوندي."

"ها سائين، پر ته به ملڻو ضرور آ. پوءِ نه ته اهڙا ته هونداسين."

رئيس موٽي اچي پٽيوالي کي چنيءَ تي نالو لکي ڏنو. ڪيس به تي روپيا به ڏنائين، ۽ ڏاڙهيءَ هٿ به وڌائين ته ڪين جلد ملاءِ. پٽيوالو چٺي ڪٿي اندر ويو ۽ ٿوري دير ۾ ڪيس اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. رئيس اندر ويو ته سامهون هڪ ڪرڙوڊ آفيسر ويٺو هو. رئيس ٿورو جهڪي ڪيس سلام ڪيو. آفيسر سلام جو جواب ڏئي ڪائنس اچڻ جو سبب پڇيو. رئيس ڪيس سڄي ڳالهه پيراٽتي ڪري ٻڌائي ته سندس زمين سکر ضلعي ۾ غرڪٿي واهه تي آهي. اها ڪلر ٿي وئي آهي، ان ۾ ڪا خشڪ آبادي نٿي ٿئي. سندس گذارش آهي ته ڪيس سارين جي منظوري ملي.

"هينيان ڪاغذ آيا آهن؟" صاحب پڇيو.

"ها سائين."

"انجنيئر سفارش ڪئي آ؟"

"ها سائين."

"چڱو تون ٻاهر هلي ويهه ته مان لکپڙه ڪرايان."

"مهرباني سائين جن جي." رئيس سلام ڪري ٻاهر نڪتو.

ان وچ ۾ صاحب گهنٽي هنئي. پٽيوالو اندر ويو. اتان موٽي واسطيدار ڪلارڪ وٽ ويو ۽ ان کي ڪاغذن سوڌو وٺي آيو. ڪجهه دير صاحب ڪاغذ پڙهيا ۽ پوءِ رئيس کي گهرائي چيائين "بديرا، تنهنجا ڪاغذ پورا ڪونه هئا، سو واپس سکر ويا آهن."

"پر صاحب، اڄ روئبي جي ڇتي مند آ. اهي ڪاغذ ڪڏهن موٽندا جو اجازت ملندي."

"هن سال ته مشڪل آ."

"صاحب، چوڌري چڻ الدين به مون سان گڏ ڪاغذ ٺهرايا هئا. ان

جي زمين بہ مون واري واٽر تي آهي. ان کي اجازت ملي. باقي مان ڪهڙو گناهہ ڪيو؟"

اتي صاحب کي توري چڙ آئي ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائين، "هن جا ڪاغذ پورا هوندا، تنهنجا ڪونهن."

"پر صاحب، مان سارين جي آسري ۾ ڪيٽون ڪهرايون اٿم، ٻج پوکرايا آهن، اٿين ڪيڏن تا ڪيو."

"مان توکي ٻج پوکڻ لاءِ چيو هو؟" صاحب ٿورو شوخائيءَ سان پڇيو.

"اوهان تہ ڪونہ. پر اوهانجي سڪر واري زيردست تہ چيو هو."

"اهو وڃي ان سان ڇاڻ. ڪيس وڃي ڦاهو ڏي."

"صاحب، اوهان منهنجي پنڌ جو تہ قدر ڪيو. پورا ڇهہ سؤ ميل لتاڙي اوهان وٽ آيو آهيان." رئيس نيازيءَ مان چيو.

"هن سال ڪونہ ٿي سگهندو." صاحب جو اهوئي ڪتو جواب.

"صاحب، مون سان جيڪو غضب ٿيو آ، سو خدا کي نہ وڻندو."

"چگو ٻاهر هل." صاحب ڏاڍيان چيو. ڪيس ڇڻ تہ گوگائي مرچ پنجي ويا.

"مان تہ صاحب هلان ٿو، پر مان متي پوکاريندس. هرويرو اوهان جي باشاهي ڪانهي."

"نہ تہ بابهن جي بادشاهي آهي. نڪر ٻاهر، پٽيوالا....." صاحب پٽيوالي کي سڏ ڪيو.

"صاحب گاريون تہ نہ ڏيو. ڀلي منظوري نہ ڏيو پر ڌڪويو تہ نہ."

"نڪر ٻاهر، مونکي دڙڪا ٿو ڏئين ؟"

رئيس سمجهي ويو تہ ڪو ڪڙتيل ڪونہ نڪرڻو هو. رهندو وڏيڪ ترسڻ سان پٽڪي لهڻ جو امڪان هو. هو ٻاهر نڪتو. پويان ڪيس صاحب جو لڙ ٻڌڻ ۾ آيو. جو هيٺئر ڪيس ڪچيون گاريون ڏيئي رهيو هو. رئيس کي اڳي خار هئي، رهندو گاريون ٻڌي سندس رت ٽهڪڻ لڳو. رئيس واپس موٽي صاحب سان ٽڏي تي پلؤ ڪرڻ ۾ هو جو ڪمدار ڪيس ٻانهن کان جهليون ٻاهر وٺي ويو ۽ ڪيس ٿارڻ لاءِ چيائين، "سائين، سارين جي منظوري نہ ملي تہ ڪهڙي ڳالهہ، سائون پوکينداسين. اهو بہ ڏنگ ٿاريندو آ."

"ڪمدار، زمين ٻئي پاٺهي ٿرندي. مونکي چڙو اندر ٿارڻ دي. مٿ

پنجابين کي گهڻيون مذاقون ڏٺيون آهن. رهندو هيءُ ڏٺين ته آڪرا ٿي ويندا. هن کي خبر ته پوي ته سنڌي به پنهنجي نالي سان آهن."

"سائين، وقت وقت جو لحاظ رکبو آهي. هي وقت ڪونهي."

هوٽل ۾ پهچي رئيس هنڌ تي ليٽي پيو، ۽ سوچڻ لڳو. هن کي پهريون پنهنجون زمينون ياد آيون، جي ڪلر ڪري اجا اجا ڏڳ ڪري ويون هيون، ۽ جن ۾ پوک جو تيلو ٿي ڪونه ٿيندو هو. وري ڪيس ڪڙمي ڪارَي ياد آيا، جن چيو هو ته ساريون ٿين ته زمينون ٽرن. وري ڪيس پنهنجي پيچ ڊڪ ياد آئي، جا هن ان لکپڙه لاءِ ڪٽي هئي. پهريون انجنيئر وٽ ويو هو، ان کي سرزمين ڏيکاري هئائين. وري ايس- اي وٽ ويو هو، ان کان ڪاغذ مٿي ڪيرايا هئائين. وري ايل- آر- او وٽ ويو هو. اتي به ساڳي گيهه تي هئي ۽ پوءِ مس مس ڪيس آسرو ٿيو هو. وري ڪيس سارين جا ٻج ياد آيا. جي هن منظوريءَ جي آسري ۾ پوکايا هئا ۽ رونبي لاءِ تيار بيٺا هئا. وري ڪيس چوڌهن ڪلاڪن جي ڏکهي مسافري ياد آئي، جا هن گرم ڏينهن ۾ ڪٽي هئي. وري ڪيس لاهور جي آفيس ۾ رلڻ ياد آيو. جتي هڪ ڏينهن به ويو هو ته ٻئي ڏينهن به ويو هو. وري ڪيس چوڌري چنن الدين ياد آيو، جيڪو پنهنجي لکپڙهه منظور ڪرايون، هن جي رد ڪرايون ويو هو. وري ڪيس چوڌري اڪرام ڪلارڪ ياد آيو، جنهن ڪيس ترپون ٿي تي هنيون هيون. وري ڪيس وڏو چوڌري صاحب ياد آيو، جو سيٺي جو گرو هو، جنهن هن جي تڪليفن ، پنڌن، ايلازن ۽ منٿن کي به وزن ۾ ڪونه آندو هو. ڪيس ڪجهه ڏنو ته ڪونه هئائين، رهندو ڏکويو هئائين. وري ڪيس چوڌريءَ وڏي جون ڏنل ڪچيون گاريون ياد آيون، جي هن پنهنجي ڪنن سان ٻڌيون هيون، ۽ جن سندس اندر ساڙي ڇڏيو هو. هو سوچڻ لڳو ته هو ڇا ڪريَ، ڪنهن کي دانهن ڏئي ڪنهن کان داد گهري. هو وقت جو ته حاڪم به ڪونه هو، جو انهن سيٺي کي ديس نيڪالي ڏئي، جن ڪيس ايذايو هو. هنجي ته ڪو ٻڌڻ وارو به ڪونه هو. ماڙ ڪرڻ وارو ڪو هتي ڪونه هو، سڀ ڌاڙ ڪرڻ وارا هئا. رئيس جي خار ۽ بيوسيءَ ۾ لونءِ لونءِ ڪانڊارجي ويا، سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن جون لونڊڙيون نڪاءِ ڇڏڻ لڳيون. هو سوچيندو رهيو، سوچيندو رهيو.

اڄ جو رئيس جي نرڙ تان فڪرن جا گهنج لهي ويا. هو ٿورو مشڪيو

۽ اتي گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايائين بيرو آيو تہ ڪانٽس مشڪندي پڇيائين" هن هوٽل ۾ دل وندرائڻ جو بہ ڪو انتظام آهي يا ائين ڇڙو؟"

"بادشاهو حڪم جي دير آ. مان تہ ڪلهہ بہ اوهان جي حڪم جو پئي انتظار ڪيو."

"جنهن وقت ٻک لڳندي تنهن وقت ٿي گهربو آهي." بيرو جنهن جو گذران ئي ان ڳالهہ تي هو، تنهن جو پنهنجي مطلب جو گراهڪ ڏٺو هو، سو تڙي پيو. طوطي وانگر ٻوليندي چيائين، "ڪير هجي، بنگالڻ، ڪرسچن، يا پنجاٻڻ."

"بنگالڻ گهرجي ها تہ بنگال وڃان ها. ڪاريون ڪرسچن تہ پاڻ ڪي وڻن ڪونہ. پنجاٻڻ گهرجي."

ٻوءِ يارهين بجي بيرو هڪ پنجاٻڻ کي وٺي آيو. ڪونج جهڙي ڳچي، پٽر جهڙو سوٽ جسم. ٻورو ڳاڙهو رنگ. جهڙي آڙي. جهڙي هنجر. رئيس بيري سان ڳالهين ۾ ٿهي دربند ڪيو، ۽ ڏانهس ائين تڪڻ لڳو. جيئن چيتو هرڻيءَ کي تڪيندو آهي. تڪي تڪي، ڪيس ٻک هڻي ائين ٻانهن ۾ وڪوڙيائين، جيئن ڪوڙيل بلا پنهنجي شڪار کي ويڙهي ويندي آهي.

رئيس سڄي رات ڪيس اک ڇنڀڻ بہ ڪونہ ڏني. ٻاک مهل هوءِ ٽيڙ ڪائيندي موٽي وئي، تہ رئيس جو اندر بہ ٺري پيو هو، تہ زمينون بہ ٺري پيون هيون. ❑

ڪرنٽ

مان هن سان ڪاوڙجي اچي ڊرائنگ ۾ ديوان تي سمهيو آهيان. منهنجو سمورو جسم اگهاڙو آهي، پر اهو هن روح پاري ۾ به ڪوري جيان پيو ٻري ۽ سموري جان مان پگهر پيو ٿمي. هن وڏين فرانسيسي درين مان ايندڙ ٿڌي هوا جا جهوٽا به منهنجي جان کي ڪونه ٿا ٺارين. پر رهندو اندر جي باهه کي پيا ڀڙڪائن. ههڙيون ٿڌيون راتيون ديوان تي اڪيلي سمهڻ لاءِ ڪونه آهن. ههڙين راتين ۾ ته ڪو وڪٽورين ٽائيپ ڊبل بيڊ هجي، جنهن ۾ به جوان گرم جسم هجن ۽ جنجون دليون هڪ سُرَ هَڪ تال ۾ پيون ڌڙڪن. منهنجي ڪمري ۾ اهڙو وڪٽورين بيڊ به آهي ۽ ان ۾ هڪ جوان جسم به آهي. پر مان هن سان ڪاوڙجي اچي ديوان تي سمهيو آهيان.

مان هنجي اگهاڙين پيرن اچڻ جو آواز ٿو ٻڌان. هوءَ مونکي پرچائڻ پئي اچي. مان ڏانهنس ڪونه ٿو نهاريان. اٿين ٿي ٻانهن ۾ منهن لڪايو پيو آهيان. هوءَ ديوان جي ويجهو اچي هٿ سان منهنجي اگهاڙي پٺيءَ کي ڇهي ٿي. مان سندس هٿ خار ۾ ٻري ٿو سٽيان. هوءَ مونکي وري ٻانهن کان وٺي چوي ٿي، "اٿي اندر هلي سمهو."

"ڪائي ضرورت ڪونهي، مان هتي چڱو هان."

"هتي ڏاڍي ٿڌ آ."

"توسان گڏ وري ڪهڙي گرمي آ. اتي به ساڳي ٿڌ آ."

هوءَ ڪو جواب ڪونه ٿي ڏئي. مان وري خار ۾ ڪيس چوان ٿو، "تو مونکي سڪ ڪهڙو ڏنو آ. جو اندر هلي سمهان."

"اٿو اندر ته هلو."

"ساڳيو شرط آ."

"ڪهڙو؟"

"بتي ٻرندي ۽ تنهنجي بت تي ليڙ به ڪونه هوندي."

"مون کان اهڙي بيحيائي ڪونه پڄندي."

"پوءِ مون ڏي آئينءَ ڇو، جي اها قبول نه هئيءَ؟"

"شرم حيا به ڪا شيءِ آ آخر."

"ڪنهن سان شرم ۽ ڪنهن سان حياءُ. مان تنهنجو هسبنڊ آهيان

مٺڙم."

"مان به توهان جي وائيف آهيان، مون کي به وائيف ڪري سمجهو."

"نه نه مان توکي ڇا نه سمجهان."

هوءَ چپ.

"ٻڌاءِ نه؟" مان وري ڪائنس تو پڇان.

"توهان چاهيو ٿا ته مان توهان سان ڪيپ جيان تپان ڪڏان، اهو مون کان ڪونه ٿيندو، پلي پيا ڪاوڙجو."

"مٺڙم، توکي اها خبر آهي ته ماٺهو وائيف هوندي ڪيپ ڇو رکندا آهن؟"

"مونکي ڪهڙي خبر."

"مان توکي ٻڌايان. ٻڌندينءَ؟"

"ٻڌايو."

"جڏهن اهي تو جهڙين بيگمات جي پڙ پڄي ويندا آهن، جي حقيقت ۾ عورتون نه هونديون آهن."

"ڇئبو ته مان به عورت ناهيان."

"نه تون به عورت ناهين."

"پوءِ ڇاهيان؟" هوءَ خار مان پڇي ٿي.

"تون فلڪو جو فرج آهي، ٻاهران سهڻي اندران يخ."

مان سندس موٽڻ جو آواز تو ٻڌان. هوءَ خار ۾ پير سٽيندي ٿي وڃي. منهنجي وائيف جي تنڌ تنڌ، نس نس پيار سان واند ڪائي ۾ لهيل آهي. هن جو جسم وينس جي بت جيان هر لحاظ کان مکمل آهي ۽ ان ۾ ڪٿي به فالتو ماس ڪونهي. سندس وهسڪي جهڙي سونهري چمڙي، ساٽن جهڙي ترڪٽي آهي. سندس ڇنگهون شئمپن ٻاٽل جهڙيون متناسب آهن ۽ سندس ڇاتون فرانسيسي ڪانچ جا به شفاف گول شئمپن پيگ آهن. سندس اکيون سدائين خماريل هونديون آهن ۽ سندس چپن مان مونکي وائين جو مزو ايندو آهي. مونکي ساڻس شادي ڪئي ٻارهن مهينا ٿيا آهن، پر هر پيري مونکي هوءَ هماليه جبل جي ڪا اڻ سر ٿيل چوٽي لڳندي آهي. مون پهريون پيرو ڪيس پنهنجي گهر ۾ ميلاد جي فنڪشن ۾ ڏٺو هو، جيڪو ممي ٽئين گهر جي خوشيءَ ۾ ۽ پاڙي وارن ڪيو هو، ته مون جيڪو اٺ سال عرصو يورپ ۾ گذاريو هو، سو محض ڏوڙ پاتي هيم. مان ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ

پنهنجي پيرنٽس سان رُسيو هوس. ڪين ايلاز ڪيا هيم ۽ واپس يورپ وڃڻ جا دڙڪا ڏنا هئم. ممي مون کي ٻہ ٽي ڀيرا سمجهايو هو تہ اها فئملي لوئر مڊل ڪلاس جي هئي ۽ ان جو ساٿ نڀائڻ تمام مشڪل هو. مميءَ مونکي آفر ڪيو هو تہ مان پنهنجي ڪزن شازيءَ کي پروپوز ڪيان، جا ڪانوينٽ ۾ پڙهي هئي ۽ هر لحاظ کان ڪلچرڊ هئي. مون مميءَ کي صاف ٻڌايو هو تہ جي منهنجي شادي ٿيندي تہ ان سان، نہ تہ ٻنهہ ڪونہ. مميءَ مونکي خار ۾ چيو هو. "واءِ ڊونٽ يو انڊر اسٽئنڊ. هوءَ تمام آرٿوڊڪس فئملي جي آهي ۽ سندس فادر باءِ فيس ۽ باءِ نيچر مولانا ٽائيپ آهي. هو اسان سان رشتو ڳنڍڻ نہ چاهيندو."

"ممي تون ٽراءِ تہ ڪر. آخر هن کي کهڙو آبجيڪشن ٿي سگهي ٿو. آخر اسان بہ تہ مسلمس آهيون."

"ڊونٽ بي سلي پپو. تو هن جي فادر کي نہ ڏٺو آ."

"هو اسان سان مکس- اپ ٿيڻ نہ چاهي ها تہ پنهنجي فئملي اسان جي گهر ڇو موڪلي ها."

"فئملي موڪلڻ ۾ ڇا آهي، آخر تہ نيٺ اسان جو پاڙيسري آهي."

"يلا ٽراءِ ڪرڻ ۾ ڇا هي. واٽ از دي هارم؟"

"انڪار جو ڪن تہ ڪهڙو سمال فِيل ڪنداسين."

"انڪار نہ ڪندا، آءِ ول آل سو ٽراءِ آن ماءِ سائيڊ."

"پر ڇوڪريءَ جي نالي جي خبر اٿئي؟"

"نو آءِ ڊونٽ."

"خديجا. واٽ اي فني نيم."

"ان نالي ۾ ڇا هي. آءِ لائيڪ دي نيم. اڄڪلهہ تہ اهڙن نالن جو فيشن آ."

"پر تون ان نالي مان ٿو سمجهين تہ هو ڪهڙا نہ رليجس مائينڊيڊ آهن. جڏهن تہ تون هڪ دفعو بہ پريئرز آفر نہ ڪندو آهين."

"ڇو ممي، مان هن عيد تي آفر نہ ڪئي هئي."

"ونس ان اي ييئر ۾ ڇا ٿو ٿئي. اها فئملي تہ پنج ئي وقت پڙهندي آهي."

"مان بہ پنج ئي وقت پڙهندس."

ممي منهنجو ضد ڏسي هنن جي گهر وئي هئي ۽ خديجا جي مڌر کي

چيو هئائين: تہ مان اٺ سال يورپ ۾ رهڻ جي باوجود مذهبي خيالن جو آهيان ۽ پنهنجي مائٽن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ سهڻين ڇوڪرين هوندي بہ خديجا کي پسند ڪيو آهي. هنن سوچ ويچار لاءِ ٿورو وقت گهريو هو، پر نيٺ ڳالھ پڪي ڪئي هئائون، هن جي فادر ان لا ٻئي ڪڙا شرط بہ وڌا هئا. تہ شادي بلڪل اسلامڪ طريقي سان ٿيندي. شادي ۾ ڪو ڊانس ۽ ميوزڪ ڪنسرٽ نہ ٿيندو ۽ ڇوڪري نڪاح وقت اسٽيج تي ڪونہ ايندي. اسان اهي سڀ شرط خوشيءَ سان قبول ڪيا هئا. اسان جي نيٺ شادي ٿي وئي. سهاڳ رات هوءَ ويڊنگ ڪاسيٽوم ۾ بلڪل هڪ ايسٽرن پرنسيز پئي لڳي. مون سندس گهونگهٽ کوليو هو تہ هوءَ شرم کان بلڪل بلڊ ريڊ ٿي وئي هئي. مان ڪيس پاڻ سان فري ڪرڻ لاءِ اهي سڀ تڪليفون ڏٺايون هيون، جي مون ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. مون ڪيس اهو ٻڌايو هو تہ سندس فادر جي ڪانفيڊنس کڻ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي "جمعا" ساڳيءَ مسجد ۾ پريئرز آفر ڪيون هيون ۽ هر ڀيري ڪوشش ڪئي هيم تہ هنجي ليفٽ يا رائيٽ تي ويهان، جيئن مونکي سڃاڻندو رهي. ان ڳالھ ٻڌڻ تي هوءَ ٿورو ٿورو مشڪي هئي تہ مون سندس هٿ کي چمندي چيو هو.

"ڊارلنگ آءِ لو يو فرام دي ويري ڊي آءِ سايو."

هن شرم کان منهن وري گوڏي ۾ لڪايو هو، تہ مان سندس اچا بہ ويجهو ٿي ڪيس ڀاڪر وڌو هو، ۽ ڪيس پهرين ڪس ڪئي هيم. ان ڪانپوءِ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي هئم تہ مونکي تيستائين ڪجھ نصيب نہ ٿيو هو، جيستائين مون ڪمري جون سڀ بتيون، باٿ روم جي لائٽ ۽ درين جا پردا لاهي بلڪل اونداهہ نہ ڪئي هئي. مون سمجهيو هو تہ اهو سمورو منهنجي وائف جو پهريون روايتي شرم هو، پر مهينا گذرڻ کان پوءِ بہ اها ساڳي ڳالھ هئي تہ مونکي عجب ٿيو هو. يورپ ۾ ۽ پنهنجي ڪنٽري ۾ منهنجا جيڪي افيئرس ٿيا هئا، انهن ۾ اها ساڳي ڳالھ ڪڏهن ڪونہ ٿي هئي. انهن افيئرس ۾ اهي ڇوڪريون باقاعدي روشني ۾ پنهنجي نمائش ڪنديون هيون ۽ ان لائيف ۾ پرفيڪٽ لطف ايندو هو. مان پنهنجي وائف کي ٻئي ڀيرا سمجهايو بہ هو ۽ ڪيس ٻڌايو هو، تہ ان ۾ ڪو لطف ڪونہ هو، پر هوءَ هر ڀيري چوندي هئي، "نہ اهو گناھ آ. مرد نہ ڏسي."

"ڪيئن گناھ آ، ڪٿي پڙهيو اٿئي ؟"

" بهشتي زيور ۾. "

" واٽ نان سينس. "

ڪڏهن ڪڏهن مان ضد ڪري سندس وينس جهڙو مڪمل جسم ڏسڻ لاءِ بيڊ ليمپ ٻاريندو هوس، ته هوءِ هڪدم بيڊ ڪور سان لڪائي ڇڏيندي هئي- مونکي پنهنجي مميءَ جو چيو ياد ايندو هو؛ ته هوءِ بلڪل رليجس مائينڊيڊ آهي. ۽ اها ڳالهه ٽيريبل حد تائين برابر هئي. مون سندس خيالن ۾ چينج آڻڻ لاءِ ڪيس سيڪس تي ڪتاب به پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا، پر مون ڏٺو هو ته انهن ڪتابن به رتيءَ جيترو فائدو ڪونه ڪيو هو. ڏينهن جو ته ان پاسي کو خيال ڪرڻ به گناهه هو، پر رات جو اها گهڙي ايندي هئي ته هوءِ پنهنجي نٿائيندي هئي ۽ چوندي هئي، "توهان منهنجيون نمازون ٿا وڃايو. "

" پوءِ ڇا هي ڊارلنگ، تون اسر سان شاور ڪندي ڪر. "

" روز شاور ڪندي به شرم ٿو اچي. ممي ڇا چوندي. "

" واٽ نان سينس. " مون کي خار ايندا هئا.

مان چڙي، منهن سجائي وهندو هوس ته هوءِ وري مون کي اچي پرچائيندي هئي. مان هڪدم پرچي ڪيس پاڻ ڏي ڇڪيندو هوس ته هوءِ چوندي هئي، "توهان کي هڪ نه پئي ڏينهن ان ڳالهه ۾ ڪهڙو ٿو مزو اچي. "

" ڊارلنگ، لائف ۾ ڪهڙو مزو آ باقي. "

" مونکي ته روز روز ڪونه ٿو وڻي. "

مان وري منهن سجائي پنهنجي ڏئي سمهندو هوس، ته هوءِ لاچار ٿي چوندي هئي، "چڱو هڪ شرط تي، سڀ لائيٽ آف ڪريو. "

مان هڪدم سندس ان حڪم جي تعمير ڪري ان اونداهه ۾ سندس شرٽ جي زپ ۾ هٿ وجهندو هوس ته هوءِ کلي چوندي، "اونهون، اها نه لهندي. "

شادي کان پوءِ انهن ٻارهن مهينن جي عرصي ۾، انهن راتين ۾، جي لائيٽ آف ٿيڻ ۽ پردن ٺيڪ ڪرڻ سبب، گهگهه اونداهيون ٿي وينديون هيون، مان سندس ريشم جهڙي کل محسوس ڪئي هئي. سندس سوٽ جسم محسوس ڪيو هئم، سهندس شٿمپن جي ٻاٽل جهڙين سهٿين ڇنگهن کي ڇهيو هوم، پر مون هڪ پيرو به جسم کي ڊوَ سان ڪونه ڏٺو هو. انهن ٻارهن مهينن جي سيڪس لائيف ۾ مون محسوس ڪيو هو ته هن کان

وڏيڪ سرور مون کي ان نيگرو ڇوڪري بہ آيو هو. جيڪا ويب سڪسٽي نائين جي بوتل جيان ڪاري ۽ بي ڊولي هئي. جنهنجا ڇپ هيبتناڪ حد تائين ٿلها هئا. جنهنجون ناسون تمام وڏيون هيون، پر جيڪا مون کي چور جيان چنبڙي پئي هئي ۽ منهنجي سڄي بدن کي پيار مان ڪتي جيان چٽيو هئائين.

مان ديوان تي پاسو ورائي سڌو ٿي ٿو سمهان. منهنجا ڪن سندس اچڻ جو آواز ٻڌڻ لاءِ آتا آهن. مان ڪافي دير سندس اچڻ جو انتظار ٿو ڪيان. پر هنجي اچڻ جو ڪوبہ کڙڪو نٿو ٻڌان. سندس انتظار ڪري ڪري مان ڪَڪِ ٿو ٿيان، تہ پوءِ مان ئي اٿي بيڊ روم ۾ ٿو وڃان. هوءِ ڊبل بيڊ تي ليٽي پئي آهي. مان ڪيس پرچائڻ لاءِ سندس ڳلن کي چمان ٿو. تہ مونکي اتي آلاڻ تي محسوس ٿئي. هوءِ سڏڪن ۾ ٿي پئجي وڃي. مان ڪيس ڀاڪر وجهي پرچايان ٿو ۽ ڪيس چوان ٿو، "ڊارلنگ، مونکي معاف ڪر."

هوءِ اڃان زور سان ٿي سڏڪا ڀري.

"ڊارلنگ هاڻي ڇڏ بہ روئڻ." مون سندس هٿڙن کي چمي ڏني. سندس پير ٿو چمان تہ هوءِ مونکي ٻانهن کان پڪڙي ٿي ۽ چوي ٿي، "منهنجي پيرن کي تہ چمندا ڪريو. مونکي گنهگار ٿا ڪريو."

"ڪهڙو گناهہ آ ڊارلنگ ؟"

"بس گناهہ آ توهان جي لاءِ."

"جي اهو گناهہ آ تہ جيڪر روز پيو ڪيان." هوءِ مشڪي ٿي.

مان پلنگ تي ويهي سندس ڳچيءَ کي ٿو چمان ۽ ڪانئس پڇان ٿو. "تون مونسان ناراض آهين ڊارلنگ ؟"

هوءِ ڪنڌ لوڏي ٿي.

"اِن ٿوريءَ ڳالهہ تي ؟"

"اها ڳالهہ ٿوري ڪانهي. توهان مونکي صفا ليکي مان ٿا ڪڍڻ گهرو، سو مونکان ڪونہ پڇندو. ڪٿي پلي روز ڪاوڙجو."

"ڊارلنگ باقي شادي ڇو ڪبي آ ؟"

"شادي ان لاءِ تہ هرويرو ....."

"نہ تہ ڇا لاءِ، ڇا پڙهيو اٿئي پنهنجي بهشتي زيور ۾؟" هوءِ چپ.

"ٻڌاءِ، جواب ڏي نہ؟"

"اولاد لاءِ جئين نسل وڌي."

سندس جواب ٻڌي اوچتو مون کي کو خيال ٿو اچي وڃي. مان ڪانٽس نه پهه ٿو پڇان. "پوءِ ڪٿي آ پاڻ کي اولاد ؟ ٻارهن مهينا ٿي ويا آهن."

"نيٺ ته ٿيندو."

"اهي اڦعال آهن ته ڏوڙ ٿيندو."

"خير ته گهرو."

"خير چا گهران. ڳالهه صاف لڳي پيئي آهي، سيڪس تي جيڪي ڪتاب لکيل آهن، سي ڪوڙا ته ڪونهن."

"پر ان ڳالهه جو بتين ٻارڻ ۽ پين بيحيائن سان کهڙو وسطو آهي."

"گهڻوئي واسطو آهي، توهن ڪتاب پڙهين ته سمجهين. تنهنجو ته وس پڇي ته جيڪر مونسان ساڳي ڪمري ۾ گڏ به نه سمهين."

"نه نه مونکي اوهان جي ڳالهين تي اعتبار ڪونه ٿو اچي، اوهان چرچا ٿا ڪرايو."

"چڱو جي توهان اهي چرچا ٿي سمجهين ته آئينده توکي زور نه پريندس. جيئن تنهنجي مرضي آهي تيئن پيو ٿيندو، ممي کي به چوندس ته ٻني سال گرئنڊسن جو آسرو ڇڏي ڏي."

"ممي پڇي پئي چا؟"

"نه ته وري، هن جون اڳيون سدائين تنهنجي پيٽ ڏانهن هونديون آهن، هر مهيني پڇندي آهي: پپو نڌڙو مهمان ڪڏهن ٿو اچي- ڪلهه ته مونکي چيائين ته: تنهنجو علاج ڪرايان ته پوءِ من ٻار ٿئي. مان ڪيس چا ٻڌايان، مون ته ڪئي چپ ڪئي."

"ڪوڙ نسور ڪوڙ."

مان رسي پٽ ڏي منهن ٿو ڪيان. هوءِ مون کي پرچائڻ جي ڪوشش نٿي ڪري شايد هوءِ ڪنهن سوچ ۾ آهي. مان سندس پرچائڻ جو انتظار ڪندي ڪندي اکيون ٿو ٻوٽيان ۽ مونکي ننڊ ٿي ڪئي وڃي.

اوچتو ڪنهن پياري پياري ڇهاءَ تي منهنجي ننڊ نٽي ٿي وڃي. منهنجون اکيون کُلن ٿيون. ڪمري جون چارئي وال لائيٽس وچين شئنڊليئر سوڌو روشن آهن. هوءِ ويئس جي بت جيان صفا نيوڊ آهي، ۽ مون کي ڇور جيان چنبڙي پيئي آهي. ❑

اِڻالو پڌنگ

هوءَ اوچتو ڪچن مان نڪري اچي منهنجي سامهون بيهي ٿي. مان ڏانهس نهاريان ٿو. هن جو منهن اُداس اُداس آهي. هن جا چپ، مرڪڻ بجاءِ پيڪوڙيل آهن. هينئر سندس هينئون چپ وري ڦڙڪڻ ٿو شروع ڪري، جنهن وقت سندس هينئون چپ ڦڙڪندو آهي ته هوءَ ان وقت روئڻ شروع ڪندي آهي. مان سندس اکين ۾ ٿو نهاريان، جن جي ڪُنڊن مان هينئر رِم جهم شروع ٿيڻ تي آهي. مان پيار مان کيس ڀڪڙ پائي پرچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، پر هوءَ منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ بجاءِ، منهنجي وڌايل هٿ کي پري ٿي ڪري ڇڏي. مان ڪاڻس پڇان ٿو،

"وري، ڇا ٿي ڊارلنگ!"

"تو مون کي سک ڪهڙا ڏنا آهن؟" ۾رندڙ جبل ڦاٽ ٿو ڪائي.

"مان توکي ڏک ڪهڙا ڏنا آهن؟"

"هي ڏک ناهي ته وري ڪو سک آهي. ناشتو ٿي پچايان ته وري لنچ. لنچ ٿي پچايان ته وري ڊنر. سڄو ڏينهن رڌ - پچاءُ!"

مان چپ. کيس ڇا ياد ڏياريان.

"روز ديڳڙا لاهيندي هٿ ٿا سڙن. ان ڏينهن ته منهنجي رئي کي به باهه لڳي هئي."

"او ڊارلنگ، اهي نائلون جا ته روا نه پائيندي ڪر."

"گهر ۾ ٻيا ڪهڙا پايان؟"

مان ڇا چوان.

"منهنجي شڪل ڏسين ٿو، روز باهه تي ڪاراٽبي ٿي وڃي!"

"نه ڊارلنگ، تون ته روز اڳي کان اڇري ٿيندي ٿي وڃين!"

"نه نه، مون کي نٿي گهرجي اهڙي سونهن!"

"چڱو ڀلا، هيئن ٿا ڪريون. ناشتو ۽ ڊنر تون پچائيندي ڪر، لنچ ٻيا شيزان ۾ ڪائيندا سين."

"ائين خرچ وڌي ويندو. بجٽ خراب ٿيندي."

"بجٽ کي ڏوڙ وجهه، تون ته سکي ٿيندينءَ."

"بجٽ کي ڪيئن وساريو."

"پوءِ پلا ڇا ڪجي؟"

"مون کي هڪ مائي رکي ڏي، جا رڌ- پچاءُ به ڪري ۽ مونکي ڪمپني به ڏئي."

"ڊارلنگ، مائيءَ جي مانيءَ مان ڪهڙو مزو ايندو. خانسامان ڇو نه رکون؟"

"هون هون، خانسامان گدلا ٿيندا آهن۽ پهرين نمبر جا ٻڌمان ٿيندا آهن."

"مائين جي معتبرائپ جي به مون کي خبر آ. اهي به پورا هٿ ٺي ڪونه ڌوئينديون آهن، ٿانون ڌوئڻ جي ڳالهه ته پري رهي."

"سڀ اهڙيون ٿورو هونديون آهن. وري مان ڇاڪاڻ آهيان. ڪيس پاڻهي چيڪ ڪنديس."

منهنجي زال پاڻ به سهڻي آهي، ۽ ڪيس هر سهڻيءَ ۽ نفيس شي سان محبت آهي. اسين جنهن فليٽ ۾ رهون ٿا، اهو به منهنجي زال ٺي پسند ڪيو آ. ۽ ان کي وڏيءَ محنت سان سينگاريو آ. اسان جي بيڊ-روم ۾ "امين" جو پيلو ڪارپيٽ وڇايل آهي. وچ ۾ ڪاري رنگ جو ڊبل- بيڊ آهي. ان تي "جي- ايم- بي، جي ميٽرس آهي. پاسي ۾ ٽيڪ جو ڪاري رنگ جو "چيسٽ آف ڊراز" پيو آهي. ٻي ڪنڊ ۾ ساڳئي رنگ جي ڊريسنگ ٽيبل آهي، جنهن ۾ بيلجم جا ٺي شيشا لڳل آهن. اسان جو ڊرائنگ- روم به نهايت سهڻو آهي. ان ۾ هڪ وڏو ايراني قالين وڇايل آهي. به فوم" جا صوفا سيٽ پيا آهن. هڪ پاسي کان "سيٽي" آهي ۽ ٻئي پاسي کان گروندڪ جو ريڊيو پيوآهي. ڊرائنگ روم جي ڀتين تي گهڻين تصويرن بجاءِ صرف صادقين جي هڪ وڏي پينٽنگ لڳل آهي، جنهن ۾ هڪ ڍنڍ جو نظارو ڏيکاريل آهن. ڍنڍ ۾ ڪنول جا گل جهڳٽا هنيو بيٺا ڏيکاريل آهي. ڍنڍ ۾ سهڻا پکي نيرڳ ۽ هنجرون، ميڙ ڪريو ويٺا آهن، ۽ ڪي ٻيءَ جاءِ تي لهڻ لاءِ اڏامن ٿا. ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ سهڻو شيشي جو شوڪيس پيو آهي، جنهن ۾ ڊيڪوريشن پيسز پيا آهن. انهن جي وچ ۾ گوتم ٻڌ سچ جي ڳولا ۾ گم آهي، پاسي ۾ وينس آهي ۽ هڪ به نيوڊ آهن. اسان جو باٿ روم به هڪ مڪمل باٿ روم آهي، جنهن جو نمونو به منهنجي زال انگريزي رسالن تان ڳولي ڳولي ڪڍيو آهي. سڄو باٿ بلو رنگ جي ٽائيلن ۽ ساڳئي رنگ جي

واس- بيسن ٽب سان ٺهيل آهي. اسان جو ڪچن بہ سچو "فارميڪا" جو ٺهيل آهي. ان ۾ سٽي گيس جو ڪُڪر آهي، چيني۽ جو واش- بيسن آهي، جنهن ۾ ڊشز ڌوئڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي. منهنجي زال سچي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي آهي. ان لاءِ هوءَ روز صبح جو ساجهر اٿندي آهي. ڪمرا صاف ڪري ، ٽيڙ ٽاڙي ڇنڊي، ڪچن ۾ ويندي آهي، ۽ ناشتو تيار ڪندي آهي. ناشتو ڪري، اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي سروس تي ويندا آهيون. اُتان واپس موٽندا آهيون تہ پوءِ هوءَ منجهند لاءِ ڪا هلڪي ڊش تيار ڪندي آهي. انڪانپوءِ شام جي چانهہ ۽ ڊنر تيار ڪندي آهي. ڊنر ڪائي واندا ٿيندا آهيو تہ پوءِ هوءَ ڊش ڌوئيندي آهي، هن ۾ مان بہ سندس ٿوري هيلپ ڪندو آهيان. هوءَ سچو ڏينهن ڪم ڪري، ڏاڍي ٿڪجي پوندي آهي. مان ڪيس بہ ٽي ڀيرا خانسامان رکڻ جي صلاح بہ ڏني آهي، هوءَ منهنجي تہ ٻڌندي آهي، ۽ چوندي آهي، "خانسامان هھڙي ڪچن جو خانو خراب ڪري ڇڏيندا."

"ڇو خانو خراب ڪندا؟"

"هن کي ماڊرن ڪچن جو ڪهڙو قدر. هو ڏاڍا گدلا ٿيندا آهن."

"بٽ، ڊارلنگ، اِٽ اِز اي ٽيريبل جاب."

"ناٽ فار ليڊيزٖ!" هوءَ مشڪندي جواب ڏيندي آهي.

"تون ڏاڍي ٿڪجي ٿي پوين."

"پوءِ تون بہ ڪم ڪندو ڪر نہ !"

"مان بہ وس آهر تہ ڪندو آهيان، پر گهڻو ڪم تہ مون کان نہ ٿو پڄي."

"توکان جيترو پڄي سو ڪندو ڪر، باقي مان ڪنديس."

انهن ڳالهين ۾ منهنجي پوري نہ پوندي آهي تہ وري ڪيس ٻئي نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ۽ ڪيس چوندو آهيان، "ڊارلنگ، سوشل اسٽيٽس جي خيال کان بہ خانسامان ضروري آهي."

"فارين ۾ جو هرڪو پنهنجو ڪم پاڻ ڪندو آهي، انهن جو سوشل اسٽيٽس ڪو گهٽ تہ ڪونهي."

"اتان جي تهذيب ٻي آ. اتان جو ماحول ٻيو آ، ڊارلنگ !"

"اسين اهو ماحول هت بہ پيدا ڪري سگهون ٿا."

"آئڊيا تہ تمام سٺو آ. پر مونکي صرف تنهنجو خيال ٿو ٿئي."

"سويٽ آف يو!"

"پوئر ڊارلنگ!" مان مني ڏنيمانس.

"ان ڪانسواءِ اسان کي پنهنجو گهرجي. اسان کي ڪار به وٺڻي آهي!"

"ها. ڊارلنگ. ٽئڪسيون اڏ پگهار کڻي ٿيون وڃن. ڪار ضروري آ. پر ڪهڙي وٺنداسون؟"

"تون ٻڌاءِ؟"

"مون کي ته "مورس" وڻندي آ."

"اون هون. ان ڪار کي ڪا شيپ ئي ڪانهي. اسان کي اها نه گهرجي."

"ووڪس ويگن؟"

"اها به نه. ان جون سيٽون آرام واريون ڪينهن."

"پوءِ ڪهڙي؟"

"ٽويوٽا يا مزدا 1500. ننڍين ڪارين ۾ اهي ئي نفيس ۽ سهڻيون آهن."

"واقعي. مون کي انهن جو خيال ئي ڪونه آيو."

"پوءِ ڏس نه. اسين خانسامان ڪيئن ٿا افورڊ ڪري سگهون. جڏهن اسان کي اڃا ڪار به ڪانهي."

سندس اهي ڳالهيون ٻڌي. مان پوءِ ڪيس ڪجهه چوڻ ڇڏي ڏنو آهي. هوءِ سڄو ڏينهن پئي گهر جو ڪم ڪار ڪندي آهي، ۽ رات جو ٽڪجي اچي هنڌ ۾ ڪرندي آهي. اسين هن وقت تائين چڱي سيونگ ڪري ويا آهيون، ۽ ڪار جي رقم ۾ ڪي ٿورا پيسا رهيا آهن. جو هوءِ ڪِچن مان نڪري اچي منهنجي سامهون بيهي ٿي. هن جو منهن اداس اداس آهي. هن جا چپ مرڪڻ بجاءِ ڀڪوڙيل آهن ...... مان ڪيس ڀرائڙي پائي پرچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، ته منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ بجاءِ منهنجي وڌايل هٿ کي پري ٿي ڪري ڇڏي.

مان پنهنجي سر به ڪوشش ٿو ڪريان ۽ دوسٽن کي به ٿو چوان ته اسان کي هڪ مائي گهرجي. جا لکنوءَ جي نوابن جا کٽي ڪاڏا نه پچائي. پر صاف سٿري هجي ۽ سادو وڻندڙ ڪاڌو پچائي سگهي.

"مون کي هڪ مائي سجهي ٿي." منهنجو ڪليگ حسن چئي ٿو.

"سچي حسن!" مان خوشيءَ مان ڪائنس پڇان ٿو.

"ٻٺلي ۾ پاپي شايد ان کي نہ بيهاري."

"چو نہ بيهاريندس؟"

"ڇاڪاڻ تہ اها مائي چڱي خاصي وڏندڙ عورت آ."

"دين واٽ! اسان کي تہ اهڙي گهرجي."

"عورتون خوبصورت مائين کي پسند نہ ڪنديون آهن. منهنجيءَ وائيف بہ اهڙيءَ کي نہ بيهاريو هو."

مون کان ٺهڪ نڪري ٿو وڃي. ڪلندي ڪلندي ڪائنس پڇان ٿو.

"ڇٻو تہ پاپي تنگ نظر آ؟"

"سڀ بيگمات تنگ نظر هونديون آهن، منهنجا ياءَ!"

"نہ نہ پلو آهين. ماءِ وائيف از ابئو ديز ٿينگز."

"اِمپاسيبل!"

"ڏس نہ، اسين ٻئي پڙهيل ڳڙهيل آهيون؛ اسان ٻنهي کي هڪٻئي سان پيار آهي، ۽ هڪٻئي تي اعتبار آهي." مان کيس سمجهايان ٿو.

"هون، ڪتابي ڳالهيون."

"چڱو، پاڻ ڏسندين. مون کي ڇڙو اها مائي هٿ ڪري ڏي."

"شام جو اچج تہ کيس لوڪيٽ ڪنداسون."

مان شام جو ان مائيءَ کي گهر وٺي ٿو اچان. مائي برابر شڪل صورت جي چڱي آ. پر تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ مائيءَ سان مان ڇڙي پگهار ڳالهائي آهي. هن اسي رپيو مهينو وڏو ڪيو آ. جو هن مهانگي شهر جي لحاظ کان تمام مناسب آهي. هن کي عام طرح سڀ پاڪستاني کاڌا تيار ڪرڻ ايندا آهن. ۽ خاص طرح هوءَ برياني، قورمو، شامي ڪباب، ڪوفتا، سٺي طرح پچائي سگهي ٿي، ۽ ٻيون ڊشز بہ هڪ دفعو ڏسڻ سان پچائي سگهندي . مائيءَ مهيني ۾ ٻہ ڏينهن موڪل بہ گهري آهي، جا بہ مان کيس ڏيڻي ڪئي آهي. اهي ٻہ ڏينهن پاڻ پچائينداسون، يا هوٽل ۾ کائينداسون.

بيگم ڊرائنگ ۽ سِٽنگ ۾ ڪانهي. هوءَ باٿ ۾ آهي. جنهن جو دروازو بند آهي. اندران شاور جو ۽ هن جي جهونگارڻ جو آواز ٿو اچي. مان دروازي کي ناڪ ٿو ڪريان.

"ويٽ ڊيئر!" اندران هوءَ چوي ٿي.

"تمام ضروري ڳالهہ آ."

"دين شوٽ اٽ."

"هڪ مائي آندي اٿم، جا ماني پچائيندي."

"ريئلي!" هوءَ عجب ۽ خوشيءَ مان رڙ ٿي ڪري چوي.

"ها. سچي! ۽ توکي وٺندي. پگهار به تمام مناسب صرف اسي روپيا مهينو." مان پگهار واري ڳالهه هوريان ٿو چوان، متان ورانڊي ۾ ويٺل مائي ٻڌي وٺي.

مون کي هن جي تب مان ٻاهر نڪرڻ جو آواز ٿو اچي، ۽ سندس تڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا پائڻ جا سرڙاٽ ٿا اچن. هوءَ در کولي ٻاهر ٿي نڪري. هن جو منهن خوشيءَ کان ٻهڪي ٿو. هوءَ مونکان پڇي ٿي: "ڪٿي آ مائي؟"

"اِن دي ورانڊا، ماءِ ڊارلنگ!"

"هل ته ڪيس ڪم سمجهايون."

"ديٽس يوئر جاب! مون کي شاور ڪري ڪلاڪ ٻن لاءِ ٻاهر وڃڻو آهي."

هوءَ تڪڙي تڪڙي ورانڊي ڏانهن وڃي ٿي. مان سندس خوشيءَ تي خوش ٿيندو، اندر باٿ ۾ تو وڃان، جنهن ۾ سندس بدن جي سڳنڌ پکڙيل آهي. مان آرام سان شاور ڪري، ڪپڙا بدلائي، گهر کان ٻاهر ٿو نڪران. پورن ٻن ڪلاڪن کان پوءِ، ڊنر جي ٽائيم تي واپس ٿو موٽان، ته وري به کيس ڪِچن ۾ ڪم ڪندو ٿو ڏسان! مان هن کي ٻانهن کان پڪڙي اُٿاريان ٿو، ۽ چوان ٿو: "ڇڏ. ڊارلنگ، مائيءَ کي پچائڻ ڏي."

"مائي هلي وئي. مان هن کي ڪونه بيهاريو." هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چوي ٿي.

"واٽ؟"

"مان هن کي ڪونه بيهاريو!" هوءَ وري ٻڌائي ٿي.

"بٽ واءِ؟" مان ٿورو چڙ مان ڪائنس پڇان ٿو.

هوءَ پهرين ٿورو هٻڪي ٿي. پر ان دم ئي منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوي ٿي: "ڊارلنگ، هن کي ته اِتالو ڀڙنگ، ئي ڪانه پئي ٿاهڻ آئي، ڪيس ڪيئن بيهاريان!" ❑

اسلام عليڪم

هاسٽل جو شيخائون در لنگهي اندر ٽيس. ڏسان تہ جهل جهوتا، ڇوڪرا منهنجي ڪمري اڳيان ميڙ ڪيو بيٺا هئا. پنهنجا سنگتي بہ نظر پئي آيا. ناريجو پنهنجي مڇن کي، جيڪي هن تازو پرنسپال شاهہ صاحب جي نهندڙ شهپرن کي ڏسي ريس تي رکيون هيون، موڙي رهيو هو. لٽي جو محمد خان پنهنجي سائي سوٽ جي کيسي ۾، جنهن جو رنگ هوبهو مولوي...... جي دستار جهڙو آهي، کبو هٿ وجهي جنهن ۾ ويچاري کي پنجن جي بجاءِ ڇهہ آڱريون آهن، سگريٽ مان دونهان ڪڍي رهيو هو. عبدالرحمان بہ چشمي پٺيان اکيون پٽي مٽڪايون. مان ايترو ميڙ ڏسي انومان ڪڍيو تہ پڪ سپريڊنٽ کي منهنجي پارٽنر جي مهمان جي خبر پئجي ويئي آهيءِ ڪائنس ٽيڙ ٿو ڪٽائي. منهنجي منهن تي مشڪ اچي وئي. ڪيو بہ پارٽنر ڪَڪِ هو. اهو سياڳو ڏينهن گٽل ئي ڪونہ هو، جڏهن سندس ڪو مهمان نہ آيو هجي. روز شام جو هنجي ڪنهن ياءُ، سوٽ، ماسات سان ملاقات ٿيندي هئي. تعارف وقت پارٽنر منهنجي ڏاڍي ساراهہ ڪندو هو. جنهن جو روحاني راز يعني ڳجهو مطلب اهو هوندو هئو تہ پنهنجي کٽ بستري سوڌو سندس مهمان جي حوالي ڪري ٻاڻ وڃي شيخ سان سمهان. مان ٿلهو ماٺهو سڄي کٽ تہ ٻاڻ والاري ويندو هوس ۽ ويچاري شيخ کي سڄي رات ٻانهينءَ تي سمهڻو پوندو هو. "آخر هاسٽل آ ڪِنَ سيٺ ويرومل جو آشرم." صبوح جو شيخ لال پيليون اکيون ڪري مون کي چوندو هو. مان بہ ڇا ڪيان؟ مان تہ ٻاڻ وڏا پڳڙ ۽ وڏيون وڏيون شلوارون ڏسي ڪَڪِ ٽي پيو هوس. مهمان وري تہ اهڙا سريلا ايندا هئاس، جن کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ برائو ڏندڻ استعمال نہ ڪبو آهي. تنهن ڏهاڙي جي ڳالهہ ڪي ٿي ونو. مامهنس آيو هو. سڳو الائي ويڳو. صبح جو ننڊ مان اٿيو تہ ڇوڪرن کي ڳاڙها، پيلا، نيرا ٽٽ برش هٿندو ڏسي، هن کي بہ شوق جاڳيو. منهنجي خاني ۾ ڪو ڏنو هٿائين. بس نہ پڇا نہ ڳاڇا بسم الله ڪري پنهنجي پيلن پيلن ڏندن کي صاف ڪرڻ لڳو. مان ٻئي ڪمري ۾ سمهيل هوس جيستائين اچان تيستائين همراه ڏند اڇا ڪري گرڙي پئي ڪئي. باه وني وئي. اهو برش پارٽنر کي ڏنم تہ پنهنجي مامي کي ڏي تہ ڪيس ڳوٺ کڻ ايندو. اهڙا تہ ڪوڙ واقعا. کهڙا ڳڻي کهڙا

ڳڻجن. گذريل ڳالهين کي ياد ڪرڻ به ٺيڪ ڪونهي. "اڄ پٽ جي خبر پوندي." مان اهو سوچي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس. جيئن روم جي ويجهو ٿيندو ويس تيئن منهنجون واڇون ٽڙنديون ويون.

"اچا تو ڪلين ڪرل !" ناريجو مونکي ايندو ڏسي مون ڏي وڌي آيو هئو. "ڇو چاهي؟" ناريجي جي منهن تي گنڀيرتا ڏسي منهنجا مشڪندڙ چپ ڍيڪوڙجي ويا.

"توکي منهنجو نياپو ڪونه پهتو ڇا؟"

"نه" مونکي پريشاني وٺي وئي.

"تنهنجي ڪمري ۾ ڪاٽي خون تي پيو هو." ڄڻ ڪنهن مون کي به هَتڙو سوٽو هٽي ڪڍيو. صفا ڍڪر اچي ويا. اوچتو مونکي پارٽنر جي انهن غنڊن دوستن جو خيال آيو. جي اسان جي ڪمري تي قدم رنج فرمائي اسان جي وڏن تي احسان ڪندا هئا. اشرافي نموني ۾ ته ڳالهائڻ ڪونه ايندو هو. گار جو زيپٽ، پوندي جو ٽڙڪو پيو پوندو هو. "پڙوا پانن جا" "ٽڪ لعنت جا پهاڪا ۽ڏاوء" منهنجو تڪيو ڪلام هو. مان ڪيتر ڀيرا پارٽنر کي انهن کي نه آڻڻ لاء چيو هو، پر هو چوندو هو، "تون آهين ٻار، اهڙن سان چڱي آهي. دنيا ۾ دوست به آهن دشمن به. ڪنهن آئي ويل مدد ڏيندا."

"يڪ پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيو هوندن. جهيڙي کان پوء چاقن ۽ ڇرن نڪرندي ڪا دير ٿيندي؟ ٽڙڪ، چاڪو سڌو ٿي ويندو. ٽپ ٽپ. پوء رت جا ريلا." مان سوچيو.

"هيء رت ڪونه ٿو ڏسين؟" ناريجي آگر سان زمين ڏي اشارو ڪيو. مون فرش ڏي نهاريو ته جائي رت جا ڦڙا پيا هئا.

"ڪنهن کي چاقو لڳو؟" مان ٿوري ويرم رکي ناريجي کان پڇيو. ان ويرم ۾ انهن غنڊن مان هڪ ڪاري حبشي غنڊي کي تڪيو. صلاتون پڙهڻ لڳس الله ڪري ان کي چاقو لڳا هجن. هو مون کي سيني جو پيء نظر ايندو هو. سندس ڳاڙهيون اکيون اهڙيون ته خوفناڪ ۽ ٻچڙيون هونديون هيون جو دل چوندي هئي ته سندس ٽڙگهٽ تي ننهن ڏيئي سندس اکيون ڪڍي ڇڏيان.

"اسلام عليڪم ڪي." ناريجي جي منهن مان غم جي صاف جهلڪ ظاهر هئي.

"هان!" منهنجو عجب ۾ وات ڦاٽي ويو" ان کي وري ڪيئن ڌڪ لڳا؟"

"مٿين بلاڪ وارو قلندر پنيوالو ڏنو اٿئي نہ؟"

"ها" - مون آهستي جواب ڏنو.

"ان کي چوري جي عادت آهي. پرسان ڪنهن کي موجود نہ ڏسي تنهنجي ڪمري جو ڪلف ڪولي اندر گهڙي ويو. تنهنجي پيٽيءَ جي ڪلف کي سٽ سان پچي ڏوڪڙ ڪڍيائين". ايترو چئي ناريجو مون ڏي ڪرڙي نظر سان نهارڻ لڳو. هن کي هميشه مون کان شڪايت هوندي هئي تہ مان ميس جي مئنيجري جي لائق نہ آهيان، جو مان وڏ- ماٺيپي ڏيکاري ايترا سارا پئسا اتي ڪمري ۾ رکندو آهيان ۽ ڪلف بہ ٽڪي ٽين پئسي وارا هڻندو آهيان.

"ڪرل! ياد رکجانءِ منهنجو چوڻ. جيڪڏهن ڪنهن همراهہ کي وارو اچي ويو تہ ٽڪو بہ نہ بچائيندءِ، جو پڳڙا ويهي ڦڪين." هو هميشه مون کي چوندو هو ۽ ان خونين نگاهن سان نهاري مون کي پنهنجا چيل لفظ ياد ڏياري رهيو هئو.

"ڀيلي الله جو نالو اٿئي اڪتي ٻڌاءِ." منهنجون بدن پگهر سان شل ٿي ويو. پراون پئسن جي ڳڻتي اچي لڳي.

"اڪتي ڇا ٻڌايانءِ" ناريجو اندر چيريندڙ لفظ استعمال ڪري رهيو هئو، "اڌو بہ سمجهي سگهي ٿو. ظاهر آهي تہ هن چوري پٽي ڪٺي هوندي، جو هن دستور مطابق تنهنجي ڪمري ۾ ڇهاتي پاتي هوندي. ڪيس چوري ڪندي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي هونداٿين ۽ هن بچاءَ ۾ ڪيس چاقو هنيا هوندا."

"قلندر پڪڙيو؟" دراصل مان اهو پٽي پڇڻ گهريو تہ پئسا تہ ڪونہ ويا، مگر ان سوال جو پاڻ ۾ ست نہ سمجهي مان هي پڇي ويٺس.

"تون خالي هٿين هجين ۽ پٽي کي سٽن انچن جو ڇرو هجي تہ پڪڙي سگهندين؟" ناريجي خار مان پڇيو.

منهنجو منهن پيلو ٿي ويو. قلندر پچي ويو معنيٰ تہ پئسا بہ ويا. مون کي ان نوٽ جي فڪر اچي ورايو. ناريجو منهنجي فڪر کي سمجهي ويو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين.

"پئسا ڪائنس ويڙهہ ۾ ڪري پيا. اهو بہ شڪر ڪر نہ تہ ڪيڏي چٽي پوڻي پوي ها."

پئسن جي بچاءَ جو ٻڌي منهنجي منهن تي رت وري آيو. دل کي

قدري فرحت آئي. ڪا ڳالھ ياد ڪري کيس چوڻ لڳس.

"پر يار قلندر تہ ھن جو مائٽ ھئو نہ؟"

"مائٽ ھئس تہ ڪھڙي ڳالھ، ڪيائين تہ چوري پئي" ناريجو وري تيز ٿي ويو.

منھنجي ڏندن ۾ آڱريون اچي ويون، ڪو ائين نہ ڪري، ڀلا مان ھن جو ڪير ٿيندو ھوس جو ھن پنھنجي مائٽ کي چوري ڪندي نہ سٺو، پنھنجي جان جوکم ۾ وجھي بہ کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر مان تہ کيس ليکيندو بہ نہ ھئس. ھڪ قسم جي ساڻس نفرت ڪندو ھوس، ھن قلندر کي چوري ڪندي ڏٺو ھو. ڪائنس ڏوڪڙن جو ڳپل حصو وصول ڪري ٿي سگھيو. ڪنھن کي خبر پئي ھا؟ ناريجي جو چيل جملو منھنجي دماغ ۾ ڦرڻ لڳو. "مائٽ ھئو تہ ڪھڙي ڳالھ، ڪيائين تہ چوري پئي." ايتري ۾ ناريجي منھن جو ھٿ پڪڙي چيو "ڇڏ سوچ کي، ھلي پٽسا سنيال ۾ اندر انسپيڪٽر بہ ويٺو آھي شايد توکان بيان وٺي."

اندر ڪمري ۾ اچي مان پٽسا سنياليا. بلڪل پورا نڪتا. انسپيڪٽر بہ اھڙي قسم جو بيان وٺي ھليو ويو. ناريجي کان وڌيڪ پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ ھنڪي چاقو جا بہ ٽي گھرا ڌڪ لڳا آھن. ان ڪري کيس اسپتال اماڻيو اٿن.

چوندا آھن تہ جي ڪنھن مشھور ماڻھوءَ جو نالو ڪنھن ٻئي تي رکيو آھي تہ ان جي خوبين جو گھٽ ۾ گھٽ ڏھون حصو ان نالي جي ڪري منجھس پيدا ٿي ويندو آھي. ھنجي مائٽن بہ شايد انڪري سندس نالو "رانجھو" رکيو ھو تہ پٽ وڏي ھوندي ھير جي رانجھي وانگر عشق ڪمائيندو، ڪو وارث شاہ ان تي گيت لکندو ۽ ماڻھو اھي گيت سوچ سان جھونگاريندا. ھير جي رانجھي بابت تہ ٻڌو اٿئون تہ ڏاڍو سھڻو ھئو. پر ھي رانجھو؟ توبہ الله جي در. اھڙو تہ بدشڪل ھئو، جو ڪھڙي ڳالھ ڪجي. قد گوگڙو. ڏاڙھي ٻچي، جنھن کي کيس لائيندو ھو، تہ ڪاري، جي ميندي ھڻندو ھئو تہ ڳاڙھي ڳتول نظر ايندي ھئي. اک ۾ پائيءَ جيترو ڦلو. جنھن لاءِ ويچارو ھميشہ چوڪرن کي اعتبار ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو ھو تہ کيس ان ۾ بہ ديد آھي. چوڪرن ئي ڏنا ڏيئي اٿ کي مسيت تي چاڙھيو ھو، سڄ ھن ڪان سڄي اک ٻند ڪرائي کيس ٻجو ڏيئي پڇندا ھئا. چوڪيدار گھٽيون

"آڳريون آهن." هڪ مٺ سڄيل هٿ ۾ ڪپ. اهو ڪپ ٻه ڏندن پيڻ ڪري ٿيو هوس. ڏندن پيڻ جو قصو ٻه ليلا مجنون، عمر ماروئي جي قصي وانگر هاسٽل ۾ پشت ٻه پشت هلندو آيو. ڳالهه ٿي هئين ته سپريڊنٽ جي ڇوڪرن راند پٺي ڪيڏي. راند ٻه ٻي ڪا ڪانه اها نياڳي ڪرڪيٽ پٺي ڪيڏيائيون. ڪرڪيٽ جو بال جهڙو پٿر. هن کي جو ڪٿي ڪٿي ته پرسان وڃي ٿو ٻيهي. "آءُ گداڙي ٻن ۾" لڪاءُ جو بال لڳس ڏياڙي ۾ ست ڏند اتي جو اتي ڪري پيس. انهون ڏند وري ڊاڪٽر شريف هاسڪار ڪڍيو هوس. جو هن جي مرضي هئي ته سپريڊنٽ تي ڪيس ڪري ڪاڻس ڏندن جي رقم وٺي. ڊاڪٽر شريف جو ته سپريڊنٽ سان ساڙ هو. جو پٽهنس کي هاسٽل ۾ داخلا نه ڏني هئائين. پر هن ته سپريڊنٽ جو نمڪ پٺي ڪاڌو. نمڪ حرامي ڪرڻ ته ڪتي جو ٻه وڙ ڪونهي. ماٺ ڪري ويهي رهيو.

هن جا جڏهن ٻه پئسا ڪتندا هئا ته هر هڪ ڇوڪري جي ڪمري تي اچي در کولي منڊي اندر ڪري ڪڙڪيدار آواز ۾ "اسلام عليڪم" چوندو هو. اِن "اسلام عليڪم" ڪيترن ڇوڪرن کان ڇرڪ ڪڍيو هئو. پنهنجي خرچي وٺڻ وقت اها خبر نه پوندي هيس ته روم ۾ رهندڙ ڇوڪرو جاڳي ٿو يا ننڊ پيوآهي. هن کي رڳو "اسلام عليڪم" چئي خرچي جا ڏوڪڙ وٺڻا هئا. جڻ کي منجهس لهڻا هئا. ڇوڪرا دل ۾ ڪيس گاريون ڏيئي ٻه خرچي ڏيندا هئا. هن سان سدائين ڪم جو هئو. ڪيس خرچي نه ڏين ته ڪير جو ٻارهين بجي رات ڪانپوءِ ڪين هاسٽل ۾ اچڻ لاءِ گيٽ کولي؟ ڪير ڪين سؤ سؤ جي پاور جا بلب ٻاريندا ڏسي سهي ۽ سپريڊنٽ کي خبر نه ڏئي. ڪنهن جو مهمان ايندو هئوُ ته سائنس رسائي ڪرڻي پوندي هئي. پير غلينواز ڪيس خرچي نه ڏني ۽ مهمان رهايو ته ان دم سپريڊنٽ کي خبر پئجي وئي . باه ٿي آيو هڪدم پير کي ٽپڙ ڪڻڻ لاءِ چيائين. پر پير هو ڪارساز ماڻهو سو پڳو هاسٽل جي سيڪريٽري ڏي، ڪانئس سفارشي چٺي آندائين ته ٻه ڪيس ويهه روپيا ڏنڊ پرڻو پيو. جي چوڪيدار کي چار آنا ڪن خرچي ڏي ها ته ايڏي انداز تي ڳالهه نه پهچي ها.

هو خرچي وٺي، پنهنجي پڳل ڏندن جو ديدار ڪرائي اتان نڪري وري پر واري ڪمري ۾ ويندو هو. اهائي "اسلام عليڪم" ٻڌبي، ٿوري دير پڇ. تهستائين ڇوڪرو شايد هن لاءِ ڏوڪڙ ڪڍندو هوندو، وري "اسلام

عليڪم" ۽ تنهن بعد هن جي ڇڳل بوٽ جو گيهو. اهي گسَت تيستائين پيا هلندا، جيستائين کيس يقين ٿي ويندو تہ وٽس هفتي ڪن جي چرش ۽ آفيم جا پئسا گڏ ٿيا آهن. جيڪي ڇوڪرا کيس خرچي ڏيندا هئا، تن کي سو گيٽ کان اندر ايندي يا ٻاهر ويندي سلام ڪندو هو. باقي ٻين کي آگوٺو. هڪڙن کي سلام ڪري ٻين کي نہ، اها بہ بي عزتي، ان ڪري هن کي خرچي نہ ڏيڻ وارا ڇوڪرا بہ گھڻو ڪري خرچي ڏيڻ شروع ڪندا هئا. جيئن هو ڪين بہ سلام ڪري ۽ پٺتي جي ڪيسي مان هٿ ڪڍڻ جي تڪليف نہ ڪن؛ پر اتي ڄُو اتي وڏائي سان ڪنڌ ڌوڻين. چون ٿا تہ عمر جاگيراڻي بہ ڪيس ان ڪري خرچي ڏيڻ شروع ڪئي هئي. هن جي هر وقت"اسلام عليڪم" ڪيس "اسلام عليڪم" جي نالي سان مشهور ڪيو ۽ سندس اصلي نالي "رانجهي" کي هر ڪو وساري ويٺو. "ڪهڙو پٽيوالو؟" "اسلام علڪيم." "رات ڪنهن دروازو کوليو؟" "ڪٺنتين تان چانهہ ڪنهن کان گهرايون؟" "اسلام عليڪم آندي." ڇوڪرن جي اهڙي قسم جي گفتن ۾ هن جو نالو مشهور ٿي ويو. تانجو هاسٽل جا ٽي پتيون ڇوڪرا کيس"اسلام عليڪم" سان سڃاڻڻ لڳا.

ڪي ڇوڪرا اهڙا بہ هئا، جنکي هن کان سخت نفرت هئي. پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن اندر نہ اچي. هو دروازو کڙکائي کڙکائي پنهنجو بند ڪيندو هئو. پر مجال جو اڳيان بہ دروازو کلي. مان بہ انهن مان هئس. پهريون تہ مان بہ کيس جام خرچيون ڏنيون، پر هن جي هڪ نہ ٻئي ڏينهن جي اچڻ ۽ اويل سويل کان لاڀراهيءَ، مون کي بہ دروازو بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو. خرچي ڏيڻ جو بہ ڪهڙو ضرور؟ پلي دروازو نہ کولي. پوئين شو تي ڪٿي پڪچر نہ ڏسبي. نہ مهمان ٽڪائيندو هوس، نہ وري اهڙو ڪو ڪم ڪندو هوس، جو هن کان ڊڄجي. هن جي "اسلام عليڪم" بہ مون کي ڪانہ گهربي هئي. ڪٿ ۾ آگريون وجهي وجهي مان بہ ٿڪجي پيو هوس.

ٽي چار ڏينهن ٿيا، جو هو اسپتال مان چاق ٿي موٽي آيو آهي. ايترا ڏينهن خاموش هئڻ ڪري منهن گهڻو لهي ويو اٿس. هن جي ڳڻي جو ڪٻ بہ اڳي کان وڌيڪ نمايان ٿي پيو آهي. ان کي واقعي ڇڳل بوٽ جي گيهي وانگر هر ڪو سڃاڻي ٿو. هو ٽيون ڏينهن مون وٽ آيو هو، وري اڄ اچڻ جو وارو اٿس. هي وقت هن جي اچڻ جو آهي. شايد تہ هو اچي ٿو. هن جي لٺ

جو ڪڙڪو، هن جي بوٽ جو گيهو مان ٻڌان ٿو. هو هن وقت چاليهين نمبر ڪمري وٽ آهي، اتان ايڪيتاليهين ۾ ايندو ۽ پوءِ مون وٽ. منهنجي ڪمري جو در ڪليل آهي. مان ان ڪي اڳي وانگر بند نٿو ڪيان ۽ نه ڪنهن ۾ آنگريون وجهڻ لاءِ تيار ٿو ٿيان، پر خاني ڏانهن هٿ وڌائي، هن جي لاءِ اڳيئي روڪڙ ڪڍي مٺ ۾ ٿو جهليان. مان ائين ٿو سمجهان ڇڻ مون ڪي هن جي لالچ، هن جي "اسلام عليڪم" سان محبت ٿي وئي هجي. مان هن جو قدر سچاتو آهي، شايد ته هر ڪنهن سڃاتو هجي. ❑

دار الفلاح

صبوح جو ساڄهر، جڏهن سڀ اچا سمهيا پيا هئا، تڏهن هوءَ گهر مان نڪتي هئي ۽ ڪورٽ کي گذارش ڪئي هئائين ته هو يتيم ۽ لاوارث آهي. ڪيس دارالفلاح ۾ امان ڏني وڃي. ماجسٽريٽ ڪانئس دستوري بيان وٺي دارالفلاح اماڻيو هو.

ست مهينا اڳ جڏهن اچا ڪيس سامائي مهينو ڏيڍ ٿيو هو، ۽ هڪ اهڙي انب جيان هئي، جو پيلاڻ باوجود ڪچو هوندو آهي ۽ ذائقي ۾ ڪِٽرو هوندو آهي، سندس ماءُ هڪ وڏو جشن ڪيو هو. ڪوٺي جي هيٺان پڌر ۾ وڏو شاميانو هڻايو هئائين. جنهن ۾ قالين ۽ چاندنيون وڇائجي ويون هيون. برادريءَ جون سڀ چوندَ چوندَ ڳائڻيون ڪوٺيون هئائين. جن سڄي رات مجرو ڪيو هو. ٻڌي اسر مهل ڪيس هڪ سيٺ جي حوالي ڪيو ويو هو. جنهن سندس جوڀن جي قيمت پنج هزار روپيا ڏني هئي. سيٺ ڪي وٽس برابر پندرهن ڏينهن رهڻو هو، پر هن پهرين رات جي ٽي بجت، ٽن چئن ڪلاڪن ۾ ڪيس اهڙي طرح ڇيڇاڙيو هو، جو سندس ڪاري رنگ جي ڪاراڻ هن جي سون جهڙي رنگ ۾ ملي هن جي ڳلن ۽ سيني تي ڪارا ڪارا ڌبڪ ڇڏي وئي هئي. ۽ ڪا مهل ڪيس داغيل انب جيان ڪري ڇڏيو هئائين. پوءِ ڪجي ٿوري دير بعد جوانيءَ جي رت انهن ڪارن ڪارن ڌبڪن کي پنهنجي تيز وهڪري ۾ گم ڪري ڇڏيو هو، پر ته به ماڻس کي اها ڳالهه ڪانه وڻي هئي ۽ سيٺ کي پنهنجي منهن ڇنڊ ڪڍي هئائين. عام حالتون هجن ها ته ماڻس کي هرويرو ايتري تڪڙ ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونه هو. هن کي مس مس سڪي سڪي اها ڌيءُ ڄائي هئي ۽ ڪيس پنهنجي ڪراڙپ جو توشو سمجهي وڏي ناز انداز سان پاليو هئائين. هوءَ پنهنجي گل جهڙي نازڪ ۽ سهڻي ڌيءُ ڪنهن جي حوالي ڪرڻ کان اڳ ڏهه پيرا سوچي ها ۽ خريدار کي روڪ روپئي وانگر وڄائي وڄائي پوءِ ئي ماڻڻ ڏئي ها. پر ان حالت ۾ ڪيس وڌيڪ ترسڻو ڪونه هو. هن کي حڪومت جي ان بندش واري قانون جي خبر پئجي وئي هئي، جنهن جو ڪارروايون مولوين جي فتوائن سان گڏ اخبارن ۾ اينديون هيون ۽ جن سڄي برادريءَ ۾ چوهول وجهي ڇڏيو هو. منڍ ۾ ته هن ان قانون جي ڪا خاص پرواهه ڪونه ڪڍي هئي. رڳو ڌني پڇ کان ايترو ڪيو هئائين

جو ٽائيپ واري ڪان پندرهن ويهہ درخواستون ڪيرائي مٿي موڪلي ڇڏيون هيون. ڦهرين تہ برادري وارين بہ ان قدم سان اتفاق ڪري چندو ڏنو هو. ۽ درخواستن تي صحيحون ڪيون هيون. پر پوءِ هو بہ ڍريون ٿي ويون هيون ۽ ان قانون کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ وقت وڃائڻ بدران سمورو وقت ڏنڌي جي ٻلي ڪري ڇڏيو هئائون. اڳي رات جا ٽي چار ڪلاڪ ڏنڌو ڪري ٻانهن سيراندي ڪيون، سمهي پونديون هيون ۽ صبوح جو دير سان اٿي هار سينگار ڪري ٽولا ٺاهي بازار جا چڪر هڻنديون وتنديون هيون. پر پوءِ هر ڪنهن ڪان ننڊ آرام وسري ويو هو ۽ ان بچت واري عرصي ۾ گهڻي ڪان گهڻو ڪمائڻ خاطر پنهنجي ڏنڌي جو وقتِ بہ وڌائي ڇڏيو هئائون. ۽ ريٽ بہ گهٽائي ڇڏيا هئائون. پر هن کي تڏهن بہ پنهنجي درخواست تي وڏو ڀروسو هو ۽ پنهنجو نير ڪوٺہ مٿيو هئائين. پوءِ هڪ ڏينهن وٽس رمضان دلال آيو هو ۽ ڪيس ان گهري ننڊ ٿي ڇينيو هئائين. تڏهن بہ اها ڳالهہ وزن ۾ ڪونہ آندي هئائين ۽ وڏي مگر سان چيو هئائين، "هون، اهڙا قانون بہ ڪڏهن پاس ٿيا آهن: رمجو اڳي انگريزن جي وقت ۾ جو ملن اهڙا بيان ڏنا هئا تہ پوءِ ڇا ٿيو هو؟"

"ان وقت ڪرستانن جي حڪومت هئي شمشوٻائي، هاڻي مسلمانن جي آهي."

"هون، ڇڻ تہ مسلمان سيني کي بندش ۾ پاڪ ڪري ڇڏيندا."

رمجو کي شمشاد ٻائي جي ان انڌي عقل تي جڪ آيا هئا. هن جو عقل ڪاڇي ويو هو. هوءِ پنهنجو بہ ٽيو اونڌو ڪري رهي هئي تہ سندس دلالي بہ وڃائي رهي هئي. هن لاچار واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو هو تہ اوچتو ڪيس ڪيسي ۾ پيل اخبار ياد آئي هئي. جا هن خبر پڙهي خار ۾ مروڙي سروڙي ڪيسي ۾ وڌي هئي. هن سٽ ڏئي اخبار ڪڍي هئي ۽ ڪيس قانون جي ٽين پڙهڻي جي خبر ٻڌائي هئائين.

"اها وري ڇاهي !" شمشو ٻائي ڪائنس پڇيو هو.

"بس چون ٿا، تہ ان ٽين پڙهڻي ڪان پوءِ قانون پاس ٿي ويندو."

"تہ حڪم مولا سان اها مٿي ٽين پڙهڻي ٿي ڪانہ پڙهبي. منهنجون رجسٽر درخواستون بہ وچي پهتيون هونديون."

رمجو مايوس ٿي اخبار وري ڪيسي ۾ وجهڻ تي هو جو شمشاد ٻائي

جي نظر ان خبر جي وچ ۾ ڇپيل فوٽي تي پئجي وئي هئي. اهو فوٽو اسيمبلي جي اسپيڪر جو هو جو مولانا ٽائيپ هو ۽ ڪيس باشريعت سونهاري هئي. شمشو ٻائي فوٽو ڏسي ٻچڙو ٻوٽ ڪيو هو ۽ رمجو کان پڇيو هئائين، "هي ماريو ڪير آ، رمجو؟"

"اسيمبلي جو اسپيڪر آ، جيڪو قانون پاس ڪندو."

اهو ٻڌي شمشو ٻائي جي منهن مان رت ڇڏي ويو هو. هو ۽ روئڻهارڪي ٿي وئي هئي ۽ ذري گهٽ روئندي رمجو کي چيو هئائين.

"رمجو .... رمجو جي هي ماريو ملو اسپيڪر آ ته قانون پڪ پاس ڪندو."

"مان ٻه ته ان ڪري ٿي پٺي رڙيون ڪيون."

"پوءِ ڇا ڪيون رمجو؟"

"ٻيو ڇا ڪندين، شمشو ٻائي، ڪو نيلم جو بلو ڪر."

"پر رمجو هو ته اجا نندي آهي."

"تنهنجي مرضي، پر پوءِ هٿ هڻندين."

"مون کي ته ڪجهه ٿي سمجهه ۾ نٿو اچي. جيڪي توکي وڻي سو وجي ڪر."

رمجو اهو ڪيو هو جو ٽن ڇئن ڏينهن ۾ ڊڪي ڊوڙي سيٺ ڪريم کي هٿ ڪيو هئائين، جو اهڙين ڳالهين جو شوقين هو. شمشو ٻائي ٻه ٻڌي ٻيڙيءَ جون هريڙون به پليون سمجهي پنهنجي سهڻي ڌيءَ کي سيٺ جي حوالي ڪيو هو. سيٺ به هر حال ۾ راضي هو. انب ڪچڙو هو ته به انب هو ۽ سنيءَ جنس مان هو. هونئن به ڪچو انب ٽڏو ٿيندو آهي ۽ خيال سان ڪائجي ته مٺو ته ٿيندو آهي. مربا ۽ چٽنيون به ڪچن انبن مان ٺهنديون آهن؛ هو عادي بنيادي واپاري هو ۽ سڄي عمر عقل ۽ ٽيٽي جي مدد سان لکين روپيا ڪمايا هئائين. هن کي ٽن سالن اڳ جي ڳالهه ياد هئي. جو کنڊ ۽ لوڻ تي ڪنٽرول لڳو هو ته بازار مان مال بلڪل غائب ٿي ويو هو ۽ پوءِ جي چور بازار مان ملندو هو ته واپاري ٽيڻن چوڻن اگهن ڪانسواءِ مال ڏيکاريندا به ڪونه هئا. هن جنس تي به ڪنٽرول پوڻ وارو هو. هو نيلم کي ڏسڻ شرط سهي ڪري ويو هو ته هن سودي مان گهاٽي جي بجاءِ نفعو ئي نفعو هو. هن هڪدم سودو ڪرو ڪيو هو ۽ سوٽي جي رقم ڪڍي ڏني هئائين.

نيلم به ڪٿي ٿوري ڪچي هئي پر هرويرو ايتري اڻڄاڻ ڪونه هئي. هن کي اها خبر هئي ته هن سان به اها ئي ڪار ڪٿي ويندي جا برادريءَ جي ٻين ڪنوارين ڇوڪرين سان ٿيندي هئي، جن جي نڪن ۾ سونيون بولڙيون پيون هونديون هيون. هن جون نڪاح به اهو هو ته لائون به اهي هيون. پر هن جي ذهن ۾ يا ته ڪاليج جو ڪو ڀورو ڳاڙهو ڇوڪرو هو يا ڪنهن فلم جو هيرو، جو هيروئن جي هٿ ۾ هٿ ڏئي نچندو ڪڏندو گانا ڳائيندو وتندو هو. هن جو انهن جي بجاءِ هڪ ڪاري رَمَ بدصورت واپاري کي ڏٺو. جنهن ڪيس ائين اٿلايو پٿلايو ۽ مروڙيو سروڙيو جيئن هر جنس ڏسڻ وقت ان کي هٿ ۾ زور سان مهٽي، ڏرائي، چڪي ۽ چٻاڙي ڏسندو هو ته هن کي ان واپاري مان رتي جيترو مزو اچڻ بدران مورڳو نفرت ٿي وئي هئي. پر جيئن ته پندرهن ڏينهن جو ڪاٻارو لکيل هو، ان ڪري هن کي لاچار اکيون ٻوٽي اهي ڏينهن گذارڻا هئا. پر ان مدت گذارڻ ڪانپوءِ به ماٽس ڪيس ڪا مهلت ڪونه ڏني هئي ۽ باقي بچيل ٿورن ڏينهن ۾ گهٽي ڪان گهڻو ڪمائڻ خاطر ڪيس بنا ساهيءَ جي خوب وهايو هئائين. پوءِ سندس جند مس مس تڏهن ڇٽي هئي، جڏهن قانون پاس ٿي ويو هو ۽ سڄي بازار ۾ پوليس بيهجي وئي هئي. ان ڏينهن هوءَ ته ڏاڍو خوش ٿي هئي، پر ماٽس جا ته ڪنڌ جا جهاز ٻڏي ويا هئا ۽ ٻئي ڏينهن مٿو ٻڌيون هنڌ ۾ پئي هئي.

پوءِ به اها ساڳي بازار هئي، اهي ئي ساڳيا ڪوٺا هئا. اهي ئي ساڳيا شرابن ڪبابن جا دوڪان هئا. ۽ اهي ئي ساڳيون سو پاور جي بلبن جون تيز روشنيون هيون، پر تنهن هوندي به ڳالهه ٻي ٿي ويئي هئي. اڳي هر ڪنهن ڪوٺي جا در پندرهن منٽن يا اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پيا کلندا ۽ بند ٿيندا هئا. بتيون پرنديون وسامنديون ۽ وري ٻرنديون هيون. ماڻهو ماڪوڙن وانگر سوڙهين ڏاڪڻين تي پيا چڙهندا ۽ لهندا هئا ۽ ڪا روڪ ٽوڪ ڪانه هوندي هئي، پر پوءِ ڏهه ٻارهن سپاهي سرنهن جو تيل پيتل لٺيون ۽ ڏنڊا ڪنيون پيا رائونڊ هڻندا هئا. ڪنهن ڪوٺي ۾ ٿورو شڪ پوندو هون ته هڪدم ڇاپو هڻندا هئا. جي ٻنهي ڌرين کي شڪي حالت ۾ ڏسندا هئا ته پوءِ بي عزتيون ٿينديون هيون، گرفتاريون ٿينديون هيون ۽ سزائون ملنديون هيون. پر جي ڪنهن کي ايلازن منٽن تي ڇڏيندا هئا. ايترو ته ڦريندا هئا، جو ٻئي ڌريون ان عيش ۽ ڪمائي کان توبهه ڪري ويندون هيون. هوريان هوريان

سڄي بازار خالي ٿيندي پيئي ويئي ۽ باقي اهي بچيون هيون جن جي آواز ۾ جادو هو ۽ جن جي پيرن ۾ پيل گهنگهرن ۾ مستي هئي. شمشو ٻائي ٻه ڦهريون سازندا گڏ ڪري ان قسم جي ڪاروبار جي شروعات ڪئي هئي، پر سندس بدنصيبي جو ڏيٿس ۾ سونهن ته هئي پر سُرُ ڪونه هو. هونئن ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سندس آواز اهڙو هو جو ڄڻ ڪنهن ستار کي آگرين سان ٽورو ڇيڙي ڇڏيو هجي، پر ڳائڻ ۾ اهوئي آواز بدلجي ڪنهن تارن ڇڳل ستار وانگر بي سرو ٿي پئي ويو. ماٿهو ته مفت ۾ ريدين ۽ فونن جي سريلن آوازن تي هريل هئا. تن پئسا ڏئي ڪيئن پئي اهڙو بي سرو راڳ ٻڌو. ماڻهن اچڻ بند ڪيو ته سازندا بک مرڻ لڳا ۽ هوريان هوريان پنهنجا طبلا ۽ هارمونيون ويڙهي جو گهر ويا ته وري موٽ ڪونه ڪيائون. شمشو ٻائي انهن ڏينهن ۾ وري مٿو ٻڌي هنڌ ۾ ڪرڻ تي هئي جو هڪ ڏينهن سندس ساهيڙي سروري ڏيءُ سوڌو وٽن آئي هئي. سروري جي ڌيءُ مٿي ڪان پيرن تائين سون ۾ ٻڌي پئي هئي. شمشو ٻائي سندن اهي ٺٺ ڏسي حيران ٿي پئي هئي. اهڙا ٺٺ ته سروري وارين انهن ڏينهن ۾ به نه ڪيا هئا، جڏهن ڌنڌو چالو هو. بازار ۾ رهنديون هيون. پٺي گهريون ساهيڙيون هيون. ٻنهي راز نياز ۽ ڪن ڳالهيون ڪيون هيون، جن جو نتيجو اهو نڪتو هو جو جان سروري واريون ڪائن موڪلائي ويون ته شمشو ٻائي سامان ۾ هٿ وڌا هئا ۽ ٽن ڏينهن ۾ سوسائٽي جي هڪ اهڙي بنگلي ۾ لڏ لاٿي هئائين، جنهن جي ٻاهران سلائي جي اسڪول جو بورڊ لڳل هو. نيلم جنهن سڄي عمر ننڍي سوڙهي ڪوٺي ۾ گذاري هئي، تنهن ايڏو ڪشادو بنگلو ڏسي خوشي مان ماءُ کان پڇيو هو:

"امان اسان هاڻي هتي رهنداسين؟"

"ها. توکي وڻي ٿو نه هي گهر."

"ڪنهن کي نه وڻندو - ڪيتري مسواڙ آ هن جي!"

"چار سؤ روپيا مهينو."

"ايترا پئسا ڏئي سگهندينءَ؟"

"روزي وارو پاڻهي ڏيندو- تون جو وينءِ آن."

پر نيلم تنهن هوندي به اها ڳالهه ڪونه سمجهي هئي. هن ليکي ته ماڻس وري ناچ ڳاني جو ڌنڌو شروع ڪندي. هن کي ته ان ڳالهه جو خيال خواب به ڪونه هو ته ماڻس ان بندش واري قانون کان پو. به ڪانئس ڌنڌو

ڪرائيندي. هن کي تہ تڏهن خبر پيئي هئي جڏهن هڪ سومهڻي جو پائنس منظور، ڪيس پنهنجي ڪمري مان اٿاري گول ڪمري ۾ وٺي آيو هو، جتي هڪ نوجوان پنهنجي هوسناڪ اکين سان سندس انگ انگ کي تڪي رهيو هو. هن جون ڳاڙهيون اکيون اڻ ڪسوٽي وانگر هيون، جن تي سون ، سون ٿيندو آهي ۽ ڪَچُ ڪَچُ ٿيندو آهي. هن جون اکيون نيلم ۾ ٿي ڪتيون رهيون ۽ زبان منظور سان ڳالهائڻ لڳي هئي. "ڪهڙو ونڊين رات جو؟"

"هتي رهندؤ يا وٺي ويندؤ؟"

پر سيٺ جي اڌ ڇمار ان شوق ۾ گذري هئي. پرائي ۽ پنهنجي گهر ۾ وڏو تفاوت آهي. پنهنجو گهر نيٺ پنهنجو گهر آهي. هونئن بہ هي داڻو تہ وري اهڙي هنڌ وٺي وڃڻ جهڙو هو جتي ٻئي ڄڻا اڪيلا هجن، ۽ ڪوهن ۾ ڪو ڪونہ هجي. پوءِ ڪا ٽين شيءِ هجي تہ پرائي شراب جي بوتلن جي پريل ٽوڪري هجي. هن چيو هو، "پنهنجي گهر وٺي ويندو سانس."

"ڇڙو ٽي سؤ روپيا صاب."

اها سموري بازي ٻڌي نيلم لاءِ وڏيڪ ويهڻ مجال هو. هن کي پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ تي جڪ آيا هئا. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هنڌ تي اچي ڪري هئي ۽ پنهنجي بيوسي تي روئڻ لڳي هئي. ٿوري دير کان پوءِ ماڻس سندس ڪمري ۾ اچي ڪيس تيار ٿيڻ لاءِ چيو هو تہ هن تکائي سان چيو هو، "نہ، مان ڪونہ ويندس."

شمشو ٻائي سمجهو تہ شايد نيلم ٻاهر اڪيلو وڃڻ کان گهبرائي ٿي. هن کي ڏيءَ سان رهندو همدردي ٿي هئي، جو اڳي برابر اٿين ڪونہ ٿيندو هو. بازار ۾ تہ ڪوٺي ۾ ئي رهڻو پوندو هو ۽ ٻاهر وڃڻو نہ پوندو هو، پر بنگلن ۾ اهوئي رواج هو. نيلم کي سمجهائيندي چيو هئائين: "من، جهڙو ديس تهڙو ويس. پر توکي مان اڪيلو نہ موڪليندس، پاڻين گڏيو هلنداءِ."

"تون سمجهين ٿي ڪونہ ٿي- مان ڏنڊو ئي نہ ڪنديس."

"هان!" شمشو ٻائي جي پيرن هيٺان زمين، مٿان ڇت ڦرڻ لڳي.

"ها، مان هي ڏنڊو نہ ڪنديس." نيلم انهيءَ پختي اِرادي سان چيو هو.

"اهو وري ڪيئن؟" شمشو ٻائي اکيون ڪَرڙيون ڪيون هيون.

"ڪنو ڪم آهي."

" ماڻهين ۽ نانهين ڇا ڪنديون هيون؟"

"انهن سان منهنجو ڪهڙو واسطو - مونکي ننو وٺي."

" وٺڻ يا نه وٺڻ جو ڪهڙو سوال آ ڇوري - اسان کي ته ڪرٽو آهي، ڏنڊو جو ٽيو."

" حڪومت جي بندش آ." نيلم کي پيو سريلو جواب سجهيو هو.

" پوءِ هتي ڏنڊي ڪرڻ جي موڪل پٺهين ڏني آ ڇا- پورا پنج سو منٿلي پولائي آ. اُن ساڳي حڪومت."

ماءُ سان سوالن جوابن پڇڻ جي ڪا پيٽي نه سمجهي، هن کو جواب ڪونه ڏنو هو. ماڻس پهريون سندس جواب جو انتظار ڪري، پوءِ وري ڪيس چيو هو: "اٿ حرامزادي، ڇڏ نخرا."

" نه مان ڪونه وينديس."

اتي شمشو ٻائي کي چوچڙي ولي وئي. اهڙو ضد ۽ هٺ ته اهي ڇوڪريون به نه ڪنديون هيون، جي دلال گهر مان زوري پڇائي ڪٽي ايندا هئا ۽ بازار ۾ وڪڻندا هئا. اهي پهريون پهريون ٽورو گوٽ ڪنديون هيون ته شمشو ٻائي جي هڪ ٿي هَڪلَ ڪافي هوندي هئي. شمشو ٻائي خار ۾ نيلم کي چوٽيءَ کان جهلي به ٽي ٿفوڙا هنيا هئا. هٺ سور ڪرڻ لڳا هئس ته وري چمپل ڪنٽي هئائين، پر نيلم کي ان مار به ڪو اثر ڪونه ڪيو هو. لاچار شمشو ٻائي ڪيس ڇڏي منظور کي سڏيو هو. هو اها ڳالهه پڌي گرم ٽي ويو هو ۽ ٻانهون ڪنجيندي چيو هئائين، "امان مونکي ڇڏ ته هن کي ٺاهيان."

شمشو ٻائي سياڻي هئي ۽ سڄي عمر ان ڏنڌي ۾ آندي هئائين. هن سمجهو هو ته مارڻ ڪٽڻ مان ڪو فائدو نه پوندو. سو پٽ کي ٻاهر گهلي هوريان سمجهايو هئائين.

"منظور تنگ پڳي مان ويل ڪونه وينديءَ پر دل پڳي کي مار مان به ڪجهه ڪونه ورندو. مان اڳ ۾ ئي ڪيس گڏهه وانگيان ڪٽيو آهي. رهندو تون مارينديئس ته ڦاهو ڪائي مرندي."

" پوءِ؟" منظور ڳالهه هنڊائيندي پڇيو هو.

" تون گراهڪ کي ڪو بهانو ڏيئي موٽاءِ- مان هن کي پاڻهين گهيتاري گهيتاري راهه تي آڻيندس."

هن جو لڳ لڳ سنڌ سنڌ سور ۾ ڀريو پيو هو، ته به هن کي پرواهه

نہ هئي. هوءِ يڪو ان سوچ ۾ هئي. هن کي ان ڌنڌي سان سخت نفرت هئي. ڦيريون ڦيريون بازار ۾ ان ڌنڌي جي عام اجازت هئي تہ هن کي ان مان نڪرڻ جي ڪا واٽ ڪونہ هئي. پوءِ هن کي ان بندش واري قانون جي خبر پئي هئي تہ هن دل ئي دل ۾ وقت جي حڪومت کي لکين دعائون ڪيون هيون. هوءَ گراڪن سان منهن ڏيندي بہ ان مبارڪ ڏينهن جو انتظار ڪندي هئي، جڏهن اهو ڌنڌو قانوني طور بند ٿيئو هو. پر هن کي ان ازل جي تہ خبر ڪانہ هئي تہ وري ماڻس پوليس سان بندوبست ڪري ڪانئس ڌنڌو ڪرائيندي. جي ڦيريون ئي ڪيس اها خبر هجي ها تہ هوءَ ان وقت ئي گهر ڇڏي ڀڄي وڃي ها. پر ڪيس ڪو هڏ۽ ڏوڪي مائٽ بہ تہ ڪونہ هو. هن جو پيءُ تہ الاجي ڪهڙي ڪاپار ۾ لڪل هو. الائي جيئرو بہ هو يا نہ. پيو تہ ڪير ئي ڪونہ هو- جي ماما هئا تہ بہ اهوئي ڌنڌو ڪندا هئا ۽ جي ماسيون هيون تہ بہ اهوئي ڌنڌو ڪنديون هيون. هن لاءِ هتان ڀڄڻ بہ ڏکيو هو تہ هتي رهي، ڌنڌو ڪرڻ بہ ڏکيو هو. ماڻس تہ اجا زال ذات هئي، پر سندس ياءُ منظور تہ وڏو ظالم هو. هن مان تہ ڪنهن بہ رحم جي ڪا اميد ڪونہ هئي. هوءِ پنهنجي بيوسي ۽ لاچاري تي روئڻ لڳي هئي. پوءِ اوچتو ان ڪاري ٻاٽ مان ڪيس ڪا ڦٽندي نظر آئي هئي. هن کي ان اداري جي يادگيري اچي وئي هئي، جنهن جو ذڪر اڪثر اخبارن ۾ ايندو هو. جتي يتيم لاوارث ڇوڪريون رهنديون هيون. اتي ڪين امانَ ڏني وينديون هئي، پڙهايو ويندو هو ۽ هنر سيکاريا ويندا هئا. صبح جو ساجهر جڏهن گهر جا ڀاتي اجا سمهيا پيا هئا، تڏهن هوءِ گهر مان نڪتي هئي ۽ ڪورٽ کي گذارش ڪئي هئائين تہ هو يتيم ۽ لاوارث آهي، ڪيس دارالفلاح ۾ امان ڏني وڃي. ماجسٽريٽ ڪانئس دستوري بيان وٺي دارالفلاح اماڻيو هو.

ٽين رات جو سومهڻي مهل هوءِ پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ جي خيال سان ليٽي پئي هئي، جو ماسي شادان وٽس لنگهي آئي. هن گهر ۾ جيڪي عورتون ڇوڪرين جي سار سنڀال لاءِ رهنديون هيون، سي سڪ ۽ قرب ۾ ماسيون سڏبيون هيون. پر انهن سڀني ۾ ماسي شادان وڏيڪ سرڪردي ۽ معتبر هئي. ڇوڪريون هن جو لحاظ بہ رکنديون هيون، تہ ڪنبنديون بہ هيون. هن جي اداري جي صدر وٽ سڏي پهچ هئي۽ ڇوڪرين جي چال چلت جي رپورٽن جو ڪم بہ مٿس رکيل هو. هوءِ ڪنهن ڇوڪري مان ناراض

ٿيندي هئي ته ان کي وڏيڪ هڪ منٽ به رهائڻ بدران هڪدم ڪڍيو ويندو هو. ان ڪري سيٺ ڇوڪريون ڪيس راضي رکڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. هن اچڻ سان نيلم کي چيو، "نيلم توکي صاحب ٿو سڏي."

"ڪهڙو صاحب ماسي؟"

"هتي هڪڙوئي ته صاحب آ ڇوڪري، هن اداري جو صدر."

"ڇو ٿو سڏي؟"

"توکان وارثن جي پيا ڳاڇا ڪندو، پوءِ انهن جي ڳولا ڪندا."

"پر ماسي مونکي ته ڪو مِٽُ مائٽ ڪونهي."

"اهو به پاڻ هلي ٻڌائينس نه."

نيلم ڪٽ تان اٿي، شلوار جي ورن کي ناهي، رئي جو پلئه مٿي ءِ پيرن تي ناهيائين ءِ ماسي جي ڪِد لڳي وراندو ءِ اڳڻ لتاڙي، جڏهن هو صاحب جي آفيس ٻاهران پهتيون ته ماسي شادان کيس هوريان سمجهائيندي چيو.

"نيلم منهنجو چوڻ وٺنديءَ ته هتي سکي رهنديءَ، ٻي صورت ۾ توکي سياڻي ڪدي ڇڏيندا."

"ها ماسي جيڪي چوين."

"بس ته صاحب جو لحاظ رکجانءِ. فضيلت سان ڳالهائي سندس دل وٺنديءَ ته توکي پڙهائي سٺي نوڪري وٺرائي ڏيندو."

"ها ماسي مان ڇري ٿوروئي آهيان."

"ها آهين ته سياڻي پر چيم متان به..... چڱو تون هتي ترس ته ڏسان ته واندو ويٺو آ يا نه."

"پر ماسي منهنجي پارت هجئي، منهنجي سفارش ڪجانس."

شادان ڪيس دلجاءِ ڏيندي دروازي مان اندر هلي وئي هئي. ٿوري دير کان پوءِ اندران هڪ ٿلهو ڳورو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جو شادان کان پڇي رهيو هو.

شادان نئين آيل ڇوڪري آندي اٿئي؟"

"ها صاحب."

"آهي ڪنهن ڪم ڪار جي؟"

"ها صاحب ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي. ڪيس هتان نه ڪڍجو." ماسي شادان ڏاڍيان چيو.

نيلم در جي ٻاهران ماسي شادان جي سفارش ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي

ويٺي. ماسيءَ جيڪا پرپٺ گھٽگھرائي ڪئي ھئي سا وسارڻ جوڳي ڪانہ ھئي. ھن دل ئي دل ۾ پڪو پھہ ڪري ڇڏيو تہ واپس موٽڻ سان ئي ماسيءَ جو اھو تورو لاھي ڇڏيندس ۽ پنھنجن ٽن ڇٽن جوڙن مان ھڪ جوڙو ڪيس ڏئي ڇڏيندس. ھن ڪي دل ئي دل ۾ انھن ڇوڪرين تي عجب پئي ٿيو. جي ھھڙي مھربان ماسيءَ کان ڏڄنديون ھيون. ھوءَ انھن ئي خيالن ۾ ھئي جو ماسي شادان در تي اچي ڪيس اندر اچڻ جو اشار ڪيو.

نيلم رنگي جو پلئہ مٿيءَ سيني تي ٺاھيو ۽ ماسي شادان پنيان ڪمري ۾ داخل ٿي. ٻي گھڙي ھن پنھنجون جھڪيل اکيون مٿي ڪنيون. ھن ڏٺو تہ سامھون پيو ڪوئي ڪونہ، پر سندس پھريون خريدار سيٺ ڪريم وينو ھو. ❑

پارٽنر

در جي ڪُڙڪي تي منهنجي اک کلي پئي، ڏٺم ته هو وهنتو پئي آيو. سرديءَ ڪري هن جي ٿلهي ۽ ڦيڪي بدن جي ڀوڻي ڀوڻي پئي ڦڙڪي. سندس ٽئي جهڙو ڪارو رنگ هفتن کان پوءِ وهنجڻ ڪري ڳاڙهيرو پئي لڳو. در زور سان بند ڪرڻ جي ڪني عادت، هن کي اصل کان هئي. هو ڪمري کان ٻاهر يا اندر ايندي ويندي اهڙو ته در جو تاڪ ڇڏيندو هو، جو روم ۾ وينلن کان چرڪ نڪري ويندو هو. ٻه ٽي ڀيرا در جا شيشا ٻه ڀڃي پيا هئا. جنهن تي وارڊن ڪيس گهرائي چڱي دٻ ڪئي هئي. پر اهو ڏينهن گذريو ته وري ساڳي ڪار. مان ٻه هوريان هوريان سندس ان عادت تي هرندو ويس ۽ ڪيس ٽوڪڻ ڇڏي ڏنم. پر اسر سان ننڊ ڦٽڻ ڪري مون کي ڏاڍا جڪ آيا. پر اهو سوچي ته کهڙو وينو صبوح مرداني سان ڪِر ڪِر ڪيان، چپ ڪيو هنڌ تي پاسا بدلائيندو رهيس. هو دريءَ ڏانهن وڌيو. ڪنڌ ۾ رکيل پنهنجي ڪڙي تيل جي شيشيءَ کي هڪ نظر ڏسي؛ منهنجي ميز ڏانهن وڌيو ۽ منهنجي "برل ڪريم" مان ٻڪ ڪن ڪڍي پنهنجي ڀندولن کي هڻڻ لڳو. پنهنجي ڪريم جو اهو حشر ڏسي مونکي ڏاڍي خار آئي. در زور سان بند ڪرڻ جو بهانو ته مونکي هو، سو رهڻ ڏئي ڪيس چيم:

"پارٽنر جڏهن در بند ڪرين ته ٻين جي ننڊ جو ته خيال ڪندو ڪر!"

پر هن چڻ ته منهنجو ڳالهائڻ ٻڌوئي ڪونه. ماٺ ڪري ڦٽي ڪئي، پنهنجي وارن کي پوئتي بيهارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن جي جواب نه ڏيڻ تي وينڙ مونکي خار آئي. پنهنجو پاڻ کي پٽڻ لڳم ته کهڙي ڪٽيءَ ڪنيو، جو هن جڙا کي پاڻ سان رهايم. هن سان رهڻ کان انڪار ڪيان ها ته وارڊن پاڻهي ڪيس ٻئي ڪمري ڏي اماڻي ها. دل ۾ پاڻ کي چيم ته "پٽ هاڻي ڀوڳ"

مان جڏهن وهنجي موٽي آيم ته ڏٺم ته هو ڊوبيءَ کان رڳايل چاڪليٽي سوٽ پائي ڪرسيءَ تي وينو هو. هميشه جي خلاف سندس ڪوٽ جي کيسي مان اڇي رومال جي ڪنڊ ٻه ظاهر پئي ٿي. مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اڄ آچر هوندي ٻه، ايترو ساڄهر، چو اٿيو آهي؟ ۽ اهڙو ٺٺ ٺانگر چو ڪيو اٿئين؟ ان عجب ۾ منهنجي ساڄهر واري ڪاوڙ ٻه لهي وئي. ڪجهه

ڪولڻ جي ارادي سان پڇيومانس.

"پارٽنر خير ته آهي، ڪاڏي پيو وڃين ؟"

"ڪرل صاحب! ڪيئن ٿو لڳان؟" هو منهنجي سوال جو جواب ڪاٽي ويو. هن ڪي پنهنجي سوٽهن جي ڳڻتي لڳي.

"ڪافي سمارٽ پيو لڳين ؟" مون سندس دل رکڻ لاءِ چيومانس. نه ته ڪارو ماڻهو ۽ چاڪليٽي رنگ !

"سچ!" هن جون واڇون خوشيءَ ۾ ٽڙي ويون.

"You Know Seldom I sdeak to alie"

"ٿئنڪ يو" هو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسڻ لڳو.

"پر پارٽنر وڃين ڪاڏي پيو؟" مون وري پنهنجو سوال دهرايو.

"پوءِ ٻڌائيندوسانءِ، پهرين هڪ انجام ڪر."

"چئه"

"هڪ ڏاءِ ڏي پر ٻڌندين به. پاڻ کي ته ٻڌڻ ۾ ڪانه ايندي آهي."

"قبول" مون "ٽوئل" جي هڪ اڌ وراڻي ڏاءِ پيتيءَ مان ڪڍي کيس ٻڌي. ڪو خيال ڪري ڏاءِ پن ۾ هٿي چڏي مانس.

"ٿئنڪ يو ويري مچ." هو سُنهري پن جي زنجيريءَ کي هٿ لائڻ لڳو.

"هاڻي ٻڌائيندين به. ڪن ڪونه."

"ٻڌايانءِ ٿو." هن پنهنجي هنڌ هيٺان ڀه لفافا ڪڍي. مون ڏي وڌائيءَ سان اُچليا ۽ پاڻ نيپولين بونا پارٽ وانگر ٻئي هٿ ٻوٽي، ڪنڌ سيني سان هڻي ٽنگون ٽيڙي ٻيهي رهيو.

ٻئي لفافا ڪليل هئا. هڪڙي مان مون خط ڪڍيو. خط واقعي هن لاءِ خوشين جو پيغام هو. خط جو مضمون هن طرح هو.

محترمي و مڪرمي!

اشتهار بعد ٻئي ڏينهن توهان جو خط مليو. مون کي پنهنجي ڌيءُ نور چشمي سعيده خانم سلمها جي شادي جلد ڪرڻي آهي، جو ان بعد ڪعبة الله شريف ۽ ڪربلا معليٰ وڃڻ جو اِرادو اٿم. اوهان براه ڪرم 14 تاريخ ائين بجي هيٺين اڊريس تي ايندا. الله ڪندو ته ڳلي ٿي پوندي. وغيره وغيره.

ٻيو ٻانس جو خط هو. لکيو هئائينس ته هن لاءِ ٻانهن ڳولي وئي آهي. جي شادي ڪرڻي هجيس ته جلد اچي.

هان تہ هيءَ ڳالهہ آهي، جنهن پارٽنر کي صبح جو ساجهر ئٽ ناتگر ڪرايو آهي. مون دل ۾ سوچيو ۽ ٺهڪ ڏنو.

"پارٽنر ڊبل مبارڪون هجني- پر ڪاٿون شادي ڪندين."

"شادي تہ ڳوٺان ڪندم، پر دل تي چيٺم تہ هيڏانهن بہ سٺ هٿي اچان."

"هائو سائين ڀلي وڃ . موجون ڪر. منهنجي لاءِ بہ دعائون گهرج ."

"تنهنجي شاديءَ ۾ هڪ منٽ جي بہ دير نہ ٿئي، پر تون پنهنجي مائٽن ڏي نتو لکين، چڱو يار! دير تي ٿئي."

"O.K" هو روم مان ٻاهر نڪري ويو. مان بہ ٻاهر نڪري ڪيس ويندو ڏسڻ لڳس. هن هڪ هٿ سوٽ جي ڪيسي ۾ وڌو هو. هن جي چال ۾ هڪ نئين لوڏ هئي. مان روم ۾ واپس اچي بي اختيار کلڻ لڳس.

هن جو نالو تہ ٻيو هو، پر سندس طبيعت ۽ ڍنگ جي مطابق اسان ڪيس "مومن "سڏيندا هئاسين. صفا سادو هو، هر روم ۾ هو پوڪ ۽ چرپي جي نالن سان ياد ڪيو ويندو هو، شاديءَ جي چيڙ تہ متس مقدم هئي. پنهنجي روم مان جان نڪرندو هو تہ ڇوڪرا متس کلندا ۽ ٽوڪون ڪندا هئا.

"اچو مومن صاحب" هڪڙ چوندو.

"شاديءَ جو ڪڏهن خيال اٿو."

"هائي هي ويچارو ڇا شادي ڪندو؟ ڪنوارو رهي سڙي ويو آهي."

ٽيون چوندو ۽ پوءِ ڪو هن جو چڙڻ ڏسي، ڪين ڳالهائيندو، رعب ڏيکاريندو.

"توهان بد تهذيب آهيو. توهان جو ٻين جي "پرائيويٽ" معاملن ۾ ڇا وڃي؟"

هائي هن کي ڪير سمجهائي تہ "اڙي چريا جي اهي تنهنجا "پرائيويٽ " معاملا آهن تہ ٻين کي ٻڌائين ڇو ٿو؟" هن جي اها عادت هئي تہ جي ڪو ڇوڪرو سائس ٿورو گهرو ٿيندو تہ ان کي پنهنجا گهرو معاملا، پنهنجا ناڪام عشق ۽ ٻيو حرڪتون مطلب تہ "الف" کان "ي" تائين ٻڌائيندو هو، جنهن ۾ اهو سور بہ سليندو هو تہ سندس عمر پنجٽيهہ ورهہ ڪن ٿي آهي، پر شادي ڪانہ ٿي ٿئي. هاسٽل جي ڇوڪرن کان الله امان ڏئي. اهڙيون ڳالهيون ڪٿي تا رکن، ان وقت ئي مرچ مصالا گڏي ٻيا هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا. تان جو سيني ڇوڪرن کي خبر پئجي ويندي هئي. هن کي چيڙائڻ

جو هڪ پيو بہ سبب هو. اهو هو سندس مهانڊو. خدا "مومن" جي صورت ڏاهڻ ۾ انتها ڪنجوسي ڪئي هئي. قد بندرو، نڪ چنر (بينو) مٿو لوٽيءَ وانگر، وات ننڍو، پر چپ ٿلها، رنگ جي وري ڳالهہ ڪجي. ڪارا ماٺهو بہ گهڻا، پر "مومن" جهڙو بہ ڪو پيدا ٿئي. منهنجي سنگتي شيخ صاحب مون وٽ آيو. مون موهن جي دڙي بابت هڪ مضمون لکيو هو. ڪيس ڏنر تہ پڙهي; هو اجا پڙهي رهيو هو تہ "مومن" آفيس ڪان واپس آيو. ڪمري ۾ اچي ڪپڙا بدلائي کٽ تي ويٺو. هن ڪي مضمون پڙهندي ڏسي پڇيائين: "پارٽنر چا پيو پڙهين."

"ڪرل صاحب جو لکيل مضمون پيو پڙهان."

"عنوان چا اٿس؟" مومن ٿورو رعب سان پڇيو.

"موهن جو دڙو."

پارٽنر "موهن جي دڙي" جي تهذيب ۾ ڪا ساڳي ڳالهہ آهي؟" هن کي اچي بحث جو شوق جاڳيو.

"هائو گهڻيئي ڳالهيون ساڳيون نہ آهن."

"مثلاً" مومن مغروريءَ مان ڪنڌ مٿي ڪنيو.

"هڪ سائنسدان موهن جي دڙي جي لڏل هڏائن پڇرڻ مان اندازو ٿو لڳائي تہ اهي ماڻهو رنگ جا ڪارا نڪ جا بينا ۽ بدصورت هئا."

"تہ پوءِ" - مومن اجا نہ سمجهيو.

"تون بہ انهن جهڙوئي آهين." شيخ صاحب کلندي چيو. "مومن" صفا چڙي ويو، جهلڻ ۾ نہ پي آيو، رڙ ڪري چوڻ لڳو.

"موهن جي دڙي جا ماڻهو ڪافر هئا. انهن سان منهنجي پيٽ ٿو ڪرين. پارٽنر توکي شرم نٿو اچي."

مان وچ ۾ پيس ۽ مس مس "مومن" کي ٺاريم . پڻ پي تير تہ متان وارڊن کي دانهن نہ ڏي. اهڙي قسم جون جهڙپون ڪڏهن ڪڏهن اسان پنهي ۾ بہ ٿينديون هيون. هڪ دفعي تہ هن مون سان بہ ڏينهن نہ ڳالهايو. هن کي گهڻو ڪري سيريئس انگريزي فلمون وڻنديون هيون، جن جو ترجمو سنڌي اخبارن ۾ "پيرس جي مستاني" "خوبصورت پريون" يا اهڙي قسم جا پيا نالا، ٿيندو آهي. هڪ دفعي هو اهڙي قسم جي فلم ڏسي آيو. اچي روم ۾ تعريف شروع ڪيائين. مونکي چيائين تہ" پارٽنر ڏسي آءُ. نہ تہ هلي وٺي تہ

پڇتائيندين.“ مان بہ فلم ڏسڻ جو شوقين آهيان، سو منهنجي دل بہ هرکي، مان ڏسڻ هليو ويس. عريان ناچ، عريان جسم ٽيرو منيرو، ڏاڍو بور ٿيس، روم ۾ پير رکيم تہ مومن پکچر بابت پڇيو، مان تہ پريو آيو هوس سو کيس ٽوڪيندي چيم.

”پارٽنر اهڙي پکچر ڏسڻ لاءِ صلاح ڏئي ٻين کي اهو ڇو ٿو جتائين تہ توکي شاديءَ جي ضرورت آهي.“

”کنهن کي آ شاديءَ جي ضرورت.“

”اهو جيکو وهي وهانوي جا ناول پڙهندو آهي.“

صفا باهہ ٿي ويو، مون ”وهي وهانوي“ جي ناولن جو ذڪر ڪري مٿس ڇڻ ٺهڪندڙ تيل وڌو.

”پارٽنر تو بنا اجازت منهنجي ٽيبل تان ڇو ڪتاب کينو، توکي ڪهڙو حق آهي؟“

مون کيس ڪو جواب نہ ڏنو. ٻہ ٽي ڏينهن منهن سڄايو ويٺو رهيو، ٽيئن ڏينهن هن کي منهنجي هڪ ڪتاب جي ضرورت پئي، مجبوراً ڳهرٽو پيس، مون بہ ڏنومانس. ان ڏي وٽ کان پوءِ وري ٻئي اڳي جيان ٿي وياسين، ڇڻ جهيڙوئي ڪونہ ٿيو هو.

هو منهنجو ڪلاسي هو تہ بہ هن سان ايتري واقفيت ڪانہ هئي، جو هو نوڪريءَ ۾ هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪاليج ايندو هو. هڪ ٻئي جي نالي جي خبر بہ انٽر آرٽس جي امتحان ويري ۾ پئي. منهنجو سيٽ نمبر ناظم آباد لڳو هو، سو روز صبوح جو ساجهر بس تي ويٺو پوندو هوم. هڪ ڏينهن مون جيئن بس ۾ قدم رکيو تہ ڏٺم تہ هو بہ اتي ويٺو هو. سندس ڀرسان سيٽ خالي هئي انڪري مان اتي وڃي ويٺس. ڪنڊيڪٽر آيو جيسين مان پئسا ڪڍان تنهن کان اڳ هن پن ٽڪيٽن جا پيسا ڪڍيا ۽ منهنجي بہ ٽڪيٽ ورتي. رستي ۾ هڪ ٻئي جي نالن جي خبر بہ پئجي وئي، وڌيڪ خير سلا. ان واقفيت کي هن هاسٽل ۾ داخلا وٺڻ جي وقت دوستيءَ جو روپ ڏنو. جڏهن هن هاسٽل ۾ داخلا ورتي تہ وارڊن ڪانئس پڇيو تہ جي ڪو سندس دوست هن هاسٽل ۾ رهندڙ هجي تہ ان جي ڪمري ۾ کيس جاءِ ڏني. هن کي منهنجي هت رهڻ جي ڪا خبر هئي، سو هن جهٽ منهنجو نالو ڏنو.

”الاٽمينٽ چٽ“ وٺي مون وٽ آيو، ڏاڍي بيتڪلفيءَ سان ياڪر پائي

خوشخبري ٻڌايائين ته هو مون سان گڏ رهندو. ڏنيون ملاڻ لڳو ته گڏ رهي بي- اي جي تياري ڪنداسين، منهنجو اندر سڙي ويو. پر سائنس انڪار نه ڪري سگهيس. شام جوئي هو پنهنجو سامان کڻي آيو. ٻه پراڻيون ٽرنڪون، نوڙيءَ سان ٻڌل، ميرو بسترو، هڪ چلي، جنهن ۾ ڪونرو، گلاس، پراڻيون شيشيون، جن ۾ الاجي ڇا جو ڇا پيل هو. ٻه جوڙيون ڪٽل بوٽ ۽ پلاسٽڪ جو پراڻو ٿيلهو. جنهن جون وڏيون ڇڄڻ بعد نوڙيءَ سان ڳنڍيون ويون هيون ۽ ان ۾ ڏوبيءَ وٽ وڃڻ وقت ڪپڙا ۽ ڪاليج وڃڻ وقت ڪتاب نوٽبڪ ۽ ڦٽي وجهندو هو. ڦٽيءَ جا ٻٽي ڏندا ٻڳل هئا. پر تڏهن به نهايت پابنديءَ آب تاب سان ڇوڪرين جي ڪامن روم جي اڳيان لنگهڻ وقت وارن کي ڏني ويندي هئي.

مان اجا گهل ۾ هوس ته دروازي بند ٿيڻ جو آواز آيو. بتي ٻري، مون اکيون کوليون ته هو بيٺو هو. سندس حالت ڏسي مان ڏڇي ويس. اکيون ڳاڙهيون وار منهن تي ڪريل، ڪپڙن جي استري ڇٽ. مون ڏي ڀرپور نگاهن سان نهاري هن پاڻ کي پنهنجي کٽ تي اڇلايو

"آئين پارٽنر" مون دل جهلي ڪانئس پڇيو.

هن ڪو جواب ڪونه ڏنو. چپ ڪيو ليٽيو رهيو. مان سمجهي ويس ته ڪيس جواب ڏنو ويو آهي.

"پارٽنر - پرواه ڇو ٿو ڪرين، هن سگ نه ڏنو ته وڃي ڏوڙ پائن، تنهنجي ڀاءُ تنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪري رکيو آهي، هڪ ڏينهن ويندين ته ٻئي ڏينهن تنهنجي شادي ٿيندي."

"ڪير ٿو چوي ته انڪار ڪيو آهي" هن رڙ ڪري چيو.

"پر تو، اهڙا حال ڇو ڪيا آهن."

"ٻڌايانءِ." هن آهستي چيو."مان هن سان هن هفتي شادي ٿو ڪيان."

"ٺيڪ ڪيءِ ان ۾ ڏک ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي."

"هوءِ پنگلي آهي" هن جي لهجي ۾ ٿوري مايوسي هئي.

"هان" مونکان رڙ نڪري وئي، مون کان وڌيڪ هڪ اکر به نه نڪتو. ٿورو سانت ۾ رهي ان بعد هن آهستي مون کي سڏ ڪيو، "پارٽنر."

"هون" مان اجا پنهنجي حالت سڌاري نه سگهيو هوس.

"هڪ ڳالهه پڇانءِ."

"پڇ" مون آهستي جواب ڏنو.

"تون جو منهنجي جاء تي هجين ها ته ڇا ڪرين ها؟"

مان سندس سوال ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويس، جواب ظاهر هو. پر مون ۾ ايتري همت ڪانه هئي جو کيس جواب ڏيان. گهڻي دير ڪان پوء ڪانئس پڇيم.

"پر توکي کهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو آهي، جو ان سان شادي ٿو ڪرين."

مون رڙ ڪري ڏاڍيان ڇيو. ڇڻ منهنجي پنهنجي شادي ان پنگليءَ سان ٿيندي هجي.

"ڪاوڙ نه ڪر پارٽنر. ٻڌ. خيال ڪر ته هو پنگلي آهي، هن جا مائٽ به ايترا شاهوڪار ڪونهن جو کيس جهجهو ڏاج ڏئي کيس ڪنهن شاهوڪار سان پرڻائن ۽ ان حالت ۾ جي مون جهڙو بدصورت ماڻهو به کيس قبول نه ڪري ته پيو ڪير سائنس شادي ڪندو. تون نه ڪندي ته، پيو ڪو ڪندو؟"

سندس جواب ٻڌڻ بعد مون ائين محسوس ڪيو ڇڻ منهنجا عضوا چرڻ پرڻ ڪان بيڪار ٿي ويا آهن. منهنجي زبان تارونءَ سان چنبڙي پئي هجي. مون ڪان هڪ اکر به نه اکليو.

هن ساهي کڻي مون ڏي منهن ڪري چيو.

"پارٽنر تون سيائي ڪاليج نه وڃج."

"ڇو" مون هن ڏي نهاريو.

"سيائي ٻئي ڪنهن سستيءَ فليٽ جي جانچ ڪنداسين ۽ ٽنهن ڪانسواءِ هن موقعي لاءِ مون ٿي ڏوڪڙ به جمع ڪيا آهن. ڪجهه خريداري به ڪيون. هن لاءِ پنهنجو لٽو ڪپڙو به خريد ڪرڻو آهي. گهر لاءِ ضروري شيون مثلا اسٽو (Stove). ڇو ته چلهه تي ماني وغيره پچائڻ ۾ کيس تڪليف ٿيندي."

مان هن فرشتي کي تڪيندو رهيس. هن ڳالهه جو سلسلو جاري رکيو.

"پارٽنر تون منهنجو دوست به آهين، ياءُ به آهي، ڇاڄي به تون ئي آهي، منهنجو Bestman به تون ئي ٿيندين." ڪو خيال ڪري هن پڇيو. "پارٽنر توهان ۾ آنر جي رسم آهي ڪن نه ؟"

"آهي."

"تہ ٺيڪ پوءِ تون اسان وٽ رهج. آچر جي شام جو تہ ضرور پيو اچجانءِ. اسان ٻئي رات جي ماني تي تنهنجو انتظار پيا ڪنداسين. آچر جي رات جو تہ هت ماني بند هوندي آهي نہ. تون هوٽل تي ماني کائيندو آهين. پر منهنجي شاديءَ بعد تون مون وٽ ماني کائيندين." هن ڪلندي چيو. هن جي ڪل ۾ هزار سور هزار در لڪيل هئا. مون ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو. هن بوٽ لاهي پنهنجا ڪارا ۽ ميرا پير کٽ تي سڌا ڪيا. هو ڇت ڪي تڪڻ لڳو. ان وقت الاجي ڇو منهنجي دل چاهيو تہ انهن ڇوڪرن کي جيڪي مٽس ڇٽرون ۽ ٺوڪون ڪندا هئا. تن کي ڳچيءَ کان پڪڙي سندس قدمن ۾ ڪيري ڪاٺس معافي پنان. ❑

چوٽيهون در

ٻاڪ مهل پاڻيءَ جي ماپ وٺندي، هن جي اوچتي نظر وچي هڪ لاش تي پئي، جو ٻراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڪجهي آرپار ڪپيل هئي ۽ سڄي باقي وچي ڳل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل هئي. لاش ڏسي هو هراسجي ويو ۽ ڪجهه گهڙيون پٽ ڪي هٿ وجهيون چپ چاپ ويٺو رهيو. ڪجهل مهل ڪان پوءِ هن تان ٿورو هراس لٿو ته وري لاش کي غور سان ڏسڻ لڳو. لاش ڪنهن زائفان جو هو، جنهن کي ڳاڙهو ڪهڪهو پيل هو، جنهن جا ڏکيا وار پاڻيءَ ۾ لڙهڻ ڪري ڳلي پيا هئا. ۽ جنهن جو پورو بدن جهڙو رنگ ان لڙڻي پاڻيءَ ۾ ٻه ڪوڏ جيان پئي جرڪيو. هن جي هڪ دل گهريو ته جيڪر ان ڦڏي ۾ ٽي نه پوي ۽ در کولي لاش کي هيٺ لوڙهي ڇڏي، پر وري ٻيءَ دل هن کي ائين ڪرڻ کان جهليو ۽ ڪيس رب جي ڏاڍي سرڪار ياد ڏياري، جا اهڙين ڳالهين ۾ راضي ڪانه هئي. هن دل ٽي دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته هو پاڻ وچي ٿاڻي تي فريادي ٿيندو ۽ صوبيدار کان ڪُرڙي جانچ ڪرائي، خونين کي سوگهو ڪرائيندو. اهو اِرادو ڪري، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ڪلف ڪٽي در بند ڪرڻ لڳو. در بند ڪندي اوچتو هن کي پور پيو ته جيڪر پنهنجي ترت عملدار، سروير کي اهو سمورو مذڪور ٻڌائيندو وڃي. ان پور تي هن وچي سروير جي ڪوارٽر جو ڪڙو ڪڙڪايو. پر سروير جو سڄي رات سڪر گهمي ۽ فلم ڏسي اسر موٽيو هو، سو ڪيئن پيو اهي ائين ٻارهين آنين وارا ڪڙڪا ٻڌي. پر هن در کي ايستائين نه ڇڏيو، جيستائين سروير اچي در نه کوليو. اکيون مهٽيندي ڪاٺس پڇيائين، ”چوڙي ڪو ڪنڊ پيو آ ڇا؟“

”نه سائين، ڪنڊ ڪونهي پيو، پر هڪ لاش اچي در ۾ ڦاٿو آ.“

”پوءِ مون کي ڇا جاڳائڻ، مان ڪو صوبيدار آهيان!“

”سائين، ٿاڻي تي وڃان ٿو، پر توکي اطلاع ڏيڻ آيم جو متان دير ٿي وڃي.“

”دير، شام تائين موٽي آئين چڻ لڪ ڪتيءَ. پوءِ ته روز حاضريون ڪارئيندءِ.“

”ها سائين، مٿئون جو اچي پئي، منهن ته ڏبو نه.“

”ڀلي وچي منهن ڏي، پر ٻي ڳالهه ٻڌ، متان فرياد ۾ منهنجو نالو ٻه

شاهدي ۾ لڪائين."

"نه سائين، تنهنجو نالو ڪونه ايندو. چوندس ته لاش ڏسي، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان."

"ٺيڪ آ، ائين چئجانءِ." سرور در بند ڪيو.

هو وري ٻڙاج تي آيو ۽ سکر طرف هلڻ لڳو. هن اجا سڌ ڪن پنڌ ڪيو هو، جو پوئتان ڪيس ٽرڪ جون بتيون نظر آيون. ٽرڪ ڊرائيورن جي وڏائيءَ جي ڪيس چڱيءَ طرح خبر هئي. هو ههڙي تهڙي کي ته سنگل به ڪونه ڏيندا آهن. پر هن کي به سکر جو پنڌ سجهيو ته هن به ڪٽي هٿ ڏنو. ڊرائيور به ڪو اشراف جو پٽ هو، جو ڪٽي ٽرڪ جهليائين. هو خوشيءَ ۾ پر تي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڊرائيور جو ٿورو مڃڻ لڳو. جنهن ٽرڪ جهلي ڪيس چنگهن هڻڻ کان بچايو هو. ان ٽرڪ کي بيهارڻ ۽ ڪيس پنڌ کان بچائڻ ۾ به مرضي مولا جي هئي، جو سندس ان ڪم ۾ راضي هو. ٿاڻي جي در کان ٿورو پرتي هو ٽرڪ جهلائي لٿو ۽ گيٽ ٽپي اندر ٿيو. سامهون بيٺل سپاهيءَ کان صوبيدار جي پڇا ڪيائين.

"صاحب جانچ ۾ ويل آ." سپاهي ڪيس ڪياڙيءَ سان ورندي ڏني.

"جمعدار، مونکي صوبيدار وڏي سان ضرور ملڻو آهي. اهي ڳالهيون ڇڏ، ميان!"

"چو، ڪا فرياد آ ڇا؟"

"ها ميان، فرياد آ."

"هينئر فرياد داخل نه ٿيندو. پتي ڏينهن رکي پوءِ اچجانءِ. سال جي پڄاڙي آهي، ڏوهه اڳ ۾ ئي وڌيل آهن."

"ميان، ڪا چوريءَ ڪاٽ جي ڳالهه ٿوري آهي. خون ٿيل آ خون!"

"تون ڪيو آ ڇا خون؟ ڪٿي آهن هٿيار؟"

"هٿيار صوبيدار ئي وٺندو. مونکي ڇڙو سائنس ملاءِ."

"اهي سنها ڪم به صوبيدار وڏو ڪندو ته باقي مان هي ميجون اسان ۾ اڇيون ڪيون آهن؟ جلد پيروي ٻڌاءِ."

"جمعدار، تڪڙ گهٽ ڪر، مان به ڏٽڪو آهيان ۽ تو جهڙوئي سرڪاري ملازم آهيان."

"ڪٽي آسمان تان آڏري لٿو هجين، تو کي حقيقت ٻڌائڻي ئي پوندي."

"جمعدار، هريرو ٿو ضد ڪرين. صوبيدار وٽ تون به هڏجانء."

سپاهي هن مان کو چاڙهو نـ ڏنو تـ لاچار ڪيس صوبيدار جي ڪوارٽر ڏانهن وٺي هليو. صوبيدار بہ هينئر تازو اُٿيو هو ۽ چانهہ پئي پيتائين. سپاهيء سلوٽ هڻي صوبيدار کي چيو، "سائين، هي فريادي آيو آ."

صوبيدار ڪرڙي اک ڪئي پنهنجي سپاهيء ڏي ڏٺو، ۽ خار مان ڪائنس پڇيائين، "اڙي عقل جا دشمن، ٿاڻي تي منهنجي آمد آهي، جو مون ڏي وٺي آئينس؟"

"سائين، مان تہ هن کي ڀڏايو تہ صاحب گناهہ نمبر 224 جي جاچ ۾ مصروف آهي، پر هن جو ڀوري ڳالهہ ڀڏائي تہ لاچار ڪيس وٺي آيس. پاڻ بہ سرڪاري ملازم آ."

"چا ٿو ڀڏائي؟"

"سائين، چئي ٿو تہ خون ٿيل آ."

"خون، چڪلي ۾ چا ؟ پر اتي تہ سڄي رات رائونڊ ۾ هوس."

"نہ سائين، مون کي تہ جاء واردات جي خبر ڪانهي، اوهان کي پاڻ ڀڏائيندو. اڙي ميان، ويجهو اچي صاحب کي سموري حقيقت ڀڏاء. ڊڄ ڊپ نہ، سچ ڀڏائيندين تہ فائدو پوندء." سپاهيء هن کي سڏي چيو.

هو اڳتي وڌي صوبيدار جي پرسان آيو تہ صوبيدار ڪائنس پڇيو، "ميان، تون ڪهڙي ڪاتي ۾ آهين؟"

"سائين مان گيج ريڊر آهيان، سکر براج تي."

"ها، حقيقت ڪر."

"سائين، مان صبوح جو دستور موجب پاڻيء جي ماپ پئي ورتي تہ هڪ لاش ڏٺم، جو براج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڳچي آروپار ڪپيل آهي، ۽ سسي باقي وچي ڪل جي ٽڪريء سان ڳنڍيل آ."

"لاش مرد جو آ يا عورت جو؟"

"عورت جو."

"لاش پڪ مڇيون ڪائي ويون هونديون ۽ شناخت ڪان ڏور هوندو."

"نہ سائين، اڃا سلامت آ."

"هون، ڪا خبر چار؟ ڪو آيو، ڪو ويو؟"

"نہ سائين، اسان وٽ تہ ڪو ڪونہ آيو."

" ڪوڙا خان، ٿاڻي تي ته ڪو وارث وصي ڪونه آيو؟" صوبيدار پنهنجي سپاهي کان پڇيو.

" نه سائين، هتي به نه جَنِ نه ڪَنِ."

"صوبيدار وري ڏانهنس ڪنڌ ڦيرايو: "ها ميان، ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺئه؟"

"سائين، باک پي ڦٽي."

"اتي ٻيو ڪير هو؟"

" ڪوئي ڪونه، مان اڪيلو هوس."

" پوءِ ڪنهن کي ٻڌائيه؟"

" ڪنهن کي ڪونه، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان."

"تون پاڻ ڪٿي رهندو آهين؟"

"سائين، سکر براج تي ڪوارٽر مليل آ."

"اڪيلو رهندو آهين يا ٻارين ٻچين؟"

"سائين اڪيلو."

" ها ميان اڪيلو جو نه رهندين، مڙس به شوقين ٿو ڏسجين!"

" شوقين ڪيئن سائين؟"

" ميان لبِ مهراڻ" تي روز هڪ ٻئي کان اور ٽيون اچي گڏ ٿين، تو به هڪ ڪن نه تاڙي هوندي."

" نه سائين، مان انهن ڳالهين کان پري آهيان."

"انهن ڳالهين کان پري هجين ها ته خون جو ٽٺي ها. لاش جو ليي ها!"

" سائين، مان نه سمجهيو." گيج ريڊر کي پگهر اچي ويا.

" برابر، تون هاڻي ائين سمجهندين به ڪونه. پر اها مهل آئي ته پاڻهي طوطي وانگر ٻولينديـن."

" سائين: توهين مون ۾ اجايو شڪ ٿا رکو. مان اهڙو ڪم ڪيان ها ته لاش هيٺ نه لوڙهي ڇڏيان ها. آخر مون کي ڪنهن ٻئي ڏنو؟"

" ها. اها ڳالهه تنهنجي فائدي ۾ آهي، ان کي ضرور خيال ۾ رکبو، ڇگو لاش جو حليو ته ٻڌاءِ."

" سائين، مان هيٺ لهي ته ڪونه ڏٺو، جو هراس پئي ٿيو. باقي فوٽڻ رنگ جي پوري، ڍڳهن ڪارن وارن سان، ڳاڙهو گهگهو پيرت سان...."

" وئي، وئي!" صوبيدار ڳوٺ پڳي.

" ڪٿين وٺي سائين؟"

" پڪ ڪنهن گهگهيلي ڪاري ماري، پنهنجو منهن ڏوتو. "

گيج ريڊر اجا اهو گفتو نہ سمجهيو، سو صوبيدار کان پڇيائين،

" سائين، ڪنهن منهن ڌوتو؟"

" ميان، تون ڇڙ ماڻهو، توکي انهن ڳالهين جي ڪهڙي خبر. اهي غيرتون گهگيلن کي، جو ڪو مهڻو ڏئين تہ ان تي ٺي آءُ ڪن. "

گيج ريڊر هينئر اها ڳالهہ سمجهي ويو، سو صوبيدار کي چيائين،

" سائين، اهي ڪهڙي قرآن ڪتاب ۾ جائز آهن؟"

" ٻروچ هن قانون کي جا تا سمجهن، اهڙا خون تہ هنن لاءِ جائز آهن. "

" پر سائين، قانون ۾ تہ ڏوهي آهن. "

" ها ميان قانون ۾ تہ سڌوسنئون 302 آهي، پر ڪير فريادي ٿئي ۽ ڪير باکو ٿئي؟ ان ڪاريءَ جو پاءُ ۽ پيءُ بہ جوٽي نہ ڪندا. پيا مائٽ تہ پري پڌ. "

" پر سائين، اوهان اکيون وجهونِ تہ اهي ڏوهہ ڪيئن تا لکي سگهن. "

" ها، جي ڏکهي جاچ ڪبي تہ اٿي مان وار بہ ڪدي ڇڏبو. مون کي تہ اهڙو آزمودو آهي، جو ڪو خونيءَ کي ڪٿي گلاب جي عرق ۾ وهنجاري سؤ ماڻهن سان گڏ بيهاري، تہ بہ مان هڪ پل ۾ ڪن کان وٺي ٻاهر ڪڍندو سانس تہ پٽ ماءُ جا، هتي ٿي بيهہ! "

" واه سائين واه، اهو وري ڪيئن؟"

" خون جي ڏپ! خوني مان ڪا رت جي ڏپ ويندي؟"

" پوءِ تہ سائين وارو ڪيو. "

" ميان، هن ڪاريءَ جي ڪيس ۾ ڪنهن کي پڪڙي ڪنهن کي پڪڙيان، جنهن ٻروچ ۾ هٿ پوندو تنهن مان خون جي ڏپ ايندي! "

" پر سائين، اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ فوتڻ ڪاري نہ هجي ۽ واٽ ويندي، پاٽي پريندي، ڪنهن شڪاريءَ کي هٿ اچي ويئي هجي ۽ ان پوءِ پو کان ماري ڪيس لوڙهي ڇڏيو هجي. "

" ها، ائين بہ ٿي سگهي ٿو. پر اهڙو امڪان اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. "

" سائين، هڪ ٻيرو جانچ شروع ٿي تہ پاٺهي دڳ ٿيندو ويندو. خون

۽ ڪتوريون ٽورو لڪنديون آهن."

"ميان، ههڙي خون جي مولا نہ جاچ ڪرائي. هيءَ جاچ تہ رهندو گهر جا ٽپڙ بہ گهليندي؟"

"ڪيئن، سائين؟"

"بابا، لاوارث لاشن جون جاچون ڪي سوليون آهن. پهريون لاش ڪڍائڻ تي مزوري، پوسٽ مارٽم جو خرچ، فوٽو گرافر، جيپن جا ڀاڙا ڪرايا، لاش جو دفن ڪفن. ان ڪان پوءِ بالا آفيسرن جا سهما، روز پيا پڇائون ڪندا. جيستائين ٻہ ڏوڪڙ سندن منهن ۾ نہ هڻبا. ميان، در ڪولي، لاش لوڙهي ڇو نہ پٽي ڇڏيٺي؟"

"سائين اهڙو پاپ مون ڪان ڪئين پٽي پڳو. مولا الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي، شل حقوّن بہ رکي ناحقوّن بہ."

"پر هاڻي تو گناهہ ڪيو يا مان، جو پٺي پيا رولڙا پسون. ميان، خون جو فرياد ڪا چرچي جي ڳالهہ ڪانهي. روز روز حاضريون ڪاٽي ٽڪين تہ پاٿهي بان ڪندين."

"سائين، مون ڪي اهي حاضريون چڱيون آهن. پر اهڙو ڪڏو ڪم مونڪان نہ ٿيندو، منهنجي فرياد وٺ."

"ها ميان، تو مان جند ڪانہ ڇٽيندي. نيڍي هوندي ماٽنن ڪو ڳڏهہ جو ڪير پياريو هيٺي الائي ڇا."

"سائين، جئين سمجهين."

"ڪوڙا خان، منشي وڏيءَ ڪي سڏ ڪر تہ هي فرياد وٺون." صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کي چيو.

منشي وڏو پنا، ڪاربان، رول، پينسلون ڪٽي آيو، ۽ اچي صوبيدار جي پرسان موڙي تي ويهي، رول سان پني تي ليڪا ڪڍي، صوبيدار ڪان پڇيائين، "سائين، پهريون ڪچي پني تہ ڻاهيون تہ پوءِ تا 154 تي آڻيون."

"وڏا، مڙيئي ڏوڙ وجهينس، يا جيئن وڻئي تيئن ڪر، پلي پهريون ڪچي ڻاهہ."

منشي ودي ىنا ڪاربان ڻاهي پينسل هٿ ۾ ڪٽي، صوبيدار ڏانهن ڏٺو.

"وڏا. لک فريادي‌ءَ جو نانو. ڇا ٽي نالو؟"

"سائين . غلام محمد پٽ ىور محمد."

" وڏا لک - فريادي غلام محمد پٽ نور محمد، گيج ريڊر، سکر براج، ڏوھ قلم 302، وقت اطلاع صبوح ڇهہ بجا، وقت رپورٽ ..... وڏا، ٻيھ تہ، روزمانچو ڪيستائين لکيو اٿئي؟ هينئر تہ ڏهہ اچي ٿيا آهن."

"روزنامچو رات ڳان بند آ. هينئر وڃي لکندس."

"ليڪ آ، تہ پوءِ لک- وقت رپورٽ داخلا جو سوا ڇهہ بجا، وقت جانچ جو، بروقت، پوليس طرفان ڪا دير ڪونہ. ها بابا. لاش ڪٿي ڦاٿل آ ؟"

"سائين ، سکر بيراج جي چوٿيهين در ۾."

"وڏا، وارو ڪر، ڏس تہ اسان جي ٿاڻي جي حد ڪهڙي در تائين آهي."

منشي وڏو ٽڪرو ڪوٺيءَ ۾ ويو ۽ پري ڳان رجسٽر ڪڍيون ڦهڪندو آيو، ۽ چوڻ لڳو، "سائين، اسان جي ٿاڻي جي حد ڪانهي."

"واه قلندر! ميان، وڃ روهڙي ٿاڻي. ان حد ۾ نہ اسان جو اڏ نہ ٿهائي." صوبيدار مرڪندي چيو.

"سائين، ائين ڪئين ٿا ڪيو؟"

"ميان، اعتبار نٿو اچئي تہ ڪٿي پاڻ رجسٽر ڏس."

"سائين، فرق تہ رڳو هڪ در جو آهي."

"بادشاه، هڪ در جو فرق تہ وڏي ڳالهہ آ. ۾ هڪ ترَ جو هجئي تہ ٻہ وک نہ هلانءِ، مان آخر پرائو سور پنهنجي مٿي ۾ ڇو وجهان."

"مڙئي سائين مهر ڪر."

"اڙي ڪو چريو چئبين. ليلهڙاٽ تہ ائين ٿو ڪرين، ڄڻ ڪا پنهنجي سڳي هجئي. ميان، تنهن جو ڇا."

"پوءِ سائين، مان ڇا ڪيان؟"

"بابا، تون روهڙي ٿاڻي تي وڃ. اتي وڃي اها رپورٽ ڏي."

"اهو جو رپورٽ نہ وٺي؟"

"ڪيئن نہ وٺندو، سندس حد آ."

گيج ريڊر وري روهڙيءَ ڏانهن ڪڙي ڪئي، ۽ ذري گهٽ منجهند اچي ٿاڻي تي پهتو. ڪلاڪ ڏيڍ جي انتظار کان پوءِ، مس مس صوبيدار سان ملاقات ڪيائين ۽ ڪيس خون ٿيل لاش جي لڙهي اچڻ جي خبر ٻڌايائين.

"لاش ڪٿي ڦاٿل آ؟"

"سائين، سکر براج جي چوٿيهين در ۾."

"منشي وڏا، اهو چوٽيهون در اسان جي حد آ، يا سکر جي ؟"
"اسان جي." منشيءَ وڏي منهن ڀيلو ڪري ٻڌايو.
"ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺو هُيئي ؟"
"سائين ، باک مهل."
"پوءِ ايتري دير ڪاٿي هئين؟ هينئر تہ ذري گهٽ منجهند اچي ٿي آهي!" گيج ريڊر چپ.
"ميان، جواب ڏي، نہ تہ اها دير توکي ڏکي پوندي."
اتي گيج ريڊر ڦاٽ ڪاڏو، پرائيءَ عزت کان نيٺ پنهنجي عزت پيار هئي. "سائين ، مان تہ پنهنجي سر ڪا دير ڪانہ ڪئي. مان تہ ان مهل ٿي سکر ٿاڻي ويو هوس، پر انُ صوبيدار مون کي ويهاري ويهاري نيٺ پوءِ جواب ڏنو."
"ڇو جواب ڏنائين؟"
"چيائين تہ منهنجي حد ڪانهي."
"حد هن جي هجي يا منهنجي هجي. جهڙو هو گورنمينٽ جو نوڪر، تهڙو مان نوڪر. هن کي پهريون خون جي خبر پئي هئي، قانون مطابق هن کي رپورٽ وٺڻي هئي ۽ مشير نامو ٺاهي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻو هو. ان کان پوءِ مون ڏي ڪاغذ موڪلڻا هئس."
"ها سائين، مان تہ ڪيس گهڻائي ايلاز ڪيا، پر اصل ڪونہ مڙيو."
"ڇا پئي چيائين؟"
"سائين، چيائين پئي تہ ههڙي جاچ ڪير ڪري. هيءَ جاچ تہ رهندو گهر جا ٿيڙ گهليندي."
"ها، پر جي منو ڪاٿبو آ تہ ڦڪو بہ ڪاٿبو آ. جي ان لاش جا وارث پئدا ٿين ٿا تہ پوءِ اهو لاش ڪيس ڏاڍو منو لڳي ها، پوءِ انهن حدن بدن جو خيال ٿي ڪونہ اچيس ها."
"الائي،سائين."
"الائي وري ڇو، توکي اها خبر نٿي پوي؟"
گيج ريڊر چا ڪُڇي.
"چڱو ڀلا، هاڻي هي ٻڌاءِ، توکي ڪيئن خبر پئي تہ لاش چوٽيهين در ۾ آ ؟"

"مان پاڻ ڏنو هو."

"تو لاش ڏٺو هو يا در ڳڻيا هيئہ؟"

"در ڳڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي سائين. درن جا نمبر تہ منهنجي دل تي لکيا پيا آهن."

"پر ميان، پل چڪ تہ ٿي سگهي ٿي."

"نہ سائين، اهڙو انڌو مان بہ ڪونهيان."

"ڀلا، هينئر جو هن ٽائي تي آئين تہ وري لاش ڏٺئہ؟"

"هن ڀيري تہ اهو رستو آيس ئي ڪونہ. مان تہ سڌو اچي روهڙي واري پل ٽپيس."

"اوڏانهون اچين ها تہ گهٽ ۾ گهٽ پڪ تہ پئي ها. الائي، وري لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ تہ نہ ڦاٿو."

"اها الله کي خبر. پر ائين وري ڪيئن ٿيندو؟"

"چڱو، اها وري ٿا ڪٿي جاچ رکون ..... وڏا، او منشي وڏا."

"جي، سائين؛" منشيءَ وڏي جواب ڏنو. ۽ اچي صوبيدار جي سامهون بيٺو.

"يار، لاوارث لاش جي فرياد آهي تہ ڏکي. پر هن مڙس کي هرويرو ڪونہ رلائبو. تون هن کان فرياد وٺڻ جي تياري ڪر. پران وچ ۾، پنهنجو ڪو مهاڻو موڪلي اها تہ خاطري ڪر، متان لاش اسان جي حد ۾ ئي نہ هجي ۽ اسين وينا اجايا خفا ڪيون."

"اهي خفا اجايا ٿا ڪيو سائين. لاش چوٿيهين در ۾ آ." گيج ريڊر صوبيدار کي وري پڪ ڏني.

"ميان، اسان کي پڪ تہ ڪرڻ ڏي، متان درياهہ جي وهڪري تي لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ نہ ڦاٿو هجي."

"ڀلي سائين."

"منشي وڏا، تو بہ ڳالهہ سمجهي نہ؟"

"ها سائين، خاطري ڪيو."

"پر ڪنهن ٻني بشر کي خبر نہ پوي! مهاڻي کي بہ جهلجانءِ تہ ان ڳالهہ جو پڙهو نہ ڏي، رڳو ماٺ ميٺ ۾ لاش ڏسي، در ڳڻي اچي."

"ها، سائين. بس نہ؟"

"بس، پر هن همراهہ کي پاڻ سان ورتيون وڃي. هن ويچاري ماني بہ

ڪاڏي آهي الائي ڪونہ."

"سائين، مون کي طلب ڪانهي."

"ميان حجاب نہ ڪر، ماني مولا جي آ. وڏا، منهنجي ڪنڌي هوٽل مان گهرائي ڪارائينس. هي مڙس ماڻهو اٿئي، پرائي خون تي ڪنهن پاڙي پتي کي کهڪاءِ ڪونہ ايندو آ، وڏا. هھڙن مڙسن جو شل ڪال نہ پوي."

"بيشڪ سائين، مڙساڻا اکر اٿس. هل ادا ، اتي ڪو ڪيو ڪاءِ."

صوبيدار ۽ وڏي منشي جي ان تعريف گيج ريڊر جا مڙئي تڪ لاهي ڇڏيا. هن کي سکر واري صوبيدار تي وڏي خار هئي، جنهن ڪيس اجايو رلايو هو ۽ ساڻس خوديءَ سان ڳالهايون هئائين. هو منشي وڏي جي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ماني کائي، جنگون ڏکيون ڪيائين تہ ڪيس ننڊ ڪٽي وئي. ٽپهريءَ مهل منشيءَ وڏي تنگ لوڏي جاڳاياس ۽ صوبيدار وٽ هلڻ لاءِ چيائينس. هو صوبيدار جي ڪوٺيءَ ۾ گهڙيو تہ صوبيدار کيس چيو: "ميان، لاش تہ ٽيٽهين در ۾ آ. اها اسان جي حد ڪانهي."

"اهو وري ڪيئن سائين؟ مان پاڻ چوٽيهين در ۾ ڏٺو هو!"

"ميان، يا تہ تون ڀُلو آن يا لاش پوءِ وري لڙهي وڃي ٽيٽي در ۾ ڦاٿو آ."

"سائين، مان تہ رلي مري ويس !"گيج ريڊر کي رلڻ جو جيڪو خيال هو، سو تہ ڪٽي ڇڏيو، پر کيس سکر واري صوبيدار جا سوڙ بہ پئي سجهيا."

"ميان، پرائيءَ حد ۾ مان ڪيئن دخل ڏيندس."

"پر سائين، در ۾ ڦاٿل لاش ڪٿين وري لڙهندو. منهنجو تہ مغز ئي ٽٽو ڪم ڪري."

"ميان، پر تون وري ڪٽي براج ڏانهن ٽيندو وڃ. چڱيءَ طرح در ڳڻجانءِ، جي چوٽيهون دَرُ هجي تہ مون کي ڪٽي نيابو موڪليندين تہ مان اچي نهڪو ڪندس."

گيج ريڊر آڳ قبولي، وري سکر طرف هليو ۽ سڌو رستو ڇڏي سکر براج ڏانهن ڦريو. هن پيري هن پڪو پهہ ڪيو تہ لاش چڱيءَ طرح خاطري سان ڏسي پوءِ سکر واري صوبيدار سان ملندو. هو هلندو هلندو چوٽيهين دَرُ وٽ پهتو تہ ڏٺائين تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ هٽان ۽ وري اڳتي وڏي ٽيٽيهين در ۾ جهاتي پاتائين تہ اتي لاش برابر ڦاٿل هو. اها خاطري ڪري هو سکر

ٿاڻي پھتو تہ صوبيدار پري کان ڪيس ڏسي پڇيو، "پٽيا خدا جا! وري ڇو آيو آھين؟"

"سائين لاش تيٽيھين در ۾ آھي. اھا اوھان جي حد آ."

"اڙي، اھو وري ڪيئن؟"

"سائين، صوبيدار روھڙي واري جو لاش ڏسڻ لاءِ مھاٿو موڪليو تہ اھو تيٽيھين در ۾ ڦاٿو پيو ھو، سو توھان ڏي موڪليائون."

"ھتي ويھہ گيج ريڊر جا پٽ." صوبيدار گجگوڙ ڪندي چيو، "تنھنجي حد ۾، تنھنجي ڊيوٽي ۾، خون جو ڏوھہ ٿيل آھي. ان کان پوءِ تون لاش کي ھڪ جاءِ تان ٽيڙائي وري ٻي جاءِ وارادات ٺاھي آھي. اھو ڏوھہ بہ خون جيتروئي آھي. وڏا، ڊيڪارينس ان ڏوھہ جو قلم."

"ھيڏي آ ميان تہ قلم ڊيڪاريانءِ." منشي وڏي ڪيس سڌ ڪيو.

"ڇڏ منشي وڏا، مان برابر گناھي آھيان." گيج ريڊر روئنھارڪو ٿي ويو.

"بلڪل تون گناھي آھين. ان ڪانسواءِ تون ٻن ٽاڻن، ٻن عملدارن کي تو پاڻ ۾ ويڙھائين. ان ويڙھہ ۾ تون اٿين پيسجي ويندي جيئن آنَ سان گڏ گھڻو."

"سائين اعتبار ڪر مان توھان کي ڪوڙ تو ويڙھايان ۽ نہ مون کو لاش ٺي ٽيڙيو آھي."

"پوءِ لاش تيٽيھين در ۾ ڪيئن آيو؟"

"سائين خدا جو قسم، مون کي ڪا خبر ڪانھي. منھنجون تہ پاڻ وايون بتال ٿي ويون آھن. صبوح جو مان ھن گنھگار اکين سان لاش چوٽيھين در ۾ ڏٺو ھو، پر وري روھڙي کان موٽندي ڏٺم تہ تيٽھين در ۾ پيو ھو."

"پوءِ لاش جن ٽيڙيو يُوتَ ٽيڙيو؟"

"سائين روھڙي واري صوبيدار تہ چيو پئي تہ لاش درياھہ شاھہ ٽيڙيو آھي."

صوبيدار سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڪي گھڙيون ٿيءَ ۾ پئجي ڪنڌ مٿي ڪنيائين، "ھا اھا ڳالھہ ٿي سگھي ٿي. درياھہ بادشاہ آھي."

"ڀلا سائين، ھاڻي رپورٽ وٺو، دير ٿي ٿئي."

"ضرور وٺبي، پرَ ھينئر تہ سانجھي ٿي وئي آھي ھن مھل لاشو ڪير ڪيندو؟"

"پوءِ ڇا ڪيان؟"

"تون ساڄهر اچجانءِ، رپورٽ مان رات ئي لاهي ڇڏيندس. صبوح جو ڇڙي تنهنجي صحي پوندي."

"پر سائين، لاش ڪي ٻي ٻه رات پوندي ته شناخت ڪان زور ٿي ويندو."

"ميان، رات ۾ ڪجهه ڪون ٿيندس، تون باک مهل اچي پهچجانءِ."

رات جو ته نه، البت باک مهل هو وري سکر ڏانهن پٺي آيو ته ٽيٽيهين درجي سامهون پهچي. هن ڪي دل ۾ خيال آيو ته جيڪر هو لاش ڪي وري هڪ نظر ڏسندو وڃي. هن ڪي پڪ هئي ته لاش شناخت ڪان زور ٿي ويو هوندو. هن پٽ ڪي هٿ وجهي جو هيٺ نهاريو ته هن جي اکين ۾ ترورا اچي ويا. لاش ٽيٽهين در ۾ ڪونه هو. هن وري ڊڪي وڃي چوٽيهين در ۾ جهاتي پاتي ته لاش اُتي ڦاٿو پيو هو.

هو ڪي گهڙيون ڦٽ- پاٽ تي بيهي رهيو. هن نه سکر طرف قدم وڌايو ۽ نه روهڙي طرف موٽ ڪاڌي. پٺي پاسا ڳورا هئا. اڳيان باهه هئي ته پنيان پاڻي هو. ڪا مهل سوچي سوچي هن هيڏي هوڏي نهاريو. پرتي اورتي ڪوئي ڪونه هو. هن پٽ تي چڙهي در جي چاپيءَ ۾ وڃي هٿ وڌو.

نيرن مهل گيج ريڊر پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن پٺي ويو ته سرويئر ڪائنس پڇيو، "غلامو، لاش ڪهڙي صوبيدار جي حوالي ڪيئه؟"

"بابل، ٻنهي صوبيدارن لاوارث لاش ڪونه ورتو، سو ان ڪي ان بادشاهه جي حوالي ڪيم، جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن، هيڏانهن سکر براج ته هوڏانهن عربي سمنڊ. ❑

پھرين پھر

ستين بجي ميلاد هو ۽ هن اجا ڊريسنگ ٽيبل جي پچر ٽي ڪونہ چڙهي هئي. ٽيبل جو سمورو ٽاپ شيشون ٽي شيشون هو. سندس ڀينهي ڏيڻن فريال ۽ زوفيءَ تہ ڪڏهوڪو پنهنجي بيل باٽم سوٽ پائي تياري ڪري ڇڏي هئي ۽ هر هر سندس ڪمري ۾ پئي جهاتيون پاتائون ۽ ڦيريون ڏنائون. هن رکي رکي ڪيس ايلاز بہ پئي ڪيا، "امي پليز هائي اٽ بہ نہ!" هن ميڪ- اپ ڪندي ڪڏهن تہ ڪين ڇهڙون پئي پاتيون ۽ ڪڏهن تہ ڪين آسرا پئي ڏنائين، "بس باقي پنج منٽ."

هڪ دفعي تہ زوفيءَ دل ٻڌي ڪيس چئي بہ ڏنو، "امي تنهنجا اهي پنج منٽ تہ ڪٿن بہ ڪونہ ٿا!" هن جو جواب ۾، زوفيءَ ڏانهن خار ۾ گهورڻ ٽي ڪافي هوءَ هو پيچ پائي وٺي پڳي هئي ۽ وري ڪي گهڙيون پاڻ اچڻ بدران فريال کي پئي موڪليائين.

اهي آسرا، اهي ڇهڙون شام جو ڇئين بجي کان پئي هليون، جڏهن هوءَ ائپرن پائي اچي ميڪ- اپ کي لڳي هئي. پهريون فائونڊيشن ڪريم وري فيس پائوڊر، وري روج، مسڪارا، آءِ لائنز مڙئي شيشن مٿان شيشون پئي ڪليون وري بند ٿيون ۽ وري پئي کليون.

هن ان ميلاد جي تياري حقيقت ۾ تہ ان ڏينهن کان شروع ڪري ڏني هئي، جنهن ڏينهن هوءَ اپوا جي ميٽنگ ۾، پنهنجي طرفان ڀرپور تياريون ڪري وئي هئي ۽ تڏهن بہ بيگم ملڪ اڳيان سندس دال نہ ڳري سگهي هئي. ان وچ ۾ هوءَ ڪونہ ڪو سانگو ڪري ڪراچي جو چڪر بہ هڻي آئي هئي ۽ اتي هن پنهنجا وار بہ نئين طرح سيٽ ڪرايا هئا ۽ بيوٽي پارلر جي مسز بيگ جي صلاح سان ميڪ- اپ ۾ روش شيڊ ڇڏي روز ريشل شيڊ جو انتخاب ڪيو هئائين، جيڪو هن جي رنگ تي نهيندڙ بہ هو. هن ٻئي ڏينهن ساندہ بيوٽي پارلر ۾ وڃي ميڪ- اپ بہ سکيو هو. هن محبوب بخش وارن وٽان ڳولي ڳولي ٽئي فارين ڪپڙي جا سوٽ بہ ورتا هئا ۽ پيور پرنٽيڊ شيفون جي ساڙهيءَ جي ڳولا ۾ سپرهاءِوي وارين جهڳين ۾ بہ ٽاپا ڪاڏا هئا. جنهن وقت اها ڪيس ملي هئي، هن محسوس ڪيو هو تہ ڄڻ سارو جهان ڪيس ملي ويو هجي. ان کان پوءِ پورا ٻہ ڏينهن تہ انهن ڪپڙن جي ڊزائن ڳولڻ ۾ صرف

ڪيا هئائين ۽ سڀڻ ڪان پوءِ ٻـ ٻتي ڀيرا پائي قل مرر ۾ آڳا پيڇا ڏسي، خاطري ڪئي هئائين. هن هڪ ڀن جوڙن تي شوز ۽ پرس ٻـ ورتا هئا. جيولري لاءِ تـ هن سموريا دوڪان ڏٺا هئا، پر پرس خالي هئڻ سبب هو ڪو ڳرو جڙائو سيٽ وٺي نـ سگهي هئي. تنهن هوندي بـ اوڊر سوڊر ڪري هڪ هلڪڙو لاڪيٽ، منڊي ۽ ٽاپس جو نورتن سيٽ ورتو هو. موٽڻ ڪان پوءِ هن ڪنهن نـ ڪنهن پارٽيءَ جو انتظار شروع ڪري ڏنو هو، ۽ ان لاءِ ڪيس گهڻو ترسڻو نـ پيو ۽ جلد ئي ڪيس بيگم بشير ميلاد جو سڏ ڏنو هو. شام جو ڇهين بجي ڪان هن ميڪ اپ شروع ڪري ڏنو هو. ٽيبل جو سمورو ٽاپ، شيشون ئي شيشون هو، جي ڪڏهن کليون پٽي تـ ڪڏهن بند پٽي ٿيون.

هن ميڪ- اپ ختم ڪري ڪليل شيشون بند ڪيون ۽ پوءِ ڊريسنگ گلاس جي ڪڏهن ويجهو ويجي، ڪڏهن پري بيهي اکيون ڦوٽاري ڪڏهن ڇُنڇهيون ڪري، ڇپ ڀڪوڙي وري کولي پنهنجو اوور آل جائزو ورتو. مطمئن ٿي هن پرس کنيو تـ فون جي گهنٽي وڳي ۽ زوفيءَ ڪيس سڏ ڪيو، "امي بيگم حسين جو فون."

"ڪمنگ!" هن سُر سان جواب ڏنو ۽ لوڏ سان فون ڏانهن هلڻ لڳي.

بيگم حسين هن جي حجاڻتي ساهيڙي هئي. عمر ۾ ٿوري هن ڪان وڏي پر تجربي ۾ آڙيڪاپ، شاديون، براتيون ۽ پارٽيون هن ڪانسواءِ نامڪمل هيون. ڪنوارين جا سينگار، سيجون، سندن گوڏي سان گوڏو ڀڃي ويهڻ، ڪين ڪن ۾ ڳالهيون ڪري ڪلائڻ، آخر ۾ گهوٽ کي پارتن ۽ صبوح جو خبرون چارون وٺڻ، سندس بلي هوندو هو. هن رسيور کنو تـ بيگم حسين اڃي ڪيس انگن تي ڪينو، "من ڪيترو تڙپائينديڻءَ سادا ست اڃي ٿيا آهن!"

"بس آيس پٽي، ڀيون آيون آهن؟"

"ڀين سان منهنجو ڇا، منهنجو تـ تولاءِ هنيانءَ تو ڦاٽي."

"مسٽر حسين لاءِ هيانءَ ڦاٽندو هوندءِ!"

"ان لاءِ رات جو، هن وقت تولاءِ."

"بس بس گهڻو ٿيو." هن شرمائجي چيو. بيگم حسين سان سندس پڇڻ جي ڀيٽي ڪونـ هئي.

گاڏيءَ ۾ چڙهندي هن کي دل ئي دل ۾ اڃي بيگم ملڪ جي هورا

ڪورا لڳي، جا هر پارٽيءَ ۾ ڪانٽس گوءِ ڪٽي ويندي هئي. شڪل شبيهه، روپ ۾ ته هيءَ به ڪانٽس گهٽ ڪونه هئي، پر بيگم ملڪ به پنهنجي نالي سان هئي. هوءَ هر ٻيري ڪونه ڪو، جدت وارو لباس يا نئون سيٽ پائي، نانگڻ وانگيان موڙا ڏيندي، ترندي ترڪندي ايندي هئي، ته هر ڪنهن جون اکيون وچي منجهس کپنديون هيون ۽ ڪيس پيرن کان چوٽي تائين تڪي وري منڊ کان تڪڻ شروع ڪنديون هيون. سڀ، ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان سندس چوڌاري ڀونئرن وانگر ڀيون ڦرنديون هيون. ان وقت هيءَ پنهنجي گروپ سان ٺهڪڙا ڏيندي به اڪيلائي محسوس ڪندي هئي ۽ هن کي پنهنجا ٺهڪ کوکلا لڳندا هئا.

بيگم بشير جو گهر اچي ويو ته اندر گهڙڻ کان اڳ، هن وري به پنهنجو جائزو ورتو. پاڻ ۾ خود اعتمادي پيدا ڪندي وڏي بي نيازيءَ سان، موڙا ڏيندي لڏندي لچڪندي، مشڪندي اچي ڊرائنگ روم ۾ پهتي. ميلاد اڃا شروع نه ٿيو هو ۽ پڙهڻ واريون هينئر پٽي مسند تي ويٺيون. پنهنجي ويهڻ لاءِ نظرن ئي نظرن ۾ جاءِ ڳوليندي، هن جي نظر اوچتو ئي اوچتو وڃي بيگم ملڪ تي پئي، جنهن ڪيس ايندو ڏسي، گهڙيءَ لاءِ هن ڏي نهاريو، پر ساڳئي پل ۾ وڏي بي پرواهي سان ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي، ٻرسان ويٺل بيگم لطيف سان ڳالهائڻ لڳي. هن بيگم ملڪ جي اها روش بري طرح محسوس ڪئي ۽ پنهنجيءَ پر به، اهڙي بي پروائي ڏيکارڻ جي ڪئي، پر اوسي پاسي ٻين بيگمات کي وش ڪندي ۽ ماحول جو جائزو وٺندي، قضا تي جو هن ٽيڏي اک سان بيگم ملڪ ڏي ديد ڪئي ته ڪي گهڙيون سندس اکيون منجهس اٽڪي بيهي رهيون. بيگم ملڪ کي پيل ماربل جو سوٽ ته خير ڪجهه به ڪونه هو، جو اهڙوئي ٻي رنگ ۾ وٽس به هو، پر سندس سچي جيڊ جو ڳورو جڙائو سيٽ ڪا شيءِ هئي! ان سيٽ کي ڏسي هنکي پنهنجي ڳچي وارو لاڪيٽ ڪنهن ميري سٽ جو ٺهيل ڏاڪو لڳو.

هوءَ پوءِ سمورو وقت ان ويسوري ۾ ويٺي رهي. الائي ڪهڙي وقت نعتون پڙهيون ۽ روايتون بيان ٿيون. هن کي ته پنهنجي رئي جي پلوَ جي به خبر ڪونه پئي، جو هيٺ سرڪي ويو هو. سلام وقت جڏهن سڀ بيگمات اٿيون ته هو پوءِ لاچار سنڌن جي سور جي مريض وانگر مس مس اٿي. ٻيون بيگمات دستور موجب سلام ۾ پنهنجو به سر وڻائڻ لڳيون، پر هن جي وات

۾ جڻ تہ مگ پيل هئا. هن ڪان تہ پنهنجي حصي جو تبرڪ وٺڻ بہ وسري ويو.

ٻاهر ورانڊي پڌر ۾ چانهہ ۾ سنيڪس جو انتظام هو. هوءَ بہ ٻين جي پويان لاچار رڙهندي هلي. بيگم حسين، جا سمورو وقت ٻيءَ ڪنڊ ۾ ويٺي هئي ۽ ميلاد جي ادب ڪان پنهنجي جاءِ ڇڏي، هن ڏانهن نہ پئي آئي، تنهن هينئر واند ڏسي ڪيس اچي ڪنييو. پر بيگم حسين جا چرچا ڪهڙا بہ ڪيس نہ وندرائي سگهيا. ظاهر ۾ تہ هوءَ مشڪندي بہ رهي تہ کِلندي بہ رهي، پر تنهن هوندي بہ هن جا ٿڪ ڪوڪلا هئا ۽ هن جي مرڪ انهن مريضن وانگر، جي ڪنهن ڪنهن مهل ٻئي منٽ اکيون ٻٽي مٿان بيٺل عزيزن کي ڏسي مرڪن. بيگم حسين ڪيس ائين بي خيالو ڏسي رڳهو هنيو، "من ڪنهن جا پور پيا اٿئي؟"

"توکي تہ سدائين مسخري سجهي." هن ٿورڙيءَ چڙ مان چيو.

"نيٺ هائي ڪٿي ڦاٽ بہ ڪاڻ، مونکان ڪيترو الدينءَ!"

"الا! ڪجهہ بہ ڪونهي."

ان وقت تہ ڪجهہ ڪونہ ڪيجائين، پر ميلاد پوري ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي گهر پهتي تہ هوءَ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ فون تي بيگم حسين کي چيائين، "بيگم ملڪ جو جڙائو سيٽ ڏٺيءَ؟"

"ها ڪيڏو نہ سهڻو هو. ستين اٺين هزارين جو تہ واهہ جو هوندو!"

"نہ تہ وري ! مان ان ڪان تمام هلڪو چڪايو هو، تہ انجي قيمت بہ پنج هزار هئي."

"پوءِ اهو سيٽ ڇو نہ ورتيءَ؟"

"اهڙا ڪٿي نصيب. مون وٽ جويلري وري ڪهڙي آهي. هڪ ٽوپس وارو سيٽ ۽ هڪ هي نورتن، جو هينئر ورتو اٿم."

"پوءِ ڇو نہ ٿي مڙس سان انگل ڪرين!"

"نہ مائي! اسان کي تہ وڏي ڪروڙ ڪان پوءِ ٿي هزار پنجين سوين جي شيءِ ٿي ملي- هي بيگم ملڪ واريون الائي ڪيئن ٿيون مڙسن کي مرضيءَ تي نچائن."

"مڙس کي نچائڻ نہ آيءِ تہ پوءِ تون ڪهڙي ڪم جي. گهمڻ گهتڻ ۽ پائڻ جي بہ هيءَ مند اٿئي، يا پوءِ نئين ساماٽبينءَ!"

"اسان ڪي تہ نٺو اچي."

"مان‌سيکاريانءِ!"

"سيکار." هن بہ ڪلندي جواب ڏنو.

"استادي مڃ تہ پوءِ!"

"ڪڏهن نہ مڃي اٿم، جو اڄ تي نئين بعيت ڪرائين."

"ڀلا تو ڪڏهن ڪن تي هنيو اٿس ؟"

"ڪوڙا پيرا- ڪلندو، ٺٺائيندو چوندو ٿ، سون کي کهڙو سون ٺهندو."

"منهنجي هڪ ڳالهہ ڌيان تي رکي ڇڏ. اها ذات اٿئي، ڏينهن جا شينهن، رات جو جهڙي ٻلي. هو ڀهاکو ڪوڻہ ٻڌو اٿئي تہ. ڏينهن پرائو، رات پنهنجي. سمجهي وئينءِ يا اچا ڪتاب اڳتي پڙهان."

هوءِ شرمائجي وئي ۽ ڪو جواب نہ ڏنائين.

"من ڪاڏي وئينءِ؟" بيگم حسين ڪا ورندي نہ ٻڌي ڪانئس پڇيو.

"اتي ئي آهيان، مڙئي پئي تنهنجون بي حيائيءَ جون ڳالهيون ٻڌان."

"ڪر بہ اهڙي بي حيائي ايندي‌ءِ. شرافت جو زمانو اصل ڪونهيءِ. متان رلهي تي پئين."

"بس بس ٻڌم. ڏاڍي ڪا تِرڪِ تالڻ آهين." هن فون بند ڪري ڇڏيو.

جنهن ڏينهن مڙسهنس پهتو، ان ڏينهن آسمان تي بادل ڇانيل هئا ۽ ٽڏيون هيرون پئي گهليون. هن بہ ٻئي ڪلاڪ پاڻ کي باٿ روم ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ اتان نڪتي تہ چڻ بنا قيت جي سچو سون. جتان پئي لنگهي، اتي ڪي گهڙيون هبڪار ٿي هبڪار هئي. چپن تي نيچرل رنگ جي لپ اسٽڪ. بيل باٽم پاجامو، سوڙهي قميص، رئو ٻنهہ ڪونہ. مڙسهنس هونءَ ئي متس اکن چکن هو ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ هوندي بہ متس اٿين جهرندو هو ڄڻ اڳ نہ ڏٺي هجيس. هن کي پنهنجي اڳيان ڪبوتري جيان هلندو ۽ ترندو ڏسي هن جي ڪيڏ ڪيڏ ڪبوتر جيان ڳٽڪندو رهيو. هوءِ دل ئي دل ۾ خوش خوش ٻاهران ڦوڪيل. هوءِ اڳ اڳ ۾ هو پويان پويان. بيڊ روم ۾ بورچي خاني ۾، وراندي ۾ ڀر ڪٽي وٺ ٿي نہ. مڙسهنس جون ڳچيون پئي لڳيون ۽ هن جون ڪنتريون. مڙسهنس انت ۾ ٽڪجي سچ کي ٽڪڻ لڳو. جڪو کي پهر هڪ ئي هنڌ ٻيهي رهيو هو. مڙسهنس کي جڪ ٻاهيون ۽ اِها هورا

ڪورا تہ اُهو ڪا ڪنڌ لڪائي تہ هـو پنهنجي جبل جي برفاني چوٽي سر ڪري.

اڃا ٻارن کي پوري پڪي ننڊ بہ نہ آئي هئي، جو مڙسهنس باز وانگر جهپڙ هڻي ڪٽي ٻانهن ۾ ڪنيو ۽ ڪيس چمندو چشڪندو اچي ٻيءِ ڪنڌ ۾ پيل ڪٽ تي ليٽايو. سچي ڏينهن جو ٻاڙيل ڪانٽس پڇڻ لڳو. "اڄ ڪهڙو نخرو آ. جو سنگل ٿي نتي ڏٿين؟"

"الا! اڄ طبيعت خوش ڪونهي."

مڙسنهس کي اهي لفظ ٻڌي پريشاني وٺي وئي. ابتا سبتا هٿ هڻي ڏٺائين تہ سڀ خيرهو ۽ ڪاٻُڻتي جهڙي ڳالهہ ڪونہ هئي. هو چوڻ لڳو. "آهي تہ خير. توکي باقي ڇا ٿيو؟"

"نہ ڊارلنگ اڄ معافي تا گهرون."

ڏهن ڏينهن کان پوءِ آيل مهمان کي اهي لفظ گولي جيان سيني ۾ لنگهي ويا. هن ذري گهٽ روئڻهارڪو ٿي ٿڌو ساهہ ڀري پڇيو. "ڇو؟"

"تيون ڏينهن کان طبيعت خراب آ. موڊ ئي آف آهي."

مڙسهنس ڪوري جيان پٽي ڀريو. هن سندس موڊ آن ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀريو ۽ سندس مٿان مهرون هڻڻ شروع ڪري ڏنائين. پر اڳيان ڇڻ تہ ٻي جان رهڙ جي گڏي هئي يا برف جو سنگ. هو چوسيندو رهيو. اهائي ٿڌاڻ. لاچار هن پڇيو. "تيون ڏينهن نيٺ ٿيو ڇا؟"

هن ڀهريون ڪو جواب نہ ڏنو. نيٺ چپ چپ تي سانوڻ مينهن وانگر اٿلي پئي: "تيون ڏينهن مونکي پاڻ لاءِ ڪجهہ ٿي ڪونہ هو. مان ميلاد ۾ اهڙو سمال فيل ڪيو. جو ڪهڙي ڳالهہ ڪيان. جڏهن بيگم ملڪ کي سچي جيڊ جو ڳورو جڙائو سيٽ پيل هو!"

"بيگم ملڪ آهي بہ تہ مل اونر جي گهر واري. مان ڪهڙي مل هنئي آهي؟"

"ٻاڻ کي بہ جو هيٽريون ساريون زمينون آهن، اهي بہ تہ ڪو گهٽ ڪونهن."

مڙسنهس جي هڪ دل تہ چيو تہ ڪيس نسريون پڌائي، پر ٻي دل ڪيس سمجهايو تہ ائين ڪرڻ سان ڪجهہ ڪونہ ورڻو هو ۽ رهندو رات خراب ڪرڻي هئي. هن ڪيسَ ٻاڪر ۾ ڪري چيو. "جاني! سونهن کي سون جي ڪهڙي ضرورت . تون منهنجي لاءِ ائين ئي هيرو آن."

هن بہ جيئن جو تيئن سندس ويجهو پوندي ڪيس هر ڪائيندي چيو.

"پر نيٺ زماني سان ٻه ته منهن ڏيڻو آهي. آيو ويو ته چوندو ته مڙس جو راز ڪونهيس، تڏهن ٿي ٻَسي. گهمي."

مڙسنهس اتي سندس ڳچي ۽ ڪن جي پاڙن کي چمندي چيو:

"پنهنجي حال جي ته خبر اٿئي ته ڏت ڏهاڙي سومرا لڳي پئي آ. فارم جي ٻه پاڻ ٿو سنڀال ڪيان ته پوءِ ٿو پيٽ گذران ٿئي. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ چاڻ فصل لٿو پهريون تون ۽ پوءِ مان."

"سچ ٿو چوين يا ڏٺو ٿو هڻين؟"

"جاني تنهنجي سر جو قسم تو ڪانسواءِ مون کي ڪير پيارو آ."

مڙسهنس سندس بدن جي ورن وڪڙن ۾ گم ٿيندي چيو.

هوءِ مڙس جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪيري ٿي پئي. ٻئي ڀريل بادلن وانگيان وسي پيا ۽ وسندا رهيا.

صبوح جو دير سان هوءِ اٿي- انگ انگ ۾ منڙو سور. پر بدن هلڪو هلڪو اهڙن بادلن جيان جي سڄي رات مينهن وسائي صبوح جو هلڪا ٿي آسمان ۾ ترندا هلندا رهندا آهن. هوءِ وارن مان ڪانٽا ڪڍي، هوريان هوريان چوٽي کولڻ لڳي. اوچتو فون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيائين ته بيگم حسين جو آواز ڪن تي پيس، هن پڇيس، "من ڪٿي هئينءَ، ٻئي ڀيرا فون ڪيم."

"اک ئي هيٺرن ڪلي." هن جواب ڏنو.

"چو ڪو اوجاڳو ڪيئي ڇا؟"

هن شرم کان ڪجهه نه ڪڇيو. ڪجهه اها ڳالهه ٽارائيندي ۽ ڪجهه ٻڌائڻ جي خيال سان چيائين، "ٻي ڳالهه ٻڌ. رات واعدو ڪيو اٿئين ته ڏهن پندرهن ڏينهن ۾ جڙائو سيٽ وٺي ڏيندو."

"کهڙيءَ مهل وعدو ڪيائين. اڳ يا پوءِ؟"

هوءِ چپ. شرم کان منهن ڳاڙهو.

جڏهن کي گهڙيون بيگم حسين کي جواب نه مليو ته هن زور سان ٽهڪ ڏيندي چيو، "من جي اڳ ۾ وعدو ڪيو اٿئين ته پوءِ تو ٻه اهو سيٽ پاتو..... ٻڌو نه اٿئي ته ڪر لٿو ڍڪڻ وسريو." ❑

ڪافر

جنهن ڏينهن سيتل اوڏ ۽ سندس گهرواريءَ کي مسلمان ڪرڻو هو، ان ڏينهن مسيت ۾ نماز تي ايترا ته جماعتي آيا جو قبائين ڪوٺي ته پرجي وئي پر ٻاهر پڊر ۾ ٻه ٻه ٽي صفون بيهجي ويون. هن ڪان اڳ ايتري جماعت يا ته عيدن تي ٿيندي هئي يا جڏهن ڪو سرندڙ ماڻهو پنهنجي مئل پيءُ يا ماءُ کي ثواب ڏيارڻ خاطر ختمي جي ديگ لاهيندو هو. ڳوٺ واري مسيت جي پيش امام، مولوي اميد عليءَ، ٻه ان ڳالهه جي چڱي مشهوري ڪئي هئي ۽ اوطاق ۾، قرآن شريف ۽ حديث جي روشنيءَ ۾، هن موقعي جو عيدن کان به وڌيڪ مبارڪ هجڻ ثابت ڪيو هئائين. ڳوٺ جا ماڻهو ٻه هرويرو ايترا بي دين ڪونه هئا ۽ جنهن مڙس پڳ جو وڙ ورايو هو سو اچي حاضر ٿيو هو. مولوي صاحب پاڻ به هن موقعي تي چڱي شان مان سان آيو هو. مٿي تي موڳي سائي دستار، بدن تي هرڪ جا ڪورا ڪپڙا، پيرن ۾ سيم جي نئين جتي، ۽ هٿن ۾ جنديءَ جي عصا. جنهن جي هيٺين چيڙي ۾ لوهي ڪلي لڳل هئي ۽ جا محراب جي پرسان ڪچي فرش ۾ ائين ڪوڙي هئائين جيئن دين جو جهنڊو ڪوڙيو هجيس. ان ڏينهن هن جيڪو خطبي جو ڪتاب آندو هو سو به نئون هو، هو جڏهن آيتون پڙهي سنڌي ابيات جي ان حصي تي پهتو، جتي چئن اصحاب سڳورن جي ثنا هئي:

پهريون يار هو صديق اڪبر
پلارو پر جهلو صديق اڪبر
رفيق غار هو صديق اڪبر
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
ٻيو يار عادل عمر هو
سدائين ڪفار جو قاتل عمر هو
شجاعت ۾ قوي ڪامل عمر هو
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
نبي جو دادلو عثمان اعلي
جمع قرآن ڪيو عثمان اعلي
سخاوت جو صاحب عثمان اعلي
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان
چيارو دين ۽ ايمان حيدر
پيغمبر تان سدا قربان حيدر
خدا واڪائيو هر آن حيدر
تنهنجي صفت ڪهڙي ڪريان

- تہ جماعتين جون اکيون اهڙا سريلا ابيات ٻڌي پوتجي ويون ۽ هر ڪنهن جي دل گهرڻ لڳي تہ اهو خطبو هلندو رهي. فرض ۾ بہ مولوي صاحب ننڍين آيتن بجاءِ سورت الرحمان شروع ڪئي، جنهن ۾ «فباي الاءِ ربکما تُڪذبان» جي تڪرار نماز ۾ وڏيڪ سوَاد پيدا ڪري ڇڏيو. نماز کان پوءِ مولوي صاحب ٿوري تقرير ڪئي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي اهڙي مبارڪ موقعي ۾ شريڪ ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائين. پوءِ هڪ پنج - وقت نمازيءَ کي موڪلي سيتل ۽ سندس گهر واريءَ کي گهرايائين، جي غسل ڪرڻ کان پوءِ نون ڪورن ڪپڙن ۾ اوطاق ۾ ويهاريا ويا هئا. جڏهن سيتل مسيت ۾ ويٺو، تڏهن مولوي صاحب بلند آواز ۾ سيتل گان پڇيو، "بابا، تون ۽ مائي تلي، دين محمدي قبول ڪرڻ گهرو ٿا؟"

"ها مولبي صاحب."

"پنهنجي رضا خوشي سان يا زور زبردستيءَ سان؟"

"پنهنجي رجا سان، سائين."

"تون بہ مائي تلي؟"

"ها سائين." هڪ نوڪليءَ ڪنڊ ۾ ويٺل مائي تليءَ جواب ڏنو.

مولوي صاحب اهو ٻڌي ڏاڍيان جماعتين کان پڇيو، "ٻڌو ٿا برادران؟"

"ها ٻڌون ٿا." گهڻن جماعتين جواب ڏنو.

مولوي صاحب اشهد آگر چت ڏانهن ڪنئي ۽ ٽي ڀيرا بلند آواز سان چيائين، "اي الله تون شاهد هججانءِ. اي الله تون شاهد هججانءِ. اي الله تون شاهد هججانءِ." ائين چئي مولوي صاحب وري سيتل کان پڇيو، " روزا بہ رکندين ۽ نماز بہ پنج وقت باجماعت پڙهندين؟"

"ها سائين روجا بہ رکندس نماج بہ پڙهندس."

"سونهاري بہ شرعي حد تائين رکائيندين."

" رکائيندس، " سيتل صدق سان چيو.

اوچتو مولوي صاحب جي نظر سيتل جي ڪنن تي پئي جن ۾ سونيون ڪيوٽيون پيون هيون. مولوي صاحب هڪدم ڪيس چيو، "اهي سونيون ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏي، اسلام ۾ مردن کي سون پائڻ حرام آهي."

سيتل تڙ تڪڙ ۾ ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏنيون، جنهن اهي وٺي رئي جي پلاند ۾ ٻڌيون. مولوي صاحب اڳلو سوال پڇيو.

"جوا نه ڪيڏندين، دارون نه پيئندين؟"

"نه سائين."

"مسلمانن وانگر ختنو به ڪرائيندين؟"

"ها سائين." سيتل انهيءَ صدق سان چيو.

"جزاڪ الله. جزاڪ الله!" مولوي صاحب کيس شابس ڏني. وڏيڪ هِن سوالن پڇڻ جي به ضرورت نه سمجهيائين ۽ کيس چيائين. "ٿورو سري منهنجي ويجهو اچي ويهه."

سيتل رڙهي وڃي سندس پرسان ويٺو ته مولوي صاحب کيس چيو، "چئه : لاالله."

سيتل چڱي طرح چئي نه سگهيو ۽ چيائين ، "لائيلا."

"ائين نه ، چئه: لا - اِ لاهه." مولوي لفظ لفظ هوريان ائين چيو جيئن ڪتابين کي پڙهائيندو هو.

"لا - اِ لاهه." سيتل چيو. هن پيري برابر.

"اِ- لل - لاهُ." مولوي صاحب اڪتي وڌيو.

"اِ - لل- لاهه."

"م - حم- در."

"م - حم- در."

"رسول‌الله."

"رسول‌الله."

"هاڻي چڱي طرح سڄو ڪلمو ائين پڙهه جيئن مان پڙهان."

"ها سائين."

"چئه : لا الله الا الله محمد الرسول الله."

"لا الله الاالله محمد رسول الله." سيتل چڱي طرح چئي ويو. سڀ جماعتي هڪ ٻي دين ڪي الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيندو ڏسي خوشيءَ ۾ ٻر تي ويا ۽ مولوي صاحب کي مبارڪ ڏئي وري سيتل کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. هڪ ڏيندار نه تڪبير جو نعرو هنيو، جنهن جو جواب جماعتين ايترو ته زور سان ڏنو، جو ڪي گهڙيون مسيت جي قبائين ڇت ۽ پتيون، اهي اکو ورجائينديون رهيون. ان ڪانپوءِ ماڻي تليءَ ڪان به ساڳي ريت ڪلمو پڙهايو ويو. اِن کي به مبارڪون مليون. پوءِ مولوي صاحب سيتل ڏانهن منهن ڪري چيو.

"اڄ کان تنهنجو اسلامي نالو عبدالله تا رکون."

"ها سائين."

وري مولوي صاحب ٽليءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، "ءِ مائي، تنهنجو نالوفاطمه."

"ها سائين."

ڪي جماعتي اٿڻ لڳا تہ مولوي صاحب ڪين هٿ جي اشاري سان جهليو ۽ چيائين، "ترسو اڃا هن جو نڪاح پڙهڻو آهي." اها ڳالهہ ٻڌي هر ڪو پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو. مولوي صاحب ٻنهي کان رضا پڇي، آمنت بالله پڙهڻ شروع ڪئي.

هوڏانهن ڳوٺ جي ٻاهران اڏيل اوڏن جي پکن ۾ باگهيأڙو متل هو. زالئن زنين جدا ٽولو ٺاهي پٽي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏاڙ گهوڙا ڪئي تہ مرد وري پنهنجي مکيءَ ڦڳڻ مل جي ڪٽ جي چوڌاري وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مکيءَ ڦڳڻ مل بہ ڪڏهن ڪڏهن خار ۾ سٿرن تي زور سان هٿ هڻي پٽي ان ڳالهہ جو ارمان ڪيو. هن ڪي ٻهرين ٻهرين اها خبر پئي هئي تہ هن سيتل کي ايلاز منٿون ڪيون هيون، گيتا جا واسطا وڌا هئا. ۽ آخر ۾ سڄي پنچات جي سامهون پنهنجي مکيائپ جو ڪيسري رنگ جو پٽڪو بہ سندس پيرن تي رکيو هو، پر سيتل ڪيس ڪليي پلوَ جواب ڏنو هو، ۽ چيو هو، "مکي، تون ڪٺي ڇا بہ ڪرين، مان مذهب ضرور مٽائيندس."

"پر تون مذهب ڇو ٿو مٽائين؟"

"منهنجي مرضي."

"نيٺ بہ؟"

اتي مس مس سيتل ڪليو هو ۽ چيو هئائين، "مون کي پنهنجو مذهب نٿو وڻي."

"گهوڙياري، توکي ڇو نٿو وڻي پنهنجو مذهب؟"

"چڱو مکي، ٻڌاءِ اسين ڪير آهيون؟"

"اسين هندو آهيون."

"ٻيلا هندو لاش چتا تي چاڙهيندا آهن، اسين ڇو پوريندا آهيون؟"

"اها اسان جي رشم آهي."

"چڱو اسان ڇيلو ڇو حلال ڪرائي کائيندا آهيون؟"

"اها ته اسان جي رسم آهي- اهي ڏاڏن کان ."

"پر اهي ته مسلمانن جون رسمون آهن."

"انهن جون به آهن ته اسان جون به آهن."

"پوءِ ڪيئن تو چيئن اسين هندو آهيون؟"

"نه ته ڇا هيون ڙي؟"

"اڌ هندو اڌ مسلمان. ڏڙ ريڊيو سسي ٻاڪري."

مکي ڦڳڻ مل ان سوال ۾ لاجواب ٿي ويو. پر هن ڳالهه بدلائي چيو، "ڪٿي ڇا به هجون پر مذهب ڇو بدلايون؟"

"مونکي مسلمانڪو مذهب وڻي ٿو."

"اسان جو مذهب ڪوڙو آ؟"

"ها ڪوڙو آ." سيتل دليريءَ سان چيو هو.

ان ڳالهه تي پنچجات ۾ وينل اوڏن جي رت ڦري وئي. موتيءَ پيا ٻٽي ڇٽا ته ڪيس ٽڪ چنبي هڻڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر مکيءَ هٿ ٻڌي ڪين جهليو ۽ چيائين، "پنچو مارڻ ڪٽڻ مان ڪجهه نه ورندو، هن کي مسلن تاويج پياريا آهن."

اها ڳالهه ٻنڌن دل ۾ ائين ڪپي وئي جيئن سنڌن تکي ڪوڏر آلي زمين ۾ ڪپي ويندي هئي. مولوي برابر تعويذن لکڻ ۾ مشهور هو ۽ پري پري کان سوالي پنڌ ڪري ڪانئس تعويذ لکرائي ويندا هئا. اتي ٻيٺل اوڏ پنهنجن پنهنجن جاين تي ويهي رهيا ۽ اها ڪاوڙ حقي مان زور سان وزم هٽي لاهڻ لڳا. مکي سيني کي ماٺ ۾ ڏسي وري سيتل ڏانهن منهن ڪيو ۽ ڪانئس پڇيو، "توکي مسلمانڪو مذهب ڇو ٿو وڻي؟"

"مسلمان پاڻ ۾ ڀائرن وانگر گڏجي کائن. اسان هندن ۾ کي اوڏ ته کي اڇوت، کي برهمڻ ته کي کتري؟" مکيءَ کي ڪو جواب نه سجهيو. اها ڳالهه ته برابر هئي ته برهمڻ اڇوتن ۽ اوڏن کي پنهنجي ويجهو به اچڻ نه ڏيندا آهن، هڪ ٿالهي ۾ کارائڻ ته پري رهيو. مسلمان ته اهڙو ڪو ويڇوٽي نه ڪن. اتي مکيءَ ٻي طرح ڊارو اڇليو؛

"سيتل، تون مسلو ٿيندين ته پوءِ اسان سان ڪو واسطو ڪونه رهندءِ!"

"ڀلي نه رهي."

"اسين توکي پاڻ وٽ اچڻ به ڪونه ڏينداسين . ولر وٽ به ڪونه !"

مکيءَ سيتل کي دڙڪو ڏنو. ولر جي گهر واري سيتل جي سڳي ڀيڻ هئي.

"پلي نہ اڇڻ ڏجو. مان مسلمان پاڻن سان اٿندس ويھندس. پيڻ بہ مٺي سھاير."

هن مهل تائين مکيءَ تڏو پٽي ڳالهايو. هنکي پک هئي تہ سيتل کٽي نہ کٽي ڪٽي پوندو ۽ سندس دام ۾ ڦاسي پوندو؛ پر هن جو ڪنهن بہ ڳالهہ کي چخي نہ ڪٽيءَ ۽ پيڻ کي بہ جيئري ماري ڇڏيائين تہ مکيءَ کي جک اچي ويا. تورو گرم ٿي چيائين، "ياد ڪجانءِ سيتل، گڏهن کي ڪٽي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاريو تہ بہ گڏهہ ئي هوندا. گهوڙا ڪونہ ٿيندا." پنچات جي اٿڻ کان پوءِ مکيءَ ولر کي سمجهايو هو تہ سيتل کي پنهنجي منهن پٽکا ميڙيون ڪري سمجهائيندو رهي. پر سيتل، ولر ۽ پيڻ جي ايلازن تي بہ ڪونہ مڙيو، ۽ مولوي اميد علي سان ٻڌل موقع موجب، جمع جي پلاري ڏينهن، گهر وريءَ کي وٺي سڌو مسيت ۾ ويو ۽ ڪلمو پڙهيائين. پوٽتان اوڏن ۾ باگهياڙو متل هو. ذاتفن زنبن جدا ٽولو ٺاهي پنهنجي پولي ۾ پئي ڏاڙ گهوڙا ڪٽي تہ مرد. پنهنجي مکيءَ جي ڪٽ جي چوڌاري وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مکي ڦڳڻ مل بہ ڪڏهن ڪڏهن خار ۾ پئي هٿ زور سان سٽرن تي هڻي پئي ان ڳالهہ جو ارمان ڪيو.

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سيتل هڪدم بدلجي ويو. اڳي پئي ٽيئن ڏينهن ڏاڙهي نہ ڪوڙائيندو هو تہ آرام ئي ڪونہ ايندو هوس. پر پوءِ باقاعدي سونهاري ڇڏي ڏنائين. جا روز بروز وڌندي سندس منهن جي نور کي جرڪائيندي پئي وئي. نماز ۾ ايندو تہ مولوي کان بہ اڳ هو. پر جي دير ٿيندي هيس تہ بہ ايتري جو مولوي بانگ ڏئي اچا دکيءَ تان لهندو تہ سندس هڪ پير مسيت جي در جي چائٺ ٽپندو هو. مسيت جي سيوا. پهاري، ٽکن ويڙهڻ ۽ مٽين پرڻ ۾ بہ سيني جماعتين کان اڳرو هو. قرآن شريف پڙهڻ ۾ اهڙو شوق رکيائين جو مهيني ڏيڍ ۾ باب نامو پچائي وچي سيپارو شروع ڪيائين. پنهنجي گهر ۾ اسر جو ۽ سومهٽي جو وڏي سر سان پيو ذکر ڪندو هو. مطلب تہ خدا کيس اهڙي هدايت ڏني هئي، جو شل ساري جڳ جهان کي ڏئي. مولوي صاحب کي بہ اڳ ڪنهن بي دين کي مسلمان ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪانہ ٿي هئي، انڪري کيس پنهنجي آخرت جو توشو سمجهي ڏسي پيو ٺرندو هو ۽ آئي وٺي سان هن جي تعريف ڪندو هو. "ابا، هي اسان جو عبدالله ڪنهن ڏکهي منزل نہ رسي تہ موکي

ڏئي نہ کيڪارجو!"

ڪڏهن ڪڏهن مولوي صاحب ڪِن بي نمازين کي خدا، رسول ۽ آخرت جا ڀوَ ڏيندو هو ۽ هن جو مثال ڏئي ڪين چوندو هو، "اڙي نماز پڙهو، دور ڪيو، نہ تہ قيامت جي ڏينهن هي اوڏ توهانکي شڪي ڪندو." عبدالله جو نماز، صلوات ۽ دور ۾ شوق ڏسي مولوي صاحب کيس دلداري ڏيندو هو ۽ چوندو هو، "عبدالله، نہ گهبرائجانء، رب سائين تنهنجا سڀ گناهہ معاف ڪندو. ڀلو ڀلو ڀاڻ ايندو آهي تہ ڀلو نہ ڇٽبو آهي."

عبدالله وري ان ڳالهہ تي عاجزي سان مولوي صاحب کي عرض ڪندو هو تہ هو خدا جي پيارن ٻانهن مان آهي، انڪري خدا جي دربار ۾ عرض ڪري تہ سندس اڳيان گناهہ معاف ٿين، قبر جي عذاب ۾ آساني ٿئي ۽ قيامت موچاري ٿئي. مولوي صاحب هڪدم هٿ کڻي دعا گهرندو هو ۽ پهرين صلوات شريف ۽ ٻئي آيتون پڙهي وڏي سر ۽ عاجزيء سان هي دعا پڙهندو هو:

عـرض سڻ عـاصين اسان جو مصطفيٰ جي واسطـي
هٿ کڻ آهي شرم پر وس نہ توريء واهہ ٻي
سوال سڻ صديق اڪبر دل صفا جي واسطـي
سخت آ سرڪار سهنجي اسان ڏوهي تـا ڏڪون
فـضل ڪر فاروق اعظم بي ريا جي واسطي
نفس واري جنگ ۾ نون اسان کي فتح بخش
حل ڪر مشڪل اسان جي مشڪل ڪشا جي واسطي.

ان وچ ۾ عبدالله هڪ هڪ بند ڪان پوء آمين چوندو ويندو هو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڳڙي سندس سونهاري ۾ جذب ٿيندا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ٽيهري جي نماز کان ٿورو اڳ ولر جو پٽ ٻاٻهو وٽس پڇي اچي پهتو ۽ پنهنجي ماء جي بيماريء ۾ کيس ياد ڪرڻ جو ٻڌايائين. عبدالله کي اڳ ۾ هِن هَن جي واتان اها خبر پيئي هئي، پر مکيء ڦڳڻ مل سان کيل فيصلي موجب هو ڪونہ ويو هو. پيڻ جي بيماريء جو ٻڌي، هن کي جهبو تہ گهڻو آيو، پر ٻاٻهي کي چيائين، "مان اوڏانهن ڪونہ هلندس، مکيء ڪاوڙ ڪندو. تون ڳاڏي تي هيڏي ڪنائي اچينس." ٻاٻهي مامي جو اهو عذر ٻڌي کيس چيو، "ماما، تون ان ڳالهہ جي ڳڻتي نہ ڪر. بابي مکي جي پيرن تي پٽڪو رکي تنهنجي ٿوري گهڙي ڪن لاء موڪل ورتي آهي."

ان موڪل ملڻ ڪانپوءِ عبدالله کي ٻيو ڪهڙو اعتراض هو. هو ٻاهيي سان گڏجي اوڏانهن هليو ويو.

ٽپهريءَ جي نماز تي جو مولوي صاحب عبدالله کي ڏٺو ته حيران ٿي ويو ۽ جماعت کان پڇيائين هڪ جماعتي، جنهن پري کان عبدالله کي ٻاهيي سان گڏ ويندي ڏٺو هو. تنهن اها ڳالهه مولوي صاحب کي ٻڌائي. مولوي صاحب پريشان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، "ڪيس وڃڻ نه گهربو هو. جيتري دير ڪافرن جي صحبت ۾ ويهندو، سندس ايمان ۾ ڪتر پوندي. ڪو وڃي ڪيس وٺي اچي."

مولوي صاحب جو حڪم ٻڌي فتح ناريجو اٿيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندي وڃي اوڏن جي پکن وٽ پهتو. اتي لوڙهي جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيائين، "عبدالله، او عبدالله!"

مکي ڦڳڻ مل جو پکو لوڙهي جي پرسان هو. هن ان وقت ٻاهران آيل مزمانن سان چوپڙ راند پئي کٿي. هو سڏ ٻڌي اٿيو ۽ پکي کان ٻاهر نڪري فتح کان پڇيائين، "ڇا هي فتح؟" "اسان جو عبدالله توهان وٽ آيو آهي، ان کي مولوي ٿو سڏي." مکيءَ کي ان ڳالهه تي توري چڙ آئي. عبدالله جو سندن هڏ، رت ، پٽ مان هو ۽ جو سندن پکن ۾ ڄائو نپنو هو سو وري فتح وارن جو ٿي ويوهو؛ پنهنجي بيمار پيڻ کي ڏسڻ آيو هو ته پوٺتان ماٺهو پڳو آيو. مکيءَ شوخائي سان پڇيو، "عبدالله توهان جو آ فتح؟"

"ها، اسان جو آ ."

"توهان هن جا وارث آهيو؟"

"ها، اسان جو مسلمان ڀاءُ آهي، اسين هن جا وارث آهيون."

ان وچ ۾ عبدالله کي به ڪنهن سڏ جو ٻڌايو ۽ هو ڀيڻ جي پکي مان نڪري اچي وٽن بيهي رهيو. مکيءَ فتح کان پڇيو: "چڱو فتح، هڪ ڳالهه ٻڌاءِ. سيان جو هي مري وڃي ته جوٽس کي ته لوڏي ڪيندؤ نه؟"

"چو لوڏي ڪيندا سونس."

"توهين مسلمان ساڻس نڪاح ڪندؤ."

"جي مالڪيائي راضي هوندي ته ان ۾ ڪو عيب ڪونهي."

"ڳريان نه ايندو؟"

"چو ايندي ڳريان مسلمان کان!"

عبدالله مکيءَ کي سوالن جوابن ۾ مٿل ڏسي مشڪڻ لڳو. مکي ڦڳڻ مل، ڪيس پاڻ تي ڪلندو ڏسي، پنهنجي دماغ کي اٿي تڦوليو جيئن هو راند ۾ ڪنهن جي ڳوٽ مارڻ لاءِ ڍاري کي گهڻي دير تائين ڪڙڪائي ڪڙڪائي گهربل داءُ وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اوچتو هن پڇيو: "چڱو فتح، جي جوٽس مري وڃي ته ڪيس پاڻ وٽان پرڻائيندؤ؟"

مکيءَ جو سوال ٻڌي فتح جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکيون لال ٿي ويون. هڪ خسيس اوڏ ڪيس گار ڏني هئي، حالانڪ اوڏ کي خبر هئي ته ٻهراڙي ۾ ڪو پنهنجي ذات کان ٻاهر سنگ نه ڏيندو آهي. ناريجا ناريجن ۾ ڏيندا آهن ته ڪلهوڙا ڪلهوڙن ۾ ڏيندا آهن. فتح ڪاوڙ مان مکيءَ کي دڙڪو ڏيندي چيو، "مکي، زبان سنڀال. اڳتي حرف نه ڪڇجانءِ نه ته ...."

پر مکي هيسجڻ بجاءِ رهندو مرڪڻ لڳو ۽ فتح کي چيائين، "اهو ڪهڙي قانون ۾ لکيل آهي جو توهان وٽندؤ باقي ڏيندؤ ڪونه. توهان جي مذهب ۾ ته سڀ مسلمان ڀائر آهن ۽ ڪو ويڇو ئي ڪونهي."

"اها اسان جي رسم آهي، ابن ڏاڏن کان." فتح ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو.

مکي ڦڳڻ مل پنهنجو گهربل داءُ وٺي مرڪيو. عبدالله جي منهن مان رت ڇڏي ويو. هنجا چپ ڏڪڻ لڳا. اکين جي الائي ڪهڙين ڪندن مان ڳوڙها نڪتا. جن سندس ماٺڪيون آليون ڪري ڇڏيون. جيسين اهي ڳوڙها ڇپرن ۽ پنبڻين جو بند ڀڃي ڳلن ڏانهن وڌن، هو مکي جي چنبي ۾ چنبو ڏيئي، مسيت ڏانهن وڃڻ بجاءِ، پنهنجي اباڻن پکن ڏي موٽيو.

ٻئي ڏينهن عبدالله پنچات ۾ ڏنڊ ڀري رکايل ڏاڙهي ڪوڙائيءَ سونيون ڪيونيون ڪنن ۾ پائي، سائو گهاري ۾ وهنجي، پاڻ کي اوڏن جي رسم موجب "پاڪ" ڪيو ته هوڏانهن ڳوٺ واري مسيت ۾ ٽپهري جي نماز کان پوءِ، هڪ جماعتيءَ مولوي صاحب کي چيو: "مولوي صاحب ڪتو ڇا چاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان."

ٻئي چيو، سائين، گڏهن کي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان ٻيهاريو ته ڪو گهوڙا ڪونه ٿي پوندا!"

آخر ۾ مولوي اميد علي پنهنجي سونهاري کي هٿ سان سنواريندي چيو، "ها ابا، سچ ٿا چئو. ڪافر نيٺ ڪافر!" ❑

شبنم شبنم ، ڪنول ڪنول

هن اسپتال جي هر شيءِ من موهيندڙ آهي. ڪمپائونڊ اندر وڏا ڏا، ساوا ساوا، اڪين جي جوت وڌائيندڙن لان. وچ ۾ اسپتال جي ڳاڙهي اوچي عمارت ٻنهي پاسن کان مٿي وڃڻ لاءِ ريلنگ واريون ڏاڪڻيون، جن جي مٿان ٻہ شاندار قباوان برج. اندر پٽيون ڪير جهڙيون اڇيون ۽ پيلي ميوزيڪ جا ترڪڻا ۽ چلڪڻا فرش. ڊگها ڊگها، ٿڌا ٿڌا، ڪاريڊر ۽ روشن روشن ڪمرا، وڏيون وڏيون فرينچ ڪٽ دريون ۽ جن جي فلاوربيڊز ۾ ٽڙيل ڳاڙها پيلا گل. ان سهڻي ماحول جي سونهن، منهنجي ساهيڙي سسٽر پال آهي، جنهن جو رنگ گلاب جهڙو، جنهن جون اکيون سهڻي ڏنڊ جهڙيون، جنهن جا چپ نارنگي جي ڦار جهڙا آهن ۽ سفيد يونيفارم ۽ سفيد ڪلف دار رومال جي تاج ۾، برفاني ڏنڊ ۾ ٽڙيل ڪنول جيان لڳندي آهي. اڇين جتين ۾ سندس پورا پير، ان ترڪڻن فرشن تي هلڻ لڳندا آهن تہ ڪنهن آرڪيسٽرا جون مڌم مڌم ڌنون معلوم ٿينديون آهن. بي خوابي جا مريض، سندس آڱرين جي ڇهاءَ سان ٿي اگهور ننڊ ۾ پئجي ويندا آهن ۽ سندس هٿان زهر جهڙيون ڪوڙيون دوائون پي، ائين مرڪڻ لڳندا آهن، جيئن هنن کو مٺو شراب پيتو هجي. هوءَ هن اسپتال ۾ مقرر ٿي هئي تہ جوان جماڻ ڊاڪٽر، مريضن جون دليون ٽپاسيندي ٽپاسيندي، پنهنجون دليون بہ ٽپاسڻ لڳا هئا، جي سندس موجودگي ۾ نارمل ڪان ٽپي وينديون هيون. ڊاڪٽر آفتاب تہ هڪ ڀيري وجهہ وٺي پنهنجي دل جي ڌڙڪن ڪيس بہ ٻڌائڻ گهري هئي، پر هن اکيون ڪرڙيون ڪري، منهن ۾ سونڊ وجهي ڪيس چيو هو.

"سر، مان اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ نہ آئي آهيان، پر وارڊ فور جي امپرووومينٽ ٻڌائڻ آئي آهيان."

ڊاڪٽر آفتاب منڍ ۾ اهڙن جوابن ٻڌڻ تي هريل هو. پهرين سٽ سان کو جهول ۾ نہ ڪرندو آهي. هن همت ٻڌي وري ڪيس چيو هو، "في الحال انهن ڳالهين ڪي ڇڏ پال منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏي."

"جي اوهان هن وقت موڊ ۾ نہ آهيو تہ وڏي ڊاڪٽر کان پڇان؟" پال جو اهو جواب ٻڌي، ڊاڪٽر آفتاب کي مجبورا پيار جون ڳالهيون ڇڏي بيمار جون ڪرڻيون پيون. هن سيائپ ڪري، هيڻائين وٺي چيو "چڱو مڊم، تون

ٿي ٻڌاءِ ڪيترو بخار آ ڪيس."

"نارمل سر."

"تہ پوءِ ڊسچارج ڪري ڇڏيوس."

"اھو ڪيٿن سر، ھنکي تہ پيشاب جي بہ تکليف آھي. پورو پاس ٿي نہ ٿو ٿئي."

"ڏيکار ڪيس؟"

سسٽر پال ڪيس وارڊ نمبر فور جو فائل ڏيکاريو. سڄي ڏينھن جي ڪوانٽٽي، ڇھہ سؤ سي سي ھٿي ۽ ٽيسٽ ورتي وئي ھٿي تہ ڇھہ سؤ سي سي بيلڊر ۾ بہ رھيو پي. ڊاڪٽر فائل تي اڌ اکري ۾ لکندي ڪيس چيو، "يوريڊو نال پيار يوس ڏينھن ۾ ٽي دفعا."

"بليڊر جو ايڪس ري نہ ڪيرايونس سر؟"

"کھڙي تکڙ آ، سياڻي امپروومينٽ ٻڌائجان پوءِ ڏسنداسون."

ڊاڪٽر وٺان موٽي، ڊيوٽي روم ۾ آئي ھٿي تہ سڄي ڳالھہ ٻڌائي ھئائين، مان ڪيس خبردار ڪندي چيو ھو، "پال پري پڄجانءِ، وڏو فلرٽ اٿئي."

"ھا! اڳيون رڪارڊ ڇا اٿس؟"

"رڪارڊ ٽوڙيل اٿس سمورا. ھن وقت بہ پن سان ناتا اٿس. زرينہ مٽرنٽي واري ۽ پاڻ واري روزي مھيني، ٻئي پيو ماڊل مٽائيندو آھي."

"اٿون ھو ڊاڪٽر عسکري؟"

"سڀ نور آھن، ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايانءِ."

"ڪجھہ تہ ٻڌاءِ، خبر تہ پوي."

"اھو ڊاڪٽر عسکري وري اھڙو اٿئي جو ڏينھن ڏني جو بہ ٽنو مڙي، ھک پيري جو اوچتو سندس آفيس ۾ وڃان تہ پارٽيشن پويان سسٽر رضيہ جي ڇپن جي حرارت پيو معلوم ڪري."

"پوءِ."

"پوءِ ڇا، مان تہ ونئي پوئتي پڳس، پر ٿوري دير ڪان پوءِ گھرائي ليلھائي چيائين، سسٽر پليز، ڪنھن کي خبر نہ پوي."

"اھا رضيہ وري کھڙي آ؟"

"ڪانہ ڏني اٿئي؟ سانوري، عينڪ سان، اڄ ڪلھہ نائٽ ڊيوٽي تي آ."

"ھا، ھا،" پال ياد ڪري چيو.

" بس اها ڳالهه نه پڇ ته هتي ڇا ٿيندو آ. سڀ ڊاڪٽر ڪنهن نه ڪنهن نرس پويان اٿئي."

" پوءِ اها خبر وڏي ڊاڪٽر کي نٿي پوي؟"

" هون، سڀ خبرون هوندس، ڪو اهي ڳالهيون لکن ٿيون."

" ڇٻو ته اهڙا ڪيس جام آهن هتي."

" ڪيس؟ موسٽ ڪامپليڪيٽيڊ ڪيس ڇٻو."

" ويري سڊ." پال افسوس ڪندي چيو. ٿوري دير ماٺ ۾ رهي پوءِ مون کان مشڪندي پڇيائين، " تنهنجو ڪهڙو حال آ ؟"

" مان ؟" مون کان ٽهڪ نڪري ويو، " مونکي نه رنگ، نه روپ، مان ته تو جهڙين سهڻين ڇوڪرين لاءِ، بچاءُ آهيان. پر ڪو بچاءُ گهري ته."

" اهو وري ڪيئن؟"

" ڪو ڊاڪٽر جهلڻ تي نه مڙئي ۽ ڊيگهه ڪرئي ته مونکي پڌائجان، ائين ڪنٽرول ۾ اچي ويندو، جيئن انسلين ڪانپوءِ شگر."

" هان؟"

" ها، توسان گڏ هونديس ته ڪا نظر نه لڳندءِ، مونکي ائين سمجهه جيئن سهڻي ٻار کي نظر کان، نرڙ يا ڳل تي ڪارنهن جو داغ."

" توکي ڪير ڪارو چوي. تون ته اندر ۾ ڪير کان به اڇي آهين."

" اندر کي ڇڏ ٻاهر جي ڳالهه ڪر."

" ٻاهر کي ڇڏ اندر جي ڳالهه ڪر."

" خير ان بحث کي ڇڏ، ڇڙي اها ڳالهه ياد ڪجانءِ ته مهنجون خدمتون تنهنجي بلي آهن."

" اڳي به تنهنجون خدمتون ڪنهن جي ڪتب آيون آهن؟" پال کلندي پڇيو.

" گهڻو ڪري نه، يا ته مون جهڙيون هيون، جن کي خدمتن جي ضرورت ئي ڪانه هئي، يا وري تو جهڙيون سهڻيون هيون، جن کي وري ڊاڪٽرن جي خدمت جي ضرورت هئي." مان به کلندي چيو.

ڏهن ٻارهن ڏينهن کان پوءِ مونکي پاسي تي کهلي چوڻ لڳي، " هاڻي مان ڇا ڪيان؟"

" ڇو ڪا اهڙي ڳالهه آ ڇا؟"

"نہ تہ توکي چو چوان ها."

"ڪيس هسٽري ٻڌاءِ؟"

"هن ڪيس جي هسٽري هيءَ آهي تہ ڊاڪٽر آفتاب منهنجي پڇر نٿو ڇڏي، مان جڏهن وٽس وڃان ٿي تہ مون کي گهوري ٿو ۽ اٿين ٿو گهوري جو سندس نظرون، هن ٿلهي يونيفارم کان بہ ٽپي اندر ٿيون نهارن."

"اکيون ڏسڻ لاءِ ئي آهن، مئڊم، زبان جي ڳالھ ڪر."

"ان ۾ بہ گهٽ ڪانهي، اها بہ هر وقت پيار جا ٻول ٿي ٻولي."

"چئبو تہ ڪيس سيريس آهي."

"نہ تہ وري ڇا، هو مون کي سسٽر بجاءِ مادام ٿو سڏي،" پال معصوميت سان چيو.

بي اختيار مون کان کل نڪري وئي، مس مس کل روکي چيم، "ڪهڙو بدذوق، تو جهڙيءَ کي سسٽر سڏيندو. اهو لفظ تہ مون جهڙين ڪارين ڪوجهين لاءِ آهي."

"وڏي ذلالت آهي!" پال خار ۽ ڏک جي گڏيل لهجي ۾ چيو. "يلا، هن پرابلم کي ڪيئن حل ڪجي؟" مان ڳالھ بدلائيندي پڇيو "توئي ڊاڙ هنئي هئي، تون ئي ٻڌاءِ" هوءَ وري ڇپهي وانگر ڇڪڻ لڳي.

"ڇا پڇڻو اٿئي ڪائنس؟"

"وارڊ ائين بابت پڇڻو هو. هن کي بلڊ پريشر آهي ۽ ڏينهن ۾ ڪيس تي دفعا سرياسل ڏيندي آهيان. پر اڳهون جو ٽمپريچر ڏسانس تہ 103 ڊگريون بخار اٿس. هيئر ڊوز گهٽايان يا اهوئي ڏيندي رهان."

"نسخو ڏيانءِ، يا مان وڃان تنهنجي بدر؟"

"تون وڃ، مان ڪونہ وينديس."

مان سڌو ڊاڪٽر آفتاب وٽ هلي ويس. ڪيس سڄي حقيقت ٻڌائي هدايت پڇڻ لڳس، پر ڊاڪٽر منهنجي ڳالھ کي ڪو وزن نہ ڏنو. رهندو مان کان پڇڻ لڳو، "اهو ڪيس تہ پال جي چارج ۾ آهي، تون ڪيئن آئينءَ سسٽر؟"

"سر، مونکي پال رڪيسٽ ڪيو تہ توهان کان پڇان"

"هوءَ پاڻ چو نہ آئي؟"

انهن اجاين سوالن تي مون کي خار اچي وئي . اشراف هجي تہ ماٺ

ڪري چوي ها: هين، ڪر يا هون، ڪر. پر هن تہ پاڻ کي پاڻ خوار ڪرڻ پٺي ڳهريو. مونکي ڪهڙي ضرورت هئي ڪيس ڏکڻ جي. مان بہ رکئي ڪانہ رکي. "سچ ٻڌايانو سر؟"

"ها ها."

"هن کي اوهان مان وڏي شڪايت آهي." مون ڦنڊاکي کي باه ڏيندي چيو.

ڊاڪٽر آفتاب چرک ڀري ڪرسي، تان اٿين ڪڙو تي ويو، جيٿن ڪنهن اوچتو هنجي ٻنڪس ۾ پهرئين نمبر جي سئي هنئي هجي. هو واٽرو تي ويو ۽ هبڪي چوڻ لڳو.

".... مون مان؟ سسٽر اوهان کي غلط فهمي آهي."

"مون کي ڪانهي، پر پال کي آهي سر. هن تہ مٺي شڪايت ڪرڻ پٺي ڳهري، پر مون ڪيس سمجهايو."

ڊاڪٽر چپ ڀڪوڙي ماٺ ڪري ويٺو رهيو. مان وري ڪيس چيو، "سر، هوء اهڙي قسم جي ڇوڪري ڪانهي."

پر ڊاڪٽر ڪو جواب ڪونہ ڏنو. وري بہ مان ٿي ڪائنس پڇيو، "چا چوانس، ڊوز گهٽائي يا نہ گهٽائي؟"

اتي ڊاڪٽر ۾ مس مس چرپر ٿي ۽ هڪ مرزيل آواز نڪتو، "ڏينهن ۾ صرف هڪ گوري ڏيوس، وڏيک سياڻ رائونڊ ڪانپوء." مان خوشي، ۾ هبڪندي ٻاهر نڪتيس ۽ يکو سوچيندي آيس تہ من جا ميرا ڪيڏا نہ ڊچٽا ٿيندا آهن. ڪو سچو پريمي هجي ها تہ هيان، ڦاڙي چوي ها، "ها برابر مان سانس پريم ڻو ڪيان ۽ اهو پريم سيني ڳالهن کان اتم آهي. انکي بالا عملدار جو بہ خوف ختم نٿو ڪري سگهي ۽ نہ نوڪري مان نڪرڻ جو خيال. وڃي ڪيس چئہ تہ ڀلي جنهن کي وٽيس تنهن کي دانهن ڏئي." مان انهن خيالن ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو پال کان بہ ٽپي ويس جو هن تاڙي وڄائيندي چيو، "او مئڊم ..... او مئڊم."

"اڙي." مون کان چرک نڪري ويو.

مان ڪيس سچي حقيقت ٻڌائي ۽ يقين ڏياريم تہ يا عمر ڪونہ. نہ تہ بہ في الحال کي ڏينهن تہ ڇئين،. هوء خوش ٿي چوڻ لڳي، "ويل ڊن، چڱيون ٻڌايون سين."

ٿي ٽئين ڏينهن پال مونکي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر آفتاب ان ٿوري ڊوز ۾ ئي ٺيڪ ٿي ويو هو. هوءَ ڪنهن ڪم سان وٽس وئي ٿي تہ اڳي وانگر ڏيکھ ڪرڻ بجاءِ، صرف مطلب جي ڳالهہ ڪري، جند ڇڏايائين. سندس گفتگو مان بہ اهائي نرمي غائب ٿي وئي هئي ۽ سانس ائين پئي ڳالهايائين، جيئن ڪو باس پنهنجي زيردست سان ڳالهائيندو آهي. پر پال کي اجا هڪڙي شڪايت هئي جو هن چيو، "باقي هڪڙي ڳالهہ."

"ڪهڙي ڳالهہ؟"

"هو مون کي اجا سسٽر نٿو سڏي."

"اهو سرطان وانگر لاعلاج مرض آهي، جنهن جو هن ملڪ ۾ ڪو علاج ڪونهي." مان ڪلندي چيو.

"پر ڏس تہ، سسٽر ڪيڏو نہ پيارو لفظ آهي. ۽ ڪيڏي نہ وڏي مقصد ڪري اسان لاءِ چونڊيو ويو آهي."

"ويري ساري، ويري ساري."

"خير" پال قناعت ڪندي چيو، "نہ سڏي تہ وڃي ڊوڙ پائي."

"ٺيڪ آ، وڃي ڊوڙ پائي." مان بہ ٽيڪو ڏيندي چيو.

هن اسپتال ۾، مريضن کي رهائڻ لاءِ ڪوڙئي ڪمرا آهن، جن ۾ بي داغ سفيد بسترا وچايل هوندا آهن. اهڙي سهڻي ماحول ۾ ئي مريضن جو علاج ڪيو ويند آهي ۽ خوش چڱا ڀلا ٿي نڪرندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن مريض کي اسپتال ۾ داخل ٿئي گهڻا ڏينهن ٿي ويندا آهن ـ تہ ڪي نہ ڪي نرسون يا وارڊبوائز هڏ ڏوکي ٿي، کين خانگي علاج جي صلاح ڏيندا آهن. خانگي ڊاڪٽر شوق سان بہ علاج ڪندا آهن ۽ پئسو بہ گهٽ وٺندا آهن. هوميوپيٿ ۾ تہ آپريشن جي بہ ضرورت نہ پوندي آهي ۽ ٻن ٽن گورين ۾ ئي مريض نوبنو ٿي ويندو آهي. مريض کي يقين ڏيارڻ لاءِ ٻن ٽن مريضن جا بہ مثال ڏنا آهن. مريض اها سهڻي صلاح مڃي، پنهنجو بيڊ، ٻين مريضن لاءِ خالي ڪري ويندو آهي. پوءِ پنهنجي گهر مرندو آهي تہ سڪون سان مرندو آهي ۽ ٻين مريضن تي بہ ڪو اثر نہ پوندو آهي. اهڙي طرح هن اسپتال ۾ هزارين مريض علاج ڪرائيندا آهن ۽ جيڻا جاڳندا ڊسچارج ٿيندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪي مريض، پنهنجي ڊاڪٽرن ۽ نرسن سان بہ، ائين ڊوکو ڪري ويندا آهن، جيئن وارڊ ڏهين جي مريض ڪيو هو. ان رات سسٽر رضيہ

جي ڊيوٽي هئي. هوءَ نائين بجي وارو رائونڊ بہ هئي آئي. هو خوش چڱو ڀلو ستو پيو هو. نبض ٺيڪ، بخار ڪونہ. ان رائونڊ ڪانپوءِ هن وچ ۾ ڀيو ڪو رائونڊ نہ هنيو؛ صبح جو پال ڊيوٽي سنڀالي تہ مريض بند جيان پيو هو. اهڙو بيگانو موت ڏسي پال جو نيريون اکيون نير ڇڏڻ لڳيون.

سڄي ڳالهہ ٻڌائي وري سڏڪن ۾ پئجي وئي. مان کيس سمجهايو:
"پال، ايترين ڳالهين تي روئينديندءِ تہ سڄي عمر پئي ڳوڙها ڳاڙيندينءَ. موت ميار تہ ڪونهي."

"پر سسٽر ههڙو موت، جو مرڻ وقت ڪو اکيون نہ وٺي ڪو عضوو نہ ٿاهي، ڪو قرآن نہ پڙهي، ڪو بائبل نہ بخشائي. او خداوند تون رحم ڪر." ائين چئي هوءَ نرڙ ءِ ٻنهي ڪلهن ڪي جهلي صليب ٺاهڻ لڳي.

"رضيہ ڪاڏي وئي هئي؟"

"هن تہ الائي ڪاٿي پئي ڊوڙ پاتي، پر ڪنهن ٻيءَ بہ رائونڊ نہ هنيو!"

"ٻي پرائي وارڊ جو ڇو هئي؟"

"پر هتي ائين ڇو آهي؟"

"اهو ضروري آهي فرض کي چڱي طرح نباهڻ لاءِ." مون کيس سمجهايو.

"ڀلا رضيہ تي ڪو ائڪشن ڪندا؟"

"ڇو، هن ڪا غلط دوا ڏني؟"

"پر ڪين رحم ئي ڪونہ ايندو اهڙي موت تي؟"

مان سمجهو تہ هوءَ هاڻ جي ڏاڍي ڪونٽري هئي ءِ کيس باقاعدي سمجهائڻ جي ضرورت هئي. مان پال کي ڳراٽڙي پائي چيو، "پال، سياڻي ٿي ءِ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هتي گهڻا مريض شفاياب ٿين ٿا، تہ ڪجهہ مري بہ وڃن ٿا. هڪ هڪ مردي تي ويهي روئون تہ ڪو ڪم ٿهندو؟"

هن ڪو جواب ڏيڻ گهريو، پر مان کيس اشاري سان روڪي وري پنهنجي ڳالهہ شروع ڪئي، "ڪاسائي روز ٿا جانور ڪهن ءِ ماس وڍين ٿڪين، پر هن کي سيسراٽي ڪانہ ايندي آهي، ڇو تہ اهو هن جو ڌنڌو آهي ءِ موت ءِ حيات هن لاءِ نارمل ڳالهہ آهي."

مان مثال تہ ڏنو پر پڇتاءِ پوءِ، جو هن منهنجي مثال جي پڪڙ ڪئي ءِ چيو، "ڇٻو تہ ڊاڪٽر ءِ ڪاسائي هڪڙي ڳالهہ آهن؟"

"مان ته ڇڙو مثال ڏنو. ان کي هروڀرو چڪ ته نه ؟"

پر منهنجي ڳالهه جو مٿس ڪو اثر نه پيو. ڏنر تہ سندس اکيون. سانوڻ جي مند ۾. نديءَ وانگر. اٿلي پيون ۽ ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا.

هن اسپتال ۾ ڪي مريض اهڙا به داخل ٿيندا آهن. جن پيار جي چانوَ ۾ ڪي گهڙيون ڪونه گهاريون آهن ۽ ڪي اهڙا به ايندا آهن. جي ڪنهن ناڪام پيار جي چوٽ کاڌل هوندا آهن. هن اسپتال ۾ به ٽي ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ ڪين ڪا نه ڪا پوري. سانوري ۽ بانوري نرس وڻڻ لڳندي آهي. هوسندس انتظار ۾ اکيون وڇايو ويٺا هوندا آهن ۽ سندن ڪن پنهنجي نرس جي سهڻن پيرن جي ڪڙڪي ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا آهن. هو اندر ايندي آهي. سندن ويٺي ڪي پنهنجي سنهين آڱرين ۾ جهلي. پلس ڏسندي آهي. سندن ميرا ڪپڙا بدلائي اڇا اجرا ڪپڙا پارائيندي آهي. سندن مر لڳل جسمن کي گرم پاڻي سان ڌوئي. اجرو ڪندي آهي. ان وچ ۾ هوءِ ساڻن ڳالهيون به ڪندي آهي ۽ رکي رکي هلڪا هلڪا ٽهڪڙا به ڏيندي آهي. پوءِ ان ٿوري گهڻي گهاٽاٽپ کان پوءِ. ڪڏهن ڪڏهن. ڪنهن مريض کي سندس جدائي ڏکي لڳندي آهي ۽ هو ساڻس پيار ڪرڻ لڳندو آهي. هو ڪو موقعو تاڙي پنهنجن بيمار ۽ اداس اکيون ڏانهس کڻي. سڪل چپن کي زبان سان آلو ڪري، پنهنجي پيار جو اظهار به ڪندو آهي. وارڊ نمبر 12 ۾ رهندڙ هڪ دل جي مريض به. پال کي ڏسي، پنهنجي سر ۽ جهڙي پيلي رنگ ۾ بهار جا جهوٽا محسوس ڪيا هئا. هڪڙي ڏينهن جڏهن پال ڪيس شيو ڪري، اسفنج هڻي، اڇو اجرو ڪيو هو، تڏهن هن کيس چيو هو، "نرس، تون ڏاڍي سهڻي ۽ مهربان آهين."

"ٿئنڪس مسٽر نذير." پال ان قدرداني تي مرڪي چوڻ لڳي.

"پال تنهنجي ڪيتري ڊيوٽي آ روز؟"

"اٺ ڪلاڪ."

"تون ايندي آهين ته مان خوشيءَ سان دوا پئندو آهيان، پر تون ڪونه هوندي آهين ته دل چوندي آهي ته گوريون وٺڻ بدران لڪائي رکندو وڃان ۽ جڏهن تون اچين ته سڀ تنهنجي هٿن سان وٺان."

"ائين ته فائدي بدران الٽو نقصان پهچندو." پال گهٻراهٽ ڏيکاري چيو.

"واقعي ائين ته مان مري ويندس ۽ مان هاڻي مرڻ نٿو گهران."

وري هڪ ڏينهن، جڏهن هوءَ شيشي جي ننڍڙي گلاس ۾، هڪ اڇي دوا کڻي ڪيس پيارڻ وئي ته نذير منهن گهنڊائي چيو:

"اڇاڻ، اڇاڻ. اڇا بسترا، اڇيون گوريون، اڇي دوا ۽ اڇي يونيفارم ڏسي مان ڪڪ ٿي پيو آهيان. توهان هن يونيفارم ڪانسواءِ ٻيو لباس به پائيندي آهين؟"

"ها نذير، مان ساڙهي به پائيندي آهيان."

"رنگين ساڙهيون؟"

"ها رنگين ساڙهيون- پنڪ، آرينج، ليمن، سڀ رنگ." پال ڏانهس دوا جو گلاس وڌائيندي چيو.

"پليز، ڪڏهن ته ڪا رنگين ساڙهي پائي اچ." هن هڪ ڍڪ ۾ دوا پي چيو.

"ڊيوٽيءَ واري وقت ته ڏاڍو مشڪل آ." پال ٽهڪ ڏئي چاهيو.

"پلي ڊيوٽيءَ کانپوءِ ٿي ڀر مون کي ساڙهي پائي ضرور ڏيکار."

"ڪوشش ڪنديس، پر پرامز نٿي ڪري سگهان."

"نه پرامز ڪر."

"چڱو ڀلا پرامز."

سڀاڻي هڪ شام جو ليمن جارجٽ جي ساڙهي پائي ۽ وڏو ڪارو پرس ٻانهن ۾ وجهي، وڃي سندس سامهون بيٺي. هو ڪيس ٻئي لباس ۾ ڏسي خوش ٿي ويو ۽ ڪيس چڱي طرح ڏسڻ لڳو: "پال، گاڊ ايٿو، توکي هي ڪپڙا ڏاڍا ٺهن ٿا. تنهنجي سونهن نکري پئي آهي. توکي هر رنگ ٺهندو."

"هون!" پال ائين عجب ڪائڻ لڳي ڄڻ ڪيس خبر ئي ڪانه هجي.

"ها، ها، توکي هرلباس، هر رنگ ٺهندو."

"پوءِ ته مان رنگين ڪپڙا پائينديس."

نذير ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جهٽ کن رکي چوڻ لڳو، "پال هڪ ڳالهه ٻڌايانءِ؟"

"ٻڌاءِ."

"پال، مان ڄاڻان ٿو ته توسان پيار ٿي ويو اٿم ۽ پيار به روز بروز وڌندو وڃي."

پال ٿوري گهبرائجي وئي، پر يڪدم پاڻ تي قابو پائي چوڻ لڳي:

"ريلئي؟"

"ها پال اهو ڪوڙ نہ اٿئي."

"اها تہ منهنجي خوش قسمتي آهي نذير،" پال ٿورو سوچي چيو.

"سچ؟"

"سچ."

نذير اهو جواب ٻڌي وڏو ساهہ کنيو. ڇڻ سندس سيني مان ڪو وڏو بار لهي ويو. هن پال کي پيار سان نهاريندي چيو، "تون ۽ مان شادي ڪنداسون."

"ممي جي اعتراض ڪري تہ ؟"

"مان پاڻهي ممي کي راضي ڪندس، ڪيس ايلاز بہ ڪندس ۽ پيرين بہ پوندس. هوءَ- اهڙي نامهربان نہ ٿيندي."

"پوءِ تہ ٺيڪ آ. پر هاڻي تون آرام ڪر."

"نہ تہ مونکي ننڊ ڪانہ ايندي،" نذير ضد ڪرڻ لڳو.

"تون ننڊ نہ ڪندين تہ مان توسان عمر نہ ڳالهائينديس."

"چڱو مان ننڊ ڪيان ٿو پر پهريون مونکي ڪس ڪر."

پال ان خواهش تي گهبرائجي وئي، پر جلد ئي هن پاڻ سنڀالي نذير جي پيشاني تي پنهنجا چپ رکيا. سندس چپن جي ڇهاءَ سان ئي نذير جون اکيون ٻوٽجي ويون ۽ هن ننڊاکڙي آواز ۾ چيو، "تون هاڻي ٻلي وڃ مونکي ننڊ ٿي اچي."

پال مون کي اهي احوال ڏنا تہ مان حيران ٿي ويس. هوءَ مون کي سمجهائيندي چوڻ لڳي، "ڏس نہ، اسانکي مريضن جي ڪيڏي نہ خدمت ڪرڻ ٿي پوي. ڪين ڏوٿاريون ٿا، وهنجاريون ٿا. پر سندن فضول وار بہ صاف ٿا ڪيون، اتي جي دل رکڻ لاءِ، ڪين ڪس بہ ڏيون تہ ڪهڙو عيب. مقصد تہ ساڳيو آهي."

مون ڪجهہ ڪين ڪڇيو. مون کي ماٺ ۾ ڏسي چيائين، "توکي ڳالهہ نہ وڻي ڇا؟"

مان ڪيس ڀرائتي پائي چيو: "نہ نہ تون بلڪل ٺيڪ ڪيو، پر جي ڪيس حد کان ٽپندو ڏسين تہ مون کي ٻڌائجانءِ."

"گهڻو ڪري تہ تنهنجي ضرورت ڪانہ پوندي،" پال مشڪندي چيو.

هن اسپتال ۾ نرسن جون ٽي شفٽون آهن ۽ پيون بدلبيون آهن. جيڪي نرسون صبح جو ڊيوٽي ڏينديون آهن سي وري منجهند جو ڏينديون آهن. منجهند واريون ڦري وري رات جو ڏينديون آهن. ڊاڪٽرن جون ڊيوٽيون به ائين پيون ڦرنديون آهن. ڊاڪٽر سڄي رات ڪونه ويهندا آهن، پر ٿورڙي گهڙي ويهي هليا ويندا آهن. گهڻو ڪري سندن ضرورت ڪانه پوندي آهي، پر جي ضرورت پوندي آهي ته ڪين گهرائي وٺندا آهيون. ان رات جڏهن ڊاڪٽر ناصر مونکي ٻڌائي پڪچر ڏسڻ هليو ويو، تڏهن ڪا غير معمولي ڳالهه ڪانه هئي. سڀ مريض فرنا ستا پيا هئا، پر پال تڏهن به چڙي ويٺي ۽ مون کي چيائين، "تو اهو ڪم چڱو نه ڪيو."

"پر اها ڪهڙي ڳالهه ته ڪونهي. مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان ها!"

"پر جي ڪجهه ٿي پئي ته اسان ڇا ٿيون ڇا ڪري سگهنديون سين؟"

"ڪجهه ڪونه ٿيندو، اڍائي ڪلاڪن جي ته ڳالهه آهي."

"اڍائي ڪلاڪ ته وڏا آهن، هتي ته منٽن ۾ به ڪجهه ٿي سگهي ٿو."

"اها ته واٽي نه ڪر، خدا سڀني جو نگهبان آهي."

خدا جو نالو ٻڌي ڪيس آٿت اچي ويو ۽ چوڻ لڳي "بيشڪ هو سڀني جو نگهبان آهي."

"چڱو تون هاڻي رائونڊ هڻي آءُ ته مان تنهنجي لاءِ فرسٽ ڪلاس چانهه ٺاهيان، پوءِ گڏجي پيئنداسون."

"او گڊ!" هوءَ خوش خوش رائونڊ تي ويئي.

روم ڪان ٻاهر نڪتي ته ڏٺي ڪاريڊر ۾ سندس هلڻ جو سريلو آواز، منهنجي ڪنن ۾ وڄندو رهيو. مان ٻن ڪوپن جو پاڻ اسٽوو تي رکيو. ڪوپ ڌوئي ٽيبل تي رکيم. ڪٽليءَ ۾ پاڻي اٻرڻ لڳو ته انڪي لاهي اڃا رکيو هوم جو ڪاريڊر ۾ اگهاڙي پيرين ڀڄڻ جو آواز آيو. مان ٻاهر نهارڻ لاءِ وڌيس جو هوءَ در وٽ اچي پهتي. ڪڙڪيءَ ڪان ٻئي پادر لاهي هٿ ۾ جهليا هئائين، سهڪندي چوڻ لڳي: "جنهن ڳالهه جو ڊپ هو سا نيٺ ٿي."

"هان خير آهي؟" منهنجون وايون بتال ٿي ويون.

"خير وري ڪهڙو نذير وارڊ ٻارهين وارو ....."

مون ڪيس ڳالهه ٿي پوري ڪرڻ ڪانه ڏني ۽ تڪڙي وڃي روم ٻارهين وٽ پهتس. ڏٺم ته نذير موت ۽ حيات جي ڀواٽي تي، دم پهر لاءِ

بيٺو هو. هن دم جي مريضن وانگر وڏي تڪليف سان پٽي ساهہ کنيو. مان سندس هٿ پير ڇهيا تہ برف جهڙا ٿڌا. نبض ڏٺم تہ بہ ڏک هٺي ٽيون ڏک نہ هٿڻ جهڙو پٽي هنيائين ۽ اهڙي سست پٽي هلي ڄڻ اجهو بيٺي بيٺي. مون ڪوريمن جي شيشي کٽي ہٿي ڦڙا مريض جي وات ۾ وڌا ۽ پال کي چيم: "ڊاڪٽر ضرور اچڻ گهرجي."

"فون ڪيونس، ڪهڙي سئنيما ۾ هوندو؟"

"الائي."

"پوء..... پوء ....؟" هوء گهبرائجي ہڪڻ لڳي.

"هائي ماٺ ڪري ويهي رهہ."

"يعني تہ.....؟"

"منهنجو مطلب آهي تہ ڊاڪٽر ناصر چاڻ آيو."

"انجي اچڻ ۾ تہ اجا ڏيڊ ڪلاڪ ڪن آهي او ڪاڊ. ائين ڪين ٿيندو!" هو روئڻهارڪي ٿي ويئي.

مون ڪو جواب ڪونہ ڏنو. هن وري روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو:

"ڊاڪٽر آفتاب کي ڇونہ ٿي سڏين، هو بہ تہ ڪمپائونڊ اندر رهندو آهي!"

"هو اڄي الائي نہ ، هن جي ڊيوٽي ڪونهي."

"ڊيوٽي! ڊيوٽي، واٽ اي نان سنس!" هن ڪاوڙجي چيو، پر وري منهنجي ڪاڏي کي جهلي ايلاز ڪري چيائين، "تون فون تہ ڪرينس."

"مونکي فون ڪرڻ ۾ ڇاهي، پر پال ، هو ڪونہ ايندو."

ان سمجهائڻ باوجود هوء مونکي ٻانهن کان وٺي ڊيوٽي روم ڏانهن گهلي وٺي. مون ڊاڪٽر جو نمبر ڊائل ڪيو. گهنٽي ہُپل مهل وڄندي رهي ۽ پوء رسيور کڄيو. مون آواز سڃاڻي چيو: "ڊاڪٽر. سر، مان ليلا ٿي ڳالهايان، ڊيوٽي روم مان. هڪ مريض کي هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. اوهان مهرباني ڪري اچي سگهندؤ؟"

"پر اڄ تہ منهنجي ڊيوٽي ڪونهي، ڊاڪٽر ناصر ڪونهي ڇا؟"

"سر، هو پندرهن منٽ اڳ تہ هتي هو پر هينئر تہ شايد هيٺ لهي ويو آهي. اوهان ئي مهرباني ڪيو."

"اتي ئي هوندو، ڪيس ڳولي وٺ." هن خار ۾ ٺپ ڪري رسيور رکيو. مان رسيور رکي پال ڏي منهن ڪري چيو. "ڏٺئي، اجايو مون کي

خراب ڪيءِ.“

”پر هن کي ته ضرور اچڻ گهرجي، هتي ڪنهن جي حياتي جو سوال آهي.“

”مان ته ڪيس وس ڪيو ٻيو ڇا ڪيان؟“

”پوءِ مان ٿي پاڻ وڃانس.“

”نه نه، تون نه وڃينس، توسان ته چڙيل آ.“

”مان ويندس ۽ کيس ضرور وٺي ايندس.“

هوءِ پڇندي هلي وئي . مون سندس لهڻ جو آواز ٻڌو. هن هڪ هڪ وک ٻه ٻه ڏاڪا ٽپي ٽپيا تانجو آخري ڏاڪي ٽپڻ جو ۽ وري سنئين سڌي فرش تي پڇڻ جو آواز آيو. مان مريض وٽ اچي سندس نبض ڏٺم ته اها ٿوري سڌري هلي هئي. مان وري ڊيوٽي روم ۾ اچي ضروري انجيڪشن، سرنج، بلڊ پريشر انسٽرويومينٽ، اسٽيٿسڪوپ ڪٺي ٽيبل تي رکيا ۽ وري ڪاريڊر جي پرين ڇيڙي تي پيل آڪسيجن پلانٽ گهلڻ شروع ڪيم. پلانٽ ڪافي ڳورو هو ۽ رهندو ان جي اسٽينڊ جو هڪ ڦيٿو ڍڳل هو سو مشڪل سان پٽي رڙهيو. ان کي مس مس گهلي گهلي اچي روم جي ٻاهران بيهاريم. ٽڪ پٺي واچ ڏانهن نهاريم ته پنجيوهه منٽ گذري ويا هئا . ڊاڪٽر جو ڪوارٽر ڪمپائونڊ اندر هو ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ڇهن منٽن جو مفاصلو هو. ان حساب سان ته ڳچ وقت گذري ويو هو. پر پهريون ته ڊاڪٽر درٺي نه کوليو هوندو، مس مس کوليو هونداڻين. اچڻ کان انڪار ڪيو هونداڻين، پر وري سندس ايلازن تي مس مس مڃيو هونداڻين. منهن تي پاڻي جو ڇنڊو هڻندو، ڪپڙا بدلائيندو ۽ اتي ته ڳچ دير ٿيڻ لازمي هئي. البت جي هو اچڻ واري نه ڪري ها ته پال جيڪر موٽي به اچي ها. اهي ئي ڳالهيون پيٺي سوچيم ته فون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيم ته ڊاڪٽر آفتاب جو آواز سڃاتم: هن پڇيو. ”مريض جي پلس ڪيئن آ؟“

”هينئر ٿوري سڌريل آ سر.“

”گڊ، ڇگو تون ڪيس سٽي هڻ ۽ آڪسيجن ڏي. مان منٽن ۾ ٿو پهچان.“ مان سرنج ڀري مريض کي سٽي هنئي ۽ وري آڪسيجن پلانٽ کي چيڪ ڪري، ان جي ربڙ جي ٽيوب مريض جي نڪ ۾ لنگهائي، ان کي پلاسٽر سان قابو ڪيم. ان ڪم مان واندي ٿي واچ ڏانهن نهاريم ته بال کي وٺي پورو ڪلاڪ ٿي ويو هو ۽ اڃا ڊاڪٽر ڪونه آيو هو. مان ڪمري کان

ٻاهر نڪري ڪنايو. ڪاريڊر ۾ ڪو آواز ڪونہ هو ۽ ڏاڪڻ ۾ اچڻ جو ڪڙڪو ڪونہ هو. ٿوري دير اتي انتظار ڪري، اڳتي وڃي وراڻدي مان ڪمپائونڊ ڏانهن نهاريم تہ ڏٺم ڊاڪٽر آفتاب بئگ لوڏيندو. سيٽيون وڄائيندو اچي رهيو هو. سندس پويان ٿورو پرتي ہيو بہ پاڇو هو جو شايد پال جو هو. ڊاڪٽر اچڻ سان مريض جي دل نبض تپاسي ۽ خوش ٿي مونکي شاباس ڏيندي چيائين، "گڊ ورڪ سسٽر."

پنهنجي ڪم جي تعريف ٻڌي مونکي خوشي ٿي ۽ مان آڪسيجن پلانٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

"آڪسيجن بہ چيڪ ڪيو نہ سر؟"

"بلڪل ٺيڪ آ. هاٿي بتي وسائي ڇڏ."

"آڪسيجن سڄي رات هلي سر ؟"

" نہ نہ ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ ڪڍي ڇڏجانءِ."

ڊاڪٽر کي ڏاڪڻ وٽ ڇڏي پوئتي موٽيس تہ اوچتو منهنجي نظر پال تي پئجي وئي . هوءِ وارڊ نمبر ٻارهين وٽ، يٽ کي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي. هن جو منهن پيلو پيلو، چپ سڪل سڪل ڇڻ رت هجيس ئي ڪونہ - الائي ڇو هوءِ مون کي ان ڪنول جيان لڳي، جنهن جي هيٺان بيٺل سيتل ڍنڍ جو پاڻي سڪي وڃي ۽ اهو لوساڻجي ويو هجي. جيئن ڪيس ويجهو ڏٺم تيئن منهنجون اکيون ڪنهن خوف کان ڦوٽارجي ويون. مون کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي پڇڻ لڳي، "ليلا، نذير بچندو نہ؟" مان محسوس ڪيو تہ هن اهو سوال منهنجي ڏيان ڦيرائڻ لاءِ ڪيو هو. مان ڪيس ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو، رهندو ڪيس ڊونڊاڙي پڇيم: "ڪر خبر ٻال، ايتري دير ڇو ڪيي؛"

هوءِ ٿورو ڪلي، پر هڪ ڦڪي ڪل. ڏري گهٽ روئڻ جهڙي ۽ چيائين: شي، شي، ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون ڳالهيون نہ پڇنديون آهن."

"پر تون وٺين ڇو، تون وٺين ڇو؟" ڪار ۽ دک ۾ پڇيم.

" منهنجي وڃڻ مان تہ فائدو پيو نہ. اڳتي جنهن وقت فون ڪنداسونس تنهن وقت هليو ايندو. جي اعتبار نہ اچئي تہ ڪٽي هاٿي جو هاٿي فون ڪريس، ڏس اچي ٿو نہ!" ❑

زماني جي گردش

جڏهن رئيس قيصر خان تئين آيل مهمان ڪان، جنهن جا ڪپڙا ميرا ۽ اڌوراڌا هئا، جنهن جو منهن جهولي ۾ مسافريءَ سبب ڪاراٽجي ويو هو، جنهن جي پٽڪي جي پير، هلت چلت ۽ ڪٽ ڪميت گهوڙي جي شان اوغان مان سندس معتبرائپ ظاهر هئي، خلاصا حال احوال ورتا، تڏهن هن فهميدن لفظن ۾ چيو: "رئيس مان بہ توهان جهڙوئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش ۾ سبب اچي هي حال ٿيا آهن، توهان جيءَ در تي لنگهي آيو آهيان تہ پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهو- سو ڏيوم، پيو توهان جي سر پخت جو خير."

"توهان جو نالو؟" رئيس ڪائنس ٿي پڇيو.

"منهنجو نالو؟" هو ٿوري دير سوچ ۾ پئجي ويو، پر جلد ئي هن اکيون هيٺ ڪري چيو، "منهنجو نالو واحد بخش آهي." رئيس تہ ڪجھہ ڪونہ ڪڇيو، پر سندس پر سان ويٺل ڪمدار حاجي غلام علي چرڪ ڀري منجيءَ تان اٿين ڪڙو ٿي ويو، جيئن ڪنهن ڪانڌاري ڏينيوءَ سندس ويهڪ واري جاءِ تي ڏنگ هنيو هجي. هن تکڙ ۾ پڇيو، "واحد بخش خان مرزا پور وارو؟" آيل مهمان واتان اکر ڪون ڪڇيو. صرف ڪنڌ لوڏي هائو ڪيائين. ڪمدار حاجي تڏو ساهہ ڀري پنهنجيون پوڙهيون اکيون ڪٽي رئيس ڏانهن نهارڻ لڳو، هن جون اکيون رئيس کي ايلاز ڪري چوڻ لڳيون، رئيس مهڙي مڙس جي مدد ڪرڻ مرڪ آهي. رئيس بہ ڪمدار جي اکين جو نياپو سهي ڪري ڪيسي مان سؤ جو نوٽ ڪڍيو ۽ ڪمدار کي ڏنو، جنهن وري اهو وٺي واحد بخش خان جي ڪٽ تي رکيو. واحد بخش خان موڪلائي اٿي ويو تہ رئيس، ڪمدار کي چيو، "حاجي پڪ اٿئي تہ واحد بخش هو؟"

"سائين خدا خدا ڪر، جٽ ۽ امير ڪوهن ڪان پڌرو، مون سندس ديهہ بہ ڏٺي آهي، هينئر هڪ چوڌريءَ جي هٿ ۾ آهي. اسان جهڙيون بہ ديهون ٿين، هنجي ديهہ مان."

"پوءِ اهڙا حال ڪيئن ٿيس؟"

"پڌو نہ، زماني جي گردش"

پر رئيس جهنهنجو مٿو خوءِ سان پريل هو، تنهن کي اهڙي ڳالهہ تي

ڪٿي ٿو اعتبار اچي. هن عجب ۾ پڇي ڇيو: "حاجي هن جي ملڪيت اسان کان به ڀيٽي هئي ته ڪٿي ڪيئن؟ مان ٿي ڪٿي ڀنهي هٿن سان لٽيان ته به منهنجي ڪناڻ جي ته ناهي." رئيس پنهنجي خوشامدڙين وانگر چيو. جي ٿوري گهٽي ڳالهه تي ڪيس چوندا هئا. "رئيس، وڏو رئيس تنهنجي لاءِ ايترو ته ڇڏي ويو آهي جو تنهنجون ست پيڙهيون پيون اڏارن ته به جوکو ناهي."

حاجي غلام علي جيڪو پراڻي جڳ جو ماڻهو هو. تنهن کي اها لاف نه وڻي، هن فقط ايترو ئي چيو، "شڪر ڪر رئيس، شڪر ڪر."

رئيس قيصر خان جي پيءُ هن دنيا مان وصال ڪيو هو ته اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن جي وٽس کوٽي هئي. چار پنج سو ايڪڙ پوري لٽاشي زمين جنهن ۾ ووڻ، وٽن جيترا ڍڳها ڏيندا هئا. ۽ ڪڻڪ چوسري پڇندي هئي. جو ڏڳهو ماڻهو هٿ آيو ڪري ته اهو به ڏسڻ ۾ نه اچي، وري ڪڙهه ۾ نظر وجهبي ته الاجي ڪهڙن ڪهڙن والاين جا سرخا. ڪميت ۽ سمنڊ پيا اوبرين تي داڻا ڪائيندا ۽ ٿالهن تي هاهرون ڪندا. سڀ گهوڙا تصوير جهڙا جو لانگ ورائبي ته دونالي بندوق جي نرين جهڙيون سنهيون ڇنگهون ڪنن تان پيون ورنديون ۽ شاختون سر تي ويندڻيون. وري مال جي واڙي ۾ نظر وجهبي ته ايي لمي جون ريشمي ڪلن واريون گوبراڻ مينهون ۽ ڳئون. کي ڪنديون ته کي گهنجون. مطلب ته هر جنس جا خدا پئدا ڪئي آهي سا واڙي ۾ ضروري ليندي، ڏوڪڙ پئسي جي به ڪمي ڪانه. هڪڙا ڪتن ئي ڪونه ته هيو فصل تيار تي وجي ۽ وري ڍڳ پئسا پيا اچن. ڪڙمي ڪاري، ڪمدار ڪاراوا، نوڪر چاڪر غريب ايماندار همت پريا. مطلب ته سڄي راند رتل. هلڻ نهيل نڪيل. فقط خيال سان هلائڻ جي دير هئي. وڏي رئيس به مرڻ وقت ننڍي رئيس کي چيو هو. "پٽ، سڄو ڍينگو نهيل نڪيل تو ڏٺي وڃانءِ، رکو پيو ڪنگهڪر ڪندي ته اولو ئي ڪونهيءِ پاڻي پيو رينگدو." رئيس قيصر خان پيءُ جي ختمن جماڻن بعد جڏهن چوطرف اکيون ڦيرايون ته کيس محسوس ٿيو ته سندس زمينداري جيتوڻيڪ وڏي هئي ته به ڏکو ڪونه هوس. پاڙي جا ننڍا وڏا زميندار ڪاڻ گوءِ ڪٿي ويا هئا. حالانڪ سندس پڙ ڏاڏي ۽ ڏاڏي جي وقت ۾ سڀ زميندار ڪين ئي سلام پريندا هئا ۽ سندن اهم معاملا ۽ فيصلا وٽن ئي طئي ٿيندا هئا. ان لحاظ سان چوطرفي جو مرڪز ئي هو هئا. ۽ وڏائپ جو بار مٿن هو. پر جڏهن سندس پيءُ پڳ ٻڌي ته پٽس

جي فقيري طبع ۽ ڪنهن جي ڀن ٽن ۾ نہ وجڻ ڪري سنڌن اهو ڏاڪو ختم ٿي ويو هو. هرڪو پنهنجي خانيءَ خان تي ويو هو. ان عرصي ۾ زماني ترقي ڪئي تہ سڀ زمانيءَ آهر پنهنجو قدم وڌائيندا رهيا. پر سنڌس پيءُ پنهنجي اباڻي ڏاڏاڻي چال ڪانہ ڇڏي. ٻين وٽ مهيني ماسي مختيارڪار، ڊپٽي ۽ ٻيا ڪامورا شڪارن ۽ دعوتن تي پيا ايندا ويندا هئا ۽ انهن ڪامورن سان رسم راهہ ڪري سنڌن وڏي هلندي پڄندي هئي، پر سنڌس پيءُ وٽ ڇتي ڇماهي تپيدار ۽ ڪوٽوار ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڪاموري جي آمد ڪانہ هئي. قيصر خان پيءُ جو ان طرف ڌيان ڇڪائيندو هو پر پٽس چوندو هو، "بابا، اسان جو کهڙو ڪم جو وينا ڪامورن جون ٽندواليون ڪيون. ڪين ڪاني سان سلام ڪبو تہ سکيو گذاربو."

پر قيصر خان جنهن جي رڳن ۾ جوانيءَ جو رت هو، ان کي اهي ڳالهيون نہ اڳ وڻيون هيون ۽ نہ هينئر ٻي وڻيون. هن جي مرضي هئي تہ هڪ ڀيرو اهڙو ڦرڪٿو ڦيرائي جو سنڌن زميداري وري سڀني جو مرڪز ٿي وڃي، ۽ سڀ معاملا سنڌس سر تي پنچي ۾ پيا فيصل ٿين. اها ڳالهہ ڳڻي هن پيءُ وانگر پئسي پئسي تي ڳٽ ڏيڻ بدران زماني آڌار ڏيک ويک تي خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪمدار حاجي جڏهن رئيس جي نئين جيپ ۾ چڙهي ٻئي چڪر ڏنا ۽ رئيس سان گڏ وڏن وڏن ڪامورن کي روبرو دعوتون ڏنيون تہ هو خوش تہ گهڻو ٿيو، پر تڏهن بہ هو مهيني ماسي پيو رئيس کي چوندو هو، "رئيس تون ڀلي اهي شوق ڪر، پر پير هميشہ چادر آهر ڊگها ڪجانءِ، ائين نہ ٿئي جو سيان هَٿَ چيو نہ ڪرئي ۽ دشمن کلن. هرڪو چوندو تہ پيءُ جي قدمن تي نہ هليو، سڄي دنيا ڦوڪي ڇڏيائين." ڪڏهن ڪڏهن تہ رئيس ماٺ ڪري ويندو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن تہ رهڙ بہ ڏئي وٺندو هوس. حاجي توتي کهڙي ميار، تون آهين ٻاهتر ۾، دنيا سک لاءِ آ، يا رکڻ لاءِ. ڀلا کهڙو ابتو خرچ ڪيو اٿم؟"

"سائين جيپ ورتئي پندرهن هزارن ۾، روز تي ڊهي روز تو خرچ ٿئي."

"تہ تنهنجي مرضي آهي گهوڙن تي چڙهي چٽا ڪرايان." رئيس چڙي پيو.

"ڀلا رئيس وڏو بہ تہ هو؟" ڪمدار حاجي، رئيس وڏي جو زمانو ڏٺو هو سو ڪنهن جو مثال ڏي.

"اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ. زماني آهر نہ هلبو تہ ڪو ليکندو ئي ڪونہ" رئيس کيس سمجهائيندو هو.

ڪمدار حاجي، نوڪر ماڻهو، سيني ساهڻ بدران اهي دليل ٻڌي چپ ٿي ويندو هو، پر ٻيا ٿوان نوڪر، جي وڏي رئيس جي فوتي ڪانپوءِ هن رکيا هئا، اهي ڳالهيون ٻڌي رئيس کي چوندا هئا: "سائين انگريز چريا ڪونہ هئا، جو ڪراڙپ ۾ ماڻهن کي پنشن ڏيندا هئا. مڙئي اچي ڏاڙهي اڇو خراب. تون ايا پنهنجي گهرون دروّن پيو خرچ ڪرين. ڪنهن ڪان آڌارو ڪونہ ورتو اٿئي، جو ڪيس فڪر ٿئي."

سندس خاص نوڪر رجب، جو ساڻس سفر ۾ گڏ هوندو هو ۽ ڳوٺ ۾ بہ اٿيءَ وينيءَ جو خيال ڪندو هو سو وري چوندو هو: "رئيس دنيا اهڙي بي پيري اٿئي تہ جيترو چاهيندينس اوترو حرام ٿيندي، پري ڀڄندي. جيترو اڇليندينس اوترو مڙندي ويندءِ. سالڪن چيو ناهي تہ سخيءَ شوم جو ٻارهين مهيني ليکو پورو." ائين پئي ڳاڏو ڳڙڪندو آيو.

پهريون سيارو هجي، ڏينهن جو اونهاري جي پوئين ڏاڏر ۽ راتين جو سياري جون مٺيون مٺيون ٿڏيون. ڪڙمي ڪاري ربيع جي هرن ڪان فارغ ۽ خريف جي فصل ڪٽڻ ۾ بہ ٻہ مهينا دير. زميندار تہ پڪيءَ جا مالڪ، انهن کي تہ مولا جي ذات ڪو فڪر ڏنو ئي ڪونہ آهي، اهائي موسم ٿيندي آهي، ٻهراڙي ۾ وهانون ۽ شادين جي. گهوٽ ۽ ڪنوار بہ راضي، ڪاج وارن کي بہ تڪليف ڪانہ ۽ ماڻهو بہ واندا. هر ڪو پيو پري وڃي. انهن ئي ڏينهن ۾ رئيس کي نيڊ آئي هڪ وهانءَ جي. جنهن زميندار وهانءُ پئي ڪيو سو رئيس جو دلي دوست هو ۽ رئيس جي شادي ۽ وڏي رئيس جي فوتي تي سڻو ڀيري ڀري ويو هو. رئيس کي بہ اها آڌاري ياجي لاهڻي هئي، ان ڪري پنهنجي نوڪرن چاڪرن سميت تيار ٿي مقرر ڏينهن تي وڃي پهتو. ساڏي زميندار بہ ڪونہ گهٽايو هو ۽ سٺو انتظام ڪيو هئائين. اميرن معتبرن لاءِ جدا نوڪيليون جايون، وڏيرن ۽ عام خاص راڄ لاءِ جدا لانديون نهرايون هيائين. راڳ جي محفل لاءِ بہ هيرا منديءَ جون چونڊ ڳائڻيون گهرايون هئائين. رئيس ماني ڪائي ٿانيڪو ٿيو، پر جڏهن بتين ٻرڻ وقت چوطرف چانڊاڻ ٿي وئي تہ ڪيس نياپو اچي پهتو تہ راڳ شروع ٿيڻ ۾ ڪا جهٽ پلڪ ڪن دير هئي. رئيس بہ تپو ڏئي ڪڙو ٿيو ۽ پنهنجي ٽوليءَ سميت اتي پهتو. اها جاءِ هڪ وڏي لاندي

هئي جنهن جي فرش تي اوچا گرم غاليچا وڇايل هئا. چوطرف ڪوڙ ٽي زميندار ويٺل هئا ۽ انهن ۾ سندس دنگئي زميندار فتح خان به ڪانپ ڪڍيون ويٺو هو. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان ڪانءُ پوندي هئي. ٻني ٻاري، هاري ناري ۽ ٻڌي ۽ جوڙي ۽ تي سندن جهيڙا پيا هلندا هئا. ٻنهي جا ڪمدار ڪاراوا به جهيڙي تارڻ بدران پنهنجي مالڪن کي ڪا نه ڪا شڪايت ڪري ڀرندڙ باهه ۾ چوچڙي وجهي پيا سيبڙ مچائيندا هئا. حقيقت ۾ ڀهريون ڀهريون سندن منهن ٿلها ان ڪري ٿي ٿيا هئا جو قيصر خان پنهنجو وڇايل اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جو سندس پڙ -ڏاڏي ۽ ڏاڏي ڪانپوءِ، فتح خان وارن کي حاصل هو. ٻنهي ٻاهرين ٻني قائم رکڻ لاءِ هڪ ٻئي سان ڪيڪر نه ڪئي، پر اهي قربانئتا ۽ مٺا لفظ اهڙي طرح ادا ٿيا جو جڻ زهر مان- جو ٻنهي جي دلين ۾ هو- ٻڌي نڪتا. ٻئي ڪيکر ڪري پنهنجي پنهنجي ٻاري ٺاهي جدا ويهي رهيا. ماڻهن جي انبوهه سبب چوٻول متل هو. ڪنهن کهڙي ڳالهه پئي ڪئي ته ڪنهن ڪهڙي ڳالهه. اوچتو سڀ سڪا پسڪا بند ٿي ويا. رئيس، جنهن پاسي ۾ ويٺل هڪ زميندار کي تازي شڪار جو احوال پئي ٻڌايو، تنهن اهڙي چپ ڏسي ڪنڌ جو مٿي ڪنيو ته هڪ ٻانهين ڳائيون اچي ويٺيون هيون ۽ سندن استادن ڪپڙن ۾ ٻڌل هارمونيون ۽ پيا ساز پئي کوليا. سڀ سدا ملوڪان انگ انگ ڀهڪندڙ پر هڪ ڪنڊ ۾، هلڪي پيلي ساٽن جي سوٽ ۾، انهن سيني جو نڪ ويٺي هئي ۽ انهن سيني جي قد بت، رنگ روپ جي لحاظ ڪان اهڙي پئي ڏک ڏنائين جيئن عام ڪنڪ جي ٻاري ۾ ڪونج ڪنڪ جو سلو. مڪائي جهڙو سونهري رنگ، ڊگهي ڊگهي ڳچي، سنهڙو نڪ ۽ ان ۾ پيل سوني بولڙي جنهن ۾ سچو موتي جرڪيو پئي. رئيس قيصر خان ته ڏسندي ٿي سڪ ٿي ويو ۽ سندس ڪاري يونٽر جهڙي مٿي کان يورن باهه جهڙن پيرن تائين ڊوَ سان ڏسي وري پئي منڍ کان شروع ڪيائين. سندس اکيون اوستائين نه هٽيون، جيستائين هن ڪيس جوهه پائيندو ڏسي ڪنڌ ڦيرايو ۽ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳي. رئيس لاچار ڪنڌ ڦيرايو ته فتح خان به ساڳيءَ ۾ جوهه وجهيون ويٺو هو. رئيس جي منهن ۾ سونڊ پئجي ويو ۽ اهو سونڊ تڏهن لٿو، جڏهن ڏوڪڙين وچت شروع ڪئي ۽ سازن آواز ڪڍيا. ڀهرين هڪڙيءَ ڳايو، سيني پنسا ڏنا. اها ڳائي وچي ويٺي ته ٻي اٿي. ان به پنهنجو پاڻ چڱيءَ طرح موڪيو. ان بس ڪئي ته پوءِ

"هن" ۾ چرپر ٿي ۽ هوءَ آرس پچندي، رئي کي سيني تي ٺاهيندي، اٿي کڙي ٿي. چوطرف سانت ٿي ويئي هرڪو تڪڻ لڳو ته ان بلور جهڙي شفاف ڳچي ۽ سهڻن چپن مان ڪهڙو ٿو آواز نڪري. رئيس کي ان وچ ۾ وري وارو اچي ويو ۽ هو ڪيس ٽئين سر جاچڻ لڳو. سندس سوڙهي سوڙهي قميص ۾ قاتل سيني کي، سندس سنهي چيلهه کي ۽ سندس موڪرن موڪرن ٻُنڊڻن کي. ننڍن ننڍن پورن پيرن کي، ۽ انهن جي رنگ لڳل ننهن کي جي پوراڻ کي وڏيڪ جرڪائي رهيا هئا. هن ظالم به آلاپ ڪري رئيس وري ٻانهين ڏانهن منهن ڪري جو سرائڪي ڪافي، "ڪهڙا حال سڻاوان دل دا. ڪوئي محرم راز نه ملدا". شروع ڪئي ته رئيس ته رهندو لوهن ڪڙن ۾ قابو ٿي ويو ۽ ڏانهس اکين ڇنيڻ بنا يڪ ٽڪ نهارڻ لڳو. هڪ مصرع ٿيو، ٻيو مصرع ٿيو، پر رئيس ڏانهس فقط نهاريندو ئي رهيو. اوچتو فتح خان پنهنجي ٻانهين ڪان رڙ ڪئي. "ڪهڙي بي قدرن جي پاسي پئي ڳائين ٻائي، هيڏي آءُ ته تنهنجي هڪ هڪ مصرع تي نوٽ گهوريان." ائين چئي فتح خان ڏهين ڏهين جا پنج نوٽ تاس جي پتن وانگر جهليا. چوطرف ٽهڪڙو مچي ويو. هوءَ به ڦيرو پائي وچي فتح خان اڳيان گوڏو پيچي ويٺي ۽ دستور موجب ڪيس مصرع ٻڌائڻ لڳي. رئيس قيصر خان جي منهن ۾ سڄي بدن جو رت وري ويو ۽ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن ڪرڙي اک سان پويان ويٺل پنهنجي نوڪر رجب ڏانهن نهاريو، جنهن پاڻ اهو مذڪور ڏسي ڏند پئي ڪرٽيا. هن رئيس کي چيو؛ "فتح خان ملهه هٽي ويو رئيس."

"هون، پوءِ؟" رئيس خار ۾ پڇيو.

"پوءِ ڇا، رکيو نالو پٽ جو به چڱو ناهي."

"گهڻا ڏوڪڙ آهن ٻنون ۾."

"به هزار ته خوشي سان ڏيندا." ائين چئي رجب چمڙي جو ٻٽون ڪڍي اڳيان رکيو.

"انهن مان ڪهڙي پورت پوندي، اڌام وچي پئسا ڪئي آءُ جيب تي."

هوڏانهن فتح خان پنجاهه ڪڏيون ويٺو هو ته رئيس سو جو نوٽ ڪڍيو. هوءَ مشڪندي اچي ولس ويٺي. ٻنهي طرفن کان نوٽن جا سرڙاٽ ٿيڻ لڳا. ٻنهي کي اچي پنهنجي عزت جي لڳي، جيڪو گهٽ ٿئي سو لوڪ لڄا ڪئي ۽ راڄن ۾ بدنام ٿئي. مصرع مصرع ته رقم وڌندي رهي. جڏهن رئيس

جو نوڪر پئسا کڻي موٽيو تہ مصرع مصرع تہ ٻہ ٻہ سو ريبا ٿي ويا هئا.

رجب وٽس پهچي چيو، "نہ گهٻرائجانءِ رئيس، ڪوڙ پئسا آندا اٿم."

"گهڻا آهن؟"

"پنج هزار!"

"هاڻي ٺيڪ آ." رئيس بالم ٿي ويهي رهيو ۽ پوءِ تہ اڪيون ٻوٽي ڏيڻ لڳو. ڳائڻيءَ بہ سنڌ جي رئيس جي هاڻ ڏسي، اوستائين بس نہ ڪئي، جيستائين سندس نڙي پڙ نہ ڪيي ٻيٺي. پوءِ جڏهن سندس وس نہ هليو، تڏهن نوڙندي ناز ڪندي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويٺي. رجب رئيس اڳيان پيل پئسا سنڀاليا تہ ڪو هزار ڏيڍ وڃي بچيو هو. ٻيو ڪل پيران دا خير. اڌرات مهل جڏهن هرڪو نويڪلي جاءِ ۾ آرامي ٿيو تہ رئيس رجب کي چيو،

"رجب منهنجو ڳو ڀلو ڪر، نہ تہ مرانءِ تو."

"چو، خير تہ آ سائين؟"

"اجا تو خير پڇين !" رئيس تڏو ساهہ پريندي چيو. رئيس جي ڳالهہ سمجهي، رجب ڏاڍ تيزي ڪلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: "پرائو وهانءِ، هتي ڪا ڳالهہ ٺهندي ! باقي صبر ڪر. هڪوار سندس جهوليءَ ۾ ننڊ نہ ڪرائيمانءِ تہ منهنجو نالو ڦيرائي پاڻ واري ڪاري ڪتي تي رکجانءِ."

رئيس جنهن کي رجب جي قابليت تہ ڀروسو هو، سو اها دلجاءِ ٻڌي ٿوري دير ۾ ڪونگهرا هڻڻ لڳو. ٺپ- ٺپ- ٺپ- رجب جي زورن تہ رئيس اکيون کوليون تہ ڏينهن مٿي چڙهي آيو هو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائي رئيس آرس ڀڃي اٿي کڙو ٿيو. تڪ اچلي رجب کان پڇيائين.

"کهڙو حال آ."

"سڀ خير آ."

"هوڏانهن ويو هئين؟"

"اتئ سان ويو هوس، هاڻي موٽيو هان."

"ڇا چيائون؟"

"چون ڇا، ڦيريون تہ اهي ٻهانا ۽ نمونا تہ اسان اهو ڪم نہ ڪندا آهيون. پر مان جو ٻڌايون مانِ نسريون تہ اوهان واقعي تاجي پيتي پٽ آهيو ۽ مصلي تہ نماز پڙهندا آهيو، تہ شڪي ٿي چوڻ لڳا. "رئيس جي دل ڪنهن ٿي آهي؟"

"پوءِ ڇا ٿيوني؟"

"ٿيو ماڻ تہ ڪمال ٿا ڪريو: سڄي رات ڪوهياري ٻڌوَ، وري ٿا ٿئو ڪوهياري ٻڌاءِ. اوهان وٽ الماس بولڙي واري، ڪانسواءِ ڪهڙي آهي رئيس جي هنداڻ جهڙي."

رئيس کلڻ لڳو۽ رجب کي شابس ڏيندي ڇيائين، "واهہ ڙي رجب واهہ"

"سائين الماس جو ذڪر ٻڌي ڇرڪي ويا. ڇيائون، هوءَ ايا نندي آهي ۽ سندس نٽ بہ ڪانهي لٿل."

"مان ٿيو مان تہ رئيس نٽ لاهيندس." رجب ايترو ٿئي وري ٿوڻ لڳو، "سائين ٻي ڳالهہ تہ ٻڌ."

"ٻڌاءِ."

"الماس ايا ڪنواري اٿي، جڏهن ڪو جوان ماڻيندس، تڏهن اها نٽ لهندس."

"هان!" رئيس عجب ۾ پئجي ويوءِ وري تصور ڪري مشڪڻ لڳو.

رجب وري ڇڏيل ڳالهہ کي اتان ٿي شروع ڪيو: "سائين هو تيار تہ آهن، پر ٿون ٿا تہ ڀهريون رئيس کي نٽ لاهڻ جي رقم ڏيڻي پوندي، گهٽ ۾ گهٽ ويهہ هزار، پوءِ ماهوار خرچ، بنگلو، ساز سامان، نوڪر چاڪر سڀ ڏيڻا پوندس. جي دل جهلي تہ هليو اچي لاهور."

رئيس اهي ڳاتي ڀڳا خرچ ٻڌي سسي ويو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري سوچڻ لڳو. اتي رجب ٻيو ٻر ڇوڙيو، "سائين، هن حرامي فتح خان بہ پنهنجو ڇاري ڇڏيو آ."

"هان!" رئيس ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

"ها سائين، صبح جو وڃان تہ قادو پيو ڏوڪڙين سان ٿهڪڙا ڏئي ۽ سسڪا پسڪا ڪري، مون کي ڏسي هليو تہ ويو، پر جڏهن ڳالهائي مونيس تہ وري مليو. مڃون وتيندي ڇيائين، "بابا مَلهہ جي شيءِ آهي، اتي واڪ هلندا."

رئيس جو ڪنڌ سيني سان لڳي ويو. رجب ٿوري ديري ڏانهس تڪي ٿوڻ لڳو، "منهنجي ڳالهہ مڃين رئيس، تہ ان ڳالهہ ڪان پاسو ڪري لنگهہ. انهن ماڻهن کي محبت جو ڪهڙو قدر، ڪين تہ رڳو روڪڙ ڇام ڪهرجي يلي

فتح خان جو ئي پٽ ڪهنو ٿئي."

رجب کيس نيڪ صلاح ڏني. رئيس، جيڪو فتح خان جو نالو ٻڌي سڙي ويو هو، تنهن اها ڳالهہ ڪني پٺي مڃي. هن ڪڙڪيدار آواز ۾ رجب کي چيو، "وڃي ڪين ڇڏ تہ اسين ان ڳالهہ ۾ ٻڌل آهيون ۽ هڪ هفتي اندر وٽن پهچي ويندا سون."

لاهور جي تياري ڪندي رئيس گهر سنڀاليو تہ روڪ پئسو تہ نالي ڪاڻ ڪونہ بچيو هو. وڏي رئيس جي فوتيءَ بعد خرچ وڌي ويا هئا ۽ هِن هَن ۾ پيو خرچ ٿيندو هو. شڪار، دعوتون، جيپون، اليڪشن ۽ پيٽرول تہ سڀ اتان نڪتا هئا. پر ٽن راتين جي راڳ بہ کيس چڱي چوٽ ڏني هئي. ان مسئلي بابت ڪمدار حاجيءَ سان تہ صلاح ڪرڻي ڪانہ هئي، جو هو ڏاڙ گهوڙا ڪندي چوي ها، "ڏٺي رئيس، چوندو هو ماڻ، تہ چادر آهر پير ڊگها ڪجان." سو رجب کان وڌيڪ ڪير هڏڏوکي هو. رجب کي گهرائي سڄي ڳالهہ سمجهايائين. رجب بہ ٽي منٽ سوچي چيو: "سائين ڦٽين جو فصل لهڻ تي آهي، سيٺ سان اڳواٽ ڳالهہ ڪبي تہ ڏوڪڙ جام تي پوندا. باقي اڳهہ ٿورو گهٽ مليو تہ ڪهڙي ڳالهہ، شي پنهنجي آهي."

"اهين تہ ڪٿي ڪيون، پر پورت ڪيئن پوندي." رئيس دل ۾ حساب ڪندي چيو.

رجب وري ٽيپيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ڳپل مهل ڪانپوءِ چيائين، "سائين اوهان کي هاڻي خير سان جيپ آهي، هينئر ايترن گهوڙن جي ڪهڙي ضرورت آ. چڙهو بہ ڇني ڇماهي تا، بيٺي بيٺي پير ڪاري ويندا. هزار ڏيڍ ۾ تہ هڪ هڪ وڪڻ ويندو گهٽ ۾ گهٽ." ايترو چئي رجب رئيس ڏانهن نهاريو. هن رئيس جو ردعمل پٺي جاچڻ گهريو. رئيس ڪي غور سان ٻڌندي ڏسي، هن وري چيو، "مينهون بہ ڪوڙ بيٺيون آهن. پورو سايو بہ ڪونہ ٿو ٿئي، ڪير لاءِ چار ڪن ڪافي آهن."

رئيس رجب جي صلاح ٻڌي ٻهڪڻ لڳو ۽ ڪمدار حاجيءَ کي گهرائي اهو حڪم ڏنائين. هو اهو حڪم ٻڌي وائڙو ٿي ويو: "رئيس وهٽ ۽ مال تہ زميندارن جو ڀاڳ آهن. پنهنجو ڀاڳ ٿو وڃائين!"

رئيس تڪڙو پوڻ بجاءِ کيس ٿڌي سيني سـ سمجهـ ڻ لڳ،

"حاجي، گهوڙن تي چڙهان ڪونہ، بيٺي بيٺي پـ ڪار، ويندا. نهـ

اڄايون ڪوڙ ٻيڻيون آهن."

پر ڪمدار حاجي، جو ننڍي رئيس جي هڪ هڪ وک کي وڏي رئيس جي ڳالهه سان ڀيٽيندو هو، تنهن کي اها ڳالهه وڏي رئيس جي "سنت" کان ابتڙ لڳي، سو هو چوڻ لڳو، "رئيس وڏو به پڇاڙيءَ ۾ اُن تي چڙهندو هو، پر دل ۾ اهو خيال به نه آڻندائين ته ڪو فلاڻو يا فلاڻو وهٽ وڪڻي ڇڏيو. رهندو ڇٽي ڇماهي پيو چوندو هو، "ڪمدار، ڪو پلو گهوڙو نظر ۾ هجي ته ٻڌائجانءِ." رئيس، حاجي جي ڳالهه ٻڌي ٽپي ويو ۽ چوڻ لڳو، "توکي سؤ ڀيرا سمجهايو اٿم ته اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ."

ڪمدار حاجي دڙڪو ٻڌي ماٺ ڪري ڏانهس نهارڻ لڳو. رئيس وري حڪم دهرايو.

"سواءِ سمنڊ جي ٻيا سڀ وهٽ وڪڻي ڇڏ. مينهون به ڇڙيون چار ڇهه، ٻيون ٽين واڪ ڪر." اٿين ڇٽي رئيس ٻئي طرف نهارڻ لڳو.

جڏهن رئيس سڀ سامان موجود ڪري لاهور پهتو ته الماس جو واڪ چڙهي ويو هو. استاد بندو خان، جنهن سان رجب ڳالهايو هو ۽ پڪان پڪ هئي، تنهن پنهنجي لاچاري سمجهائيندي چيو: "مان ڇا ڪيان، ٽيون ڏينهن هتي فتح خان اچي پهتو هو، هن چيو ته مان رئيس کان پنج هزار مٿي ڏيندس ۽ بنگلو به مسواڙ تي وٺڻ بدران خريد ڪري الماس کي لکي ڏيندس. الماس جي ماءُ جي ته گگ ڳڙي پئي، پر شاباس آهي الماس کي، جنهن ماءُ کي صاف صاف جواب ڏنو. ماڻس ڪيس گهڻو سمجهايو ته رئيس، فتح خان کان وڌيڪ پئسا ڪونه ڏيندو. پر هن ماءُ کي پڪ ڏني ته جي وڌيڪ نه ڏيندو ته گهٽ به نه ڏيندو. رئيس جا پهريون ته ڇهه ڇڇي ٻيا، پر الماس جي قرباني ٻڌي ٺري پيو. وڌيل واڪ جي ڪيس گهڻي ڳڻتي ڪانه ٿي. گپ ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڦهنگن کان ڪهڙو ڊڄڻ. رئيس استاد کي چيو، "ٺيڪ آ، مون کي سڀ شرط منظور آهن. باقي اها ڳالهه ڪليل اٿوَ ته مان ڪيس ڏنڊو ڪرڻ نه ڏيندس."

"ها اها ڳالهه ته ظاهر آ، اوهان جهڙا خاندان ڪٿي سهندا."

"نه، پهريون ڳالهائڻ ٺيڪ آ، پوءِ ڪو ڪروڌ نه پوي."

"بس اوهان بنگلو خريد ڪيو ته پوءِ دير ڪانهي، سٺت ٿي پن ٽن ڏينهن ۾ بنگلو خريد ٿيو ته الماس به سينگاري رئيس جي حوالي ڪئي وئي.

رئيس خوشيءَ ۾ پر ٿي ويو، جو هن بہ هن وقت تائين ڳوناٽيون ساديون سوديون ميريون، گدليون زائفون ڏٺيون هيون، جي هٿ وجهڻ تي ڪجيءَ جي تڏي وانگر وڃائجي ويندين هيون، پر ان جي بدران جڏهن هن الماس جي ڳاڙهن ڳلن، ڊگهين ڊگهين پلڪن ۽ هرڻيءَ جهڙين اکين کي ڏٺو تہ هو بهار بهار ٿي ويو. ويتر جڏهن الماس پنهنجي گهنگرن جهڙي آواز ۾ کيس پنهنجي محبت جو يقين ڏياريو ۽ کيس وعدو ڏنو تہ ڇهن ائن مهينن کان پوءِ هوءَ سائس ڳوٺ هلي رهندي تہ رئيس کي پنهنجا سمورا خرچ سجايا لڳا. صبح جو جڏهن رجب مشڪندي ڪائنس احوال ورتو تہ رئيس تڏا ساه پريندي چيو: "رجب، مان الائي ڪيئن ٻاهر آيو آهيان. نہ تہ دل نٿي گهري تہ ڪو ٻاهر اچان، مون کي تہ چريو ڪري ڇڏيو اٿائين."

مهيني ڏيڍ ڪانپوءِ رئيس رجب کي حڪم ڏنو تہ ڪيئن بہ ڪري موديءَ کان پئسا وٺي اچي. رجب حيران ٿي پڇيو، "ڇو، ڇا ڪندؤ سائين؟"

"رجب، کيس ٻتي زيور ٺهرائي ڏيڻا آهن. زيورن ڪانسواءِ ٻسي آهي."

"پر توهان جو ڪهڙو ڪم !"

"ڇا ڪيان رجب، کيس انڪار ڪندس تہ روئي روئي منهن سڄائيندي، پرچائيءَ ۾ وري وڏيڪ ڏيڻو پوندو."

"پر سائين ايترو خرچ تہ ٺيڪ ڪونهي."

"پر جتي درياهہ ٽپي ويا آهيون، اتي آڏ تي ڪهڙو ٻيهون گهبراءِ نہ. سڀ خرچ سجايا ٿيندا." رئيس الماس واري واعدي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

رجب حڪم جو ٻندو، انهيءَ ڏينهن هليو ويو ۽ ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ پئسن آڻڻ بدران خود سيٺ خدا بخش ميمڻ کي وٺي اچي نڪتو. سيٺ هٿ ٻڌي چيو، "سائين مان اوهان جو نيمڪ خوار آهيان، پر اهڙو تونگر ڪونہ آهيان، جو لک پيا هجن. ووٽن وارا پئسا بہ پٽ سٽ ڪري ڏنا هئم، رهندو ووڻ بہ مليا گهٽ. اليڪشن وارا بہ پندرهن هزار اچا بيٺا آهن."

"ڪيئن سيٺ حساب ڪر."

سيٺ بندي ڪولي: "سائين هي ڏسو، پنجاهہ هزار ورتو، بہ هزار مڻ ٻوليو، پنجويهن جي اگهہ سان، ڏنو هڪ هزار مڻ. اگهہ هينئر ووڻ لهن چاليهہ روپيا، چاليهہ هزار ٿيا نہ. اوهان ڏانهن اليڪشن وارا پندرهن گڏبو تہ ٿيندا پنجونجاهہ هزار."

"حاضر سيٺ ڏينداسين، پر هينئر ته ڏاڪو هزار ڪن ڏيار." "سائين ڪاڏهون ڏيان؟ جي بينڪ مان ٿو وٺي ڏيان ته وياج ڳاٽي پڳو پوندو. ايتري رقم ڪٺڪ مان ڪٿي لهندي. نه فصل ته اهو ووڻن جو هو."

"پوءِ ائين ڪنداسين ته جيڪي پئسا ڪٺڪ ۾ لڳا، نه ته وري آئيندي واري ووڻن ۾."

"نه سائين اتي منهنجي پوري ڪين پوندي."

اتي رجب رئيس کي ٻاهر ڪيدي سمجهايو ته سيٺ خدا بخش ته پئسن ڏيڻ لاءِ تيار هو، پر ڪيس پڪ ڪلڻ تي ٽئي. لاشڪ ته پڻ اٽس ته پئسا نه مارجي وڃن. رئيس رجب جي ڳالهه دل سان هنڊائي ته برابر لڳي. هن رجب کان صلاح گهري، "پوءِ ڇا ڪيون ؟"

"بس سيٺ کي پڪ لاءِ ڪو دستاويز لکي ڏيو." رجب ڪيس سمجهائيندي چيو.

رئيس ڳالهه سوچي سيٺ کي چيو: "سيٺ هاٺي واٽ ٿو ڏيانءِ. تون ٽوٽل رقم جوڙ ٿاهي مون کان شرطي وڪري جو دستاويز لکي وٺ. جي ان مدت ۾ پئسا نه ڏنامانءِ ته منهنجي زمين ڇني، بس نه."

"سائين خدا خدا ڪر. زمين الله اوهان کي اجا به سرس ڏئي جو تنهنجي پگهر مان پيا کائون. اسان واپارين جو زمين سان ڪهڙو واسطو. اسين رڳو موڙيءَ جي سلامتي ڏسندا آهيون. جي اوهان دستاويز لکي ڏيندو ته مان به پٽ سٽ ڪري اوهان جو ڳهو ڇاڙهيندس. پر سائين شرطي تڪرن جي پئدا ڪير ڪندو؟"

"مان، تنهن جو ڪم پئسن سان."

"سائين اتي منهنجي پوري ڪيڻ پوندي. گهر مان سپ پئسا ڪيدي ڏيان ته منهنجو واپار وڙو ڪيڻ هلندو. ڏنڊو، ڪارپت ڪيڻ وڃائيندس."

رئيس سڻ ۾ پئجي ويو. پر ٿوري دير ۾ هن ڳالهه ڳني ته جي فصل لهڻ کان اڳ هن بئنڪ مان يا سرڪار مان تقاوي وٺي سيٺ کي پئسا واپس ڪيا ته پوءِ سيٺ جو فصل تي ڪو حق ڪونه رهندو. جو اهو شرطي وڪري جو دستور هو. هن سيٺ کي چيو: "چڱو سيٺ، تنهنجو ئي يت گهاٽو. انهن تڪرن جي پئدائش تون ئي ڪٺجان، پر جنهن مهل توکي پئسا مليا، ان مهل منهنجي حداري ڇني."

" ها سائين، پر منهنجا پئسا نہ مارجو." سيٺ رئيس جي پيرن تي ڪري پيو.

" نہ سيٺ، تون دلجاء ڪر، توسان ورهن جو وهنوار آ."

" سيٺ حساب ڪتاب ناهي رئيس کي ڏنو. رئيس ڏانهن ڪل رقم ٿي پنجهٺ هزار. رئيس بہ سو ايڪڙ شرطي وڪرو ڪري سيٺ کي ڏني. پر سيٺ کي ويندي چيائين: "سيٺ، هن ڳالهہ جي خبر ڪنهن کي نہ پوي، نہ تہ پوءِ ڪونہ ٺهنداسون." رئيس کي اڄ پنهنجي عزت جو فِڪر ورايو.

" ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين سائين. اسان واپارين جي دل تہ ڪوهن جهڙي اونهي ٿيندي آهي."

رئيس کي ڳوٺ ڇڏي ڇهہ مهينا گذري ويا. ان وچ ۾ هن پويان جي ڪا سار سنڀال ڪانہ لڌي، وچ واڙيءَ ڳوٺان خط پٺ پٺي آيا. هڪڙي خط ۾ ڪمدار حاجيءَ فصلن جي گهٽ ٿيڻ جو لکيو هو. تہ پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ پٺي خط ۾ خود ڪمدار حاجي جي وفات جو ذڪر هو. رئيس ويو ڪونہ، باقي ڪمدار جو ڪيس ڏک ٿيو. سڄو ڏينهن پٺي رجب سان ڪمدار جون ڳالهيون ڪيائين: "رجب، حاجي مڙس ڀلوڙ هو. اسان سان چڱا ڳڻ ڏنائين."

"ها سائين، اهڙا خيرخواهہ ڪٿي ليندا." رجب بہ ها ۾ ها ملائيندي چيو.

رجب کي تہ حاجيءَ جو ڏک ٿيو هو يا نہ ٿيو هو. پر ڳوٺ کان ايترا ڏينهن پري رهي ڪَڪَ ٿي پيو هو، ان ڪري رئيس کي چيائين: "سائين هن موقعي تي هلڻو ضرور آهي."

پر رئيس ڳالهہ ٽٽائي ويو ۽ چوڻ لڳو: "هيئنر هلي ڇا ڪيون. هلجي ها تہ بروقت. هتي بہ الماس کي اڪيلو ڪيئن ڇڏي هلبو. گهوڙا ۽ زالون ران سان نہ هونديون تہ ڪو سڌو هلنديون." اتي تہ رجب ماٺ ڪئي، پر هڪ ڏينهن رئيس کي زال جي بيماري جو خط پهتو تہ ڳوٺ جي تياري ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونہ هو. ڳوٺان لکيو هئائونس تہ جي زال جو منهن ڏسڻو هجيس تہ خط کي تار سمجهي. رئيس بہ نہ وڃي تہ لوڪ ڇا چوندو. زال سڳي سوٽ، جنهن سان هن شوقون لائون ڏنيون هيون، جا پوٽتان سندس منڊل کي ناهيو ٺڪيو ويٺي هئي. الماس بہ اهو ٻڌي ڪيس چيو: "توکي ضرور وڃڻ گهرجي، هي وقت دير جو ناهي."

"تون ڪڏهن هلندينءَ؟ وعدو پاڙ نہ!"

"تون موٽي آ تہ هلنداسين." الماس کيس پڪ ڏني. پر رئيس اڄ سيان تياريون ڪندي جڏهن ڳوٺ پهتو تہ جوئس قبرستان ۾ پورجي چڪي هئي ۽ پوٽنان سندس ڳالهيون هيون تہ ڪيئن هن آخري وقت تائين سندس انتظار ڪيو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي دم ڏنائين. رئيس ماٺ ميٺ ۾ زال جا ختما جماڻ ڪري، پوڪ پلاه ۽ راڄ ڀاڳ ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺائين تہ پوٽنان اُونده ٽي وئي هئي. ڪمدار حاجي ڪانپوء هرڪو مڇ ٽي ويو هو. جنهن کي جتان پٽي وارو لڳو تنهن اتان پٽي ڪاڍو. پنهنجي سمجهہ آهر مناسب انتظام ڪري جڏهن هن وري لاهور جي تيار ڪئي، تہ جيئن الماس کي پاڻ سان وٺيو اچي، تہ سندس نوڪر حيات، جنهن کي الماس جي سارسنڀال لاء ڇڏي آيو هو، ڦيلهڙو منهن ڪري اچي واپس نڪتو. رئيس کي چيائين:

"اوڏانهن هلڻ جو ڪو ضرور ڪونهي رئيس!"

"ڇو ڙي؟"

اُتي هيڏيون اکيون ڦوٽاريو ويٺا آهن. چون ٿا تہ "ڪو رئيس الماس کي خريد تہ نہ ڪيو آهي."

"باقي اهو بنگلو، ٽپڙ ٽاڙي، ڏاڏانهن جا آهن!"

"هو- هو چون ٿا، بنگلو اسان جو، ٽپڙ اسان جا. رئيس پڻ ٿن ڏينهن جو مهمان هو، هاڻي پيو در جاچي."

"ائين ٿيندو جو پٺهن جي بادشاهي آ."

پر جڏهن رئيس اتي پهتو تہ ڏٺائين تہ واقعي حيات جي ڳالهہ سورهن آنا سچي هئي. استاد بندو ۽ ٻيا سازندا جيڪي سندس پيرن ٽي پيا هوندا هئا، سي شينهن ٿيا ويٺا هئا. الماس جي ماء تہ ٻري پئي. پيڪدان ۾ پڪ اڇلي هن هٿ نچائيندي چيو: "رئيس، اڄ نڪاح ٻڌڻ تي وس نٿو هلي، هتي تہ قرب جي معاملو هو. اشراف ٿئين تہ واپس موٽي وڃ."

"واپس ڪيئن ويندس، هتي سر جون سٿون آهن، يا توهان هوندؤ يا مان" رئيس ڏاڍر ڪئي.

"هل هل، اهڙا رعب ڳوٺ ۾ هارين تي ڏيکاريا اٿئي. **جي اشرافت** سان نہ نڪريندي تہ پوء ......" الماس جي ماء پڻ ٿلهن **متارن مکرائين** ڏانهن اشارو ڪيو، جي ماڙن سانن وانگر پٽي گهميا.

ڳو پلا مون کي هڪ ٻ. و الماس سان ٻہ منٽ ڳالهرا، **پوء مان**

هليو ويندس." رئيس هيئائين ڪئي، هنجي خيال ۾ الماس ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ بند پئي هوندي ۽ هن لاءِ روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيون هونديون. ڪيس ڏسي هوءَ چنبڙي پوندي ۽ اتان ڪڍي هلڻ لاءِ ايلاز ڪندي. هن ڪوڙ امڙا مامرا هٿن مان ڪڍيا هئا ته جنهن پاسي زائفان هوندي هئي، اهو پاسو چڙهتو هوندو هو. پر الماس جي ماءُ رئيس جي دل جي پير تي زور سان ڏونڪو هڻندي چيو: "اها هتي ڪانهي، رئيس فتح خان سان گهمڻ وئي آهي."

رئيس جون اکيون اهو ٻڌي رت ڇڏڻ لڳيون. سندس سمورو بت ڏڪڻ لڳو. هن جو هڪ هٿ چيلهه ۾ ٻڌل ريوالور ڏانهن ويو. پر رجب ڪيس هٿ کان گهليندو ٻاهر وٺي ويو. ڪيس ٻانهون ٻڌي چيائين: ايترو اُبهرو نه ٿي رئيس."

"اڃان اُبهرو نه ٿيان. هن پوءِ ڪاڻ ڇڏي آهي؟"

"هن جو ڪهڙو قصور، هي ته پئسي جا پٽ آهن. مونکي ٻاهه هن حرامي فتح خان تي آهي، جنهن کي شرم ٿيو نه حياءُ، پرائي چڪائل ميڇي ٻه ڪانه وٺي آهي، هي ته زائفان ماڻهو هو." رجب ڪيس سمجهائيندي چيو.

ڳوٺ موٽندي رئيس ڪان ننڊ آرام وسري ويو. سڄي واٽ اها پئي ڳالهه سوچيائين. فتح خان منڍ کان وٺي ڪيس سان اڇايو هو. ٻهريون ٻهريون سائس اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو هئائين. اتي رئيس وڏي دنيا خرچ ڪري هارايو هو. ته وري ساز کان سندس هارين نارين جون چوريون چڪاريون شروع ڪرايون هئائين. مٿس ڪا فلڪ ڪونه آئيندو هو ۽ رهندو چوندو وتندو هو، ڪلهوڪو ڇوڪرو ٿو مون سان سينو ساهي. تڪرن سان ٿو مٿو هٽي؟" راڳ جي محفل ۾ به هن اڇاڻ ڪئي هئي ۽ ڪيس طعنو هٽي ڦرايو هئائين. نه ته هو رڳو پير پرڻ خاطر آيو هو ۽ پنجاهه سو روپيا ڏئي وجي نند ڪري ها. وري جڏهن هن الماس کي ساهيو هو ته ماڻهو ٻجي واڪ وڏيا هئائين. اتي به ڪامياب نه ٿيو ته هي وار وري ان وقت ڪيو هئائين، جڏهن هو الماس پنيان پنهنجون ٻنيون، مال متاع، زيور زاڙي دڦ ڪري پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪري چڪو هو. الماس، الماس جي ماءُ ۽ استاد بندو خان وارا پئسي جا پٽ هئا، جو اهو انهن جو ڌندو هو. پر سندس اصل مدعي ته فتح خان هو.

رئيس جڏهن پنهنجي ڳوٺ واري اسٽيشن تي لٿو ته هو هر طرح سوچي فيصلو ڪري چڪو هو. هن اڇڻ سان پنهنجي ٽولي کي گهرايو ۽ ڪين

مهڻو ڏيندي چيائين، "اڙي شير آهيو ڪن لوڳان؟" مهڻو ٻڌي همراه مري ويا. ٽولي جي اڳواڻ محرم پنهنجي اڃي ڪهاڙيءَ جي ڪهوءَ جي ٻُڻ کي سنڀاليندي چيو، "رئيس، تو اصل کان آزمايو آ ته شير آهيون."

"ته پوءِ فتو جنهن ڏينهن موٽي اچي ته پيو ڏينهن اکين نه ڏسي!"

"ائين ئي ٿيندو رئيس، پر پوءِ جون پارتون اوهان تي." محرم دليري سان چيو.

"صوبيدار پنهنجو يار آهي، سڀ ڪم توري ڇڏيندو سائين." رئيس کين دلجاءِ ڏني.

فتح خان جي به قضا پڄي آئي جو ٻنهي سانگي ڳوٺ موٽي آيو. همراهه ڪراڙ ۾ ٿي ڪيس تاڙيو ويٺا هئا. ڇڻ ئي ڪهاڙين ۾ ڪيس سمهاري ڇڏيائون.

فتح خان جهڙي ناماري زميندار جي خون تي اپ ڏري پيو. ضلعي جي سڄي پوليس اچي ڪڙڪي. راڄن ۾ ڀاڪر ڪئا وڃي ڇڏيائيون. آخر اها ڳالهه پوليس کان ڪيئن ٿي لڪي ته فتح خان ساڻ ڪنهن جو مدائو هو. توري ڳالهه کلي ته اڏرندي وئي. آخر اهو ڏينهن اچي پهتو جو رئيس جو دوست صوبيدار هزار خان وڏي عملي سميت اچي رئيس جي ڳوٺ پهتو. رئيس کي چيائين "رئيس، توتي فتح خان جي خون ڪرائڻ جو الزام ثابت آهي. توسان گڏ ان ڏوهه ۾ محرم، صفر ، آدم ۽ دلاور آهن."

رئيس ته ٻهريون گهڻي پڪائي ڪئي، پر پوءِ جڏهن بي ڳالهه ڪانه سجهس ته صوبيدار کي پڪا ميڙيون ڪري، دوستيءَ جا واسطا وجهڻ لڳو. پر ڦقڙ نه گوشت، ڪامورو نه دوست، صوبيدار کي اهڙو وارو وري ڪٿي پئي مليو. هو چوڻ لڳو، "نه رئيس مون کان هي ڳالهه زور آهي. هتي ته عرش ڦاٽل آهي."

"تون سيني ڳالهين جو مالڪ آهين، ٻيا ڪامورا تو کان ٻاهر ڪونه ويندا." رئيس ڪيس ايلاز ڪندي چيو.

"چڱو مان وڏي صاحب سان ڳالهايان ٿو. باقي پئسا گهڻا لڳندا."

"جيڪو اِنگ چوندي اهو ڏيندس. باقي هيءَ مهر هڻ."

"چاليهارو هزار ته اوس لڳندءَ. مونکي ته توکان پئسو وٺڻ حرام آ، باقي سپاهي کان وٺي ايس پي تائين پيٽ ڀرڻو آهي." صوبيدار دستور موجب چيو.

اٿي رئيس رجب کي ٻاهر ڪڍي صلاح ڪئي. ”چا ڪيون رجب؟“
”سائين خون جو الزام آ، ڪو چرچو ڪونهي. ڏنو پٽ ڇٽي جو.“
”صوبيدار تہ وڏو چڪ هنيو آهي. ڪٿان ايندا ايترا پئسا؟“
”سائين عزت کان مٿي پئسو ڪونهي. توهان صوبيدار کان مهلت وٺ، ڏوڪڙ ڪري ونداسون.“ رجب ڪيس دلجاءِ ڏني.

صوبيدار کان ٻني ڏينهن مهلت ورتي، رئيس هيڏانهن هوڏانهن مدد لاءِ واجهايو تہ هرڪو پري ڀڄنو هو. سيني کي ڪاڻ ڪا لاچاري هئي. آخر پيو کهڙو رستو هو، سواءِ سيٺ خدابخش جي گهراڻ جي. رئيس ڪيس نيازي سان چيو، ”سيٺ مهلون مڙسن تي ايندڙيون آهن، ڪو ڀاڙين تي ڪونہ. اڄ ڪا واهر ڪر.“

رئيس حج واري جو قسم، ڪلهہ فتح خان جي ٻاءِ ڪمدار هٿ نياپو موڪليو هو تہ جي رئيس کي پئسا ڏنئي تہ ڳانو ٿي توکي ٻڌنداسين ۽ خون ٿي تو کان اڳاڙبو.“

خدا بخش کي پوتي ڪڍائيندو ڏسي رئيس ڪيس ليلهڙاڻ ڪيا. ”خدا بخش ائين ڪيئن ڪندي، توکان سواءِ ڪهڙو آسرو آ.“ ”نہ رئيس مون کي معافي ڏي. مان ان ٻاهہ ۾ ٽپو ڪونہ ڏيندس.“ پر رئيس جڏهن ڪيس پيا ۾ سؤ ايڪڙ ٿوري مدي تي شرطي وڪرو ڪري ڏنا تہ سيٺ جو مس مس پؤ لٿو ۽ ڍڪي ڊوڙي پئسا پورا ڪري ڏنائين.

رئيس صوبيدار کي پئسا ڏئي پنهنجي تہ جان ڇڏائي، پر جي محرم وارن جي ڪورٽ ۾ پيروي نہ پئي ڪرائين تہ ڪيس وري لوڏو هو. هن ملاقاتين جي معرفت ڪيس نياپو بہ موڪليو هو ۽ چورايو هئائونس تہ ”رئيس اسان تنهنجي ونگار اُڙها هئاسين، نہ تہ فتح خان سان اسان جو ڪو مدٿيو ڪونہ هو. هيئنر اهي سڀ هرج خرچ توتي آهن. اسان جو تدارڪ ڪر، نہ تہ پاڻ قبولدار ٿي توتي بيان ڏينداسون.“

رئيس اهڙو اڻ چاڻ ڪونہ هو، جو وسائل ٻاهہ کي وري چوچڙي ڏئي پيڙ ڪري، هن ڪين دلجاءِ موڪلي. سيٺ کان پيا پئسا وٺي اهڙو وڪيل ڪيو، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هن ڪيترن ڏوهين کي ڪورٽ ۾ تہ ڇا، پر ڦاسي گهاٽ تان بہ، ڳچي مان ڦاهو ڪڍرائي آزاد ڪرايو هو.

آخر هڪ سچ اهڙو بہ اُپريو جو سيٺ خدا بخش، جنهن رئيس جو

نمڪ ڪاڏو هو ۽ سندن واپار وڙي مان وڌيو هو، وڏي شان ۽ ٺٽ سان تعلقي مختيارڪار سان گڏ رئيس جي ڳوٺ آيو. مختيارڪار رئيس کي چيو "رئيس، تنهنجي لکي ڏنل دستاويزن موجب هيءَ سموري زمين، وٺن، اڏن، کسين سميت سيٺ خدا بخش جي آهي ۽ تنهنجي ڪابه حجت نه آهي."

رئيس پهريون ته مختيارڪار سان گهڻو گوڙ ڪيو، پر مختيارڪار سندس هڪ به ڳالهه وزن تي نه آندي ۽ ڪيس صاف چيائين ته هو بالا آفيسر جي حڪم موجب سيٺ کي سرڪاري طرح قابض ڪرڻ آيو آهي ۽ جي هن ڪو گوڙ وغيره ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس کي گهرائي ڪيس بي دخل ڪندو.

رئيس وڏيڪ ڇا پئي ڪري سگهيو. سڄي ڳالهه سندس پنهنجي هٿ جي وڏيل هئي. هن مختيارڪار کان مهلت گهري:

"بس اڄوڪا ٿي پهر ترسو. مان رات جي پيٽ ۾ هليو ويندس." ان رات جي پوئين اسر جڏهن ڪڪڙن ٻانگون ڏنيون، تڏهن رئيس پنهنجي سمنڊ جي پٺي لپي مٿس سنج وڌا ۽ آلين اکين سان پنهنجي ڳوٺ ۽ ٻنين ڏانهن نهاريندي، سڙڪ ورتائين.

پوءِ، گهڻا گهڻا ڏينهن پوءِ جڏهن سندس ڪپڙا ميرا متيءَ جهڙا ٿي ويا هئا ۽ سندس منهن جهولي ۾ مسافري سبب ڪارائنجي ويو هو، هو هڪ اهڙي ڳوٺ کان لانگهائو ٿيو جو سهڻي نموني ٻڌل هو ڳوٺ جي چوڌاري پوريون لتاشيون ٻنيون هيون، جن ۾ ووڻ ۽ جواريون ڏکڻ جي هير تي پئي جهوتيون ۽ وچ ۾ اوڏڪيون پٽيون، چناوان گهر، قبائين مسجد، شاهي ڪوٽ ۽ ان جي وچ ۾ پڪ- سري حويلي ڳوٺ کي ڪنيو بيني هئي. رئيس ڳوٺ جي ٻاهران بيٺل هڪ ماڻهو کان بي اختيار پڇي ويٺو، "ادا ڪنهن جو ڳوٺ آ؟"

"وڏيري غلام عمر خان جو." ان ماڻهوءَ ڪيس جواب ڏنو. الائي رئيس گهوڙي جي ٻاڻ واڳ موڙي يا ويچاري سمنڊ تڪ سبب ٻاڻ ڳوٺ ڏانهن رخ رکيو ۽ شاهي گهٽي لتاڙي اچي اوطاق جي وڏي در تي بيٺو. رئيس گهوڙي تان لهي ان کي آهر سان ٻڌو ۽ اڳڻ ڏانهن نهاريو، جتي ڳوٺ جو وڏيرو کٽ تي ليٽيو پيو هو. سندس چوڌاري هيٺ تڏن ۽ منجين تي نوڪر چاڪر، ڪرمي ڪاراوا ويٺا هئا. رئيس اهو نظارو ڏسي زمين ۾ ڪپي ويو. سندس قدم اڳتي وڌڻ کان ڀڙ ڪدي بيٺا. پر جڏهن ڪيس سڄي ڏينهن جو

لنگهڻ ۾ خالي ڪيسو ياد پيو. تڏهن هو هٽڪندو هٽڪندو، بيهندو بيهندو اڳتي وڌيو ۽ وڃي اتي پهتو هو جتي ڪچهري لڳي پئي هئي. پوءِ جڏهن وڏيري غلام عمر خان پيا سڀ ماڻهو اتاري ڪيس جيءَ ڪئي، تڏهن هن ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون ڀوڳي چيو: "خان، مان به تو جهڙو ئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش سبب هي حال اچي ٿيا آهن. تو وٽ لنگهي آيو آهيان ته پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهين سو ڏيئينم ته گذر سفر ڪري وڃي ڪي وڻ ڏسان. پيو تنهنجي سربخت جو خير." ❑

گــنــس

گهڻن ڏينهن جي غير حاضري بعد، هو پنهنجي نئين ڳاڙهي شيو ڪي ڪراچي ڪلب جي پورچ ۾ بيهاري، اندر بار ڏانهن وڃڻ لڳو ته سامهون ڪنهن ڪي ڊيل وانگر ٽلندو ٻاهر ايندو ڏٺائين. هن جا قدم اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ويا. هوءَ پنهنجي ساڙهي جي پلوّ ڪي هر هر ادا سان ٻانهن تي ٺاهيندي لڏندي لمندي سندس پرسان لنگهي. ته نه چاهيندي به هن کان بي اختيار سيٽيءَ نڪري وئي. هُن نرڙ ۾ گهنج وجهي ڏانهس گهوريو ۽ هن شڪي تي منهن ڦيرائي ڇڏيو. پر جڏهن "ڪورٽ شو" جي سريلي پياري پياري ڪِٽ ڪِٽ اڳتي وڌي وئي، تڏهن هن منهن ڦيرائي ڏٺو ته هوءَ انهيءَ انداز سان، اوچو ڳاٽ ڪيو ائين وڃي رهي هئي، جيئن ڪنهن تي فلڪ ڪانه هجيس. هو ٽڏو ساهه پري اڳتي وڌيو ۽ بار ۾ ويٺل ميمبرن کي سلام ڪندو پنهنجي سنگت واري مخصوص ڪنڊ ڏانهن هليو ته ڏٺائين سموري چنڊال چوڪڙي ويٺي هئي. ڪيس ڏسندئي سڀ خوشيءَ مان رڙيون ڪري هن کي چنبڙي ويا.

"اڙي تون ڪٿي هئين ايترا ڏينهن؟" پروفيسر جيلاني ڪيس ڀاڪر پائي چيو.

"ڳوٺ ويو هوس، هارويسٽ جي سيزن هئي نه." هر ڪنهن کي سندس وڏي زمينداري جي خبر هئي، پر تنهن هوندي به هن وري ڪين ٻڌائڻ مناسب سمجهيو.

"پوءِ اڄ ڪلهه ته ڪيسا پُر هوندا؟" ڪئپٽن مسعود چيو.

"بلڪل."

"تون ته بنا موڪلائي هليو وئين، پر هتي ته گهڻا ماڻهو تنهنجي ڪاڻ سڪيا پئي." ڊاڪٽر سليم لفظ "ماڻهو" تي خاص زور ڏيندي چيو. هن ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو، جنهن جي منهن تي شرارتي مشڪ هئي. اهو اشارو شاهده برني ڏانهن هو، جنهن سان هن جو "افيئر" هو، ۽ جا اوچتو ئي اوچتو سندس ڳلي پئجي وئي هئي ۽ هن کي شادي جو زور پريو هئائين. هن ڊاڪٽر سليم سان صلاح ڪئي هئي، جنهن وري ڪيس به ٽي ڏينهن گسائي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. هو پنهنجي نيٽو ٽائون هليو هيو هو.

"اڄ ڪلهہ ماڻهو ڪٿي آهن؟"، هن مشڪندي ڊاڪٽر سليم کان پڇيو.

"اتيئي، اوسي پاسي."

هن نموني سان ڪنڌ ڦيرائي ڏنو تہ پريرو "هوءِ" هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلي ويٺي هئي ۽ ڏانهس گهور ڪري پئي نهاريائين.

"اڄ ڪلهہ هتي وڏي لٺي تي وٺي آهي. ڪافي نوان ميمبر ٿيا آهن. خاص ڪري ....." پروفيسر جيلاني مشڪندي چيو.

"ڪير آ هوءِ؟ پوري واقفيت ڪراءِ." هن جو شوق جاڳي پيو.

"مان تو ٻڌايانءِ." ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو. "نالو اٿس پارس نياز احمد. هتان جي نئين ڪليڪٽر جي ڌيءُ. انٽروڊيوس ڪرايانءِ."

"اها بہ پڇڻ جي ڳالهہ آ پيارا."

"پر اٿئي انگور کٽا." پروفيسر جيلاني، حميد ۽ ناصر ڏانهن نهاريندي چيو. جي شڪي ٿيڻ لڳا.

"جڏهن مان بہ پڇان تڏهن چئجو. وارو ڪيو. واقفيت ڪرايو."

شاهده برني جي افيئر کان پوءِ هن کي پاڻ ۾ وڏو ڀروسو ٿي پيو هو.

ڊاڪٽر سليم هال ۾ چوڌاري نظر ڦيرائي ڏنو ۽ چوڻ لڳو. "يار، اڳهون هتي ويٺي هئي، شايد هيئنٽ بليئرڊ روم ۾ هجي. اٿ تہ اوڏانهن هلون."

الائي ڇو هن جي دل ۾ ڪڪي ويو تہ شايد پارس اهائي هئي، جنهن سان هو اڄڻ وقت ٻاهر دوبدو ٿيو هو. ۽ جنهن منهن ۾ سونڊ وجهي ڏانهس گهوريو هو. هو چوڻ لڳو. "پلا انهي لاءِ تہ ٺٺو چوين، جنهن کي اڄ آرينج بنارسي ساڙهي پئي هئي، جنهن جي ڳچي ۾ جيڊ جو وڏو هار پيو هو ۽ جنهن کي ڪارو ڪوٽ شو ..."

ڊاڪٽر هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪاٽي کيس گهوريندي چوڻ لڳو. "اڙي اهائي، اهائي، ڪاٿي مليئس؟"

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. پر اکيون ڦرڙائي سينڊ وچائڻ لڳو.

پٺي ڏينهن، هن ڊاڪٽر سليم کان پيرائتي پڇا ڳاڇا ڪئي تہ هن سان ڪنهن جو "افيئر" تہ ڪونہ هليو هو. ۽ ڪلب ۾ سندس گهڻو اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ گهتڻ ڪنهن سان هو. پر ڊاڪٽر کيس ٻڌايو تہ خاص طرح ڪنهن سان ڪونہ.

"اهڙي مغرور آ ڇا؟" هن پڇيو.

"يار خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. هر ڪنهن سان ڳالهائي بہ فضيلت سان ٿي. پر ڪو ڏيکھہ رکڻ جي ڪوشش ڪري تہ ونءُ ٿي وڃي" اهي ڳالهيون پئي ٿيون تہ هوءُ بار ۾ لنگهي آئي ۽ ڪنڊ ۾ خالي ميز تي ويهي رهي. هن ڊاڪٽر سليم کي انٽروڊيوس ڪرائڻ لاءِ نوٽ ڪرڻ هنئي. ۽ ڊاڪٽر سليم هن کي هٿ کان وٺي ان ڪنڊ ڏانهن وڌيو ۽ ويجهو پهچي چوڻ لڳو، "مس نياز احمد، ليٽ مي انٽروڊيوس، ماءِ ٽک فرينڊ مسٽر ذوالفقار علي خان."

هو اخلاقا اٿي بيٺي ۽ مشڪندي لاندو سان چيائين، "پليز .... زڊ ٽو ميٽ يو."

"پر اسان سنگت ۾ ڪيس ان ڊگهي نالي بجاءِ، زلفي سڏيندا آهيون." ڊاڪٽر وري چيو.

ڊاڪٽر سليم ٿوري دير ويهي بهانو ڪري هليو ويو تہ هن ڪانئس پڇيو، "ڪجھہ پئندؤ، مس نياز احمد."

"ڪا خاص ضرورت تہ ڪانہ آهي." هوءُ نٽائڻ لڳي. "ڪڏهن ڪڏهن ضرورت ڪانسواءِ بہ پئي جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هانو ڪبي آهي." هن ڏانهس ٿورو جهڪي مشڪندي چيو. اهي سڀ گر کيس ياد هئا.

"چڱو مان شيري پنڊيس." پارس چڻ تہ مجبور ٿي چيو.

هن خوش ٿي ويٽر کي اشارو ڪري شيري ۽ سکسٽي نائين آڻڻ لاءِ چيو، بيري پئي گلاس آڻي اڳيان جهليا تہ هن پاڻ وارو جام ٿورو مٿي ڪڻي چيو: "ٽو اور فرينڊشپ."

پارس عجيب بي نيازي سان گلاس ڪڻي سپ ڪندي چيو: "ٽو اور اڪوئنٽنس" هو ڌڪ پچائي وڏا وڏا ڍڪ ڀرڻ لڳو. هن محسوس ڪيو تہ پارس سندس ڳالھہ کي رد ڏئي، ڪلھوڪي سينڊ جو پلٽو ورتو هو. هن کي ياد آيو تہ شاهده برني مشڪندي بہ ٿي قدم اڳتي نہ پي وٺي هئي ۽ کيس گهرين نگاهن سان ڏسندي چيو هئائين، " ٽو اور لو زلفي."

هڪ ڏينهن هو ڪلب ۾ دير سان پهتو. بار ۽ بليئرڊ روم خالي پيون هيون. هو هڪدم بالر روم ڏانهن ويو. اتي ڏٺائين تہ هوءُ ويٺي هئي. سندس پرسان ڪو مرد ڪونہ ويٺل هو. پر جي ڪو ويٺل هجي ها تہ بہ ڪا وڏي ڳالھہ ڪانہ هئي. هن تازو ڊانسنگ اسڪول مان سکيا ونندي وقت اهي جملي

آداب چڱي طرح سکيا هئا. رڳو ويجهو وڃي اخلاق سان چوڻو پئي ها.
"مس نياز احمد سان ڊانس ڪرڻ جي اجازت آهي جناب؟"

" آف ڪورس سر." هو مشڪندي اجازت ڏئي ها. اهي بار روم جا آداب هئا.

هو ڪيس اتي ويٺو ڏسي خوشي ۾ پر ٽي ويو. ڪنهن سان ڏيکه وڏائڻ ۾ ڊانس هڪ وڏي مددگار هئي. هن سوچي ڇڏيو ته ڀهرين رائونڊ ۾ ڊانس ڪندي پري رهندو. پر ٻن ٽن رائونڊن ڪانپوء هو چڱي طرح گهاٽا ٿي ويندا ته هن کي قدري ڇڪي پنهنجي ويجهو ڪندو ۽ سندس هٿ جو گهيرو ٿوررڙو ٿوررڙو تنگ ٿيندو ويندو. تان جو هوء سندس سيني تي ڪنڌ رکي ڊانس ڪرڻ لڳندي.

آرڪيسٽرا وڄڻ لڳو ۽ جوڙا ڊانس ڪرڻ لاء اٿيا ته هن ٽڪرڙو وڃي ٻئي ٻانهون نوڙائي ڪيس چيو "May I"

پر هن سندس وڌايل هٿن جي ڪا پرواهه نه ڪندي وڏائي سان چيو "پر مان ته اهڙي سني ڊانس نه ڄاڻان:"

"ههڙي سني ميوزڪ ۾ پاٺهي سکي ويندؤ." هن مشڪندي چيو. "نه نه مون کي معافي ڏيو ته بهتر مان اوهان جهڙي هوشيار ڊانسر سان ڪونه هلي سگهندس. ماٺهو ڪونهن ڪلاٺئا." پارس صاف ٽائيندي چيو.

هو مجبور ٿي پوئتي هٽيو ۽ شاهده برني سان ڊانس ڪرڻ لڳو. شاهده ڪيس حيرت سان تکي رهي هئي، منڊ ۾ هن پاڻ آفر ڪيو هو ته هو ڀهانو ڪري نٽائي ويو هو، ۽ هينئر هوء ٻئي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ لاء تيار هئي ته پاٺمرادو ڪيس ڊانسنگ فلور تي وٺي آيو هو. بهرحال هوء خوش هئي، جو ذوالفقار کي وري سندس خيال ٿيڻ لڳو. هوء سندس ويجهو پوندي، هن جي سيني ۾ منهن لڪائي، ڪيس چوڻ لڳي: "آء اسٽل لو يو زلفي."

هو ڪيس ڪتو جواب ڏيڻ ۾ هو ته سندس نظر ير واري جوڙي تي پئجي ويئي. اهي پارس ۽ ميجر اصغر هئا. هن کي ٻاهه وٺي وٺي ۽ سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو . هن جا اسٽيپ بگڙي ويا.

"آر يو آل رائٽ زلفي؟" مس برني ڪيس بي دليو ڏسي چيو.

"نه مان خوش نه آهيان، منهنجو مٿو سور ڪان ڦاٽي ٿو." هن روئنهارڪو ٿي چيو.

"تہ پوءِ تون ريسٽ ڪر." هو ڪائنس معافي وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳو تہ هن ڏٺو تہ پارس، ميجر اصغر سان ڊانس ڪندي، تيڏي اک سان ڏانهنس نهاري ڪيس چيڙائي رهي هئي.

هن جيڪو پاڻ کي "سمال" فيل ڪيو هو، ان جي لنوائي وسارڻ جو طريقو اهو هو تہ هو سندس منهن بلڪل نہ چڙهي. انڪري هو پنهنجو شامون ڪلب وڃڻ بدران ڪلفٽن يا سئنيما هائوس ۾ گذارڻ لڳو. ۾ هڪ ڏينهن ڪلفٽن تان موٽندي سندي ڪار، پنهنجو پاڻ، ائين اچي ڪراچي ڪلب ۾ بيٺي، جڻ ان جو اسٽيرنگ سندس هٿ ۾ ڪونہ هو. هن ڏٺو تہ سموريون ڪرسيون ۽ ميزون لان ۾ پيون هيون ۽ جملي ميمبرن جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ سبب وڏو گوڙ لڳو پيو هو. هو سمجهي ويو تہ اهو تمبولا جو پروگرام هو، ان راند ۾ هن کي ڪا دلچسپي ڪانہ هوندي هئي، جو خسيس هائوزي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌ سڪي ويهڻو پوندو هو، ۽ هر وقت ڪن ڦاڙي اناؤنسر ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو هو تہ متان هو ڪو نمبر چوي ۽ اهو مس ٿي وڃي. ۾ اندر بار ۾ اڪيلي وهڻ کان ٻاهر ويهي ڪيڏندڙن جي خسيس هائوزي لاءِ هيج ۽ نمبر اچڻ تي هسٽريا جي مريضن وانگر رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ جو مزو ڏسڻ، زياده دلچسپ هو. ان ڪري هو هڪ ڪرسي ڏانهن وڌيو ۽ ان تي وهڻ وارو هو تہ ڪيس پويان ڪنهن سڏ ڪيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ پارس ڪيس سڏي رهي هئي. هن جي دل ٿي تہ جيڪر ڏانهس نہ وڃي ۽ سندس سڏ کي ڪو گوش نہ ڏئي، ماٺ ڪري ويهي رهي. ۾ جڻ ڪو ڪيس هٿ کان وٺي گهلڻ لڳو ۽ هو ڏانهس گهلبو ويو.

"مس نياز احمد، اوهان مون کي سڏيو ڇا؟" هن ويجهو وڃي ڪائنس پڇيو.

"اوهان نتا کيڏو؟" هوءِ مشڪندي ڪائنس پڇڻ لڳي.

"نہ، مون کي هي راند نٿي وڻي." ائين چئي هو پوئتي موٽڻ لڳو تہ پارس هڪدم چيو، "تہ پلا مون کي هيلپ ڪيو نہ."

هو سندس پرسان ويهي رهيو ۽ ڪيس سمجهائڻ لڳو تہ ڪيئن نمبر ڪٽيا وڃبا آهن ۽ ڪڏهن ڪائوزي پوري ٿيندي. ايتري ۾ اناؤنسر مائيڪ تي اعلان ڪري ڏهو ڪڙڪائي نمبر ڪڍڻ لڳو.

هٽ اينڊ رن سيون اينڊ ون ....

ايٽ سيون ماءِ وائفس ايج ....

هن پارس ڏانهن ڏنو جا ڪارڊ ۾ اکيون وجهي نمبر ۾ مشغول هئي. هو ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي ڏانهس نهارڻ لڳو. ڪيس ٻوَ سان ڏسڻ جو اهڙو ڪڏهن موقعو نہ مليو هو. هن ڀرپور نظرن سان سندس وڏن وڏن وارن کي ڏنو جي جوڙي جي شڪل ۾ڇڪي ٻڌل هئا ۽ جن سندس ٻچيءَ ۽ ڪنڌ کي قدري ڍڪيو ڪري وڏي رونق بخشي هئي ۽ سندس ڪياڙي تي بچيل سنهڙا سنهڙا وار، جي جوڙي ۾ نہ اچي سگهيا هئا، پيارا پيارا پئي لڳا. لوڪٽ بلائوز ڪري، پئي، اڳ ۽ پيٽ جو گهڻو حصو جارجٽ جي ساڙهي سان ڍڪيل هئڻ جي باوجود جرڪيو پئي. هن جا گلابي اڌ کليل چپ ۽ برمي چمپل جي ٻن پٽين ۾ سهڻا صحت مند پير، هن جي چپل کي ڏڪائڻ لڳا.

اناڻونسر دستور موجب نمبر ڪڍي رهيو هو.

پنجو پنجو ففٽي فائيو...

لٽل لالي نمبر ٽري.

هن پنهنجي لٽل لالي جي ڪارڊ تي اوچتو نظر وڌي جنهن ۾ اهو نمبر هو، پر ڪٽيل نہ هو، هن جهڪي ميز تي رکيل ڪارڊ ۾ اڻ ڪٽيل نمبر ٽري تي آڱر رکي ۽ هو سندس اشارو سمجهي ان کي ڪٽڻ لاءِ هيٺ جهڪي تہ هن جي نظر ٻچي ڪان ترڪندي سندس سيني تي پئجي وئي، جو بلائوز جي قيد کي ڦاڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتو هو. اوچتو پارس جي نظر ڪيس گهوريندي پڪڙي ورتو ۽ مشڪندي چوڻ لڳي، "اوهان سمورو وقت منهنجي تپاس پئي ڪئي آهي، نظر هٽندو ڇا؟" ائين چئي هو وري ڪارڊ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

هو ٿورو مشڪيو ۽ وري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو. سوچيندي سوچيندي هن فيصلو ڪري ورتو تہ هوءَ اهائي هئي، جنهن جي انتظار ۾ هن شاهده برني ۽ صوفيہ احمد جهڙين پيارين ڇوڪرين کي بہ، جن هنجي هر جائز ناجائز گهر بہ پوري ڪئي هئي، پنهنجو نہ ڪيو هو. هن کي منزل تائين پهچڻ لاءِ فقط آرام ۽ ٽڪ پيڇڻ ڪان وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏني هئي. لاشڪ تہ هن جي انتظار ۾ هن پنهنجي مڱيندي سان بہ لائون ڪونہ ڏنيون هيون، جا سندس اوسيڙي ۾ ڳوٺ ويٺي هئي. هن محسوس ڪيو تہ پارس بنا زندگي گذارڻ هڪ عذاب هو، جو هو ڪنهن بہ حالت ۾ سهڻ لاءِ تيار نہ هو. هن ٿورڙيون اکيون ٻوٽي همت سان چيو، "پارس منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ."

پارس جا ڏکيا ڏکيا ايرينگ لاٿا ۽ ڏانهس ڏسڻ لڳي.

"پارس آءِ لوَ يو .... آءِ لو يو مور دين ايني ٿنگ ان دي ورلڊ" هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. پارس ڪو جواب نه ڏنو. هو وري دل ڀڏي ڪيس چوڻ لڳو: "پارس، ان ڏينهن، مان ڀھريون ڀيرو توکي ڏٺو ته ائين محسوس ڪيم ته تون ئي اها هستي آهين، جنهن جو مان ورهن ڪان انتظار ڪري رهيو آهيان ۽ انتظار ۾ ....."

"مسٽر ذوالفقار، ائين، جيئن مان هن نمبر سوين جو ڪيتري وقت ڪان انتظار ڪري رهي آهيان." هن ڪلندي پنهنجي ڪارڊ ۾ رهيل نمبر سوين تي آگر رکي، جو ڇڙو ڪنجڻ ڪان رهجي ويو هو.

هو پنهنجي پيار جو مذاق سهي نه سگهيو. هن جون اکيون آليون ٿي پيون. هو چوڻ لڳو: "مان توکي ٻانهون ٿو ڀڏان پارس، تون سيريس ٿي، هيءَ منهنجي زندگي ۽ موت جو معاملو آهي."

"اوهان ۽ پيار؟" هوءَ طنز سان چوڻ لڳي. "اوهان ڇا پيار مان ڄاڻو. اهي اوهان جو ٻانهون ڀڏي پيار جو يقين ڏيارڻ، سڀ بوگس آهي." ائين چئي پارس اتان اٿي وڃي پري رضيه سلطان علي سان ويٺي. هو اکين جي ڪنڊن ۾ آيل ڳوڙهن کي ضبط ڪري اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو ته شاهده برني پري ڪان تکڙي وٺس آئي ۽ ڪيس چوڻ لڳي، "مون کي لفٽ ڏيندين زلفي."

"نه مون کي ٻئي پاسي وڃڻو آهي." هو ڪيس رکو جواب ڏئي اچي ڪار ۾ ويٺو.

ان بعد هن ڪلب وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيو. سمورو وقت پنهنجي گھر ۾ اڪيلو ويٺو هوندو هو. سندس سنگتي ساٿي فون ڪندا هئا ته ڪين ٻڙي هجڻ جو بهانو ڪري ٽاري ڇڏيندو هو. پر ڪيترا ڏينهن؟ هڪ ڏينهن سندس دوست اچي ڪڙڪيا. ڪيس عجيب حالت ۾ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. "ڇا حال آ ڀڏان زوان."

"ٺيڪ آهيان." هن ڦڪي ڪل ڪلندي چيو.

"ٺيڪ وري ڪٿي آن، يه پيلي پيلي سي رنگت ..." ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو.

"ڪائي ڳالهه ڪانهي" هن ڪين يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

"پوءِ هيءَ حالت ڇو؟" پروفيسر جيلاني هن جي وڌيل شيو ۽ ميرن

ڪيڙن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

"در اصل مونکي ٻن ٽن ڏينهن کان بخار هو. اٺين جو اٺين هنڌ ۾ پيو هوس."

ٻيا اُٿي ويا تہ سليم هن کان سموري ڳالهہ آهستي آهستي ڪڍي ورتي ۽ چوڻ لڳو، "مان هن سان صفن صفا ڳالهايان؟"

"جيئن وڻيئي تيئن ڪر، پر مان مران ٿو."

پر ٻئي ڏينهن هو آيو تہ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري چوڻ لڳو:

"يار هوءِ فلرٽ آهي. توکي نظرثاني ڪرڻي پوندي."

هن سليم جي ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو وري ڪائنس پڇيائين.

"تو ساڻس ڳالهايو؟"

"ها، پر سندس چہرہ ئي ڳالهہ کانہ ويئي."

"ڇا چيائين؟"

"ڇا چوندي، چيائين تہ ڪو ڪلڻ ڳالهائڻ کي غلطي ۾ پيار سمجهي تہ اها ٽوٽ مٽس تہ ڪانہ پئي. مطلب تہ هن صاف جواب ڏنو." سليم مجبور ٿي ڪولي ٻڌايو.

"هوءِ سچ تہ چئي ٿي،" هو هوريان چوڻ لڳو، "ڪنهن وقت شاهده برني کي بہ مان اهڙوئي جواب ڏنو هو."

آچر جي صبح جو ڪيس ڊاڪٽر سليم فون ڪيو ۽ چيو، "ريس تي هلندين؟"

"نہ يار" هن ٽنائيندي چيو.

"اڙي سڀي سنگت ٿي هلي."

"چڱو."

"تہ جلدي تيار ٿي، اسان توڏي اچون ٿا؟"

"ڪجھ پئسا ڪٿان ڇا؟"

"پلي جي شوق هجيئي."

ريس ڪورس تي هر عمر جي مردن ۽ زالن جو هجوم هو. هٿن ۾ فلاسڪ، ڳچي ۾ بائنيڪيولرس- زور شور سان ڳالهائڻ ۽ بحث مباحثا. هر ڪنهن کي هيڪوڙ مان چئوڻ ۽ انوڻ جي لالچ. ان گوڙ کي رهندو وڏائڻ وارن ها کرس جون رڙيون ۽ هوڪا: "لکي پورس، لکي سڪندر، لکي رستم."

" ڪھڙي گھوڙي تي شرط رکندين؟" سليم ڪائنس پڇيو " جنھن تي چوين؟"

" تون اڄوڪي اخبار ۾ ريس جو صفحو ڪونہ پڙھيو آ ڇا؟"

"اون ھون." ھن نھڪر ڪئي.

" تہ پلا ھي پڙھ، ھن ۾ ڪجھہ ٽپ بہ ڏنل آھن."

ھن سليم کان اخبار وٺي ان ڏينھن ڊڪندڙ گھوڙن جا نالا پڙھيا. ھڪ نالو پڙھندي ئي ھن اخبار سليم کي واپس ڏني ۽ چيو، "مان چوٿون نمبر گھوڙي پسند ڪئي آھي."

" نالو ٻڌاء." سليم اخبار ڏسندي پڇيو.

" پارس."

سليم ھڪدم ڇرڪ پري ڏانھس نھاريو ۽ سامھون بيٺل گھوڙن مان چوٿين نمبر گھوڙيء ڏانھن ڏسندي چيائين، "تون ھائي ڇتو ٿيندين، تڪي جي گھوڙيء تي شرط رکندين، جو ان جو نالو پارس آھي."

" توکي گھوڙن جي ڪھڙي خبر، اسان ان معاملي ۾ بنيادي آھيون، نہ تہ بہ اسان وٽ پنجاھہ گھوڙا آھن طنبيلي ۾." ھن سليم کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"اڙي اھا گھوڙي اڄ تہ ڪانہ تي ڏکي جو ان جي قابليت لکل ھجي. اھڙيون مرزيل گھوڙيون ڪي ريس کٽنديون."

"مون کي اھائي وٺي تي."

"ڇگو گھڻا پئسا ٿو رکين."

"جيترا ڪيسي ۾ ھوندا."

" ڪيترا پئسا آھن تنھنجي ڪيسي ۾."

"پنج ھزار."

سليم خار ۾ ڳاڙھو ٿي ويو ۽ پرتي بيٺل پروفيسر جيلاني ۽ ڪئپٽن مسعود کي سڏي چيائين، "ھي، ھن سنڌ جي مجنوء جي ڳالھہ ٻڌو؟"

"ڇو ڇاھي؟" ھو پڇڻ لڳو.

" ھي خانصاحب، چوٿين نمبر گھوڙي تي پنج ھزار ٿو شرط رکي، ان جو ڇو پارس آھي."

" ڪمال ٿو ڪرين!" ھو ڪيس چوڻ لڳا.

"توهان کي ڇو ٿو سور ٿئي، پئسا توهان جا آهن ڪِ منهنجا؟" هن کي خار اچي وئي ۽ هڪدم ونڊو تي پيسا ڏئي ڪوپن وٺي آيو.

جڏهن گهوڙا اسٽارٽنگ پوائنٽ تي بيٺا هئا، جڏهن ريفري لڪاءَ ڪڍي ريس شروع ڪئي هئي، جڏهن هرڪو پنهنجي گهوڙي ڏانهن ڏسندي رڙيون ڪري رهيو هو، تڏهن هو سِرندو ٻاهر پارڪنگ لاٽ وٽ اچو پهتو هو. هن کي ڇڻ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي، ڇڻ هو اٿين ئي آيو هو. هن هٿ ۾ مروٽيل ڪوپن هيٺ اڇلي گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ پارڪنگ لاٽ مان ڪڍي گهر هليو آيو.

ريس ڪورس تان موٽڻ بعد، هو هيڏينهن هوڏانهن رلي شام جو گهر موٽيو هو تہ سندس زبان خشڪيءَ ۾ تاروڻ سان چنبڙي پئي هئي. هو دروازا ٻيڪڙي پنهنجي اُساٽ ختم ڪرڻ لڳو. جيئن اوندھ پئي ٿيندي وئي تيئن هن جي اُڃ وڌندي پئي وئي. اوچتو اوچتو ڪنهن جي "ڪورٽ شو" جي ڪٽ ڪٽ هن جا ڪيپ ڪڙا ڪري ڇڏيا. هن اکيون ڦوٽاري ڏٺو تہ ڪو ٿورو پرڀرو بيٺو هو.

"ڪير آن تون ....." هن رڙ ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس ڇنگهن ۾ ڪو ست ڪونہ هو

اُونده ۾ بيٺل پاڇولي ڪو جواب نہ ڏنو.

"مان، مان ٿو چوان ڪير آن تون؟" هن رهندو ڏاڍيان رڙ ڪري چيو.

"رڙيون نہ ڪر." ڪوٽ شو جي ڪٽ ڪٽ سندس ويجهو اچي پهتي ۽ ڪنهن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو "مان .... مان پارس آهيان." هن جي دل کي ڇڻ ڪنهن زور سان مٺ ۾ جهلي قابو ڪيو. هن جو ساهہ اُڊڙڻ لڳو. هن ڪو جواب نہ ڏنو.

پارس وڌي اچي سندس سيني ۾ منهن لڪايو ۽ ڇوڻ لڳي. "زلفي مان تنهنجي آهيان، هميشه لاءِ تنهنجي آهيان."

هوءَ جواب ٻڌڻ لاءِ ٿورو چپ ٿي ويئي، پر ڪيس ڪو جواب نہ ڏيندو ڏسي، هن ٻاڪر پائي سڏڪا ڀريندي چيو: "تنهنجون ڪوڙ ڳالهيون ٻڌيون هئم. چون پيا تہ تنهنجو پيار ڇڙو ٻہ ڏينهن هلندو آهي، هڪ ڏينهن هڪ سان، تہ ٻئي ڏينهن ٻئي سان. مون کي ٻہ تومان، پڙ ٿيندو هو تہ متان انهن وانگر مون سان ٻہ .....؟"

هن کان الائي ڇو وري به اکر نه نڪتو. هوءَ وري ڪيس چوڻ لڳي: "پر اڄ ڪنهن انجام سوچڻ بنا توڙي هلي آئي آهيان. وٺئي ته هميشه لاءِ پنهنجو ڪرين، يا وٺئي ته شاهده برني ۽ صوفيه وانگر ..... جيئن تنهنجي مرضي."

پوءِ ان وقت زلفي جي اکين جا جهرٽا وهي پيا ۽ ڪيس، زور سان ياڪر پائي چوڻ لڳو: "پارس ..... ڊارلنگ، مان توسان شادي ڪندس هن هفتي ۾ ئي."

ڪراچي ڪلب جي رسيپشن هال ۾، جيڪو رنگ برنگي بتين سان جرڪيو پئي، گهوٽ ۽ ڪنوار پهتا ته ان موقعي تي آيل بيگمات، جي پنهنجي ڏين کي نئين ماڊل جون ڪاريون ڏيئي سوسائٽي جي وڏي سمنڊ ۾ ڪنڌيءَ وانگر اڇلي ڇڏينديون آهن ۽ پاڻ فشنگ راڊ کي قابو جهلي ويهنديون آهن، گهوٽ کي ڏسي چپ پئي ڇتيا ۽ پنهنجن ڪنوارين نياڻين جي بجاءِ ڪنهن ٻيءَ کي ڪنوار جي حيثيت ۾ ڏسي افسوس جا هٿ پئي ملياڻون. بيگم برني اسپورٽنگ اسپرٽ ڏيکاريندي، بيگم نياز کي چيو، "ڪانگريچوليشنس بيگم نياز."

"ٿئنڪ يو بيگم برني." بيگم نياز پنهنجو وڏو وڏو پرس لوڏيندي چوڻ لڳي، "پر اهو سڄو ڪريڊٽ پارس جو اٿئي."

"ها مونکي خبر آهي."

"اوهان کي ته وڏو ڏاج نه ڏيڻو پيو هوندو؟" بيگم برني رشڪ سان پڇيو. هن کي خبر هئي ته ترٽڪڙ جي شادين ۽ لوَ مئريجن ۾ ڪجهه نه ڏيڻو پوندو آهي.

"نه بيگم برني، اهو به خدا جو شڪر آهي، نه ته اڄڪلهه اهڙا ڇوڪرا ته لکن ۾ به نٿا ملن." بيگم نياز خوش ٿي گهوٽ ڏانهن نهاريو. جو پنهنجي ڪنوار ڏانهن هر هر اکيون ٽمڪائي ڏسي رهيو هو.

"ٻڌون ٿا ته وڏو امير ماڻهو آهي؟"

"ويري رچ بيگم برني، پنج ڏهه هزار ته هن لاءِ ڪائي ڳالهه ڪونهن."

پوءِ جڏهن بيگم نياز ٻين بيگمات سان ڳالهائڻ لڳي ته بيگم برني پنهنجي ڌيءَ شاهده برني کي، جا ٻن مهينن کان پنهنجي "پيريڊ" کسڻ تي پريشان هئي، وڏيءَ خار ۽ ڏک مان چيو: "پر افسوس نيلي ڊارلنگ جو تو ۾ اهڙا گنس ڪونهن." ❑

کچو رنگ

هڪ پوپاڙيءَ جو جڏهن رئيس شاهنواز خان پنهنجي بنگلي جي ڪشادي اڱڻ ۾ کٽ تي ليٽيو بلغاري حقي مان ڪَڙ ۽ تماڪ جون ٽڏيون ۽ منيون ڦوڪون پريندي، ڪمدار ڪاراون کان سڄي ڏينهن جي ڪارگذارين بابت پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو. تڏهن منشي احمد علي جو تازو ذوالفقار علي خان ڏانهن هڪ وڏي رقم چيلهه سان ٻڌي ويو هوسو، سهڪندو اچي واپس وريو. هن رئيس کان پيرن تي هٿ رکي، جيڪا سندس ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، تنهن ٻنيور کي باهه ڏئي ڇڏي. رئيس جا وار ئي ڪڙا ٿي ويا. سندس ڳهاٽيون جاڙيون پرڙون پنهنجي جاءِ بدلائي هيٺ مٿي تي ويون. حقي جو نڙ چپن سان ملڻ جي انتظار ۾ ڪا مهل سندس آڱرين ۾ ڦرندو رهيو. گهٽي گهٽي مهل ڪانپوءِ رئيس هڪ ٻي دلي ڦوڪ پري ۽ نڙ کي ناري ڏانهن اڇلي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چڱيءَ طرح بوٽ پائڻ ڪانسواءِ بوٽ کي گهليندو، حويلي ڏانهن ڀڳو. اندر گهرواريءَ کي ڏسڻ شرط ئي پري کان چيائين، "هي ٻڌءِ زائفان"

"ڇو خير ته آهي." وڏيري جيڪا تازو ننڊ مان اٿي هئي، تنهن پورو سارو گوش ڏيندي چيو. هوءَ روز پٺي اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي هئي. ڪنهن نه ڪنهن ڪڙميءَ جي ڪنواري ڌيءَ جو ڀڄڻ، ڪو خون ڌاڙو، مڙني اهڙي قسم جون ڳالهيون هونديون هيون رئيس کي ٻڌائڻ لاءِ.

"خبر وري ڪهڙي، ڇوري ڪاري ڪري ڇڏي."

وڏيري پٽ جو ذڪر ٻڌي سمجهي وئي ته رئيس جو اڇوڪو اچڻ خيري ڪونه هو ۽ ڳالهه اهميت واري هئي. ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رئيس کان پڇيائين، "ڇو ڇا ڪيو اٿئين؟"

"ڪراچيءَ ۾ منڊم سان نڪاح پڙهيو اٿئين."

"هَي منيسِ." وڏيريءَ زور سان گوڏن تي ٻئي هٿ هڻيا.

وڏيري پٽ جي شادي جو ٻڌي خوش ٿئي ها، جو هوءَ سالن کان ان [illegible] ۾ هئي، ته سندس پيٽ جائو ڪنهن ٻئي پيدائش جي قابل ٿئي، پر هتي ته معاملو ئي ابتو هو. هڪ ته ياڻس جي ڌيءَ سندس پٽ جي منگ هئي ۽ ٻيو، ته منڊمون هن کي ياڻ، ئي ڪونه پونديون هيون. ڪيترا دفعا جڏهن رئيس صاحبلوڪن ۽ منڊمن کي شڪار جون دعوتون ڏنيون هيون، تڏهن هن ماڙيءَ

تي چڙهي جافرين وارين درين مان مندمن کي اوطاق ۾ تلندو گهمندو ڏسي، عجب ۾ پئجي وئي هئي. سندن ننڍيون ننڍيون قميصون، سوڙهيون پتلونون، مٿن تي رنگ برنگي ٽوپيون ۽ انهن جي هيٺان ڪڙين تي جتيون. ڏکڻ وارن بدران ڇوڪراڻا وار ۽ مردن سان گهمڻ گهتڻ ۽ کلڻ ڳالهائڻ. ڪيس پسند ڪونہ آيو هو. هڪ وار رئيس ٻن مندمن کي اندر حويلي ۾ وٺي آيو هو تہ هن مس مس وچي ڪين منهن ڏيکاريو هو. هن کي اهڙو شرم پئي آيو. جو ڇڻ هو هن جهڙيون زائفون ڪونہ هيون، پر ڪنهن مخالف جنس مان هيون. اهڙي ئنهن جو خيال ايندي ئي هن کي ٻاه وٺي ويئي. پر هن فقط ايترو ئي چيو، "نہ نہ، اها ڳالهہ ڪوڙي هوندي."

" ڪوڙي وري ڪيئن، منشي پاڻ ڏسي آيو. ويو هو نہ ڪيس پئسا ڏيڻ." رئيس ڏاڍيان ڪڙڪي سان چيو.

وڏيريءَ کي تہ اها ڳالهہ سورهن آنا دل ۾ چيي وئي، جو برابر منشي پئسا کڻي ويو هو، پر تڏهن بہ نڪاح واري ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ لاءِ، اجا گهٽي ڳالهہ گهربي هئي. سندس خاندان ۾ آخر ڪير ستو جتو هو. مڙسس شاهنواز خان، سهرس قيصر خان ۽ ان جي پيءُ سنجر خان جون ڳالهيون ڪنهن کان ڳجهيون هيون. مائيون تہ برابر سوٽيون ۽ ماساتيون ئي هيائون. پر شادي ڪان اڳ ۽ پوءِ ڇا نہ ڪيو هئائون؟ ذوالفقار علي بہ سندن ئي اولاد هو، جاءِ هميشه پيڙه تي ئي ويندي آهي. موڪلن ۾ ڳوٺ هوندو هو تہ حويلي ۾ ڪم ڪار ڪندڙ جوان ٻانهين سان کيچل ڪا ڪائنس ڳجهي ڪانہ هوندي هئي. اها ڳالهہ اڻ ٽيٺي ڳالهہ ڪانہ هئي، جو هو شهر ۾ نڪاح پڙهڻ کان سواءِ ئي شادي وارا مزا وٺي سگهي. منشي برابر اڪين سان ڏسي آيو هو، پر اکين ڏٺي ڳالهہ تي بہ ويچار ڪرڻ لازمي هو. ان ڪري وڏيريءَ رئي جو پلئہ مٿي تي ٺاهيندي، اکيون هيٺ ڪري چيو، "نڪاح ڪونہ ڪيو هونداٽين، ائين مڙيئي ....." زائفان ماڻهو وڌيڪ ڇا پئي چئي سگهي.

رئيس بہ وڏيريءَ جي مڙيئي کي سمجهي ويو، سو ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو، "ائين ٻئين ڪانہ آهي. خود منشي سان پاڻ سچي ڳالهہ ميچي ڪيس ايلاز ڪيائين تہ مون کي اها ڳالهہ نہ ٻڌائي، پر منهنجو منشي، مون کان اهڙيون خون جهڙيون ڳالهيون لڪائيندو؟" رئيس ئهہ پهہ وڏيريءَ جي **ٽوري گهٽي** شڪ کي دور ڪندي چيو ۽ پوءِ ڏانهس ائين تکڻ لڳو ڇڻ **ڪيس چوندو**

هجي، ائين ٻڌين هجي ها تہ ڪا ايڏي فڪر جي ڳالهہ هئي؟"

وڏيري ڳالهہ تي اعتبار ڪري سَن ٿي پئجي ويو. ويچاريءَ کي ياءُ ۽ ڀاڄائي جا مهڻا ياد اچڻ لڳا. هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ مڙس ڏانهن ڪنڌ ڪري پڇيائين، "پوءِ؟"

"پوءِ ڇا. بس ائين سمجهہ ذوالفقار ڇائو ٿي ڪونہ هو."

ٻاهر نوڪر چاڪر منشي احمد علي کي جهار وانگر ولي ويا هئا. هرڪو ان راز جي معنيٰ ڳولڻ لاءِ بيچين هو، جنهن رئيس کي ڪچهري مان اٿي گهر پهچڻ تي مجبور ڪيو هو. پر منشي احمد علي ڪنهن کي ترين تيل لائڻ نہ پئي ڏنو. هر ڪنهن کي پئي جواب ڏنائين: "ٻڌائڻ جو امر ڪونهي، رئيس ڪان پاڻ پڇجو."

ڪمدار بيگ محمد، جنهن کان رئيس ترَ جيتري ڳالهہ بہ ڪانہ رکندو هو، تنهن کي منشي جي ٽيڪر تي ڏاڍي خار پئي آئي ۽ هن مهڻو ڏيندي کيس چيو، "چڱو منشي تون نہ ٻڌاءِ، باقي رئيس اچڻ سان ڳالهہ ڪندو."

ان ٿي ڳالهين ۾ هئا، جو رئيس موٽي آيو ۽ ٻاهر اڱڻ ۾ ويهڻ بدران ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويٺو. منشي ۽ ڪمدار بيگ محمد بہ سندس ڪڍ لڳا ويا. ڪٽ تي ويهندي ئي رئيس ڪمدار ڏانهن نهاريندي چيو، "چڱو تيو ڪمدار جو تون آيو آئين، منشي جو احوال ٻڌءِ؟"

"نہ سائين،" ڪمدار منشي ڏانهن وڏائي سان ڏسندي چيو، ڇڻ کيس چوندو هجي، "ڏٺئي تو اجايو پئي منهنجو مان وڃايو."

"چڱو منشي، تون پيرائتو احوال ٻڌاءِ." رئيس منشي کي چيو.

منشي دستور موجب منڍ کان احوال شروع ڪيو تہ ڪيئن هن سڄي رات گاڏيءَ ۾ اک بہ ڪانہ ٻوٽي هئي، مٽان ڪو ٻشني چيلهہ سان ٻڌل رقم چوڙي کيس ٿلهو نہ ڪري وڃي. ڪيئن صبح جو هو ننڍي رئيس جي بنگلي تي پهتو هو، تہ کيس اڪيلو ڏسڻ بجاءِ هڪ منڍم صاحب کي بہ ڏٺو هئائين، جنهن جي هٿن تان اجا ميندي‌ءَ جو رنگ بہ ڪونہ لٿو هو. ڪيئن سندس پڇڻ تي ننڍي رئيس جو منهن ون ون ڪري ويو هو ۽ کيس ايلاز ڪيا هئائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن کي نہ ٻڌائي. ايتري ڳالهہ ٻڌائي منشي احمد علي، ڪمدار ڏانهن داد طلب نگاهن سان ڏسندي چيو، "ادا ڪمدار، ڏس تہ هيءَ ڳالهہ ڳنڍڙي جو ٽنگ تہ ڪانہ هئي، جو ليڙو ڏيانس تہ بند ٿي وڃي.

هتي تہ ٻنهي قاتل هو سو مان ڪيئن پٺي لڪايو.“

ڪمدار بيگ محمد، جنهن ننڍي رئيس کي ڪلهن تي گهمايو هو ۽ جيڪو ننڍي رئيس کي ڏاڏو پائيندو هو، تنهن کي منشي جي ان ٽڪري ڳالهہ تي خار آئي. هن کي جي اها ڳالهہ ڪن پئي ها تہ شايد ان تي ڪڪ بہ رکي ها، پر رئيس جي سامهو هو منشي کي ڇا پئي چئي سگهيو؟ هن فقط ايتروئي چيو، ”ها ادا منشي، بابي سان ڪهڙا ڪوڙ.“

رئيس جنهن کي اهي ڏکيون ڳالهيون نہ پئي وڻيون، تنهن منشي کان پڇيو، ”تو ذوالفقار کي اهو ڪونہ چيو تہ مون کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻندي.“

”سائين مان ڇا چوانس، پاڻ کي نہ پئي سجهيس.“ منشي جواب ڏنو.

رئيس ماٺ ڪري سوچ ۾ پئجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ ڪمدار بيگ محمد منشيءَ کي چيو؛ حقيقت ۾ هن ڳالهہ رئيس جي ڪن تي هٿڙ پئي گهري. ”ادا منشي، ننڍو رئيس بہ سياڻو آهي، جي هٿ هنيو هونداڻين تہ ڏسي وائيسي ڪنهن خاندان گهراڻي ۾.“ ائين چئي ڪمدار رئيس ڏانهن نهاريو جنهن کي اهو گفتو نہ وڻيو. نرڙ تي گهنج وجهي هن رهڙ ڏيندي ڪمدار کي چيو، ”ڪهڙا خانداني آهن وڏن شهرن وارا ڪمدار. تون هرويرو ذوالفقار جي پر وٺندو آهين. هائي تنهنجي خير خواهي اِها آهي جو تون صلاح تو ڏئين تہ ڪيس ان ڳالهہ تي ڪجهہ بہ نہ چئجي.“

”سائين پلا هائي هٿن وڌي ڳالهہ، ڇا ڪري سگهبو؟“

”اڙي تہ تنهنجي مرضي آهي تہ ان ڇوڪريءَ کي گهر ۾ آڻيان، جنهن کي چادري تہ ڇا پر رڻو پوتي بہ مٿي تہ ڪونهي.“ رئيس جون اکيون ٽانڊاڻي وانگر اُلا ڇڏڻ لڳيون.

ڪمدار دپ ڪائي ماٺ تي ويو، پر رمز سهي ڪري ويو تہ جي هن هڪ اکر بہ ننڍي رئيس جي پَر ڳالهايو تہ پوءِ عزت جو خير ڪونهي. هونئن بہ هي معاملو وڏيڪ ڳالهائڻ کان چڙهي ويو هو. هو رئيس کي اها صلاح ڪونہ ڏئي ها تہ ان حويلي ۾، جتي نرَ پکيءَ جو بہ حڪم ڪونہ هو، هڪ اهڙي ڇوڪريءَ کي آڻي جا منهن اگهاڙي هئي. هو چپ ڪيو ويٺو هو. جهٽ پلڪ کان پوءِ رئيس ٺڏو ٿيو تہ وري بہ پاڻ اهو گفتو ڪيائين، ”ڪمدار هائي صلاح ڪر تہ ڇا ڪيون. رستم خان جو پنهنجي ڌيءَ کي گار ڏني آهي، ان جو ڇا ٿيندو؟“

ڪمدار رئيس جي سوال پڇڻ سان ئي سهي ڪري ويو تہ رئيس کي گار جو تہ فکر ڪٿي هو، پر گهڻي ڳڻتي ان ملڪيت جي هئس جنهن جي وارث رستم خان جي نياڻي هئي ۽ جنهن ڪري ئي هن پنهنجي پٽ جو مڱڻون، گهر ۾ پائيٽيءَ هوندي بہ، رستم خان جي نياڻيءَ سان ڪيو هو. ڪمدار رئيس جي ڳڻتي لاهڻ لاءِ چيو، "سائين، ان جو فکر نہ ڪريو. اها ٽوري ڇڏيندو."

پر رئيس کي ان ڄڻڪي عقل تي ڏاڍي خار آئي. هن ڪرڙيون اکيون ڪڍي ڪمدار کي چيو، "اڙي ڪيئن ڪري سگهندو ہي شادي، اها پڙهيل ڳڙهيل ڪيس صحيح ڏيندي؟" وجهائيندي سيني کي ڪاٺ ۾.

ڪمدار بيگ محمد جواب ہڌي چپ ڪري ويو. رئيس جي ڳالهہ پوري هئي، حڪومت ہي شادي تي بندش وڌي هئي. ڪمدار ويچاري ڄڻڪي عقل موجب هڪ صلاح ڪڍي ٺهڪائي هئي ۽ جا ثاب نہ پئي هئي. زمين جي ڪس پڪائي، فصلن جون ڪٽون، ڪاٽڪاٽا فيصلا هجن ها تہ هو اهڙي صلاح ڏئي ها جيئن منڊي تي ٺِڪَ. پر هتي تہ معاملو ڪائنس ڇڙهيل هو. هو عقل جون ڊوڙون هلائي ٿڪو هو، سو ماٺ ڪري رئيس ڏانهن ائين تڪڻ لڳو جيئن ڪيس چوندو هجي، "سائين، اسان جون ڄڻڪيون صلاحون ڪهڙيون ٻيهنديون. تون ئي پنهنجي وڏي مغز ڪان ڪم وٺي ڪا صلاح ڪڍ."

رئيس جيڪو ڀڪو سوچ ۾ پئجي ويو هو، سو منشي ۽ ڪمدار کي ماٺ ۾ ڏسي سمجهي ويو تہ سندس فيصلي جي انتظار ۾ هئا. هن بنا دير جي ڪمدار کي چيو، "ڪمدار، تون ذوالفقار ڏي وڃ ۽ ڪيس چئو تہ شرا جا ٽي پتر ڏئي هڪدم هيڏي هليو اچي. ہي صورت ۾ اسان ائين سمجهنداسين تہ هو اسان لاءِ مري ويو."

ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڪمدار بيگ محمد واپس آيو، تہ حوالن وٺڻ کان اڳ ئي سندس منهن جي رونق مان ظاهر هو تہ ڪيس ڪهڙو جواب پلئہ پيو هو. هن اشراف بہ بنا لِڪ لڪاءَ جي مختصر لفظن ۾ کولي ٻڌايو، "سائين نندي رئيس جواب ڏنو تہ، "ونين تان سر جون سٽون ڏبيون آهن، ڪين ڇڏي نہ ڏبو آهي. وڌيڪ هن خط بہ لکيو اٿوَ." ائين چئي ڪمدار صدريءَ جي اندرين کيسي مان لفافو ڪڍي رئيس کي ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو:

"بعد پيرن چمڻ جي عرض تہ ڪمدار اوهان جو نياپو ڏنو. جيڪڏهن اوهان حڪم ڏيو ها تہ پاڻ کي ماري ڇڏيان، تہ اها منهنجي لاءِ ڏکي ڳالهہ ڪانہ هئي. پارس منهنجي حياتي آهي، ان ڪانسواءِ جيئڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. زياده حد ادب.

اوهان جي خاڪپاءِ

ذوالفقار

رئيس خط پڙهي خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ خط کي ڇيهاڙيون ڪري اڇلي ڇڏيائين. ٿوري دير کان پوءِ اندر حويلي ڏانهن ويو تہ گهر واري کي چيائين، "ٻڌءِ ذوالفقار جو جواب؟"

"ڇا ٿو چئي؟"

"چئي ٿو تہ پارس کي ڪونہ ڇڏيندس، جيستائين سِرُ ۽ ۾ ساهہ آهي."

"پارس ڇا؟" وڏيري نہ سمجهي سگهي.

"پارس آهي، تنهنجي جو نالو."

وڏيري تنهن جو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي وئي. سندن خاندان ۾ ڀيريون سنڌي سلي ۾ نالا هئا. هدايت خاتون، فاطمہ، حاجران ۽ جنت پارا جي گذاري ويل وڏڙين، ڪراڙين، نانين ماسين جا ڦيرائي آسيس طور ڇمندڙ ڇوڪرين تي رکيا هئا. ان ڪانپوءِ ٿوري ترقي مثال طور: زبيده، زينب النساءِ، پر ههڙو نالو نہ هن ڪڏهن ٻڌو هو، نہ رکيو هو. وڏيريءَ کي پڪ پئجي وئي تہ سندس پٽ ڪنهن واٿياتي سان نڪاح ڪيو آهي. ان ڪري هن گهبرائجي رئيس کان پڇيو، "ماريئي، ڪنهن واٿياتي سان شادي ڪئي آهي ڇا؟"

رئيس کي تہ پارس جي معنيٰ جي خبر هئي، جو هن ٻڌو هو تہ پارس پاهڻ ڏورانهين جبلن ۾ ڪن ڀاڳ وارن کي ملندو آهي، جنهن جو تاثير اهڙو ٿيندو آهي، جو ڪنهن لوهہ کي گسائجي تہ اهو بہ سون ٿي پوي. هو ڪٿڪ جي گوڏن ۾ آيل ڪونجن کي ماريندو هو تہ انهن جون گجيون پاڻ کولي هڪ هڪ پٿر جي ذري کي آزمائيندو هو. جو هن ٻڌو هو تہ فلاڻي ڪن فلاڻي زميندار کي ڪونج جي گجيءَ مان پارس هٿ آيو هو. رئيس کي پارس نالي ٻڌڻ سان ڪو گهڻو عجب ڪونہ لڳو هو، جو هن ان کان بہ اوڙ نالا ٻڌا

هئا. پر جيئن تہ هن کي ذوالفقار تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي انڪري هن وڏيريءَ کي برغلائڻ پئي گهريو. هن فقط ايترو جواب ڏنو، ”پيو نہ تہ پنج وقت نمازڻ سان شادي ڪئي اٿئين؟“

وڏيريءَ اهو جواب ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو. منٽ کن کان پوءِ پڇيائين، ”هاڻي ڇا ٿيندو؟“

” ٿيندو وري ڇا. مان سياڻ ئي وچي ٿو سڄي ملڪيت انور علي جي نالي داخل ڪريان. باقي رهيو رستم خان. ان ڏي تون ۽ مان ڳچي ۾ ڪپڙو پائي هلي معافي وٺنداسون.“ رئيس نهہ پهہ جواب ڏنو.

وڏيريءَ جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. انور علي بہ برابر سنڌس پيٽ ڄائو هو. پر تنهن هوندي بہ ذوالفقار علي سنڌس پهريتي پٽ جي ڪٿي پئي جاءِ ڀري سگهيو. برابر ٻئي سنڌس اکين جو نور هئا. جي ذوالفقار سڄي اک تہ انور ڪبي اک ۽ انور سڄي اک تہ ذوالفقار ڪبي اک. پر هڪ اک جي سونهن ٻئي اک سان ئي آهي. وڏيريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ هن روئنهارڪو ٿي چيو، ”خدا خدا ڪر. ائين ڪيئن ڪندين.“

رئيس جنهن کي پنهنجي پٽ تي ڏاڍي خار هئي، تنهن گهر واريءَ کي رهڙ ڏئي جواب ڏنو، ”خدا جو قسم، هتي هجي ها تہ گولي هڻانس ها. مان اها ڳالهہ ڪيئن سهندس تہ ابن ڏاڏن جي گڏ ڪيل ملڪيت ۾ سياڻي منڊ ۾ جو پٽ حصيدار ٿئي. اهو بہ الائي ڪنهن جو؟ ڪو سڄو ڏينهن ذوالفقار، زال تي پهرو ڏيندو؟“

وڏيريءَ ان وقت تہ ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. پر رئيس سمهي رهيو تہ هڪ ٻانهيءَ کي گهرائي سمجهايائين تہ وڃي ڪمدار بيگ محمد کي چئي تہ جي سڄي عمر جو نيمڪ هڪ گهڙيءَ ۾ ملهائڻو هجيس، تہ ڪيئن بہ ڪري رئيس کي ان انڌ جي گهوڙيءَ تان لاهي. ٻئي ڏينهن صبح جو رئيس پنهنجي ڪاغذن جون دستيون ڪڍائي، تعلقي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪتو تہ ڪمدار بيگ محمد ڪيس جيپ ۾ وهڻ وقت هٿ ٻڌي چيو، ”سائين جوانيءَ ۾ گهوڙا ۽ پٽ اڙدا ئي سونهندا آهن. گهوڙن جي اڙدائي وڃائي راهہ تي آڻڻ سوارن جو ڪم آهي ۽ پٽ کي ڳرانڙي پائي ٿڌي سيني سان سمجهائڻ پيءُ جو ڪم آهي.“

” ڪهڙو مطلب آ تنهنجو!“ رئيس منهن ۾ گهنڊ وجهي چيو.

"قربان ٿيانءِ، منهنجو مطلب آهي تہ هڪوار پاڻ ڪيس ٿڌي سيني سمجهايوس، جي نہ سمجهي تہ پوءِ هوءِ گوءِ، هو ميدان. ڪاتو بہ ڀڳو ٺٺو وچي، پوءِ بہ ڦيرائي سگهبو."

رئيس جيستائين سوچي جواب ڏي، تيستائين ڪمدار ٽِپُ ڏئي جيپ جي پوئين سيٽ تي ويهي رهيو ۽ رڙڪري منشي کي چيائين "منشي هي ڪاغذن جون دستيون هٿيڪيون ڪري اندر موڪل. رئيس ۽ مان ننڍي رئيس ڏي هڪ هڪاٽي لاءِ ٿا وڃون."

رئيس شاهنواز "پارس ڪوٽ" جي ڪمپائونڊ اندر قدم رکيو تہ سندس مٿو ئي چرخ تي ويو. حالانڪ هن اها جاءِ اونهاري جي سنک لاءِ پاڻ خريد ڪئي هئي، پر هينئر اندر نئين ڍزائين جي رکيل گل ٻوٽن، وڏي لان، ڪوٺي جي نئين رنگ روغن ۽ ان جي مٿان ڪارن اکرن ۾ لکيل نالي "پارس سڄو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو هو. ڪمدار بيگ محمد جو هي سڀ ڪجهہ اڳ ۾ ڏسي ويو هو، تنهن رئيس کي ٺارڻ لاءِ چيو، "سائين، جاءِ هميشہ وسُونءِ گهرندي آهي. هينئر ڏسو، ڪيڏا نہ قمار تي ويا آهن."

رئيس کي دل ۾ تہ اهي قمار ڏاڍا وڻيا، پر ڪمدار کي ڪو جواب نہ ڏنائين. انٽرنس گيٽ تي پهچي هن ٻتڻ دٻايو ۽ جنهن دروازو کوليو سو ذوالفقار ئي هو. پيءُ جي رعبدار چهري ۽ ٽاندائن جهڙين اکين کي ڏسي هن جا تاڪ نکري ويا، پر هن پاڻ سنڀالي پيرن تي هٿ رکي سندس آجيان ڪئي ۽ اڃي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. رئيس ڀت تي ٽنگيل وڏين تصويرن ۽ فرش تي وڇايل غاليچن کي ڏسندي ذوالفقار کي چيو، "ذوالفقار، مان تنهنجا هي ٺٺ ڏسڻ ڪونہ آيو آهيان، پر توسان آخري دفعو ڳالهائڻو اٿم."

ذوالفقار پيءُ جي رعبدار منهن ڏانهن نهاري ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. هن جواب ڏيڻ چاهيو، پر ڪائنس هڪ اکر بہ ڪونہ اڪليو. وري بہ رئيس چيو، "جوٺي کي سمجهاءِ تہ مون سان ملڻ نہ اچي، نہ تہ تڪو ملهہ ڪندوسانس. بهتر تہ ائين ٿيندو تہ ڪيس چٽہ تہ ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ پيڪين هلي وڃي، جو مٿان مان تڪو مٺو ڳالهايان."

ذوالفقار دل جهلي جواب ڏنو، "اوهان بابا بلاشڪ ڪلي ڳالهايو، هوءِ صبوح کان پيڪين وئي آهي."

ٺنهن جي غير حاضري ۾ ڏي رئيس جي ڀهريون دل تہ ٿي تہ جيڪر

پٽ کي چئي، " پيڪين وٺي آهي يا بي پاسي، پر پوءِ هن سوچيو ته ننگ پولن کي به پيارا آهن، هتي ته سندس اڪيان ذوالفقار هو؛ انکري هن فقط ايترو ئي چيو، "چڱو تيو جو منهنجن اکين ئي کانه ڏٺي."

ٿوري دير چپ ٿي وئي. رئيس سوچڻ لڳو ته مطلب واري ڳالهه کي کهڙي نموني شروع ڪري ۽ ڪٿان شروع ڪري، پر جڏهن رئيس کي خيال آيو ته اڪلو سندس پٽ ئي ته هو، جنهن سان ڪنهن تمهيد جي ضرورت ڪانه هئي، تڏهن هن کي جلالي اچي وئي، "اڙي کهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟"

"مان کهڙو فيصلو ڪري ٿو سگهان، بابا!"

"نيٺ ڪجهه ته بَڪُ."

"مان پارس کي ڪونه ڇڏيندس."

"پوءِ ان جي نتيجي جي خبر اٿئي." رئيس خارن مان پڇيو.

"ها، ڪمدار ٻڌايو."

"نه، توکي پوري خبر ڪانهي. توکي مان ملڪيت مان ٽڪو به ڪونه ڏيندس. هي بنگلو به منهنجو آهي، اهو به خالي ڪرڻو پوندءِ:" رئيس کولي ٻڌايو.

"جيئن حڪم ڪندؤ تيئن ڪندس."

رئيس ڪجهه چوڻ ۾ هو ته ايتري ۾ بيري اچي ذوالفقار کي ٻڌايو ته ڪليڪٽر صاحب ڪيس فون تي سڏي رهيو هو. ڪيلڪٽر جو نالو ٻڌندي ئي رئيس جو ٽَنگ ٽي ٽَنگ چاڙهيون وينو هو سو ڪڙو ٿي ويهي رهيو. رئيس بنيادي زميندار ۽ وڏي حيثيت وارو هو. ضلعي جي مختيارڪار ۽ ڊپٽين سان سندس ياروپسي هوندي هئي. پر ڪيلڪٽر هميشه اڳرا هوندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرائي پوءِ باريابي جو حڪم ڏيندا هئا ۽ وري ٻن منٽن ۾ نشڪائي ڇڏيندا هئا. پڳ ٻڌڻ کان پوءِ رئيس جو گهڻن ئي ڪيلڪٽرن سان واسطو پيو هو. ڪيترن جا نالا به ڪيس ياد هئا. هڪڙو ٽاٽن هو پيو سليڊو هو، ٽنين جو نالو هيليفاڪس هو ۽ وري هوٽ هو، جنهن کي سڀ پوت سڏيندا هئا. پوءِ به ٽي ديسي به آيا هئا، پر سڀ جا سڀ جڻ هڪ ئي سريگر جي هڪ ئي قالب جا نڪتل هئا. سيني کي اهائي رڪائي اهائي وڏائي هئي. ڪين ان رڪائي ۽ ۽ وڏائي ڪرڻ سبب به هو. ڪنهن زميندار کي منٽن ۾ وڏو زميندار يا فقير به ڪري سگهندا هئا. حڪومت جو سندن لڪيو مچيندي

هئي تہ هرڪو ڪانئن ڪنبندو هو. ابتو ڪُهنِ يا سبتو ڪُهنِ، سندن ڪُئي حلال هئي ۽ سندن ڪاتي کي مٿيو هو. رئيس وڏو، پڻ ڪي هڪ اهڙي ڪيلڪٽر سان فون تي ڳالهائڻ لاءِ ويندو ڏسي دل ۾ گهڻو خوش ٿيو. هڪ ڪيلڪٽر ڪيس روبرو گهرائڻ بدران فون تي پٽي سائس ڳالهايو. رئيس سمجهي ويو تہ اهو ڦل فقط ان ڪري مليو هو. جو سندس پڻ اعليٰ تعليم يافتہ هو. پر جي هو پڙهيل نہ هجي ها تہ هو بہ صاحب سان ہہ منٽ ملڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪري ها ۽ پوءِ مس مس ڪيس باريابي جو حڪم ملي ها.

ذوالفقار علي ڪيلڪٽر صاحب سان فون تي ڳالهائي موٽي آيو تہ رئيس ڪانئس پڇيو. "ڪهڙي ڪيلڪٽر جو فون هو؟" رئيس جي پڇڻ جو مطلب هو تہ نالو معلوم ڪري وڃي ڳوٺ ۾ هلائي تہ فلاڻي ڪن فلاڻي ڪليڪٽر سان سندس پڻ جي دوستي آهي. اوسي پاسي جي زميندارن ۾ وڏو اثر پئي ها.

"پارس جي پيءُ جو." ذوالفقار تہ جواب ڏئي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. پر رئيس جي زبان سو تاروءَ سان چنبڙي وئي. هن جون اکيون ڦوٽارجي ويون. هن غور سان ذوالفقار ڏانهن ڏٺو. جنهن جو سهرو ڪيلڪٽر هو ۽ جيڪو سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي هٿ ٻڌيو ادب سان وينو هو.

ايتري ۾ رئيس جي پويان ڪنهن زناني ڪڙيءَ جي ڪڻ ڪڻ جو آواز آيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هڪ بنا برقعي، بنا پوتي رٿي، وارن ڪٽيل سهڻي ڇوڪري بيٺي هئي. هن وري ذوالفقار ڏانهن ڏٺو جو اهو مذڪور ڏسي گهبرائجي ويو هو. رئيس شاهنواز خان سمجهي ويو تہ اها ڇوڪري ٻي ڪانہ، پر سندس ننهن پارس هئي. هو ٽپ ڏئي اٿي کڙو ٿيو ۽ کيسي مان پنجن پنجن سون جا ہہ نوٽ ڪڍي پارس جي هٿ تي اڻين رکيائين. جيڻ هو پنهنجي ضلع آفيسرن جي ٻارن کي خرچيون ڏيندو هو. ۽ پوءِ پارس جي مٿي کي چمندي چيائين. "پڻ مون کي هن قصي جي خبر ڪانہ هئي نہ تہ اڻين هٿين خالي نہ اچان ها."

پارس نئين ڪنوار وانگر شرمائي ننهن کي ڏندن سان ڪترڻ لڳي تہ رئيس آئيندي ڏانهن ڏکهي نظر ڪري وري چيو، "پڻ بيشڪ تون پارس آهين."

پارس ساڙهي جي پلئہ کي انداز سان هر هر ڪلهي تي ناهيندي لڏندي

لمندي سهري لاءِ چانهه جو انتظام ڪرڻ وئي ته رئيس ذوالفقار ڏانهن پيار ۽ محبت سان نهاريندي چيو. "پٽ، مون کي اڄ ئي ڪليڪٽر صاحب سان ملائجانءِ."

پوءِ جڏهن رئيس ۽ ڪمدار واپس ڳوٺ لاءِ اُسهيا. تڏهن ڪمدار بيگ محمد جنهن سمورو عرصو سرونٽ ڪوارٽر ۾ گذاريو هو ۽ جنهن کي ان سڄي قصي جي خبر ڪانه پئي هئي، تنهن رئيس کان پڇيو، "ڇا ٿيو سائين؟"

پر رئيس ان ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏني، رهندو ڪمدار کان پڇيو.

"خبر اٿئي ڪمدار ته منهنجو سيڻ ڪير آ؟"

"نه سائين، مون کي ڪهڙي خبر!"

"هتان جو ڪليڪٽر نياز محمد سي. ايس. پي."

جيستائين ڪمدار بيگ محمد، سي. ايس. پي لفظ کي سمجهي، پوءِ ڪو اظهار ڪري ته رئيس وري چيو، "سندس بدلي جو حڪم نڪتو آهي. گهڻو ڪري ٻن ٽن مهينن ۾ پنهنجي ضلعي جي چارج وٺندو." ☐

گذريل واردات

جڏهن انسپيڪٽر دريشائيءَ ڪي واردات تي لٽي چار پنج ڏينهن گذري ويا ۽ سندس جاچ مان ڪو ڪرتيل ڪونه نڪتو ۽ جڏهن هو پوليسي دستور موجب ايس پي صاحب جي ميسيج جو بهانو ڪندي منزل پڻ لڳو. تڏهن پر واري لانڍي ۾ ويٺل وڏيرن مان سرائي رازقڏني ڪان بي اختيار دانهن نڪري وئي، "هائوڙي انسپيٽر گونٺ بشڪ شاهه!"

وڏيرو اڇر جيڪو سرائي جي پر ۾ ويٺو هو، سو به چڻ سڙيو پيو هو، "پيهر به چئجانءِ، سرائي. هي برٽش وارا ڪو پنهنجي رياست سان پڇي سگهندا. "

"هينئر ڪٿي آ شاهه صاحب؟" وڏيري عمر حقو پاڻ ڏانهن سوريندي پڇيو.

"هاڻي ته خير "پنشن " تي آهي. پر اڄ به لنڊو ڀهڙن تي سندس ڪنٽولُ آهي." رازقڏني جواب ڏنو.

هونءَ ته خيرپور رياست جي پوليس ڪاتي جا سڀ عملدار برجستا ۽ همت وارا هئا. پر جيئن انسپيڪٽر گونٺ بخش شاهه پنهنجو وارو وڃائي ويو، تيئن سُل ڪو ٽٽي. سنهن ڏوهن جون ته فريادون به داخل نه ڪبيون هيون پر چڙو دهمان لاءِ پنهنجو دفعدار ۽ اردلي منزل نهرائڻ لاءِ موڪلبا هئا ته چورن ڪي ڦقڙي وٺي ويندي هئي. چوطرف چوهول ٿي ويندو هو. جن ڪي چوريءَ جي جن ڪن به ڪاٿ هوندي هئي، سي به پٽڪا ميڙ ڪيو پيا چورن ڪي سٽائيندا هئا؛ "اڙي انسپيٽر گونٺ بشڪ شاه ٿو اچي. سڪن سان آلا به پري ويندا. اڙي ڏير به ياچائن سان ليي پوندا آهن؛ هيءَ ته ٽڪي جي چوري آهي، ڪو ڪهندو ڪونه. هي ڪپو هٽ ڏاڙهيءَ تي، تنهنجو نالو به ڪونه ڪٻو"

اهڙي طرح فريادي جي هڪدم حق رسي ٿي ويندي هئي ۽ انسپيڪٽر صاحب ڪي به هيڊ ڪوارٽر ۾ ٺي مبارڪ ملي ويندي هئي. فريادي پاڻ پانهون ٻڌي اچي ڪيس چوندو هو، "بس سائين تنهنجي مهرباني."

ڪيس جاچڻ ڪرڻ جو ڪو ڏانءُ هو. آهي آهي ڏوهه، جيڪي حد جا صوبيدار ۽ انسپيڪٽر وڃائي وهندا هئا، ۽ جن جي 173 به نڪري ويندي هئي سي به شاه، ان حد تي بدلي ٿي اچڻ بعد، منٽن ۾ لهندو هو. واردات تي لهندو هو ته جملي چورن ڪي پنهنجي اڳيان قطار ۾ ويهاري زيرن زبرن سان گاريون ڏيندو ڪين چوندو هو، "اڙي منهنجو نالو ٻڌو اٿو؟"

سڀ ڪنڊ ڏوٿي هائو ڪندا هئا. هو ڪنهن کان ڳجهو هو ڀلا!
"پوءِ هڪدم چوري ڏيو. مان ڪڏهن خالي ڪونہ موٽيو آهيان، ۽ نہ ڪڏهن رڪاٽ تي بار وڌو اٿم." هو ٻهپرن کي وڃڻدي چوندو هو. "ڏسو، جي ساڳي چوري نہ ملندي تہ بہ اوهانجا مال ماري پيٽي چوٽي چوري پرائبي. اوهان جي ننگن جي جيڪا بي عزتي ٿيندي سا تنهن کان الڳ. انڪري اشراف ٿيو چوري ڏيو. هاٿي وچو صبوح جو اچي جواب ڏجو."
صبوح جو چوري سٺي سڳي سان اچي سندس اڳيان حاضر ٿيندي هئي ۽ چور انجام مطابق سهندڙ هرج خرچ پري ٻانهن لوڏيندا ويندا هئا. پوءِ ڪٿي بالا عملدارن جو ڪيترو ئي زور پوي، اهي چور چالان نہ ڪبا هئا. هڙويرو ڪو بالا عملدار تڻ مڻ ڪندو هو تہ ڪيس ڪتو جواب ڏبو هو، تہ وچو جيڪو باسي تنهن کي پلي چالان ڪيو. هڪ ڀيري ڪنهن وڏيري وڏڏٿي جي چوريءَ ۾ ناظر پاڻ مٿس زور رکيو. "شاهہ جوابدار چالان ڪر."
"ڪير چالان ڪيان سائين؟"
"چوريءَ جا چور - جن چوري ڪئي."
"سائين، ائين ڪئي سمجهو تہ مان ئي چوري ڪئي هئي."
قدر شناس ناظر سندس اهو جواب ٻڌي ماٺ ڪري ويو هو. اڳين جڳ جا حاڪم پنهنجن لائق زيردستن جا انگل سهندا هئا. پر جيڪڏهن ڪنهن چور کي مالي مٺي لڳندي هئي، ۽ سائس ڪونہ باسيندو هو ۽ خدا بہ خير ڪري، اها چوري مٿس ڦاٽي پوندي هئي، تہ ان جي ڪل بہ ڪري ويندي هئي. جيترا ڏينهن انسپيڪٽر شاهہ ان حد تي هوندو هو تہ ان چوڙ کي گهر جي ماني ڪائڻ ڪونہ ڏبي هئي. جي هڪ ڏوهہ مان ڇٽندو هو، تہ جيل جي دروازي کان ٻاهر نڪرندو مس هو تہ سندس سوار وري ان کي کهلي اچي ٿاڻي ۾ هٿندا هئا ۽ ان رات ئي رسي ۽ رنبي سان 109 ۾ چالان ٿي ويندو هو. اها انهن لاءِ ڪٽي گوري هئي. هڪڙي چور تہ فتوي وقت ماجسٽريٽ کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو هو، "سائين مان ڏوهہ جو قبولدار آهيان. مون کي ڳپل سزا ڏجو."
"اڙي چو تو وڌيڪ سزا گهرين؟" جج مشڪندي پڇيو هو.
"ان ڪري سائين، جو هتان ڇٽندس تہ انسپيڪٽر شاهہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏوهہ ۾ ناحقي چالان ڪندو ۽ اجائي گيهہ ٿيندي، تنهن کان جيل ۾ چڱو آهيان."

پر جڏهن ملڪ جو ٽڪرو ٽڪرو ۽ سمورو ملڪ ون يونٽ ٿي ويو ته هڪ نئون ايس پي بدلي ٿي آيو. سندس ٿلهي بدن کي ڏسي چيائين، "تون پڪ رشوت ٿو کائين. انڪري رٽائر ڪر متان ڪو جوکو رسئي." هي مڙس اهڙو لکڻ سهڻ وارو ڪٿي هو، ۽ هن به اُتي جو اُتي درخواست اُڇلي ڏني ۽ چيو: "صاحب پوليس کاتي ۾ مصلي تي نماز نه تون ٿي پڙهندو آهين ۽ نه مان، جو ڌاڙ هڻان. اهڙا جي پاڪ دامن ليني ته پلي پيا ڳول."

هن تڙتڪڙ ۾ پنشن نه ورتي، پر ڪيس ان وقت اهو خيال ڪونه آيو ته نوڪريءَ تان لهڻ بعد ڇا ٿو ٿئي؟ هن سمجهيو هو ته رٽائر ڪرڻ کان پوءِ سندس وقت عزت جو گذرندو، چار ماڻهو سلامي هوندا، ۽ جي ڏوهن جون جاچون ڪري نه سگهندو ته به جاچ عملدار ۽ پيا زميندار زنب ڏوهن جي پيداواري جي طريقن تي صلاحون ڪرڻ لاءِ پيا وٽس ايندا. مڙيئي وٽس ڪچهريون لڳيون پيون هونديون. پر جڏهن هن ڏٺو ته جن ماڻهن جي وٽس گيگهه پٽي پوندي هئي، تن ڪيس به آگريون نرڙ تي رکي سلام ڪرڻ جي ضرورت به نٿي سمجهي، ته هن جو هيانءُ ڪاڇي ويو. سندس وڏي اوطاق، جنهن کي هن اهڙين ڪچهرين لاءِ وڏي شوق سان ٺهرايو هو، ۽ جنهن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ وڏي آرام ڪرسي ۽ ملاقاتين لاءِ به ڊزن ڪن موڙا پيا هوندا هئا، سا گهڻو ڪري خالي پئي هوندي هئي. هو روز شام جو گهران نڪري، اوطاق ۾ اچي، پنهنجي وڏي آرام ڪرسيءَ تي ويهندو هو ته سامهون ڇڙو سندس پراڻو اردلي ٿي ويٺل هوندو هو. سڄو وقت چپ پيڪوڙي ماٺ ڪري ويهڻ به هڪ ڏکي ڳالهه هئي، انڪري وقت ڪاٽڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پيون ٿينديون هيون. جي ڦرندي گهرندي پراڻي وقت جي لڏل ڏوهن ۽ جاچن تي وڃي بيهنديون هيون.

"ڪيئن، ڪوڙا خان، هو واڻئن وارو ڌاڙو ڪينءَ لڌو هئوسون!"

"ڪوڙا خان، ناريجن واري خون ۾ جوابدارن کي ڪهڙي سزا آئي هئي؟"

سندس اردلي ڪوڙو خان، جو پيٽيءَ ۾ ته ٿيل سندس يونيفارم ۽ ڪاري اسٽڪ وانگر، سندس رعب تاب جي زماني جي آخري بچيل نشاني هو ۽ جنهن جو ان زماني ۾ ڪم پنهنجي صاحب جي خدمت ڪرڻ ۽ ننڍن زيردست عملدارن جي ورتل رقمن جي جاسوسي ڪرڻ سان گڏ، جاچن ۾

جوابدارن جون گوڏيون لهرائي سندن پير ڪنائڻ ۽ ٻه ٽي موچڙا هڻائي، جهل جهل ڪري جوابدار کي ٻاهر ڪڍي ڏوهه ٻاسائڻ هوندو هو. سو ٻه اهڙين ڳالهين جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوقين هو. شاه صاحب جي رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هنجي لئي ٻه ختم ٿي وئي هئي. نوڪري جي زماني ۾ خاص اردلي هئڻ سبب سندس هٿن مان هزار ترڪندا هئا، ۽ ڪو خاص حساب ڪتاب ڏيڻو نه پوندو هو. پر هينئر ان ڏيڍيءَ وارن جي ڏيڍ جي حساب تي روزاني ڪِرِ ڪِرِ ڪيس پسند ڪانه هئي. ان ڪان سواءِ نوڪريءَ واري زماني ۾ ڪيس هر موسم ۾ پوليسي ڊريسون، نوان بوٽ ۽ چمپلون ٻه ملنديون رهنديون هيون ۽ هينئر واقف سپاهين سڙن کان چوڙيل ڪپڙا ۽ بوٽ وٺڻ لاءِ ٻه ڪيس سوين نخرا ۽ مهڻا سهڻا پوندا هئا. انڪري هن کي شاهه جي پينشن تي لهڻ ڪري، وڏو ڏک هو ۽ هو هميشه پنهنجي دوستن کي چوندو وتندو هو: "اڙي ٻڌو! ايس پي صاحب سائينءَ کي گهرايو هو. ڪيس چيائين ته ڏوهه وڌي ويا آهن. پيداواري ڪانه ٿي ٿئي. تون وري اچڻ قبول ڪر ته گورنمنٽ سان لکپڙهه ڪيان. پر سائين انڪار ڪري آيو."

شاهه صاحب جڏهن ڏوهن ۽ جاچن جون ڳالهيون سائس ڪندو هو، تڏهن ائين محسوس ڪندو هو ڄڻ سندس صاحب ان ساڳي نوڪريءَ ۾ آهي ۽ هنجي هٿن مان ائين ئي ٽا هزار ترڪن. اهي ڳالهيون ٿوري پر سکيي وقت ڪاٽڻ جو هڪ آسان مشغلو هو، ۽ ٻنهي کي پسند هو. ڪوڙي خان ڳالهين ڳالهين ۾ ٻني پيرا ڪيس صلاح ڏني هئي ۽ شاهه صاحب ٻه سندس صلاح مڃي لڪ ڇپ ۾ پيهر نوڪري تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن پنهنجي هٿن سان پينشن جي درخواست لکي ڄڻ ته پاڻ قبولداري ڏني هئي، جنهن کي ڪو ٽاڪو لڳڻ ممڪن ڪونه هو. شهر وارن تي اثر وجهڻ لاءِ هن پنهنجي واقف صوبيدارن ۽ انسپيڪٽرن ڏانهن سفارش چٺيون ٻه لکيون هيون، پر اهي چٺيون ڪنهن وٽ پاڪ نه پيون. سندس رهيل کهيل کي ليپو تڏهن آيو، جڏهن سندس اردلي ڪوڙي خان ٽڪي جي ڪاسائي کان گاريون ڪائي مٽي ۾ ڏڏڙ وجهائي اچي ڪيس داتهن ڏني. شاهه صاحب پڙڪو ڏنو.

"اڙي منهنجو ٻه پڄ نه ٿيو پان ..... ڪي؟"

"هون، توهان جو پڄ هاڻي ڇو ٿيندس ! مان سوئر جي پٽ کي چيو ته شاهه صاحب ابتو ٽنگرائي ڇڏيندءِ، پوءِ خبر اٿو! ڇا چيائين؟"

"ڇا ڇيائين ؟"

"ڇيائين بس ايمٽان متندي سو تيل ٿي پوندو." ڪوڙي خان به رکٽي ڪانه رکي.

"وچ هڪدم ٺاڻي تي فرياد ڪر. 107 ڪ. پ . ڪ ۾- مان بيان ڏاهي تو ڏيانءِ."

"اتان به ٿي آيو آهيان." ڪوڙو خان ڏنک سان چوڻ لڳو. "صوبيدار کي ڪهڙي پرواهه. چيائين تہ تون وڃ جاچ ڪنداسون. پڇيومانس تہ ڪڏهن اچان، چيائين تہ اچڻ جو ڪو ضرور ڪونهي."

"فرياد به ڪونہ ورتائين 154 ۾؟"

روزنامچي ۾ ئي داخلا نہ رکيائين، 154 تہ پري رهيو."

شاه صاحب چپ يڪوڙي ماٺ تي ويو. هو سياڻو هو ۽ سمجهي ويو تہ هينئر چپ چاپ زندگي گذارڻ کانسواءِ ٻيو چارو ڪونہ هو. اها ڪرسي جنهن کي هرڪو نِوڙي سلام ڪندو هو سا ڪائنس ڪسڪي نڪري وئي هئي. ڪوڙو خان جنهن کي ڪارين جو وڏو سور هو ۽ جو مارڪيٽ ۾ پنهنجي دوستن دڙن اڳيان وڏي ٻاڙ هڻي آيو هو. تنهن کي ان چپ تي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو، "ڪجهہ تہ مزو ڏيکاريو ڪٿي جي پٽ ڪي."

"ڇا ڪيون، ڪوڙا خان!"

"تون انسپيڪٽر آهين توکي سڀ پانور آهن ."

"آهيان نہ چئہ ڪوڙا خان هوس." شاهہ صاحب ڪيس فرق سمجهايو. پر ڪوڙو خان جنهن کي اٽ وانگر پتوئي ڪونہ هو. سو اهي فرق ڪٿي ٿو سمجهي، هو وري چوڻ لڳو، "پنشن تي آهين تہ ڪهڙي ڳالهہ، آهين تہ انسپيڪٽر."

شاهہ ٿڏي تي ڪو جواب ڪونہ ڏنو. پر ٿوري دير ڪنڌ سيني سان هڻي سوچيندو رهيو ۽ ڪجهہ دير ڪان پوءِ سوچي ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چيو: "ڇگو منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ. ۽ ان جو جواب ڏي ؟"

ڪوڙو خان ماٺ ڪري ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ شاهہ صاحب ڪيس ڳالهہ سمجهائڻ لڳو؛ "ڏس فرياد داخل ڪندا هئاسون تہ چورن کي ڦرڪٽي هوندي هئي، پر جڏهن واردات گذري ويندي هئي تہ پوءِ ڪنهن کي ڀؤ هوندو هو؟

"پوءِ پڻ ڇو ٿيندن، سائين."

"بس ائين سمجهه ته مان به هڪ گذريل واردات آهيان، جنهن جو ڪنهن کي پڻ ڪونهي."

ڪوڙو خان اهي اکر ٻڌي مپ هٿي ماٺ ڪري ويٺو رهيو.

شاهه صاحب ڪيس ڪجهه نه ڪچندو ڏسي چڙي ويو، "اڙي تون جو چوين ٿو ته مونکي سڀ پاور آهن؛ اهي پارو آهن ڪاٿي؟"

ڪوڙي خان وري به حرام جو اکر ڪڇيو ۽ چپ ڪري ويٺو رهيو. ڇڻ سڪي ويو هجي. شاهه صاحب ڏانهس تڪيندي ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ آهستي پيار سان ڪيس سڏ ڪيائين: "ڪوڙا خان."

"جي سائين."

"جي ڪنهن ڏوهاري خلاف فرسٽ رپورٽ داخل ڪندا هئاسون ته ڇا ڪندو هو؟"

"سائين، هو يا ته اسان سان منهن ڏئي جان ڇڏائيندو هو يا روپوش ٿي ويندو هو."

"پاڻ کي به منهن ڏيڻ جي ڪا طاقت ڪانهي ڪوڙا خان. اڄ ته تون ۽ مان روپوش ٿي وڃون."

ستت ئي اوڙي پاڙي جي ننڍن ڇوڪرن سندس عجيب هلت تي ڪچڪو ڪري هوريان دبيل آواز ۾ مٿس چٽرون به ڪيون ته به هو ائين لنوائي ويو، جيئن هو پنهنجي زماني ۾ ڪنهن "اڻ ٻڌڻ جوڳي ڏوهه" جي فرياد داخلا ڪان لنوائيندو هو. ڪوڙي خان جنهن اهو سمورو لقاءُ ڏٺو پئي، تنهن ڪان اهو مقرر ڪيل فيصلو وسري ويو ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو؛ "چئبو ته هاڻي اسان کي آڳوٺي جيترا ڇورا به چيڙائيندا. ائين ڪونه ٿيندو." ائين چوندي هو هليو ويوءِ هڪدم اهي جملي ڇوڪرا گهلي اچي سندس اڳيان ائين بيهاريائين جيئن ڪنهن زماني ۾ سندس اڳيان جوابدار بيهاريندو هو. شاهه صاحب ڪوڙي خان کي ٿاڻ لاءِ ڇوڪرن کي گارين سان رنڍي ڇڏيو. "مادر ..... پان ..... توهان سمجهو ٿا ته مان رٽائر ڪيو آهي ته مري ويو آهيان. اڙي اڄ به اوهان جي پين ڏاڏن جون ڏاڙهيون پٽي تري ڪرڻ جا پاور مون کي آهن. اڙي ڪيو اٿ ويهه."

ڪوڙي خان جنهن کي اهڙا جوش ڏني ڏينهن ٽي ويا هئا. تنهن جي مٿان چڙ ڪوري دلي جو تڏو پاڻي پٽجي ويو ۽ هڪدم پراڻي جوڻ ۾ اچي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو: "سائين جوابدار قبولدار آهن. اڄ معافي ڏيون. آئينده ائين نه ڪندا."

"نه نه هنن کي ائين معافي نه ملندي. ڪٿي آ نيڻي لڪڻ ته پهريون سندن ڪل لاهيان پوءِ هٿين لاڪپ ۾."

"نه. سائين، هنن کي معافي ڏيو. مان سندن ضامن آهيان."

"اڙي تون ضامن ٿو پئين؟"

"ها سائين. مان ضامن آهيان. آئينده چال سڌاريندا." ائين چئي ڪوڙي خان ڪن گوجي ڪنڌ ڇوڪرن ڪان پڇيو. "اڙي ضامن کي ته نه ماراڻيندو نه؟"

"ڇوڪرا جي اهڙيون مخرج سان گاريون ٻڌي هيسجي ويا هئا. تن ميسٽو منهن ڪري ڪيس ضامن پوڻ لاءِ ايلاز ڪيا.

"ڇڳو وڃو مادر... اڄ توهان کي معافي آهي، پر جي آئينده ڪا بدمعاشي ڪيوَ ته پوءِ سر جو خير نه گهرجو." شاهه صاحب گجگوڙ ڪندي چيو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هو هوا خوري لاءِ نڪتو ته روڊ تي ڪيس ٽاڻي احمد پور جي حد جو وڏيرو سرائي رازقڏنو مليو. هو ان ٿاڻي تي ايترو ته گهڻو وقت رهيو هو جو هن ڪان ان حد جي ڪا ڳجهائي ڪانه هئي، سرائي رازقڏني سان ته وري سندس گهڻي ڊيگهه هئي. جو هو سندس هر ڪيس جي مشيري ۾ هوندو ئي هوندو هو. ان ڪري سلام جو جواب ڏيئي اڳتي وڌڻ هن لاءِ ڏکي ڳالهه هئي. هن سرائي ڪان پڇيو. "ڪيئن سرائي، خوش آن نه؟"

"ها سائين، مڙيئي رب جون مهربانيون اوهان جون دعائون."

"ڪيئن آيو آهين هتي؟"

"سائين، هڪ غريب هاريءَ جي چوري ٿي وئي آهي، ان جو فرياد داخل ڪرائڻ آيو آهيان."

"اڄ ڪلهه اوهان وٽ ڪير آ ؟"

"سائين دريشاڻي انعام الله."

"اڙي هو مون وارو جمعدار !"

"مڙيئي ڀائين، رب جو جوڙ ! ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس. اوهان ته سائين خوش آهيو نه ؟"

"پيا تڳون، سرائي." شاهه صاحب پنهنجي دل سان جواب ڏنو. هنجي مرضي هئي تہ جيڪر سرائي سان زماني جي ناقدريءَ جي شڪايت ڪري.

"واهه سائين، اوهان تہ ائين ڳالهايو ڄڻ ڪو توهان کي نٿو ليکي."

"ليڪڻ جي ڳالهہ ڪانهي سرائي، ڪراڙو ٿي ويو آهيان."

شاهه صاحب ڳالهہ بدلائي ويو.

"سائين، شينهن کي ڪراڙا ٿيندا آهن. مان ڪلهہ اوهان جي پاڙي مان جو لنگهيس تہ اوهان جي گارين جي ڳتي پئي پئي. وهيءَ جون سڪون پئي لاٿون. مان تہ ڪڙين تي زور ڏنو. ڪير هئا اهي سائين؟"

شاه صاحب سرائي رازقڏني ڏانهن غور سان ڏٺو. جيڪو ان وقت بہ ائين مرعوب پئي نظر آيو، جيئن سندس نوڪري واري زماني ۾.

"ڪلهہ صبوح، سرائي؟" شاهه صاحب ڪنڌ هيٺ ڪري ائين چيو، ڄڻ هو ياد ڪندو هجي ۽ ٿوري دير کان پوءِ هن ڳاٽ مٿي ڪري چيو، "ها، اهي ٻئي هسٽري شيٽر هئا. سڄو شهر تاراج ڪري ڇڏيو اٿائون. سرائي پينشن تي آهيون تہ کهڙي ڳالهہ، لنڊو ٻهڙن تي ڪنٽرول رکڻو تہ پوي."

شاهه صاحب ائين چئي شهپر وٽڻ لڳو.

"بيشڪ سائين، بيشڪ، اوهان جو دٻدٻو قائم آهي." سرائي ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو.

پوءِ جڏهن سرائي کان موڪلائي شاهه واپس گهر ڏانهن اچڻ لڳو تڏهن سندس ڇنگهون، جي اڳ گهلبيون اينديون هيون سي ڦرت تي ويون، سندس ڪاري ڏنڊڪي پراڻي دستور موجب بغل هيٺان اچي وئي ۽ سندس ڳاٽ اوچو ٿي ويو. هن اچڻ سان پنهنجي اردليءَ کي چيو: "حوالدار ڪوڙا خان، انهن وات ڳاڙهن چورن جو دماغ ٺيڪ ناهي ٿيندو. ٺيڪ نہ سڌرندو. جيستائين [illegible] روز ڪاروائي نہ ٿيندي. انهن کي روز گهلي وٺي ايندو ڪر."

ڪوڙو خان، حوالدار جو لفظ ٻڌندي ئي پراڻي جوش ۾ اچي ويو ۽ هڪدم ڪڙو ٿي ايس پي صاحب جي اردلي کان ايلاز ڪري ورتل "ڇڳل لانگ بوٽ" جي ڪڙين کي زور سان ملائي، پراڻي دستور موجب سيلوٽ هنيو. □

زر ۽ زور

جيڪڏهن منشي ڪنياتي مل اسپيشل اوورسيئر جي جوڙيل نقشي سال 1906ع تي نظر وجهبي ته ديهه سنجر خان ۽ چانڊڪيءَ جي پرسان ڪيٽي نورپور تي نظر پوندي. ان ڪيٽيءَ جي ايراضي ايتري ته وڏي آهي جو سڄو ڏينهن پيلو وهٽ ڊوڙائجي ته به رات اڌ ۾ پوي. پين ڪيٽين وانگر ان جي آبادي به درياهه شاهه تي ٽڪيندي آهي. جيتوڻيڪ درياهه شاهه مان ڪپترا واهڙ وهي پڪي پر ڪي آباد ڪن ٿا. تنهن هوندي به ساوڻ ۾ مهراڻ ڪي موج ايندي آهي ته چوطرف اٿل ڪري اچ ٽي ويندي آهي. آهي پتي ڏينهن ته ماڻهو ڏڪ سڪ ۾ ڪاٽين، پر جڏهن پاڻي لهي وڃي ته زمينون ڦندي ڪپهه جهڙيون اڇيون ٽيون پون، جو ماڻهو پوڪجي اهو به چميو پوي. پڪيءَ پر جون زمينون سالن کان دوبارن فصلن ٽيڻ ڪري ٽڪجي پون ۽ منجهن پوک ليلهائي نڪري، پر ڪچي ۾ هڪ ڪانوڙي هر سان رائي جهڙو ڪچو فصل به مهيني کن ۾ اهڙو ٽي پوي، جو خون ڪري ڪٽي اچل، حرام جو گنهن کي پتو پوي. ڪڏهن ڪڏهن قسمت سان ڪيٽي ته پڌي ۽ ارڙ ٽي پوي ته پوءِ ماڻهو نار چاڙهين. اس ڪاڏل زمين ۾ جوئر جو فصل اهڙو پلو ٽڻي جو زميندار جون به ٽسميءَ ۾ به پليون پرجي وڃن ۽ پانهن جهڙن ٿلهن ڪانن جا ڪرا تنهن ڪان الڳ.

اها ڪيٽي ٽرنسفر وقت ايتري تي ننڊي هئي. جو سروي وارن ان کي پر واري ٻي ڪيٽيءَ سان ملائڻ جي سفارش ڪئي هئي، پر درياهه جي پائيندڙ سبب ان ڪيٽي جي دنگ ۽ دڙيون پانجي ويون ته ان جي مالڪ جو اچي وارو وريو. مڙس پڙهيل ڳڙهيل ۽ لهه لحاظ وارو هو. آفيسرن سان رسايون ڪرڻ سبب اهڙو ڦرڪو ڦري ويو. جو سندس ڪيٽي اڳ ڪان چئوڻي پنجوڻي ٽي وئي. جيئن لشڪر کان سواءِ سلطان ٽيڻ به هڪ مشڪل ڳالهه هئي، انڪري ڪس ڪسرون ڪائي ڪاراٽا راڄ وهاريائين، ايتري قدر جو هڪ لڳا ضلع انگريز حاڪم ونس شڪار تي آيوهو. ته شاهي بند ڪان پنهنجي ڳوٺ تائين پريا پنج ميل ڪڪائين سڙڪ جي ٻنهي طرفن کان ماڻهو ماڻهوءَ ۾ بيهاريو هئائين. اهي سلاميون وٺندو جڏهن صاحب سندس اوطاق تي پهتو هو، تڏهن جيپ مان لهندي ئي سون ماڻهن جي سامهون ڪيس چيو هئائين: " ويل

ڏِنِ خانصاحب: ڏاڍو خوش ٿيو آهي."

ان مهل ئي صاحب جي ان قدرشناسي جي خبر چؤراڇي ۾ پکڙجي وئي هئي، ۽ ان ڏينهن کان پوءِ، هو خانصاحب سڏجڻ لڳو هو.

گذريل رات خانصاحب ڪچهري ڪرڻ بعد گهر موٽيو هو ته سندس قدم اڙيا تڙيا پئي پيا. سندس وڏي گهر واري، عبدالمجيد ماءُ جو هن جي اهڙي حالت ڏٺي ته هن ڊڪي وڃي کيس ٽيڪ ڏني ۽ آهستي آهستي اچي کيس هنڌ تي سمهارياين. وڏي اسر جو هوءَ وري اٿي ته وڏيري پويان پساهه پئي کنيا. سندس رڙين تي گهر جا سمورا ڀاتي پڳا آيا ۽ هينئر سندس ڪٽ چوڌاري ٻنهي زالن ڪانسواءِ پٽي جوان جماڻ پٽ عبدالمجيد ۽ عبدالهادي به ويٺا هئا. جن جون اکيون پنهنجي پيءُ جي سڪرات ۾ ڦرڪندڙ چپن کي ڏسڻ بعد هڪ ٻئي سان پٽي مليون ته انهن ۾ نفرت، ڪيني ۽ ساڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو.

حويلي ۽ ان جي شاهي ڪوٽ جي پريرو تي لٿي اوطاق ۾ جيڪا سانوڻ ۾ ڪانڊيرن جي ڦوهارن ۽ هر وقت جي ڇٽڪار سبب ٿڌي بهشت ۽ سياري ۾ ڪٺن جي وچ ۾ وڏي مچ سبب گرم لڳي پئي هوندي هئي ۽ جنهن ۾ وڏيري جي بلگاري حقي مان نڪتل ٿڌو دونهون ڇانيل هوندو هو، ماٺ لڳي پئي هئي. رکي رکي ڪمدار غلام محمد جيڪو پٽ تي ڪٽ جي سيرانديءَ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو، تنهن پٽي وڏيري جي حياتيءَ جون دعائون گهريون. ڪمدار غلام محمد وڏيري جو ننڍي هوندي جو سنگتي هو ۽ ڏکن سکن ۽ جهيڙن جهٽن ۾ سائس گڏ گذاريو هئائين. وڏيري کي به سندس خدمتن جو قدر هو ۽ سندس ڪا ڳالهه ڪونه موٽائيندو هو. جي هڪ ڳالهه موٽائي به هائين ته کيس ان جو احساس هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿڌو شوڪارو ڀري چوندو هو: ڪمدار، تون سچو هئين، پر ان وقت عشق انڌو ڪري ڇڏيو هو. سوچيو هوم ته لوڙها ٽپڻ واري بدناميءَ کان به ڀول پڙهائي پاڻ تي حلال ڪري ڇڏيان."

"ها سائين لڳي پروان آ، ڪٿيءَ ڳالهه کي جوان ئي نيائيندا آهن."

ڪمدار به کيس دلداري ڏيندو هو. ڪمدار جي اکيان پيل حقو ٺري ويو، هن کي رکي رکي راتوڪي ڳالهه پٽي ياد آئي، جنهن جي ٻڌڻ کان پوءِ وڏيري جو ڦرڪو ڦري ويو هو. هن اها ڳالهه ڪيترن ڏينهن کان سانڍي رکي هئي؛

پر رات، ڳالهين ۾ ڪانٽس نڪري وئي هئي. ٻئي ڄڻا اڪيلا ويٺا هئا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

"ڪمدار، وهي وئي." وڏيري ٿڌو ساهه ڀريو هو.

"ها سائين، ڪماليت کي نيٺ زواليت آ."

"بيشڪ، يار، هاڻي ته پاڻ ڪان هوترو پنڌ به گهوڙي سواري تئي پڇي. لڳ ائين ٿا ساڻا ٿي وڃن جو سڄو ڏينهن ڪا ڪوڏر هڻئي هجيم." وڏيري ٿڪل آواز ۾ چيو هو.

"بس، سائين، هاڻي هڪ ڳالهه ڪر. واند ڪائيءَ ۾ پنهنجي جيڙي ٿي ڪانو ڪٽي ورهاست ڪري ڏيون."

"پاڻ ۾ چڱا ڀلا هلن ڇا؟"

"الٽي، سائين، پرائي دل پرديس آ."

"ڪمدار، ڪا ڳالهه آ ڇا؟" وڏيري کي وسوسو ٿي پيو هو.

"ڳالهه ته ڪا ڪانهي سائين، ائين تنهنجي آرام لاءِ چيم."

"ڪمدار، توکي سؤ ڀيرا چيو اٿم ته مون کان ڪا ڳالهه نه رکندو ڪر."

"ابا، توکان ڳالهه رکڻ حرام آ." پوءِ هن کان مهيني جي ساندي ڳالهه نڪري وئي هئي: "ڳالهه هيءَ آهي ته عبدالمجيد خان جي سريت نوران آهي نه، ان سان عبدالهادي به ٺهڪي ويو آهي."

"گهوڙا! ناحق ئي شادي ڪيم. ڪمدار هيءَ ڳالهه ته مڙسن جا ڪنڌ ڪپائيندي." وڏيري ٽپ ڏيندي چيو.

"سائين خير جي ته وائي ڪيو. الله تنهنجو سر سلامت رکي، ڪجهه ڪونه ٿيندو."

"اڙي ايجا تو چئين ڪجهه ڪونه ٿيندو." وڏيري رڙ ڪري چيو.

"سائين، آهستي ته ڳالهاءِ ڪو ٻڌي نه وٺي."

وڏيري ڳالهه جي نزاڪت کي سهي ڪري ماٺ ڪري ويو. گهڻي دير ڪان پوءِ هن آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ هوريان چيائين: "ڪمدار، جوانيءَ ۾ تون گلو ماڇيءَ جي گهر مَندو هئين نه؟"

"ها، سائين، وهيءَ ۾ مڙئي هر ڪنهن ٽپ ڏنا."

"ان ساڳي جاءِ تي منهنجي دل به هرڪي هئي. نياپو موڪلڻ تي هوس

تہ ڪنهن تنهنجي ڳالهہ ٻڌائي، پوءِ جيتوڻيڪ تون منهنجو ڪمدار هئين تہ بہ مان پاسو ڪري ويس. هي تہ سڳا ڀائر آهن."

"اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ سائين."

"بس، ڪمدار، زمانو زهير ٿي ويو." وڏيري پيرن ۾ بوٽ پائيندي چيو هو. سندس آواز روڻهارڪو هو.

وڏيري کي حويلي جي وڏي در تي ڇڏي ڪمدار پنهنجي گهر موٽيو هو تہ پاڻ کي اها ڳالهہ نہ ساندڻ ڪري ڏاڍي ملامت ڪئي هئائين. اڌ رات تائين ڪيس فڪر ۾ ننڊ نہ آئي هئي. اسر جي مهل ٻنڪي ۾ هو تہ وڏيرڪي نوڪر ٽربي جي سڏ تي سندس حياتي ڇڏائجي وئي هئي ۽ ان وقت کان اوطاق ۾ ڪٽ جي سيراندي کي ٽيڪ ڏيو، ٻئي هٿ مٿي تي رکيو پٽي وڏيري جي حياتيءَ جون دعائون گهريائين. هن سان گڏ ٻيا ڪڙمي ڪڙا بہ ويٺا هئا. اوچتو سيني جا ڪن حويليءَ ڏانهن ڪڙا ٿي ويا جتان روج ٻڌڻ ۾ پئي آيو. جيستائين ڪمدار ڪو ماڻهو پڇائي، تيستائين حويليءَ مان ٻانهي پڇندي آئي، جنهن جي ڊوڙ لڱل اگهاڙي مٿي ۽ ڇيهاڙيون ٽيل چولي سڄو داستان ٻڌائي ڇڏيو.

صبح جو ساجهر حويليءَ جي شاهي اڱڻ ۾ هشام زائفن جا ٻيٺا هئا. پدر جي وچ ۾ وڏي ڪٽ پيل هئي، جنهن تي ريشمي ۽ سوٽي اوڇڻ هيٺان وڏيرو ابدي ننڊ سمهيو پيو هو. ڳوٺ جو ملان حاجي ڪبير روپيو في قرآن جي حساب سان، خوش الحاني ۽ تکڙائي سان قرآن بخشي رهيو هو.

هي قرآن شريف ڪريم منهنجو،
خاص مڪي محمد تي،
وسيلو ٻنهي جهانن جو،
واسطي ايماني تي عذاب سوره قبر جي،
واسطي سوال جواب منڪر نڪير جي،
هن ميت کي تو بخشايان،
تون بخشيندين.

جڏهن سج مٿي چڙهيو تڏهن ميت کي ٻاهر آندو ويو. جتي بہ قرآن بخشائڻ کان پوءِ وڏي پٽ عبدالمجيد خان کان اجازت وٺڻ بعد جنازي نماز پڙهي وئي. الحد ۾ لاهڻ کان اڳ ملان آخري ڀيرو ڪفن سوري منهن ڏيکاريو تہ هر ڪنهن ڏٺو تہ شمع وانگر ٻري رهيو هو.

پوءِ جڏهن مٽيءَ جي شيءِ مٽي ۾ رلجي وئي، جڏهن ڪانڌي خالي ڪٽ ۽ خالي اوڇڻ جي ڳنڍ، ٻڌي واپس موٽي آيا، جڏهن سڄو راڄ پاڳ رضاالله ۽ پڳ ٻڌائڻ لاءِ عبدالمجيد خان اڳيان ويٺو هو، تڏهن ڪمدار جو عبدالهادي خان کي وٺڻ ويو هو سو واپس موٽي آيو ۽ راڄ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو:

"هيڙو انڌير، عبدالهادي خان ٿو چوي ته مان راڄ ڪان عذر پنهنجي اوطاق ۾ جدا وٺندس."

"هتي ٿو اچي؟" عبدالمجيد خان ڪمدار کان پڇيو، جو پاڳ جي انتظار ۾ ويٺو هو ۽ عذر ڪوٺ ورتو هٿائين.

"نه سائين."

"ڇو؟"

"چئي ٿو ته دشمن وٽ عذر ڪوٺه وڃا آهن." ڪمدار ٻڌايو.

"وڃي ڏوڙ پائي، پڙهو قل." عبدالمجيد خان کي خار اچي وئي.

"پر، سائين، اڄ ٿي اهڙي وچوٽي ڪيو ته اڳتي الائي ڇا ٿيندو،" ڪمدار سوچيندي چيو.

اها وچوٽي تڏهن هيڪاري وڌي وئي، جڏهن پورن پندرهن ڏينهن بعد هڪ شام جو حد جي ڪوٽوار، اگڻ، مختيارڪار صاحب جو نوٽيس ڏئي عبدالمجيد خان کان صحي ورتي. پڙهندي ئي ڪيس پيرن کان چوٽي تائين باهه وٺي وئي. نوٽيس ۾ لکيل هو:

مانوارو وڏيرو عبدالمجيد خان ولد خانصاحب نورمحمد خان زميندار ڪيٽي نورپور تعلقه شڪارپور.

جيئن ته مهربان عبدالهادي خان ولد مرحوم خانصاحب نورمحمد خان زميندار ڪيٽي نورپور اسان کي تاريخ ١٠-٤-٥٤ع تي درخواست ڪئي آهي ته فوتي خانصاحب نورمحمد خان جي ڇڏيل ملڪيت ۾ اڌ حصي جو وارث آهي ۽ ڪيس ٠-٨-٠ آنين جي ورهاست ٿي ملي.

ان ڪري اوهان کي هدايت ٿي ڪجي ته تاريخ ٢٠-٤-٥٤ع تي پنهنجي ڪيٽيءَ ۾ حاضر رهندا، ٻي صورت ۾ يڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو عذر ٻڌڻ ۾ نه ايندو. هي اوهانجي سڌ لاءِ لکيو ويو.

بحڪم مختيارڪار صاحب تعلقو لب درياهه.

ڪمدار غلام محمد، جو پرسان ويٺو هو، سو نوٽيس پڙهڻ وقت سندس نرڙ تي پونڊڙ گهنجن مان سهي ڪري ويو ته ڳالهه ڪا مڙيئي ٻگري هئي. موڙي سيريندي ويجهو اچي ڪانئس پڇيائين، "ڇا جو نوٽيس آ بابا؟"

"مختيارڪار نوٽيس ڏنو آهي ته ويهين تاريخ عبدالهادي جي حصي جي ورهاست ڪندو." عبدالمجيد خان آهستي چيو.

"چڱو ٿيو، ڀلي اچي."

"چڱو ٿيو؟" عبدالمجيد خان رڙ ڪري چيو.

ڪمدار جو ٻوٽ ٻئي سڪي ويو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو. ٿوري دير کان پوءِ عبدالمجيد خان ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ڪمدار کي چيو: "مان مختيارڪار کي چوندس ته هو بي نڪاهو آهي. سندس کو حق ڪونهي. ڀلي ڏٺي کو سندس فائدي ۾ بيان."

"ٿوري ملڪيت لاءِ پنهنجي مرحيات پيءُ تي ايڏو گلا جو گهانگهو ڏيندين، نينگر!" ڪمدار پهريون ڪيس نرمائيءَ سان سمجهايو، پر پوءِ ڪيس اوچتو جهجڪي اچي وئي: "ائين ڪونه ٿيندو. مان بيان ڏيندس."

پوءِ عبدالمجيد خان کي پنهنجي فوتي پيءُ جي عزت جو خيال آيو يا پنهنجي ڪمدار جي راڄن ۾ اڪثريت ياد آئي، هو ان ڳالهه تان لهي ويو، نرمائي سان ڪمدار کي چيائين: "معاف ڪجانءِ ڪمدار، ائين خار ۾ چئي ويس. تون پاڻ ٿي ٻڌاءِ ته هن وقت جڏهن بابي جي ٻئي به ڪانه سڪي آهي، ڪيس اها درخواست ڏيڻ واجب هئي؟"

"اهو برابر سندس ڏوهه آهي پر هاڻي جيئن ٿيو آهي تيئن ٿي ڪبو."

جيتوڻيڪ ويهين تاريخ مختيارڪار، عبدالهادي وٽ ٿي منزل ڪئي، جو هو انجي ئي درخواست تي آيو هو، پر جڏهن هو وٽس ويو، تڏهن مختيارڪار لانڍي کان ڏهه پندرهن قدم ٻاهر نڪري سندس آجيان ڪئي. ورهاست وقت به سندس وڏائپ جو لحاظ رکندي ڪيس پڳ ۾ وڌيڪ حصو ڏنائين. پوءِ جيتوڻيڪ هو زماني طور مختيارڪار سان کلي ڳالهائي رهيو هو، پر تنهن هوندي به سندس اندر ۾ باهه ٻري پيئي هئي. هڪ ڀيرو ته ڪيس خيال آيو ته مختيارڪار کي چنبڙ ڪيدي ۽ زمين جي ورهاست کان انڪار ڪري پر هن ڪمدار جو لحاظ رکيو جنهن مختيارڪار جي اچڻ کان اڳ، ڪيس سمجهايو هو "نينگر، حاڪم فيل مست آهي ۽ ساڻن مقابلو ڪرڻ

ڪنهن بہ حالت ۾ چڱو ڪونہ آهي."

جيڪڏهن عبدالمجيد خان نوران جي لاڏڻ جا سانباها نہ ٻڌي ها تہ اهو ڳالهہ مان ڳالهوڙو شايد نہ ٿئي ها. لاڏڻ واري ڳالهہ بہ ڪمدار ڪيس ٻڌائڻ نہ پئي گهري، پر سندس تيز مزاج جو خيال ڪندي صرف ايترو چيائين، "سائين صديق وارا لاڏيا ٿا وڃن."

"هان، ڪاڏي؟" وڏيري ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

"عبدالهادي خان پنهنجي ڪيٽي ۾ ٽئون ڳوٺ ٻڌايو آهي نہ، اتي."

"وڃي جهلين." وڏيري تيزي سان چيو.

ويچاري ڪمدار ان حڪم ڪان اڳ ئي پنهنجي وسان ڪونہ گهٽايو هو. هو ٻئي ڀيرا نوران جي گهر ويو هو ۽ ڪيس ان فيصلي جو اڳو پيڇو سوچڻ لاءِ چيو هئائين، پر هن تري تيل لائڻ ڪونہ ڏنو هو. ان هوندي بہ وڏيري جي حڪم جي ٻوٽواري خاطر هو وري نوران جي گهر ويو ۽ ويندي ئي ڪيس دڙڪو ڏنائين: "نوران، وڏيري وڏي نياپو ڏنو اٿيئي تہ تون نہ لڏ."

"چاچا، هاڻي ڪيئن؟ مڙيو. صبح جو گاڏيون اينديون."

ڪمدار کي خار اچي وئي. هن ڪيس کولي ٻڌايو: "نوران، تون عبدالمجيد کي ڇڏي وري عبدالهادي تي آٽر رکيا آهن، سا ڳالهہ تنهنجي لاڏڻ ڪانپوءِ ڪانہ لڪندي، وڏو ڪلر ٿي پوندو."

"ڪير ٿو ائين چوي؟" نوران ڀهرين پڪائي ڪئي.

"مان ٿو چوان. ڪيانءِ اچا پتا پڌرا؟"

"چڱو جي آهيان تہ آهيان، ڪنهن جي پرواهہ ڪونهيم."

حالانڪ ڪمدار وري بہ وڏيري کي سموري حقيقت ڪونہ ٻڌائي ۽ ڪيس صرف ايترو چيائين تہ، ننا مڙن، پر تنهن هوندي بہ ان ڪوڙ جو ڪو خاص فائدو ڪونہ پيو. جو انَ ئي ڏينهن سومهڻيءَ جو جڏهن وڏيرو پنهنجي سر نوران کي پرچائڻ پئي ويو، تڏهن در جي چانٺ ٽپڻ کان اڳ ڪيس عبدالهادي دوبدو ٿيو، جنهن جي ٽوڪ واري مشڪ ڪيس ڀي وڪ اندر ڪٽڻ ڪانہ ڏني. هو اتان ئي واپس موٽيو ۽ ايندي ئي ڪمدار کي چيائين: "صديق وارن کي چؤ تہ هن مهل جو هن مهل ٽپڙ ڪڻن."

عبدالمجيد خان اهو تڙ تڪڙ ۾ حڪم تہ ڏنو، پر پوءِ پورا پنج ڏينهن حويليءَ کان ٻاهر ڪونہ نڪتو. هن نوران لاءِ پئي سوچيو، جنهن جو قد

مانجهاندڙيءَ وانگر سڏو ۽ ڏکو هو، جنهن جو رنگ جوئر جي اٽي وانگر پورو ۽ ڳاڙهو هو، جنهن جون اکيون ڪجل بنا بہ ڪاريون هيون. جنهن جا چپ لاليءَ بنا بہ ڳاڙها هئا. جنهن جون ڇاتيون چوليءَ جي ٽيڪ ڪانسواءِ بہ ڪنهن جبل ٽڪر جون بہ جاڙيون چوٽيون هيون، ۽ جنهن جو آواز اهڙو مٺو ۽ سريلو هو جڻ وڏي اسر مهل ڪنهن نار ۾ پڌل ڏاند جون ٽليون پيون وڄن.

منڍ منڍ ۾ هن ڪيس لاہارو ڪندي ڏٺو هو تہ سندس قد اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪيو بيٺا هئا. هن محسوس ڪيو تہ ڪڻڪ جو تيليون جن ڪي مٿ ۾ جهلي، هن ڏاٽو پٽي وهايو سي ڪسڻ لاءِ پاڻ نوڙي سندس هٿن ۾ پٽي آيون. پڻي تي بيٺي ڪيس ڳپل مهل تي وٺي هئي ۽ اوسي پاسي لاہارو ڪندڙ ڪيس عجب ۽ حيرت سان نهارڻ لڳا هئا تہ هو لاچار اڳتي وڌيو هو ۽ پويان ايندڙ عرضي ڪارائي ڪي چيو هئائين: "اهو ماٺهو ڪيئن ٿو پائين عرضي ؟"

"واهہ سائين، اهڙين جو بجو بہ پلو."

پوءِ جي خبر ڪراڙي لالان کي هئي، جنهن روا لاهي، منٿون ميڙون ڪري نوران جهڙي پٽر ڪي پاٿي ڪيو، نہ تہ پهرين دفعي تہ هن ترپون ٽي ٽي هيون ۽ چيو هو، "ماسي لالان، آهي بہ قادو، تہ ناهي بہ قادو. وڏيري کي چؤ تہ مون کان پاسو ڪري لنگهي."

"نياڳي، گدڙ جي لت ڪان هاٿيءَ جي لت چڱي اٿئي. گهر ڀري ڇڏيندئي،" ڪراڙي لالان جا اهڙن ڳالهين ۾ ٻڙ هئي، تنهن ڪيس سمجهائيندي چيو هو.

پوءِ جڏهن وڏيرو پهرين انجام سان هڪ اونداهي رات جو وٽس ويو هو تہ هوءَ اڳ ۾ ٽي سندس اوسيڙي ۾ اپي بيٺي هئي ۽ ڪيس ايندي ڏسي چيو هئائين، "ايترپون ديرپون ڪيپون آهن وڏيرا."

هينئر اهائي نوران ڪائنس ڪسجي ويئي هئي ۽ سائنس اهڙي جٽ تي هئي، تنهن جي پلو لاءِ هر ڳوٺ ڳالهہ پوري هئي.

اها هڪ اونداهي رات هئي، جڏهن سرخيءَ جهڙي اصل گهوڙي، عبدالهادي جهڙي شهسوار جو لاشو کڻي اچي ڳوٺ نڪتي، ماٿهن کي ڏندين آگريون اچي ويون جو عبدالهادي جهڙي سوار، جو جڙ گهوڙين کي هڪ ٽي هني ۾ ڪاهي سڌو ڪندو هو ۽ جو رڪيب مٿان رپيو رکي، اهڙو پختو ٽي ويهندو هو جو مجال ڪٺي رڀيو ڪري، تنهنجو رڪيب ۾ ڦاسي ڪرڻ ۽

مٽڪو پيدائش اعتبار جوڳي ڳالهہ ڪانہ پئي لڳي. انهن شڪ ڪندڙن مان ٻن ٽين جو تہ شڪ ان وقت ئي لهي ويو، جڏهن عبدالمجيد خان پاڻ جي لاشي جو ٻڌي پيرين مٿي اگهاڙو اچي پاڻ جي مٽان ڪريو ۽ پار ڪدي روئڻ لڳو. باقي ٽين پٽي جنهن جو مڪيہ، عبدالهادي جو ڪمدار هو، سو شڪ گمان لاهڻ لاءِ صبح جو ساجهر گهوڙيءَ جا ابتا پيرا ڪٽائي وارادات ڏسڻ ويو هو. پر ڪانٽس اڳ ڪنهن شنباتي پروچ جي رڌن ٻڪرين جي ڌڻ لنگهڻ سبب پيرائي ڊهي ويا هئا.

البت عبدالهادي جي فوتي ٿيڻ کان ٻہ ڏينهن پوءِ جڏهن هرڪو اچا پٽر تي وينو هو ۽ رواج موجب مٿي ڌوءِ ٻہ ڪانہ ٿي هٿي، تڏهن عبدالمجيد خان جي هڪ حڪم سندس پنهنجي ڪمدار جي دل ۾ انيڪ شڪ ۽ گمان وجهي ڇڏيا. هن حڪم موجب، ڪيٽي نورپور جو ڇاپي نقشو ڪٽي سندس اڳيان ميز تي کولي رکيو تہ سراسر اڌ کي ڳاڙهو رنگ آيل ڏسي وڏيري ڪمدار کان پڇيو: "هي پاسو ڇو ڳاڙهو آ ؟"

"مختيارڪار جي ورهاست موجب هي پاسو اسان کي مليل آهي ۽ انکي رنگ ڏنل آهي، بقايا اڇو پاسو عبدالهادي خان جو آهي." ڪمدار آگر سان ڪيس نقشي جون ليڪون سمجهائيندي چيو.

"عبدالهادي جو نئون ڳوٺ ٻڌايو ۽ جتي صديق وارا وڃي ويٺا آهن، اها جاءِ ڪٿي آ ؟" وڏيري نقشي کي غور سان ڏسندي چيو.

"هيءَ چوڪڙي نئين ڳوٺ جي آهي، سنهن اکرن ۾ لانڍيون بہ لکيل اٿوَ." ڪمدار نقشي ۾ هڪ جاءِ تي آگر رکي. ان جاءِ تي ڪو رنگ ڏنل ڪونہ هو. "پر هيٺنر تہ سموري ڪيٽي پنهنجي ٿي نہ. پوءِ ڇو نہ سڄي نقشي کي رنگ ڏئي ڳاڙهو ڪجي." ائين چوندي وڏيري سٽ ڏئي ڪوٽ مان ڳاڙهي پينسل ڪڍي ۽ پهريون ڳوٺ واري چوڪنڊي ٽڪر کي ڳاڙهو ڪرڻ لڳو. ڪمدار حيرت مان ڪنڌ مٿي ڪٽي وڏيري ڏانهن ڏٺو، جنهنجو منهن بہ خوشي ۾، پينسل جي ڳاڙهي رنگ وانگر، ڳاڙهو ٿي ويو هو. □

ڪَــڻُ

جيتوڻيڪ اڄ سنڌس گهوڙي کي نوان زريءَ جا سنج پيل هئا ۽ سنڌس پشوري گاڏي تازو نڪل ٿيڻ سبب چلڪي پئي، پر تنهن هوندي به جڏهن هو پنهنجي پنج ڪلياڻ بور کي دڙڪي ڪاهيندو، اسٽان تي پهتو ته ڪنهن به اکر ڪونه ڪڇيو. هڪوار سيني پنهنجو ڪنڌ مٿي ضرور ڪنيو، پر ان دم ئي سيني پنهنجي ڪنڌن کي اٿين ڏاري ڇڏيو، ڄڻ ڪين ڏيڻي ڪانه هئي. حالانڪ هڪ هفتو کن اڳ هو ڇڙي هائيلي دمبچي وٺي آيو هو ته سڀ ڪيس ورائي ويا هئا.

"رئيس هي دمبچي ڪٿان ٺهرايئي؟" امبلخ گهوڙي واري ڪانئس پڇيو هو.

"آهي سودو رئيس گهڻو اُتر ڏيانءِ؟" خميسي، جنهن جو ڌنڌو ئي سودا ڪرڻ هو، پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪيس چيو هو.

"ڪلاڻي خميسا، هڙن بادشاهن وهٽن کي شيون پارائي کي ڪسبيون آهن!" جيسين هو جواب ڏي، تيسين رسولي بور کي ٺپڪي هئي، خميسي کي جواب ڏنو هو.

گاڏي ٻڌڻ کان اڳ، هن پنهنجي واڙي ۾ گهوڙي کي ڪرڪرو پٽي هنيو ته نورو مڏيءَ وارو وٽس لنگهي آيو هو. ۽ ڪيس ان ٻڌيءَ جي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي هئائين، پر هڪ ٺهڪ ڏيندي نوري کي چيو هو. "نورا، جڏهن هي بور اسٽان تي پهچندو ته اهي ٽونل پاٺي ڊهي پوندا."

"خير ڏسجي، پر گهڻو ڪري ته ڪونه ڳالهائيندءِ. اها سچي ڳالهه شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي ٽيل آهي."

"هن خارزيءَ واري ڊر تي برابر ڪونه ڳالهائيندي، پر ٻين جي گهرن ۾ ته ادا مان به ڪونه گهڙيون آهيان." هن کي ڪاوڙ اچي وئي هئي.

گاڏي ٻيهاري رينون ٽيڪ ۾ ٻڌي هن چوطرف نهاريو. سيئي موجود هئا. سواءِ زوار ۽ هن خارزيءَ ديناءِ جي. هن محسوس ڪيو ته سڀ ڪانئس نٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سنڌس اچڻ کان پوءِ هرڪو ڪنهن نه ڪنهن ڪار کي لڳي ويو هو. پيا ته ٺهيو پر خيرو ۽ رسولو، جن يا عمر ۾ پنهنجي منهن تي به پاٺيءَ جو چنڊو نه هنيو هو، تن به پنهنجن گهوڙن جا منهن پٽي ڏوتا. هو به چپ ڀڪوڙي گاڏيءَ تان لهي انگوچي سان پڪن ۽

پيرن ڪي اگهڻ لڳو. اگهندي اگهندي اوچتو هن رڙ ڪئي "آهي سودو خميسا جوڻ ٿي جوڻ تي، ڳالهاءِ وچي شاهه سان."

خميسي چرڪ ڀري ڏانهس نهاريو، پر ڪجهائين اکر ڪونه. ان شاهه به ڪيس ڪو جواب ڪونه ڏنو. جنهن ڪي سودي وقت امين مقرر ڪيو ويندو هو، ۽ جو ٻنهي ڌرين سان انگوڇي هيٺان آڱرين ۾ ڳالهائي، ڳار وجهي تاڙو هڻندو هو. هو به پنهنجي منڊم چاپ ڪي اگهڻ ۾ مصروف هيو. خميسي ۽ شاهه جي وڏائي ڏسي هن ڪي باهه وٺي وئي. هن ڪي پڪ هئي ته خميسو ته خميسو، پر سڀ پڳا ايندا. هو جڏهن به پوڳن ٿي پوڳن ۾ بور ڪي وڪڻ جو خيال ڪندو هو. تڏهن سڀ وٽس پڳا ايندا هئا ۽ ڪيس چوندو هئا! "رئيس، بور ڪي وڪڻ جا خيال دل ۾ به ڪندين ته الله ڪونه بخشيندءِ. ههڙا وهڻ دشمن تي داغ آهن."

هن خار ۾ ڀيڙي دڪائي سوٽو ٿي مس هنيو ته زوار به ڀر واري ٻئنڪ تي اچي سواري لاٿي. پاسينگر ڪان ڀاڙو وٺي هن گاڏي اچي سندس ڀرسان بيهاري.

"لڳئي ڪا چگڙي سواري زوار؟" هن زوار ڪان مرڪندي پڇيو. ٻين جي ڀيٽ ۾ زوار سان سندس گهاٽي سنگت هئي. هو ان ڏنڌي ۾ جهرس ٿي جهونو هو. پر زوار به پنهنجي وڏن شهرن ڪي انگوٺي ۽ هٿ جي بڪيءَ سان متي ڪندي سندس سوال جو جواب ڏيڻ ضروري نه سمجهيو، هونئن اهو ساڳيو زوار، پڇڻ ڪانسواءِ ٿي سڄي ڏينهن جي ڪتا ڪيس ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو. "يار رئيس، پاسينگرن وٽ به چلڪئي شيءِ جو اگهه گهٽو اٿئي، سڄو ڏينهن رڙيون ڪندي نڙي ٿي سڪي وڃي ته مس ٿي ڪا سواري لڳي، وري ڀاڙو ڏيندءِ به ڪِرِ ڪِرِ سان."

"نه ڪيو رزق جي خدمت ته اهڙا حال ڇو نه ٿيندو! سڄو ڏينهن بوراڪن ڪي وهائي وهائي وڃي مڪان ۾ جمنين تي ويهو. پوءِ وهٽن جو ڪير سماءَ ڪري؟" هو پهريون سندس لاک لاهي پوءِ وري ڪيس سمجهائيون ڏيندو، "اڙي ڪجهه گهوڙي جي خدمت ڪر. پنهنجي هٿن سان گاهه پاڻي ڏينديس ته مهيني ڪن ۾ مک پٽي ترڪندس."

"ها يار. چئين ته سچ ٿو، پر اڄ روپيو به ڪن ته ڏياريجانءِ. مولا عليءَ جو قسم، رڳو به لڪريون پيون آهن گيدي ۾" زوار ميسٺو منهن

ڪري ڪيسي مان ٻه چانديءَ جا روپيا ڪڍي ڪيس ڏيکاريندو هو. پر اڄ اهو ٺي زوار، پنهنجي پراڻي ٽانگي تي مپ هنيو ائين سيٽيو ويٺو هو، ڄڻ هن ديگ دنيا جي لڏي هئي. رئيس "آخ" ڪري، سيني ڏانهن نفرت سان نهاريندي، زور سان "ٿو" ڪري ڪانگهارو ڪڍيو. سندس منهن تي مرڪ اچي وئي، ڄڻ اهو ڪانگهارو سيني جي منهن ۾ لڳو هجي. ۽ پوءِ هودي ۾ لڳل گهنٽي کي پيرن سان وڄائڻ لڳو.

ٽن ٽن، ٽٽن ٽٽن، گهنٽي جي آواز ۾، هو اهو زمانو ياد ڪرڻ لڳو، جن ڏينهن ۾ هن بگي گهوڙو وهائڻ شروع ڪيو هو. انهن ڏينهن شهر ۾ ڪل ٻه چار بگيون هيون. غريب غربو ته بگي تي پير به ڪونه رکندو هو. پوءِ جيئن شهر وڌندو ويو تيئن بگيون به وڌنديون ويون. جيڪو به گهر کان پٽي رٺو تنهن پٽي گاڏي گهوڙو ورتو. ان زماني ۾ ڪيترا وات ڳاڙها ڇوڪرا جنهن کي رهڻ جهلڻ جي به پيٽ ڪانه هئي، بگيون وهائڻ لڳا. جاتي گڏ ٽين تاتي ڪل ٺولين ۽ ڪچا پوڳ. هن کي اهي ڳالهيون ناپسند هيون، ان ڪري هو سدائين کين سمجهائيندو هو. پر هڪ ڏينهن اهو سمجهائڻ سندس پنهنجي ڳچي ۾ پئجي ويو. ان ڏينهن هو گاڏي اسٽان تي ڇڏي پر واري هوٽل ۾ چانهه جو ڪوپ پيئڻ ويو هو، جڏهن واپس موٽي آيو ته ڏسي سندس سيٽ تي ڪو ساوا ساوا متيرا رکي، سائس جٽ ڪري ويو هو. هو يڪدم گاڏيءَ تان لهي، رکڻ وارن جي پيڻ ماءُ کي گاريون ڏيڻ لڳو، پر اهي سڀ رهندو ڏند ڪڍي کلڻ لڳا. جيئن ته منڍ کان وٺي هنجا گهوڙا گاڏيون ۽ پيا ٽپڙ ٽاڙي چڱيءَ سينهريءَ سان هوندا هئا، ان ڪري هنجو سيني تي ڪنٽرول هوندو هو، ۽ ڪنهن کي اهڙي پوڳ ڪرڻ جي حسرت ڪانه ٿيندي هئي. اهڙي جٽ تي مات ڪري ويهڻ، ڄڻ ٻين کي به هاسڪار رستو ڏيکارڻو هو، ان ڪري ان آگوڻي جيترن ڇوڪرن جو هٿ مارڻ لاءِ، هن نيٺي لکڻ ڪٺي ان پارٽيءَ جي مکيه دينوءَ کي چيو هو، "دينو اهي ڇرچا پوڳ انهن سان ڪر جيڪو تنهنجا سهي. مون کي خار آئي ته رت ڪڍي ڇڏيندوسانءِ."

"کهڙا ڇرچا چاچا ؟" دينو مرڪڻ لڳو.

"ائون، هو پنهنجا بابا جو رکيءَ منهنجي سيٽ تي." هن کان خار ۾ گف وهڻ لڳي.

"اهي ميتيرا آهن، چاچا. تون متيري تي چڙندو آن ڇا ؟" دينوءَ کي

رهندي مزو پئي آيو.

"بس ڪر لنڊا. وري اها ٽڻ ٽڻ. آئينده اهو پوڳ ٿيو ته سر جو خير گهرجانءِ." هو پنهنجي گاڏي ڏانهن موٽندي شاهه کي چوڻ لڳو! "شاهه، هڻ کي سمجهاءِ، متان پوءِ پڇتائين."

"مان ڇا ڪين سمجهايان. تون به جيترو چڙندين اوترو چيڙائيندءِ." شاهه به مرڪڻ لڳو.

"نه نه مون سان ڪو ڪيچل نه ڪري، منهنجي رت ڦرندي دير ڪانه ٿيندي." هن خار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو.

پر پوءِ ته رهندو سندن ڀيگهي مچي وئي. نه مهل نه موقعو، جاتي ملن تاتي چيڙ. اسٽيشن ڪان ايندي يا ويندي، جڏهن بگين جون قطارون پاسينگرن سان ڀريون هڪ ٻئي جي ڪڍ اينديون هيون، تڏهن لنگهندي هر ڪو ڪيس چيڙائيندو هو. اها ڳالهه برابر هئي ته هوبه سندن ڀيڻ ماءُ ڪونه ڇڏيندو هو، پر تنهن هوندي به دل ۾، اها ڳالهه ڪيس خراب لڳندي هئي جو ان جو اثر خراب پوڻ لڳو هو. هن محسوس ڪيو هو ته ڪيترا معتبر پاسينگر جي اڳ سندس بگيءَ تي ٿي چڙهندا هئا، هينئر ڪانئس پاسو ڪرڻ لڳا هئا. ڪيترا رونشي ڪوڏيا پاسينگر وري ۾ڏ سڌ تي بگيءَ وارن وانگر ڪيس چيڙائڻ به لڳا هئا. ان ڏهاڙي هڪ ڏسڻي وائسٽي معتبر کي ڪنيو شهر پئي آيو. رستي کي ڪشادو ۽ خالي ڏسي هن به بور کي ڍر ڏني هئي ۽ اڪين مان جنسي پاڻي پئي وهيو ته اوچتو اهو پاسينگر ڪانئس پڇي ويٺو، "رئيس تون متيري تي چو چڙندو آهين !" رئيس کي ڄڻ چوچڙي اچي وئي، هن خار ۾ ڏانهس اٿين گهوريو ڄڻ ڪيس ڪچو ڪائي ڇڏيندو. سندس دل گهريو ته جيڪر هنکي به اهي ٽسريون، زيرن زبرن سان ٻڌائي، پر ڪو خيال ڪري هن پشي ڏيئي ڪيس جواب ڏنو" ارمان آ صاحب، تون به لوئين وارا سوال ٿو پڇين."

هن ٻئي ڀيرا ڏينو ۽ سندس سنگت کي تڏي سيني سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر حرام جو هو مڙيا. جيئن پوءِ تيئن ٻيا ڪين پاسو وٺائڻ لڳا هئا. پوءِ تنهن ڏينهن سندس وس ڪان ڳالهه نڪري وئي ۽ هو ڏو فوجداري ۾ هليو ويو. ان ڏينهن صبوح ڪان سندس مٿو ڦريل هو. هو روز صبوح جو گهوڙي کي ڪرڪرو هئي تيار ڪرڻ بعد، نيرن پاڻي ڪري پوءِ گاڏي ٻڌندو هو. ان ڏينهن گهوڙي کي جوٽڻ لاءِ تيار ڪري گهر آيو ته جوٽس اچا ان وقت اٿو پئي ڳوهيو. خار ۾ ويچاري کي ٻئي چنبا هئي ننگهڻ

تي گاڏي ٻڌي ٻاهر نڪتو. ته ڪيس سواري ملي وئي. پريا به ڪلاڪ پاسينگر کي هيڏي هوڏي گهمائڻ بعد جو ڪيس روپيو مليو ته متي ڪان پيرن تائين سڙي ويو. ٻاهر ۾ پئسا روڊ تي اڇلي هو اسٽان تي آيو ۽ اڃا پکهر به نه سکايو هئاين. ته هن پارٽيءَ پنهنجا پوڳ وري شروع ڪري ڏنا هئا.

"يار دينو. منهنجو ته بک ۾ ساهه ٿو نڪري هل ته ٻئي گرهه ڪائي اچون." مرڪندي دينو کي چيو.

"تون ير پلي ڪائي آءُ. مان ته جهٽ ڪن ٿي متيرن جي پاچي سان ڏؤ ڪري آيو آهيان." دينوءَ رئيس ڏانهن نهاريندي ڪلندي جواب ڏنو.

سڄي سنگت ۾ ڪوڪرو مچي ويو. رئيس کي باهه وٺي وئي ۽ هن رڙ ڪري چيو. "ڪتا بک بند ڪر."

"چاچا مان توسان ڪو ڳالهايان ٿو." دينو ائين ڪلندي جواب ڏنو.

"تنهنجي اڇوڪي سڄ ۾ لاک نه لاهرايم ته مان ٻروچ مون ناهيان. پر تنهنجو تخم آهيان." ائين چئي رئيس گهوڙي کي چابڪ هڻي. گاڏي کي اسٽان مان ڪڍي فوجداري ڏانهن هليو ويو. هن در وٽ پهچندي ئي متي تان انگوڇو لاهي فوجدار جي پيرن ۾ اڇليو هو.

"فوجدار. تون به ٻروچ آهين ۽ مان به ٻروچ آهيان. من ٻروچڪيءَ تي نظر ڪري منهنجو داد ڪرين. دينو کهڙي رن جو پٽ آهي جو هڪ ٻروچ کي "نناون" جو نالو ڪڻي چيڙائي." هن روئنهارڪو ٿي چيو هو ۽ فوجدار هڪدم دينو کي گهرائي ڪيس گڏهه وانگر ڪٽي. بيگر ۾ سندس ٻڪي ماري. جاچ ۾ هليو ويو هو. پوءِ جڏهن شام جو دير سان دينو موٽي آيو هو. ۽ سيني کي پاڻسان ٿيل واردات جو ٻڌايو هئائين. تڏهن سيني شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي اها ٻڌي ڪئي هئي. پيا ته ٿهيو پر زوار به وٺڻ جو نه هو. چي:

"رئيس دينوءَ کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏيندو هو ته به اسان ڪجهه ڪونه ڪڇيو. هينئر رئيس ايڏي "مکر" وارو ٿي ويو. جو پنهنجي ڪرت واري کي فوجداري ۾ مارائي ۽ بيگر وهرائي؟"

"رئيس لقمان هلندي." هڪ پاسينگر وڃهو اچي سندس خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

"ها بابل چو نه هلبو." رئيس سيني ڏانهن نفرت سان نهاريندي ٻگي اسٽان مان ٻاهر ڪڍي ۽ پاسينگر کي وهاري زين کي ساهه ڏني ته گهوڙو ڪنن وٽان ڌوڙ وراڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن به ٽانگو وهائيندي صبح کان شام تائين ڪيس ڪو نه ڪو

بگي وارو مليو. پر نہ ڪنهن هن سان ڳالهايو ۽ نہ ڪنهن کو ڳڻتو لفظ ڪڍيو. پيا تہ نهيو خود دينو سڄي ڏينهن ۾ ڪيترا ڦيرا دوبدو ٿيو هو. پر ڪيس ڏسندي ئي پري کان بگي روڪ تان لاهي پٽي ڇڏيائين. هن کان اڳ هو عام طور ان جاءِ تان ٻيهڻ کان لهرائيندو هو جتي دينو يا سندس سنگت بيٺل هوندي هئي، پر پٽي ڏينهن هو هاسڪار ٻئي ڦيرا سندن وچ ۾ بيٺو هو. هن موقعو پٽي تاڙيو تہ ڀلي ڀيو ڪو ساٿس پوڳ ڪري تہ هو فوجدار کي دانهن ڏئي انکي بہ رنڊ ڏياري، پر ڪيس اهڙو وجهہ ڪونہ مليو. سيني جا وات سڪي ويا هئا. شام جو گهوڙي کولڻ وقت نورو وٽس آيو تہ هن وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي نوري کي چيو:

"نورا سگهڙن سچ چيو اٿي تہ سنڌ ڪلي سان پڌل آهي. ڏس ڪيئن نہ ٻن موچڙن ۾ گز ڪري ڇڏيا اٿم."

"اها ڳالهہ تہ برابر آ، پر رئيس توکي بہ سڄو ڏينهن ڪنهن سان ڳالهائڻ ڪانسواءِ مزو اچي ٿو؟"

"مزو؟ چو نہ ٿو اچي مزو." هن ڪڙائي تہ گهٽي ڏيکاري، پر ان کان وڏيڪ هو الاجي چو ڪجهہ نہ چئي سگهيو.

البت ٽيئن ڏينهن جي شام جو جڏهن "ايڪسپريس" جون سواريون لاهي سڀ استان تي بيٺا هئا ۽ اٿين چپ چاپ لڳي پئي هئي، تڏهن رئيس جي ڪن تي صاحبزادي ٽرئفڪ جي سپاهي، جو آواز پيو. هو دينو کي چئي رهيو هو، "هل دينو، توکي فوجدار صاحب گهرايو آهي."

رئيس ٽيڏي اک سان دينو ڏانهن نهاريو جو ميسٺو منهن ڪري بگي استان مان ڪڍي رهيو هو، چپ چاپ هئا. هر ڪنهن کي خبر هئي تہ هن وقت دينوءَ کي بيگر ڪانسواءِ ڀيو ڇا جو سڏ هو.

اوچتو رئيس پنهنجي ڏور کي زور سان سٽڪو ڏنو ۽ رڙ ڪري چيو: "صاحب زادا، وڃي پنهنجي بابي فوجدار کي چؤ تہ دين محمد ڪونہ ايندو، ڪيس اهو بہ سمجهائي ڇڏ تہ اسان بگيءَ وارا پاڻ ۾ وڙهون، يا پرچون تنهن ۾ هنجي ربيع يا خريف."

صاحب زادو، ٽرئفڪ جو سپاهي، عجب ۽ خار مان ڏانهس گهوريندي پوڻتي وريو ۽ رئيس سيني ڏانهن پيار سان نهاريندي، هودي ۾ لڳل گهنٽي وڄائڻ لڳو.

ڪني آڳر

وڏيري نورمحمد خان جي ڌيءَ رات اوچتو بيمار ٿي پيئي هئي، سو ڳوٺ جون زائفون پڇڻ آيون هيس. نينگري سوڙ ۾ ويڙهي سيڙهي سمهي پئي هئي. ڪي زائفون مٿن ڪان ڪي پيرانديءَ کان ويٺيون هيس. ۽ ڪن ڪيس زور پئي ڏنا. تہ ايتري ۾ پڦي نوران لمڪا ڏيندي اچي نڪتي. چيلهہ تي هٿ رکي، زائفن ڏي منهن ڪري چيائين، "ٻيو ٻڌو!"

"ڇا؟" ٻن ٽن زائفن جي وات مان نڪتو.

"زينب کي پوليس ٻڌي ويئي!"

"هان!" زائفن جا وات ڦاٽي ويا. پيلا پيلا ڏند ڏيکاريون ڏيڻ لڳا.

وڏيري جي ڌيءَ جا اڳي ئي پيلي ٿي پئي هئي، تنهن جو ويتر رت ڇڏي ويو. ويچاريءَ سوڙ کي ڇڪي ڪٽي مٿان وڌو. ان ڪان اڳ تہ ڪا زائفان، پڦيءَ نوران ڪان ان جو سبب پڇي، نانيءَ حاجل ناس جي دٻلي وڙ مان ڪڍي ان کي آڱر سان ٺهڪائيندي پڇيو، "ڇو؟" ان "ڇو" تي سيني پنهنجون اکيون کڻي پڦي نوران ۾ کپايون. وڏيري جي ڌيءَ بہ سوڙ ۾ چرَ پرَ ڪئي؛ هن کي بہ شايد سبب ٻڌڻ لاءِ آنڌ مانڌ هئي.

"حرامي ٻار ڄائو هوس، ڪوڏر سان کڏ کٽي پوريائين پئي، تہ ڪنهن مڙسالي ڏسي ورتس ۽ وڃي ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪيائين."

ائين چپ ٿي ويئي، ڄڻ ڪو راڪاس ڪُهمي ويو. وڏيري جي ڌيءَ بہ چرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو. صفا پنڊپهڻ ٿي ويئي. وري بہ شاباس نانيءَ حاجل کي، جنهن ناس جي چپٽي ڪن نڪ کي ڏيئي، پنهنجي هوش کي جاءِ ڪيو. ڪٽ تي سري جاءِ ڪيائين، "آءُ نوران، هٽ ويهہ. سڄي ڳالهہ پيرائتي ڪري ٻڌاءِ."

"نہ ماسي، ويهڻ جي واند ڪانهي، ڳاهہ تي ٿي وڃان." پڦيءَ نوران وڏائي ڪئي.

"گهڙي تہ ويهہ، ڇوري!" ملياڻيءَ پنهنجي عينڪ جا ڌاڳا ٺاهيا. پڦيءَ نوران بہ هاٺي ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ٻڌائڻ کان سواءِ وڃڻ واجب نہ سمجهيو، سو ويهي رهي.

"ڇا ٻڌايان، ماسي" پڦيءَ نوران ڳالهہ کي لانئڻ سان شروع ڪيو: "جماندار اهڙي مار ڏنيس، جو منهنجي توبهہ... ڇنڊائي ڇنڊائي پٽيائينس!"

" چو نہ مارينديس جماندار، اهڙوڪم تہ ڪسبياڻين کان بہ نہ پڇي!"صفوران اندر جو ساڙ ڪڍيو.

" پر مائي اها بہ بدنامي، اوڙي پاڙي وارا ٻڌي ڇا چوندا!" ناني حاجل چيو.

" يلا اڳي گهٽ بدنامي هئي ڇا؟ ڪاتي رهي نصرپور، ڪاتي رهي خميسي جي واندي. ڪنهن کان ڳجها آهن هن جا پرڪار."ملياڻيءَ ڳالهہ کي ٽيڪ ڏني.

ملياڻي جي ڳالهہ سورهن آنا سچ هئي. تہ بہ گهڻو ڪري سيني کي سندس افعالن جي ڄاڻ هئي. يلا ڳوٺ جو کهڙو ڳيرو جوان هن کا ٻچيل هو. هن جنهن سان بہ هڪ حرف ڳالهايو، يا ڇڙي اک ملائي، تہ چندر جي رڪارڊ مصداق ان جي منتن ۾ صفائي ٿي ويندي هئي، ۽ پوءِ اهو همراهہ پنهنجن مائٽن کان ميلي جي بهاني ڳچ ڏوڪڙ وٺي، يا پيءُ کان چوريءَ پنهنجي اَنَ جي ٻارِ مان ڪجهہ حصو ڪلومل جي حوالي ڪري، پر جي ائين بہ نہ پڄو تہ پر واري ڳوٺ مان ڪنهن جي وڇير ڏڳي ٻڌي مهاديءَ واري کي اڌ قيمت ۾ ڏيئي، شهر ۾ هن لاءِ شبن ململ جا گهگهرا ۽ ملائي جون سٿون سبرائيندو نظر ايندو هو. اهي سوڪڙيون عطر ۾ ٻڏل سائي ڳاڙهي ريشمي رومال ۾ ٻڌي، زينب ڏي موڪليون هيون ۽ ان جي جواب ۾:"چنڊ لٿي" يا ڪڪڙن جي ڦهڙين دس وقت ملڻ جو انجام ايندو هو. جيستائين ان همراهہ جي پيءُ کي پنهنجي ٻار ۾ ڪوٽ نظر نہ ايندي هئي، يا ان ڏڳي وڇير جو مالڪ ڏور سڌو ڪري ٻاڪو وٺي، همراهہ جي گهر جو در نہ اچي جهليندو هو. زينب جي مٺي پيءُ- ماءُ کي شد مد سان گاريون ڏيئي، اها ڇٽي پربي هئي، ان همراهہ جي، جي شادي ٿيل هوندي هئي، تہ جوٺس جا مهٽا ئي ڪيس هميشہ لاءِ توبهہ ڪرائي ڇڏيندا هئا. نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ پير مٺل شاهہ سائين کي ميڙ ڪري ان همراهہ لاءِ برادر مان سنگ وٺبو هو. ٻن ٽن هفتن اندر ان گهر مان شادي جا لاڏا ٻڌجڻ ۾ ايندا هئا. همراهہ نئينءَ نندڙيءَ ڪنوار کي هٿ ڪري خوش ٿي ويندو هو، ۽ زينب ان کان آسرو پلي، ڪنهن ٻئي ڳيرو جوان کي پاڻ ڏي ساهيندي هئي. ائين تعداد وڌندو رهيو. وڏيري جي وڏي ڪمدار ايوب تہ هڪ ڏينهن"نور مٺي" جو قسم کڻي چيو هو تہ ڳوٺ ۾ ٻن ٽن گهرن کان سواءِ ڪو اهڙو گهر ٻچيل ڪو نہ هو جو زينب جي مرڻ بعد

سندس جنازي کي ڪلهو ڏيئي سگهي. اها ڳالهه ٻڌي زينب کي جيڪو شرم آيو، اهو ته خير، رهندو پنهنجي ساهيڙيءَ ڪريمت کي، جا تورين گهڻين ٻارين ٻاڻ جهڙي هيس، ڏند ڀيڙي چيو هئائين: "اميد آ الله ۾ ته اهي ٻه ٽي گهر ٻه نه ڇڏينديس !" سندس بدچاليءَ ڪري ڳوٺ جي ڪنوارين ۽ جوان زالن کي سندس گهر وڃڻ ته وري رهيو، پر ساڻس ڳالهائڻ جي به منع ڪيل هئي. جي اتفاق سان ڪاهه ڪندي يا پلي پئيندي ڪنهن ڇوڪريءَ جو روح سٽ ڏيندو هو. ساڻس ٻه حرف ڳالهائيندي هئي. ۽ خدا به ڪري خير، جي اها خبر ان ڇوڪريءَ جي ڪنهن وڏي ياتي کي پوندي هئي، ته گهڙي ڪن ان گهر ۾ ٻرڙاٽ ٻڌبو هو، ۽ ڇوڪري گيسيون ڪري توبهه ڪندي هئي. ويچارا ماڻٽ به ايترو خيال ڇو نه ڪن؟ ڪريمت جو مثال سندن اڳيان هو. زينب سان ساهيڙپ رکڻ ڪان اڳ هو ڏاڍي شريف ڇوڪري هئي، مجال جو ڪنهن مرد ماڻهوءَ سان اک کڻي ڳالهائي. پر جڏهن ڪان زينب جي صحبت ۾ آئي ته ڪري خراب ٿي پيئي. اهڙي ڳالهه ڪان پوءِ، ڳوٺ جي پرين مڙسن کي ناڻگ ته ڪو نه ڪاڏو هو جو پنهنجين جوان جماڻ زالن کي زينب ڏانهن وڃڻ ڏين!

زينب عمر جي اڌ، رنگ جي سانوري هئي. سندس چپ مساگ هڻڻ ڪري هميشه ڳاڙها نظر ايندا هئا. پنجن ٻارن جي ماءُ هئي. چار ته پنهنجن نالن سڏبا هئا، پر پنجون "مندو مندو" ڪري سڏبو هو. ان ويچاري کي به الله مندو ڪيو، پر زينب ڪيو. ڳالهه ٿي هئين، ته راند ڪيڏندي پٺهنس هڪ يتيم ڇوڪري کي مار ڏني، اهو ڇوڪر روئندو ونس ويو ۽ ڪيس دانهن ڏنائين. ٻارن جي فطرت، گهڙيءَ ۾ رسڻ ته گهڙيءَ ۾ پرچڻ سو ڀلا ان ۾ کهڙو قياس ٿو لهي؟ پر هن پنهنجي کي اچي ڏنڊن سان ورتو. ڪي ڏڪ رحماني کي ڏڪ شيطاني، وري ٻار جو به کهڙو قوت ... لڳي جو ڇوري کي اولو ڏڪ، ته چنگهه سچي هت ٿي وئي. ڪنير ڏاڍيون لپريون ٻڌيون، پر چنگهه ڪا نه لهي، ڇوڪر هميشه لاءِ مندو ٿي ويو. سندس ٻارن جا رنگ به عجيب هئا. ڪي ڀورا باه جهڙا، ته ڪي ڪارا نڪر. انهن ٻان جي نسل بابت هوءَ ڪڏهن ڪريمت کي ٻڌائيندي هئي. مثال طور، جڏهن ڪيس پريل جائو هو ۽ ڪريمت ڪانئس پڇڻ آئي هئي ته ڇوڪري کي ڏسي چيو هئائين، "ڇوري، پٽ ته واه جو ڄڻيو اٿئي."

زينب ڪلندي جواب ڏنو هو، " چو نہ سهڻو هوندو، پٽس بہ تہ سهڻو آهي !" ۽ پوءِ ڪريمت کي ڪن "ہر ہڏايو هئائين تہ صديق سان رستي رکڻ بعد مهيني اندرئي ڪيس پيٽ ٿيو هو. ڪريمت کي اها ڳالهہ دل سان لڳي هئي، جو صديق ڳوٺ جي ٺاهوڪن جوانن مان هڪ هو. اهڙي طرح، ڪيس فريد ڇائو تہ هن ڪريمت کي چيو هو، "مڙئي ليڪ لڪيل هو، ادي ڪريمت، نہ تہ امين کو منهنجو هيسي جيسي هو! هي ڇورو بہ ان تي ويو آهي." وري منهن بڇڙو ڪري، پر ہر سمهيل فريد کي ڏسي چيو هئائين، "رنگ تہ ڇڏ، جو مان بہ سانوري آهيان، پر منهن جي تختي ۽ چُنجهين اکين کي تکي ڏسينس تہ سود امين آهي !" ڪريمت ٿوري دير ڇوڪري کي تکي چيو هو، " هائوڙي، برابر، تر بہ ماريي امين مان نہ لاٿو اٿس !" ڪريمت جو جواب ٻڌي، زينب پچڪ ڪري زمين تي تڪ اڇلائي هئي. ڪريمت کي خبر هئي تہ زينب اها ٿڪ زمين تي نہ، پر حقيقت ہر امين جي زال صفوران جي منهن تي اڇلائي آهي، جو هوءَ ان وقت زينب سان گڏ هئي، جڏهن صفوران زينب کي پنهنجي ڪوهيءَ تان پاٺي پريندي گاريون ڏنيون هيون ۽ زينب مائٽي ڪري، بادشاهہ پير دستگير جو قسم کڻي، ڪريمت کي چيو هو تہ هوءَ صفوريءَ کان انهن گارين جو ضرور پلئہ وٺندي ... تان جو زينب امين جهڙي ڪاري زَمَ سان رستو رکي ڪيس اهڙي تہ مار ڏياري هئي، جو ڪيترا ڏينهن هوءَ کٽ تي پئي هئي.

زينب جو مڙس خدا بخش ويچارو جيستائين جيئرو هو، تيستائين هن پنهنجيءَ زال کي سمجهائڻ کان نہ گهٽايو. هن گهٽائي پيرا زال کي انهن افعالن تان ماريو هو. هڪ ڏينهن تہ ڪهاڙي سان ڪيس صفا خون پئي ڪيائين، پر زينب جي رڙين تي همراهن اچي ڪانئس ڪهاڙي ڪسي. مٽن مائٽن جي صلاحن جي باوجود هن زال کي طلاق نہ ڏني. ڳالهہ اصل هيئن هئي تہ زينب جي نالي سرڪاري رڪارڊ ہر ڏهہ جريب زمين هئي، جا خدابخش آباد ڪندو هو. جي زال کي طلاق پئي ڏنائين تہ اها زمين بہ پئي هٿن مان ويس. مڙئي دڙڪي داٻ ہر ڪم ٽپائيندو پئي آيو- تان جو وڃي پنهنجي ڏيهہ پهتو. مڙس جي فوت ٿي وڃڻ بعد زينب کي ويتر چوٽ ملي ويئي. اهي ئي حال، أهي ئي افعال. البت اولاد جي خواهش سو ڇڏي ڏنائين. ڪجهہ داين جي صلاح، ڪجهہ دوائن جي مدد- مڙيئي ڪم ٽپندو پئي آيو.

" پر، پڦي نوران، ادي خدابخش کي گذري ٻه ٽي سال ٿيا، تنهن بعد هوءَ هميشه ان ڳالهه جو خيال رکندي هئي. ايترن سالن ۾ ڪيس ڪجهه نه ٿيو، ۽ هاڻي اهو وري ڪيئن؟"

"مون کي ته ڪا ٻي ڳالهه ٿي نظر اچي." هڪ زائفان عقل ويڙهايو.

وڏيري جي ڌيءَ سوڙ مان منهن ڪڍيو. سڄي پڳهر ۾ ونجي ويئي هئي.

"مائي، اهو قدرت جو ليک آهي، جنهن کي نه دايون ٽاري سگهنديون، نه دوائون." ناني حاجل مولوي ڪهاڙي جي انداز ۾ چيو.

"پر، ماسي پاڻ ٻه سڄي ڪٽي ائس ته ٻار سندس آهي!" پڦي نوران چيو.

وڏيري جي ڌيءَ اهو جملو ٻڌي ٽڏو اونهو شوڪارو ڀريو- ائين چڻ هن جي سيني تان ڪو بار لهي ويو هجي. پر سندس اکيون ڪنهن عجيب احساس جو اظهار ڪرڻ لڳيون چڻ هن جي ڪا املهه شيءِ وڃائجي ويئي هجي- ڪا اهڙي شيءِ، جا هن جي پنهنجي وجود جو حصو هجي.

گهڙي ڪن ماٺ ڪري، پڦيءَ نوران وري ڳالهه کي چوٽ چاڙهيو.

"هڪڙي سپاهيءَ پئي چيو ته ست سال ٽيپ ملندي س."

"ست سال!" هڪ زائفان ڪا چيٽ نڪري ويئي. وڏيري جي ڌيءَ جون اکين ٻه اهو ٻڌي ڀرجي آيون. وري گهڙي ڪن سانت ٿي ويئي.

"هڪ ڳالهه ۾ ته اهو چڱو ٿيو، ناني ملياڻي!" هڪ زائفان چيو.

"ڪهڙيءَ ڳالهه ۾!"

"زينب ڪان جند ته ڇٽي پئي!"

"ها، اها ڳالهه چڱي، هونئن ٻه ڪني آگر وڍي ڀلي!"

وڏيري جي ڌيءَ شور مان ملياڻيءَ کي ڏٺو، سندس ذهن ۾ ور ور ڪري ڪني آگر، جا لفظ ڦرڻ لڳا. هن سوڙ ڇڪي ڪني پنهنجي مٿان وڌي. هن جي اکين مان شڪر گذاريءَ جا ڳوڙها وهي، وهاڻي کي پسائڻ لڳا. هن جي چپن ڀڻڪيو: "زينب، ماسي زينب........!" □

پُٽ

هن ڀيريون اٽي ڪوٺيءَ جو دروازو بند ڪيو جيئن ٻيا ٻروري ڪوٺيءَ ۾ سهيل ڀائس ڳالهائڻ تي اٽي نه اچي. پوءِ الماري کولي ان مان هڪ ڳاڙهو چلڪٽو پئڪيٽ ڪڍيو. پئڪيٽ صاف هو، مٿس مٽيءَ جي دز به ڪا نه هئي، پر ان جي باوجود بوٽن جي دوڪان وانگر اشهد آگر سان ٺڪ ٺڪ ڪري، هن رومال سان اگهڻ مناسب سمجهيو. ان وچ ۾ مان نن‍ڍڙي ٻار جيان وات ڦاڙيو ڏانهس ڏسندو رهيس.

"ڏس پٽ،" هن وڏائي سان مون ڏي نهاريو. "هن پئڪيٽ ۾ تو کي هتان جي انهن سڀني سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا ليندا جن جو هن وقت تائين مون سان لاڳاپو رهيو آهي. گهڻو ڪري سڀئي وڏگهراڻيون آهن. زندگي ۾ ڀيريون ڀيرو توکي ٺي پيو ڏيکاريان. ڪڻ قرآن جو قسم ته ڪنهن کي ڪو نه ٻڌائيندين؟"

"ها،" مان الائي ڇو "ها" کان وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيس.

"چڙي ها مان ڪجهه ڪونه ملندو، اول ڪو ٻلو سائين به وچ ۾ هجي."

نن‍ڍي هوندي کو ڪن ڦاڙ جوڳي نانگ کڻي ايندو هو ته ويڙهي جا سڀ ٻار سندس چوڌاري ميڙ ٺاهي بيهندا هئاسين. نانگ ڏيکارڻ کان اڳ، جي هو مرلي وڄائڻ يا ٻڌائڻ ۾ ته هن اهو نانگ ڪٿان پڪڙيو ۽ ڪيترو مدو پيل آهي، گيسر ڪندو هو ته اسان کي جڪ پيا ايندا هئا. اسان جي دل رڳو چوندي هئي ته هو سڀ ڳالهيون پوءِ تي رکي، پنهنجي ڪانن واريءَ ڇٻيءَ جو ڍڪ مٿي ڪري ته ڏسون: ڪاريهر آهي يا ڪنيارو- سندس ان اجائيءَ گيسر تي به اوتري ئي خار آئي، پر مانڙي ڪري تڙ تڪڙ ۾ قسم ڪنيم جيئن وڌيڪ ڪا دير نه ڪري. جيئن ڪو پاڪ ڪتاب کولبو آهي تيئن هن آهستي پئڪيٽ کولي، ان مان هڪ فوٽو ڪڍيو. هن عجيب نظرن سان فوٽي کي ڏسندي، ٿڌو شوڪارو ڀريندي، فوٽو مون کي ڏنو ۽ چيو، "اها چمپا اٿئي." - مان چمپا کي ڏسڻ لڳس. فوٽو تڪڙ ۾ ڪڍيل پئي نظر آيو. سندس کابي هٿ ۾ ڪتاب هئا، جن کي سيني سان لايو شايد اسڪول ڏانهن پئي وئي. ڪپڙن لٽن مان ڊيسنٽ واٺياڻي پئي لڳي. مان سندس سهڻن مهانڊن

ڪي ڏسڻ لڳس ۽ هو مون کي هن بابت ٻڌائڻ لڳو. "گرڙنگ سيٽ جي ڏي ۽ هي لڪ ۽ واٽکي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. هڪ ڏينهن ڪيس اسڪول ويندي ڏٺم، دل کي الائي ڇا ٿي ويو- ڪيس ڏسڻ بنا آرام ئي ڪونہ ايندو هو. پوء اهو نيم ڪري ڇڏيم تہ جڏهن هوء ڪتاب ڪڻي اسڪول ويندي هئي تہ مان بہ سندس ڪڍ لڳندو هوس. ڪيس سندس اسڪول ڇڏي پوء پنهنجي ڪلاس ۾ اچي ويهندو هوس. ائين ڪندي مهينو ڪن گذري ويو. هڪ ڏينهن ڪٿي ٿي ڪٿي- ڇا ٿو ڪيان جو هڪ وڏو خط لکي سندس اسڪول جي ائڊريس تي روانو ڪري ڇڏيم. بيوقوفي سببان پنهنجي سموري ائڊريس بہ لکي ڇڏيم، جيئن جواب ڏيڻ ۾ ڪيس ڪا تڪليف نہ اچي. ان ڏينهن هوء اسڪول ۾ نہ آئي ۽ سندس خط ماسترياڻي کوليو. پوء تہ يار، ممڻ مچي ويو. ماسترياڻي اهو خط سڌو اسان جي پرنسپال ڏانهن موڪليو. پرنسپال بہ هو هندو، تنهن کي اچي ڌرم جي لڳي. ❑

ڊمي

مسز ۽ ميان امين الدين وارن وٽان موڪلايوسون ته سندس مکڙي تي اهائي "پٽنٽ" مُرڪ هئي، جنهن سان چپن تي لڳل "گالا" جي سرخي به نه بگڙندي آهي ۽ ماڪوڙي ڪاڏهن بي سُرا ڏند به نظر نه ايندا آهن. موٽ تي به هوءَ ماٺ ۾ هئي، پر سندس رنگ اُٿين پٽي ڪاراٽبو ويو، جيئن نيرو آسمان آنڌاري اچڻ کان اڳ پنهنجي نيراڻ مٿائي ميرانجهڙو ٿيندو ويندو آهي. گاڏي پنهنجي گهر جو گيٽ ٽپي اچا مس بيٺي ته پوءِ هوءَ پاڻ جهلي نه سگهي ۽ ڊرائيور جو انتظار ڪرڻ بدران پاڻ ئي "ڊور" کولي تکڙي تکڙي فرش لتاڙيندي اندر هلي وئي. اندر گهڙيم ته سندس ولائتي سوئيڊ وارو پرس ٽيبل تي سٽيو پيو هو ۽ پاڻ سيٽي تي اُٿين ڦان ٿي پئي هئي، جيئن "ارمس" جي ڪا "ڊمي". مونکي ڏسي هن ڪجهه ڪونه ڪڇيو، پر جان رابرٽس جي نهيل سٽنڊل ڪي پيرن جي لوڏي سان ڪنڌ ۾ اڇلايائين. جن مان هڪ پادر ته جيٽ جهاز جي تيزيءَ سان ٽي وي اسڪرين کان ذري گهٽ پاسو ڪري وچي ڪئبينيٽ سان "ڪرئش" ڪيو ۽ اونڌو پٽجي رهيو.

مون هڪ نظر سندس سٽنڊل تي وڌي جي مون لنڊن ۾ رهندڙ دوست کي پنهنجي پراڻي دوستيءَ جا واسطا وجهي، ويهه پائونڊ ڀري گهرايا هئا ۽ ٻي نظر هن جي منهن تي وڌم جو امپورٽيڊ ميڪ- اپ جي باوجود ڪنهن ديسي ڏوتل ۽ ڦتل ڪپڙي جيان ٿي ويو هو. مان گهڙي ڪن ته اتي ئي هڪ جاءِ تي بيٺو رهيس، پر پوءِ ڪيس پرپائڻ لاءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکي ٺاريندي چيم، "ڇو، ڇاهي من؟" "ڪجهه ڪونهي." هن رکو جواب ڏنو. پر ڳالهائڻ جو انداز اهڙو، جو گهڻوئي ڪجهه هو.

"نيٺ به؟"

"چيو مانءِ نه ته ڪجهه ڪونهي." هن ڀيري آنڌاريءَ جون ڀهريون سٽون.

مون سندس ان رهڻ تي کلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجي سڪل نڙيءَ مان اهو آواز اهڙو نڪتو، جهڙو سڪرات واري حالت ۾ ئي نڪرندو آهي. مان تنهن هوندي به ناس ڀتو پڪو ڪري هن جي ڀرسان وڃي ويٺس. هوءَ سنئين سڌي سمهي پئي هئي. سندس بلائوز ٿورو مٿي ڇڪجي ويو هو ۽ سندس ساڙهي هيٺ ڍاڪن تي ڪسڪي وئي هئي. ساڙهيءَ جو پلئه، جو پيٽ

جا سمورا عيب ثواب ڍڪي ڇڏيندو آهي، سو هيڏي هوڏي ٿي ويو هو ۽ سندس پيٽ جا ڍيرڙ ۽ "سيزرين" * . جو نشان ظاهر ڪري ڇڏيو هئائين. مون پيار سان سندس پلڪ ڇاهيو ته اهو ساڳيوئي پيٽ نيري شفاف پلڪ مان اٿين جهلڪا ڏيڻ لڳو، جيئن ڪو چوڏهين ۽ جو چنڊ. هن تنهن هوندي به ڪي ڪونه ڳالهايو ۽ خالي خولي ڇت ڪي تڪيندي رهي. ڇڻ ته سندس وات ۾ اها تربوزي رنگ جي زبان ئي ڪونه هجي، جنهن ڪان ٻارن جا ته ڇا پر منهنجا به ڏوهه ڏڪندا آهن. گهڻي گهڻي دير ڪان پوءِ هن ٿڌو شوڪارو ڀريو جو منهنجي منهن تي اٿين لڳو. جيئن ڪو برفاني هوا جو زوڪاٽ. پوءِ هن نماڻيون،اکڙيون کڻي مونکي چيو، "هڪ ڳالهه مڃيندين؟"

منهنجي دل گهريو ته ڪانئس جيڪر پڇان ته ان پندرهن سالن جي عرصي ۾ مون سندس کهڙي ڳالهه موٽائي هئي، ۽ جي مونکي ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي اختلاف رهيو به هجي ته اهو هن هميشه واچوڙي جيان ڀيرين يا ٻي سٽ ۾ ڪک پن وانگر ٻهاري اڏائي ڇڏيو هو. پر جنهن وقت مون پنهنجي نظر هن جي منهن تي وڌي جو هينئر پنهنجو روپ وٺڻ لڳو هو ته ان مٿي آسمان تي چوٽ چڙهي ويل آنڌاريءَ ڪي وري هيٺ لاهڻ ۽ ان جون سٽون سهڻ جو ٻاڻ ۾ پوتو نه ڀانيم. مون تڙ تڪڙ ۾ چيو، "جيڪي چوين؟"

"هل ته واپس هليا هلون."

جون مهيني جي شروعات هئي. لڪون، ٻٽون ۽ جهولا زوران زور هئا. پر اهي جهولا مونکي ٿڌي هير جيان پئي لڳا، جو ته انهن تي ئي پنهنجو روزگار هو. اهي جهولا ۽ ٻٽون نه پون، ته ديرن ۾ پيل ولبون ڪيئن ڳاهجن ۽ پيوندي باغ ۾ چونسي ۽ بيگن پالي جي وڻن ۾ ٽنگيل دليون ڪيئن ڪڪورجن. ان ڏينهن مون سانده پندرهن ڏهاڙا زمين تان لڪون ۽ جهولا سهي سندس گهاڻن وارن جي ڇانو ۾ آساس وٺڻ ۽ جيستائين هو فصلي چونسا پچن، سندس چونسي جي ڦار جهڙي زبان مان اهو ساڳيوئي سواد وٺڻ پنهنجي گهر آيو هوس. ٻار گهڙي ڪن تي هئي جو وچي سُتا هئا. هوءَ به هٿو مٿو ٺاري اچي پرسان ليٽي هئي. مون سندس پٺيءَ تان هٿ ڦيرائي، چيلهه واري ماٽريءَ ڪان پسار ڪندو هيٺين حصي ٻٽڪ تي پئي آندو، جو حصو ان ذات جي سونهن هوندو آهي ۽ جنهن جو سنڌيءَ ۾ اهڙو سريلو نالو ڪونهي. اهو ٻت جو حصو ڪيڙي بنا ڪنهن استاد گويي جي ستار جي هيٺين پالش

---

* سيزرين = آپريشن جا نشان

ٽيل حصي جيان لڳندو آهي ۽ جنهن ڪي هو نهائين سان لائي پوءِ ئي ڪا وقت جي راڳڻي ڇيڙيندو آهي، اهو ساڳي حصو ڪنهن سوڙهي ڇڪي ٻڌل ساڙهي ۾ تہ وري ان ڪان بہ اڳرو لڳندو آهي. هو جنهن وقت ماربل يا موزي جي لسن فرشن تي ساڙهي جا پلئہ ٿاهيندين، چيلهہ ڪي موڙا ڏيندين اڳيان اڳيان ترنديون ترنديون هلنديون آهن، تہ پويان ايندڙ مردن جي دوڏن مان نڪتل تارن جي گرميءَ تي اهو بت جو حصو، مخصوص تال ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿڙڪندو آهي ۽ پويان ايندڙن جي دلين کي بہ ان ساڳيءَ تال ۾ ٿڙڪائي فنا ڪري ڇڏيندو آهي. مردن جون دليون هڪ پيرو اُبتي تال ۾ ڌڙڪي هميشہ لاءِ اهو روڳ حاصل ڪري وٺنديون آهن ۽ دل جي بيماري جي شروعات ان گهڙي کان ٿيندي آهي. ها تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ منهنجو هڻ ان وقت دنيا جهان جي ان خوبصورت چاڙهيءَ تي پئي چڙهيو ۽ مون بہ رات جي راڳڻي ڳائڻ لاءِ سرڙا پئي ملايا تہ هن مون واري هڻ کي عرش تان لاهي فرش تي سٽيندي چيو، "هڻ تہ پري ڪر، توبهہ گرمي تہ ڏس."

"هيئنئر اڃي پيچ پني آ. ڪاٿي آ اها گرمي؟" مون وات ۾ ڳڏ ٽيل گِگ لاچار ڳهندي چيو.

"نسورو ناحق آ. دوزخ بہ ههڙو ڇا هوندو!"

مون ڪجهہ ڪونہ ڪيو. هوڻئن مان انهن ها ۾ ها ڪرڻ وارن مان هوس، جي ڏينهن جو تارا ڏسڻ تي بہ آمنا صدقنا ڪندا آهن. پر ان وقت مان ڪيئن پئي سندس ڳالهہ کي ٽيڪو ڏنو. البت دوزخ جهڙا پنيڻ منهنجي دل ۾ سو پرڻ لڳا. هن ٿوري دير منهنجي جواب جو انتظار ڪيو. ڪيس ڪو جواب نہ مليو تہ ٽڏو چندو هٿڻ لاءِ چوڻ لڳي، "سيارو ڪهڙو نہ سٺو آ ان ڳالهہ ۾."

"سياري جو قدر بہ تہ هي اونهارو ڪرائيندو آهي. جي اونهارو نہ هجي تہ سيارو ڪو وٺي."

"ٻڌان ٿي تہ اڄ ڪلهہ حيدرآباد جي موسم ڏاڍي سٺي آهي. هل تہ مهينو کن اتي هلي رهون." هن ٽورو منهنجي ويجهو ايندي چيو.

"ڏسين ٿي تہ مٿي ڪنهڻ جي بہ فرصت ڪونهي." مون سندس ڇپن تي ڇپ چنبڙائيندي چيو.

"هن جهان جا تہ ڪم ئي ڪونہ ڪٽندا."

"ڇا ڪجي، مڙئي جيئن تيئن گذارئو."

"ڏس نہ ٻارن کي بہ گرميءَ جون موڪلون آهن. آخر هنن ويچارن ڪهڙو گناهہ ڪيو جو ٻارهين مهيني بہ ڪين تفريح نہ ملي."

مون ان ڳالهہ جو جواب پچائڻ لاءِ پنهنجا چپ وڏايا تہ هن وري چپ پڪوڙيندي چيو، "ٿورو ترس، ساهہ تہ کڻان، ڪِنِ دم منجهائي مارينديون."

مان حڪم جو ٻڌو ترسيس تہ هن ساڳيو الاپ ڪيو. "جواب ڇو نہ ٿو ڏئين، وات ۾ مڱ پيل تہ ڪونہ اٿيئي."

"ڇا جو جواب ڏيان؟"

"مان توسان ڇا ڳالهايو؟"

"الائي، توکي خبر آهي تہ توسان هوندو هان تہ پوءِ ڪا ڪل خبر نہ پوندي اٿم."

هوءَ دل ئي دل ۾ گهڻو خوش ٿي ۽ مون واري نہ ٻڌڻ واري گناهہ جي ڪا سزا نہ ڏنائين. پر پيهر ڳالهہ کي ساڄو ڪندي چوڻ لڳي، "چيم پي تہ ٻارن کي بہ موڪلون آهن ۽ توکي بہ ريسٽ ملي پوندي."

"مان هر حال ۾ مست آهيان. پنهنجي ڳالهہ ڪر." مون ڪلندي چٽي ڏنو.

"پلا مون کي بہ نيٺ گهمائڻو ڦيرائڻو اٿئي. هن ننڍي شهر ۾ تہ دم ئي ٻوساڻجي ويو آهي."

مون کي اها خبر هئي تہ اهو سمورو پيٽ جو سور هن کي پنهنجو هو. مون کي ۽ ٻارن کي ريسٽ ڏيڻ جون ڳالهيون تہ رڳو پرٽيون هيون. جن سان هن پنهنجو ميدان پٽي ٺاهيو. عورتون مٿي ڪان پيرن تائين نمائشي هونديون آهن ۽ هن ۾ اهي سٽي تہ رهندو سرسَ هئي. مون ڪيس پٽائڻ لاءِ چيو، "خيرپور هرويرو ننڍو شهر تہ ڪونهي. تنهن ڪانسواءِ ساهيڙيون بہ ڪوڙ اٿئي. اپوا جون ميٽنگون ۽ مينا بزاريون بہ ٻارهوئي پيون ٿين."

"ان ۾ ڇا ٿو ٿئي. هتي نہ ڪپڙي پائڻ جو مزو ۽ نہ ڏسڻ جو مزو."

"ڇو هتي تہ ڊريس شو ٿيندا آهن!"

"ڏوڙ ٿيندا آهن." هن جڪ ڪائيندي چيو.

"باقي اهي ميلاد ڀيلاد ڇا آهن."

"ميلاد لاءِ تہ خدا لڳ ائين نہ چؤ، مسلماني ڳانٺ تو وڃين."

"توهان عورتن واريءَ مسلمانيءَ جي بہ مونکي خبر آ. اوهان جو مذهب آ چلڪو."

هن کي مون واري ڳالهه لڳي ته دل سان، پر شرم پرچاڻ لاءِ هوءَ ٺهڪڙو هڻي ٽاڻڻ لڳي. لاچار پيو کوڙ چارو نه ڏسي آڳ ڦبولينديءَ چيائين:
"هتي سوسائٽي آهي ڪهڙي؟ روز ساڳيا ماڻهو، جن کي ماڊرن فيشن جي خبر ڪانه. تنهنجي منهنجي ريس تي ڪپڙو گهرائين سڀائين ته فيشن نڪري وڃي. پلا اهڙين ساهيڙين مان مون کي ڪهڙو مزو ايندو؟"
"من، بيگم خان ۽ بيگم ڪوڪب به ته هتان جون آهن."
"بيگم خان کي ڪهڙي فيشن جي خبر، هوءَ ته سدائين مون تي ريس ڪندي آهي. پتي پيرا مون وٽان ڪيٽلاگ گهرايائين".
"باقي ويچاري بيگم ڪوڪب ته هينئر ڏوپچي وٺي آهي ۽ سمورو ڪلف نڪري ويو اٿس."
"ڇو، ڇو؟"
"آخر پنجون ڀار ڄڻيون اٿائين. من، ڀار ڄڻڻ به سٺي جي پاڪڙي مان هاڻي لنگهائڻو آهي. توبهه منهنجا رب توبهه." هن کي دل ئي دل ۾ ايترن ٻارن ڄڻڻ تي افسوس هوندو هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني اهو اندر جو سور ٺارينديءَ هئي.
"تون ته پنجن ٻارن ۾ به من لڳي پئي آهين." مان سندس ڇپن تي مهر هڻي ان ڳالهه جي تصديق ڪئي.
"ها، پر هر ڪنهن جي هاٺيءَ تي مدار آهي. هن ويچاريءَ، سان ته ٻارهين مهيني ٻار جي تعدي آهي. هڪ اچا ڇائو ناهي ته پيو ان جي ڪڍ."
"پيو به سبب آهي."
"ڪهڙو؟"
"تون سدائين ٻار کي مٿيون ڪير پيارين."
هن کي شايد مون واري ڳالهه مان توري توڪ نظر آئي يا دل ئي دل ۾ ڪيس پاڻ ڪٿيو، جو پاڻ واري ننڍي ڪاڪي ٻاهرين ڪير تي هئي ۽ ان ۾ اها سگهه ڪونه هئي، ان ڪري هن ان ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي، "ان ڏينهن ڏاڍو مزو ٿيو."
"ڇا ٿيو؟"
"بيگم ڊي . سي وٽ اپوا جي ميٽنگ هئي. مان اڳ ساڻس ڪونه ملي هيس، تازو بدلي ٿي آيا آهن نه."

" ها، هي پاڻ وارو ڏي – سي"

" سو مان جو ويم ته ڪيس "وش" ڪري وڃي ٻئي صوفي تي ويٺس، پر آصف، هر هر جو نظر ڦيرايان ته بيگم ڏي. سي جي مون ۾ جوهه. اها ڳالهه ٻئي پيرا مارڪ ڪيم. موٽندي بيگم انصاري ٻڌايو ته هن ڪو وقت مون لاءِ پئي پڇيو ۽ ڪيس اعتبار ئي نه پئي آيو ته مان ڪو ٻارن جي ٻه ماءُ آهيان."

" ها. اها ڳالهه تون اڳ ۾ به ٻڌائي آهي ته عام ڪري ناواقف پلجنديون آهن."

" ها، ڪوڙ پيرا ائين ٿيو آ، الائي ڇو؟"

" من جي انصاف ڪرين ته اهو اٿئي منهنجو ڪريڊٽ. توکي رکيو به اٿم پام جي پوتي جيان، سائو ڇهڇ، سنئون سڌو."

" پر هينئر پوئين ٻار کانپوءِ پيٽ ٿورو وڌيل ٿو لڳيم."

مون ان بهاني سموري بدني بناوٽ جو ڀرپور جائزو ورتو ۽ کيس دلجاءِ ڏيندي چيم، "توکي اجايو احساس آهي. هي ڪو پيٽ آ؟ وري هو لنڊن مان جو "ڪورسيٽ" گهرايو هيءُ؟"

" اهو ته پائيندي آهيان."

" پوءِ باقي ڇا جو ڳاراٽو؟" مون سندس چيلهه ۾ هٿ ورائيندي چيو.

" پي.ڪا ڳڻتي ڪونهي، پر هتي سخت بور ٿي پئي آهيان."

" ويجهه ۾ ڪو فنڪشن ڪونهي ڇا؟"

" هجي ته ڇا، نه هجي ته ڇا. مان هن سوسائٽي ۾ ائين ويڳاڻي گهمندي آهيان جيئن .... جيئن ،" هوءِ تشبيهه ڳولڻ لڳي.

" جيئن برفاني ملڪن جو نيرڳ هتان جي پولاهين ۾." مون کلي جملو پورو ڪيو.

" نه نه، هرويرو اهو مطلب نه هو منهنجو." هن ظاهر ۾ ننهڪر ڪندي چيو.

" پلا ڪا ولر ڪان وڇڙيل ڪونج."

" ها ائين ڪٿي چئه."

" پوءِ ان ۾ ڪهڙو فرق، ساڳي ته ڳالهه ٿي."

" توسان پڇڻ ڪا پيئي ڪونهي. پلا حيدرآباد ڪڏهن ٿو گهمائين؟"

" توکي آبي ۾ بهشت ٿو گهمايان، ٿورو ڇڙو ويجهو اچ."

"چرچن ۾ ڳالهه نه ٿار ها ڪر يا نٺهن."

مون ان مهل ڪجهه به پٽي ڪيو ته ڪر پٽي خراب ٿيو. انڪري ان ڳالهه ڪي وري به نٿائيندي ڪيس چيم، "هن مهل ته اهي به سُريون ڳالهيون نه ڪر. هي وقت ڪو انهن ڳالهين جو آ ؟"

"باقي ڇا جو آ." سمجهندي به هوءَ وري پڇڻ لڳي.

سولي سنڌي ۾ پڙايانءِ يا فارسيءَ ۾."

پر هن پوءِ به شرم کان ڪو جواب نه ڏنو. مون هن ڪي پاڻ ڏي ڇڪيو ته منهنجي سيني سان اڻين چنبڙي وئي، جيئن ساڳ جي ڪانيءَ ۾ اڪڙوٺ جو ڪو پيوند. ڪپڙن جو سرڙاٽ ٿيو پوءِ مونکي ته هن جهان جي خبر پئي نه هُن جهان ڄي.

صبوح جو اٿيس ته پڪين جي لاتين سان گڏ ٻارن ۾ به چوپول متل هو. سوٽ ڪيسن ۽ ٽرنڪن ۾ ڪپڙن ۽ زيورن جي ست ستان هئي. مان انهن يڪ طرفي تيارين تي گهٽوئي ٻوٽ سجايو، پر پوءِ ڪنهن نندي توڙي وڏي چخي ٿي ڳونه ڪٽي. اها ڳالهه برابر هئي ته پوءِ مون به ڏنو ڪنو نه ڪيو ۽ حيدرآباد پهچڻ تائين اڳ اڳ ۾ هوس ۽ مون واري بيگم فوج سوڏو پنيان هئي. پر جنهن ماڻهو اُٺ ڪي ڏنو هوندو سو عجب نه ڪائيندو- اٺ موڳي ذات آهي ۽ بار چاڙهڻ وقت ڪوڙ ٿي ڪڏندو آهي، پر هڪ پيرو جت جو ناڪيلي ۾ هٿ پوندو اٿس ته هڪ ٿي سَٽَ سان ايڏي ساري جبل جيڏي جا وچي گوڏا ڪپندا آهن. پوءِ جت جي هوندي اٿس مٿس ست ستان، پر حرام جو پوءِ ڪو ڪِنڪي. منهنجا گوڏا ته وري مُنڍ کان ان جاءِ تي ڪُتل آهن ۽ رهندو لاٺن واري رات منهنجي سالين سَس اهڙا ساٽ سڳڻ ڪيا؟ جو جيڪي ٿوري گهٽي رڏي هيم سا الائي ڪاڏي غائب ٿي وئي. رهندو جو چڪي ڇريو ٿيس ته قصي حاتم طائي وانگر؛ هڪ پيرو ڏسڻ جي تمنا اٿم. ان تمنا ۾ مون واري نڪ ۾ جيڪا ناڪيلي آهي سا اڃا دائم قائم آهي ۽ هڪ پيري جو هيٺائين ٻولي، اٺ وانگر پنهنجي مٽ ۾ پاڻ ترڪيو آهيان ته پيو ترڪان.

حيدرآباد ۾ وري سوٽ جو گهر اٿم، جو به ساڳي وڻ جي ٻي لام يعني منهنجي ساليءَ سان پرڻيل آهي. سو اتي جڏهن پهتاسون ته ڇڻ پنهنجي گهر آياسون. پنهي پيٺرن جو پاڻ ۾ تارون مليل هيون ۽ اسان ٻنهي سوٽن ڪي رڳو تيار ٿيل پروگرام مليو. جنهن ۾ صبوح جو ڪوٽڙي گهمائٽي هئي ته شام

جو المنظر رات جو سيڪنڊ شو ڪان پوءِ مونکي سو "ٽرڊ شو" جي اجازت هئي، پر سچو ڏينهن جنگهون هڻڻ بعد اهو شو مونکي ائين لڳندو هو، جيئن ڪو "چٺريٽي شو" جنهن ۾ پنڌي ڏريون ڇڙو بيگر لاهيندڙيون آهن. پوءِ جڏهن حيدرآباد جون سموريون فلمون ڏسجي چڪيون ۽ نوان ڪپڙا سبجي چڪا، تڏهن هڪ رات ٽڏڙي هير ۾ ساڳيوئي ويراڳ هليو. هوءَ منهنجي انهن سمورين ڳالهين تي ٺٺو گهمائيندي چوڻ لڳي، گهمائيندين ڦيرائيندي يا ائين پڌي پوٽ واپس موٽائيندين."

"ءِ هن وقت تائين ڇا هو؟"مان جڪ ڪائيندي هرندي پڇندي چيو.

"ان کي گهمڻ ڦرڻ ٽورو چئبو آ."

"باقي ڇا کي چئبو آ."

"هتان جي فئملِيز سان تہ دعا سلام ڪيون نہ ......"

"تہ ڪيتري پاتي ۾ آهن." مون جملو پورو ڪندي چيو.

"تون تہ هر ڳالهہ مان پنهنجو مطلب ٿو ڪڍين. حيدرآباد جي هوائن مٿو ڦيري ڇڏيو اٿئي." هن منهن ۾ سونڊ وجهي چيو.

سندس اوچتو پسرجڻ تي مون ڪان اهو سچ چوڻ وارو دورو وسري ويو. مون ان جي اَگرن نتيجن تي سوچيو تہ منهنجي هٿن مان پولي بہ ڇڏائجي وئي. مون دستور موجب ٺاهہ ڏانهن قدم وڌائيندي چيو. "جاني ڪجهہ پوڳ مان "انجاءِ" ڪرڻ تہ سِگَ."

"نہ نہ ، مون کي اهڙا پوڳ نہ وڻندا آهن."

"پلا ڪنهن جي گهر هلندينءَ؟" مون سنئين سڌي پٽڙي ورتي.

"توکي خبر، هيترا سارا دوست اٿئي." هن بہ ڪانٽو بدلايو.

"نادر ڏي هلون جنگشاهي؟" مون کي پاجائي جي پلي جو پلاءُ ياد اچي ويو ۽ سندس سڪ مان سڳهري اچڻ جون دعوتون."

"گهڻو پنڌ آ هتان جنگشاهي؟"

"اهو سؤ سوا ميل اوٽ موٽ."

"جنگشاهيءَ ۾ ڇا رکيو آهي. آهي تہ ننڍو واهڻ."

"اتي پرسان نوري ڄام تماچي واري ڍنڍ آهي، ڪينجهر."

"ڍنڍ کي ڇا ڪنداسون."

"بوٽنگ بہ ڪنداسون تہ ڍنڍ ڪناري پسار بہ ڪنداسون

"نڪو." هن پوءِ پڇو ڪيو.

"پوءِ ڪاڏي؟"

"هتي به ته ڪوڙ دوست هوندءِ. اُتي ته ڏاڍي ڍاڙ هتندو آهين."

"يلا شارق مشرف؟"

"اهو، جنهن جي گهر کي ڪبوترن جي کڏ سان ڀيٽايو هيءِ؟"

"اهي ته مان ڀوڳ ڪيا هئا. پر تون قرب ته ڏس. شارق جي ماءُ، جيءَ ۾ جايون ڏيندءِ."

"مسز شارق ڪونهي ڇا؟"

"نه پيڪين ويل آهي."

"پوءِ ان ڪانسواءِ کهڙو مزو."

"يلا غلام علي موهل؟"

"ڪٿي رهندا آهن؟"

"گهر جو پورو پتو ڪونهي، پر گهٽو ڪري ريشمي گلي پرسان."

"نه بابا نه."

"توکي ته ڪو گهر وٽي ئي ڪونه ٿو." مون ڪڪ ٿيندي چيو.

"لطيف آباد يا جي- آر ڪالونيءَ ۾ ڪو دوست اٿئي؟"

ايندي ويندي ٻنهي ڪالونين جا سهڻا بنگلا ڏٺا هئائين.

"هڪ. نظرحسن آهي، پر ان کي ڀاڀي مريءَ ڪنهي ڪٿي وٺي آهي."

"ها ڏس نه ان کي ڇنبو گهمائڻ ڦيرائڻ. توکي ته حيدرآباد تائين پئي پرو چڙهيو."

دل گهريو ته نظر حسن بابت ٻڌايانس ته سندس گهر واري ڪيس به اٿين حرام ڪري ڇڏيو آهي، جو نه ڪنجهي ٿو ۽ نه ڪڇڪي ٿو. پيو پولي وانگر ڪڌ کهمي. پر مون کي خبر هئي ته هوءِ ان ڳالهه کي هڪدم پاڻ ڏانهن اشارو سمجهندي. ان ڪري مون ان ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو. فقط ايترو چيم. "يلا فيصلو ڪر نه."

"فيصلي لاءِ ڇڏيو ڇا اٿئي؟"

"هيترا گهر ٻڌايامانءِ."

"سڀ ڪنگلا، ڪنهن گهر ۾ ڊرائنگ روم به ڪونه."

"چو خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه اٿن. ڊرائنگ روم نه هوندن ته ڪو

پڻ تي ٿورو ويھاريندءِ."

"اھڙو خُدا جو ڏنو شل دشمن کي بہ نہ ڏي. ويچارين جي تہ حياتي ئي زھر ھوندي." ھن کي مون وارن يارن جي گھر وارين جي اچي ڳڻتي لڳي.

اوچتو مون کي ڪوہ نور ملز وارو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ميان امين الدين ياد اچي ويو. جنھن سان منھنجي سٺي دعا سلام ھئي. مان حيدرآباد ايندو ھوس تہ ڪڏھن ڪڏھن وٽس ويندو ھوس. پاڻ ميان صاحب ۽ بيگم صاحبہ ھر ڀيري ڊنر ڪارائڻ ڪانسواءِ ڪونہ ڇڏيندا ھئا. وڏي شاھي ڊائننگ ٽيبل جي ٽاپ تي براس جي چمڪندڙ ڪئنڊل اسٽئنڊس ۾ وڏيون موم بتيون ھيون. الائي ڪيترا ڪورس سرو ٿيندا ھئا ۽ ھر ڪورس بعد انگلش ايماسبد پليٽ بدلبي ھئي. انجي بجاءِ ٻي رکبي ھئي. اھا دعوت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ھلندي ھئي. ميان ۽ بيگم صاحبہ وڏا ماڻھو ھئا ۽ مانُ ڏئي ۽ وٺي ڄاڻندا ھئا. ميان ۽ بيگم صاحبہ کي يورپ ۾ بہ ڪاروبار ھو ۽ سال مان ڇھہ مھينا ٻاھر ولايت ۾ پيا گھمندا ھئا. ميان صاحب جو يادگيرو ايندي منھنجي مٿان ڀيل ڇپ ڇيتيون ڇيتيوڻ ٿي پئي ۽ مون سک جو ساھہ ڀريندي ڪيس چيو. "ھا ھڪ جاءِ سجھي ٿي تنھنجي ٿي مطلب جي، سڀاڻي اوڏانھن ھلنداسون."

"مون کي بہ تہ ٻڌاءِ."

"مسٽر ۽ مسز امين الدين ڪوہ نور ملز وارا."

"ھا، ايڏانھن ھل نہ. باقي اکون کھڙيون ڏنديون ڏورا ڪنيا ھيءَ."

"مون کي ھينئر ياد آيو." مون ڏند ٽيڙي خطا مڃي.

"پوءِ ڪڏھن ؟"

"ڪنھن بہ وقت صرف چوڻ جي دير آھي."

"پوءِ ڪرين ڇو نہ ٿو ٽيليفون."

ھوءَ تيستائين منھنجي ڪڍ ڪيڍ ھئي. جيستائين مون ميان صاحب سان ڳالھائي "ڪنفرم" نہ ڪيو ھو. ميان صاحب تہ ان کي پنھنجي عزت افزائي سمجھي اسان کي ڊنر يا لنچ لاءِ چيو ھو. پر مون ھئي ھنڌ ھجڻ جو بھانو ڏئي صرف چانھہ جي ڪوپ جي استدعا ڪئي ھئي. ان ئي ڏينھن شام جو ھڪ وڏو لفافو نارمل دعوت نامي سان اچي پھتو ھو.

ھئي ڏينھن اٿڻ سان ھن شام لاءِ تياري شروع ڪئي. سڀ ڪان وڏيڪ اونو ڪيس پنھنجن ھٿن ، پيرن ۽ منھن جو ھو. ھوڻن بہ ھوءَ روز.

سيارو هجي توڙي اونهارو، اٽڻ مهل ۽ سمهڻ مهل پاڻ کي الائي ڪهڙين ڪريمن سان مهٽ مهٽان ڪندي هئي، وري جڏهن کان ملڪ ۾ خواتين ڊائجسٽ شروع ٿيا هئا ته سبزي مارڪيٽ مان ايندڙ سلاد جا پن، ونگا ۽ ليما ته هن جي بلي هوندا هئا ۽ منهنجي گنهگار اکين ڪڏهن مانيءَ جي ٽيبل تي ڪونه ڏٺا هئا. وري منهنجو هڪ دوست لنڊن پهتو هو ته هن اتان ٻه عورتن جا پرچا "وومن" ۽ "وومنز اون" جاري ڪرايا هئا. جن جي پڙهڻ کان پوءِ ته ڪيس ڪابه لوڪل شيءِ نه وڻڻ لڳي هئي ۽ سندس جتين کان وٺي پرسن ۽ ڪريمن تائين سڀ شيون اُتان اچڻ لڳيون هيون. پر اهو صبوح ته سيني صبوحن کان وڌيڪ پيارو هو ۽ اهڙي شام روز روز نه اچڻي هئي. ان ڪري هن ٺٺين سر منڊ کان وٺي شروعات ڪئي هئي. ان مهٽ مهٽان جي مرحلن کان واندي ٿي، هن باٿنگ سالٽ جي سموري شيشي ٽب ۾ اوتي. هن هڪ وڏو غسل ورتو هو ۽ جڏهن اهي سڀ خوشبويون سندس جسم جي خوشبوءِ سان رلي ملي هڪ ٿي ويون، تڏهن هوءَ اهي سموريون سرهاڻيون کڻي مون وٽ آئي ۽ مونکان پڇڻ لڳي، "هائي ڊئر، ته شام پايان ڇا؟"

"اهو پرابلم تنهن جو آ." مون ڪتاب ڏيندي جواب ڏنو. مون کي خبر هئي ته ڪتاب پڙهندي ڪيس جواب ڏنم ته ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون هوندو.

"مطلب ته ساڙهي پايان يا ڪو بيل باٽم سوٽ."

"لازمًا ساڙهي." مون نهه پهه چيو. هڪ ته ساڙهي هن کي پسند هئي پيو ته شام جو سندس پويان هلڻ وقت پنهنجي به چاندي ٿي چاندي هئي.

"ساڙهي تي ته منهنجي به مرضي هئي، پر پايان ڪهڙي؟"

"هائي اها صلاح پاڻ ۾ پينر ڪيو."

"تون به صلاح ڏي نه."

"پيازي ليس واري ساڙهي پاءِ."

"اها هڪ به پيرو پاتي آ. هينئر ڪڪ تي پئي آهيان."

"پلا بنارسي "موف" ڪلر واري."

"اونهون . بنارسي ته هر ايرو غيرو ٿو پائي."

"پوءِ؟" مون ڪڪ ٿيندي چيو. پائيندي اها جا سندس دل ۾ هوندي.

"بلو شفان واري ساڙهيءَ لاءِ ڪهڙو خيال اٿئي؟"

"ڪهڙي؟"

"اھا جنھن تي سيڪونس جو ڪم ٿيل آھي. جا مھينو ٿيو پاھرين سوين ورتي ھئي."

"اڙي ھا. اھا تہ مون کان وسري وئي."

"آھي بہ ماڊرن فيشن ۽ ان تي ولائتي جتيون ۽ پرس بہ اٿم."

"ڀيو ڇا ڪجي. خدا خير ڪري."

شام جو جڏھن ھوءَ چار ڪلاڪ اڳ تيار ٿيڻ شروع ٿي، تڏھن ئي ڪو وقت تي وڃي سندس ميڪ - اپ پورو ٿيو. ميزبانن جي شاھي محلات جھڙي بنگلي ۾ ھلي اسان جي گاڏي بيٺي تہ بيگم ۽ ميان اسان ڪي پورچ جي ڏاڪڻ وٽ گريٽ ڪيو. ھوءَ خوش خوش بيگم صاحبہ سان گڏ اندر ڊرائينگ روم ڏانھن ھلي وئي. مان ۽ ميان صاحب ٽيرس تي ڪرسيون وجھائي چيس راند ۾ لڳي وياسين. اندران ڊرائينگ روم مان ڪڏھن ڊنر بيل جھڙين گھنٽين جھڙا ٽھڪڙا پئي پڌڻ ۾ آيا. جن منھنجي ڪن جو سمورو گوش پئي ان پاسي ڪيو. منھنجون ويڳاڻيون اکيون بہ نور وڌائڻ لاءِ پئي ھيڏانھن ھوڏانھن ڦريون ۽ ڪو ساڙھيءَ جو جھلڪو يا سنئي صورت ڏسي پي ٽريون. راند ۾ منھنجو ڌيان پورو سارو ھو. سو پھرين راند ھارائي پي لاءِ پئي ڳوٺون ويھاريوسين تہ اندران واپس ھلڻ جو پيغام آيو.

مسٽر ۽ مسز امين الدين کان موڪلايوسون تہ سندس مڪڙي تي اھائي "پٽنٽنٽ" مرڪ ھئي، جنھن سان چپن تي لڳل "گلا" جي سرخي بہ نہ بگڙندي آھي ۽ ماڪوڙي ڪاڏل بي سرا ڏند بہ نظر نہ ايندا آھن ..... پر سندس رنگ ائين پئي ڪاراٽبو ويو، جيئن نيرو آسمان آنڌاري اچڻ کان اڳ. پنھنجي نيراڻ مٿائي ميراجھڙو ٿيندو ويندو آھي..... اندر گھڙيم تہ ڏٺم تہ ھوءَ سيٽي تي ائين ڦان ٿي پئي ھئي، جيئن آرمس جي ڪا سينگاريل ڊمي..... گھڻي دير کان پوءِ ھن اھڙو تڏو شوڪارو ڀريو جو منھنجي منھن تي ائين لڳو جيئن ڪو برفاني ھوا جو زوڪاٽ .... پوءِ ھن نمائيون اکيون کڻي مونکي چيو. "ھل تہ واپس ھليا ھلون."

"ڇو من، اڃا تہ ھفتو ڪن ٿيو آ آئي ؟"

"پويان سمورو گھر رلي ويو ھوندو."

"پر پوٺي گھر ۾ آھي ڪير ؟ سڀ ڀاتي تہ ھتي آھيون." مون ڪيس ياد ڏياريو.

"نيٺ گهر ته آهي، پويان نوڪر جيڪي چند ڦوڪ ڪندا هوندا سا خبر ناهي."

"من خيرپور ۾ ته اجا چڱي گرمي هوندي."

"پنهنجي گهر ۾ گرمي به سون."

هن جڏهن ڪا جاء نه ڏني ته مون پوء ڪاڻنس سڌو سوال ڪيو.

"تون شايد "امينز" وٽ انجواء نه ڪيو."

"نه خاص ڳالهه ته ڪونهي." هوء هيڻائين ڪيڻ ٻولي.

"مسز امين ۽ سسٽرس ڪيئن هيون؟" مون ٻيو رستو ورتو ان راز کولڻ لاء.

"مڙني مائهن جهڙا مائهو.

"نه من، مسز امين ته پنهنجي نالي ساڻ آهي."

"اوهان مردن کي هريرو پرائو چلڪو وڻندو آهي."

"مان هن کي توسان ڀيٽايان ته ڪونه ٿو، پر ...."

"ها چمڙي سو مونکان "نيٽر" اٿس." هن مس ڪا ڳالهه مڃي.

"۽ فکر؟"

اتي هوء سور نه ساندي سگهي ۽ ڀريل غباري وانگر گهٽو ٿي دم جهلياڻين، پر نيٺ ڦاٽي پئي. "آصف، خبر اٿئي ته سٺن ٻارن جي ماء اٿئي."

"تون ڏس."

"پڪ ٿي پڪ "هارمونز" وڻندي هوندي، تڏهن ته جوان لڳي پئي آهي."

"تون به ته پنجن ٻارن ۾ من لڳي پئي آهين." مون ڪيس آٿت ڏنو.

"نه آصف هن اڳيان ته ڪجهه ناهيان." هن ڪان ٿڌو ساهه نڪري ويو.

"سندس ڪپڙا ڏٺئي؟"

"الا! ڪپڙن تي ته نظرئي نه پئي بيهي."

"يلا تنهنجو چو موڊ آف ٿي ويو؟"

"آصف نه پڇ ، اندر ٿي سڙيو پيو آ."

"هن کي سوسڙيون سازيون چا؟"

"نه نه، هوء ته ڏاڍي عزت سان ملي سندس نشانن به ڏاڍو قرب ڏنو."

"باقي چا ٿيو؟"

"اهو ٿيو جو دل پئي گهريو ته زمين جاء ڏي ته پيهي وڃان."

"ٻلا ٻڌائين ڇو نٿي؟"

"ڇا ٻڌايانءِ، دل ٿي چوي تہ هن ساڙهيءَ کي تيلي ڏئي باهہ ۾ ساڙيان."

"ڪمال ٿي ڪرين ههڙي پياري ساڙهي کي ساڙيندينءَ!"

هن ڪو جواب نہ ڏنو. ڏٺم تہ سندس اکين جا ڪٽورا ڳوڙهن ڀرجي ويا ۽ پوءِ شفاف ڳوڙها سندس ڳلن تي اچي ٽمڪڻ لڳا. جيئن ڪاري ساڙهيءَ تي ڪو موتين جو ڪم. اتان اهي موتي ٽٽا تہ هوءَ بہ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ ٻڏڪا ڀريندي چوڻ لڳي: "اعتبار ڪندي تہ اسان جي ويهڻ سان، بيگم امين جي نوڪرياڻي جو ٽرالي گيڙي آئي تہ هن کي هوبهو ساڳي ساڙهي پٺي هئي..... اهو ٿي "سيڪونس" جو ڪم ۽ ساڳيوئي رنگ." ❏

منڌ پوڙيو مهراڻ

مان ڪورٽ جا ڪپڙا بدلائي، منهن تي ٿڌي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي اچا ويهڻ جي ٿو ڪيان، تہ ورانڊي ۾ پنهنجي مومل جي هلڻ جو گيهو ٿو پڌان. اهو گيهو ۽ سهڪو هلندي هلندي مون واري ڪمري تائين پهچي ٿو ۽ ان دم هوءَ اچي منڊي ڪڏي ٿي. اچڻ سان پنهنجو لڪندڙ اڳٽ ابداٽي ۾ ٽنبيندي ماڪيءَ ڪان بہ مٺي آواز ۾ مون ڪان پڇي ٿي. "اچي وٺين؟"

"ها." مان ڪٽ تي آهلندي جواب ٿو ڏيان. دل ۾ سوچان ٿو تہ ڪيس چوان تہ : لاچار ڪي آچار ڪونهي.

"ايترو جلدي؟"

"ڪم جو ٿورو هو."

هوءَ ٿوري دير چپ تي وڃي ٿي. لاشڪ تہ ڪو ڪم اٿس مون ۾. مان ڇت ۾ هلندڙ پکي ڪي پيو واجهايان ۽ پڙڪ نٿو پوليان. مون ڪي سورنهن آنا خاطري آهي تہ سندس تلهي پيٽ ۾ ڪا ڳالهہ ترسئي ڪونهي. هوءَ بہ دير ئي نٿي ڪري ۽ اُن دم ڦاٽ ڪائي ٿي، "زينو آئي آهي توڏي."

مان نالو ٻڌي ذري گهٽ اُجهڪو ٿو ڪاوان ۽ اٿڻ جي ٿو ڪيان. پر لڳن ۾ ڇڻ تہ اهو ست ئي ڪونهي. مان ڌڙڪندڙ دل سان پاڻ ڪي پيو پريايان تہ هن جڳ ۾ هڪ اها ئي زينو تہ ڪونهي. سوين هزارين زينو آهن. هيءَ ڪهڙي زينو، اها سهڻي سُهڻي موهڻي زينو، الائي ڪا ٻي، منهنجي دل ۾ تہ ڳالهہ وسي وئي آهي، پر تنهن هوندي بہ مان پڪائي ڪندي پڇان ٿو، "زينو، ڪهڙي زينو؟"

"هڪ ئي تہ زينو آ پنهنجي ڳوٺ ۾، دادن واري زال."

منهنجي زور سان ڌڙڪندڙ دل ڇڻ تہ بيهي ٿي رهي ۽ هيانءَ مٿ ۾ اچي وسامڻ ٿو لڳي. ورهين جا ڇتل ڦٽ وري نٿين سر اڌڙي ٿا پون ۽ انهن مان رت سيمو ڪري پيو نڪري. هيءَ زينو تہ اهائي آهي جا منهنجي رڳ رڳ، پور پور ۾ سمايل آهي. مون ڪي سندس جهلڪ ڏٺي ستون ورهيہ ٿيو، پر دل تي اُڪريل ڇٽ ڪٽي ٿا ڊهن. هوءَ ان وقت وڏي وڻ پٺي ٿي ۽ سندس وهيءَ پور پٺي جهليو. مون بہ ان ڦر ڪي پنهنجي جهولي ۾ ميڙڻ ۽ هنيانءَ ۾ سانڍڻ لاءِ، توري تڪي ڇاپڙ هڻئي جا موڻي مون ڪي اِچي هنيانءَ ۾ ڪان

جيان ٽنبجي پئي. مون ان وچ ۾ رُنس رڙيس ۽ چور گهوڙي پنهنجا حيلا هلايم، پر زور جي ميندي ڪونہ لڳي. پوءِ مون هن ٿي ڪٿن سان سندس وهانءِ جون شرنايون ٻڌيون ۽ هن ٿي اکين سان ڪيس لاٿون لهندي ڏٺم. هن جو وهانءُ پنهنجي مڱيندي دادن سان ٿيو ۽ هنجي ۽ منهنجي وچ ۾ درياهہ وهي ويو. اها زينو تہ پوءِ بہ مان پَلَ نہ وساري ۽ مان اٿندي، وهندي، ننڊ ۾ جاڳ ۾ ڪيس پئي پسيو. مان پنهنجي گونگي ڳانءِ ڏي ڏسي سوچيان ٿو تہ ڪيس ڪهڙي لِڪَ ۾ رکان، پر نہ چاهيندي بہ چئي ٿو ويهان، "مان شڪل مان تہ نہ سڃاڻان باقي نالو سو ٻڌل ٿو لڳيم."

"ها تون ڳوٺ ۾ رهين بہ ڪيترو وقت، سدائين تہ ٻاهر پئي پڙهايون ڪيءِ."

مان دل ٿي دل ۾ ڪيس چوان ٿو تہ: موڳي مينهن، توکي ڪهڙيون خبرون منهنجي پڙهائيءِ جون. مان تہ اهو سمورو وقت ٻاهر هوندي بہ ڳوٺ هئس، منهنجي دل جو اتي هئي. مان سدائين پيو آگرين تي ڏينهن ڳڻيندو هوس تہ ڳوٺ موٽان، پر مون نہ ان ڳالهہ جي ڪيس هاٺو ڪئي ۽ نہ ننهڪر، ڪائنس پڇان ٿو، "چو آئي آهي؟"

"ڏير، نندڙو پٽ ٽڻن تي ڪسيو اٿس، سو واهر تي گهري."

"باقي دادن ڇا پيو ڪري؟" مان ڇاٿي واٺي هي سوال ٿو پڇان. دادن ڪي گذاري ٻارهون مهينو بہ ٿي ويو. مون تہ ان ڪان پوءِ ڪيس ٺئين سر نينهن جو نياپو پهچايو، پر هن ورندي ٿي ڪونہ ڏني. هن جي اکين مان سو سانوڻي جو درياهہ اٿلي پيو.

"اهو تہ ڪڏهو ڪو پنهنجي ڏيهہ ويو، تون تہ ڪو صفا چٽ آهين، باقي وڪالت ڪٿين پيو ڪرين؟"

مان دل ٿي دل ۾ سوچيان ٿو تہ: ڪهڙيون وڪالتون ڇا جون وڪالتون، اهائي وڪالت آ تہ ڇڙو ڳوٺ کان پري رهڻ جو بهانو. مڙيل قٽن ڪي وري نہ اديڙڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش. مان چئ تہ يادگيرو ڪندي چوان ٿو، "ها، ها."

"پوءِ ڪرينس نہ ڪا واهر."

"ڪهڙي واهر ڪجيس، ٻار جا تہ نيٺ ڏاڏاڻا وارث آهن."

مان بہ پنهنجي پر ۾ زينوءَ جي هنيانءَ ڪي مٺ ۾ قابو ٿو جهليان تہ پلي ڪيس بہ ڪا ڪل پوي.

"ايتري ننڍي اُبهم جا؟"

"ڳوٺاڻي رسم جو اها آهي تہ پوءِ مان ڇا ڪيان."

"ٻن پوي اهڙي رسم. نسور ناحق آ."

مان من ئي من ۾ ڪيس چوان ٿو تہ اهي ريتون رسمون نہ هجن ها تہ توسان هيءَ جبل جيڏي جندڙي ڪيئين گهاريان ها. اهي ريتون رسمون ئي تہ هيون جن زينوءَ ۽ منهنجي وچ ۾ لوها ڪوٽ ڪڍي ڇڏيا. مان اهي لوها ڪوٽ ڀڃڻ گهريا. پر هتن ست ئي ڇڏي ڏنو. مون زينو لاءِ دادن ڪان وڏائي واڪ ڏنا. پر هڪ پيرو چڪاٽل وري مون نہ چڪائي سگهي. راڄوتي رسم ۾ مان ڳوٺ جو ابو امان هوس ۽ پنهنجي ننگ ڪانسواءِ ڪرڪا منهنجي نياتي ۽ امڙ هئي. مان جي ڳوٺاڻيون رسمون توڙيان ها تہ ڀريون اها رسم توڙيان ها. جنهن مون کي زينوءَ کان پري ٻيهاري ڇڏيو هو. مان دل ئي دل ۾ هزارين ڳالهيون سوچيان ٿو. پر هن کي ڇڙو اهو ٿو چوان. "وڏڙن جو اها رسم ٺاهي ضرور برابر هوندي."

"پر قانون بہ تہ آ."

"ڀهراڙيءَ جو اهوئي قانون آ."

"هوءَ تہ ويچاري حال کان بيحال آ. سندس ڇاتيون سور کان ڦاٽڻ ٿيون."

"ڇو. ڇو؟"

"ٻار. ٻن تي اٿس. ٿن ڏينهن کان ٻار جو نہ ڏاتو هوندس تہ پيو ڇا ٿيندو. ويچاري جو تہ چولوئي پسي پسي ڪوئٽر ٿي پيو آ."

مون کي بي اختيار زينوءَ جا لسي وٽي جيترا اُرهہ ٿا ياد اچن. جن جون جهلڪون مون سندس چڪني ۽ وائل جي چولن مان پٽي پسيون هيون. اهي تہ ان وقت مکڙي جيان هئا. پر هينئر تہ تڙي گل ٿي پيا هوندا. هن وقت تہ رهندو ٻار جي ٿڻن تي اٿس. سو اهي تہ هال کان بيحال هوندا. سندن شربتي کل مان اڇو کير پسبو هوندو. مان زينوءَ جي اُرهن کي ياد ڪري پنهنجي مومل جي سيني ڏانهن ٿو نهاريان جي ٿڻن ۽ ٿوٽين جي ٽيڪن کان پوءِ بہ اٿين ٿا لڙڪن. جيئن ٻاڙ واري وياٽل اليشن سوزيءَ جا ٿڻ. مان دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو تہ جيڪر پنهنجي مومل کي چوان تہ زينوءَ جي انهن ئي ڇاتين تہ مون کي حال کان بيحال ڪري ڇڏيو هو. پر ان وقت تہ زينوءَ کي

کو ڪهڪاءُ نہ آيو، پر هينئر تہ ڏينهن جي وچوڙي تي پٺي ڀار لاءِ، ماندي ٿي. پر اهي ڳالهيون سوچي تہ سگهجن ٿيون، پر ڇنڊڇاڻ ڪيئن. مان کيس ٿو تہ ڇڙو اهوئي، "زينو جو ڏير اهڙو تہ ڪونهي. آهي ڇا تي گوڙ؟"

"ڏيرنهس جي مرضي ساڻس لکيي ڪرڻ تي آهي، پر هيءَ ٿي هائو ڪري."

"ڇو نہ ٿي ڪري. گهر ۾ گهر؟" مان ڏڙڪندڙ دل سان پڇان ٿو، شايد تہ زينو مونڊائهن وراڻ ڪئي هجي.

"هو پيو پرتو نہ ڪندي، مڙس جي ڄانوَ ٿي ڇڏي."

"پر ڇو اجان تہ جوان جماڻ آ."

"دادن مٺي ڪان پوءِ هن جي دل جو گل ئي مٺل آ. هٺا بہ تہ ٻئي ڇٺا هڪ ٻئي تان گهور." مون واري مومل موڏائهن ميار ڏيندڙ اکيون ڪپائي چوي ٿي. هن جون اکيون مون کي ڇون ٿيون تہ تو ۾ اهي ڳالهيون ڪٿي. مان دادن ..... دادن جو راڳ ٻڌي سڙي ڪوئلو ٿي ٿو وڃان. دادن جيٺري تہ مونکي ملهہ ماري هٺي، پر هينئر جڏهن سندس هڏيون بہ ڳري ويون هيون، تڏهن بہ مونکان سرسيءَ ۾ هو. زينوءَ جي وات تي اڃا ساڳيو نالو هو ۽ مون جهڙا تہ ڪنهن قطار ۾ ئي ڪونہ هئا. مان خار ۾ زال کي چوان ٿو، "ڪمال تي ڪرين زينوءَ کي ڪيئن وهاريو؟"

"سندس مرضي بنهہ ڪونهي، باقي چوي ٿي تہ هيٺ مٿي ٻڌو تہ ٻلي ڪاري چور سان پرڻايو."

مان اهو جملو ٻڌي ٻاهہ ٿي ٿو وڃان. انهن ڪارن چورن مان تہ هڪ مان بہ آهيان، ڳوٺ جو چڱو مڙس، مجيريءَ وڪيل. پر هن کي تہ ڪنهن تہ فلڪ ڪونهي. هن لاءِ تہ دادن اڃان جيئرو جاڳندو آ. مان دل ئي دل ۾ دادن کي پٽيان ٿو. شل رب دادن کين ڪريٺي ، پيٺان مٺي ڪان پوءِ بہ زينوءَ تي وسينگ نانگ وانگيان پهرو پيو ڏين. مان ٻاهہ ۾ زال کان پڇان ٿو، "پاڻ آهي ڪٿي؟"

"مون واري ڪمري ۾ ويٺي آ."

"اتي ڇو ويهاريوس ٿئي؟"

"مڙئي هن ويچاريءَ سان ڏک سور بہ ٿي اوريم ۽ سيرون بہ پئي ڏياريم."

منهنجي اکين اڳيان زينوءَ جو ڪارو پنيور وارن وارو چوٽو ڦري ٿو اچي ۽ پي نظر پنهنجي مومل جي من موسڙي واري اکيري ڏانهن ٿو ٠جهان.

دل جوئي ٿي ته ڪيس چوان تون پنهنجي ڪٽل ڪنين کي سيرون ڏيارڻ بدران سندس ڪارن ککرن کي کولين ها. پر ڪيس ائين ڪيئن ٿو چئي سگهان. هن کي چوان ٿو، "زينوءَ کي موڪل ته پاڻ ڳالهائي. تو هريرو سندس ٺيڪو ته نه ڪنيو آ."

مون واري مومل به سوال جواب ڪري لاشڪ ٿڪي آ. سو هوءَ واپس ٿي موٽ کائي. وراندي ۾ ٿي هن جو آواز ڪن تي ٿو پٽيم ۽ هوءَ زينوءَ کي چوي پئي: "مائي پاڻ به ته صاحب سان ڳالهاءِ. هتي پنهنجي وڪيل سان نٿي ڳالهائي سگهين ته اڳتي ڪورٽ ۾ کهڙا سوال جواب ڪندينءَ؟"

ٿوري دير چپ ٿي وڃي ٿي. مان سمجهان ٿو ته هوءَ ايندي يا ته هٻڪندي هوندي يا رٺو ٿاهيندي هوندي. منهنجي سامهون اچڻ لاءِ، دل من هٿندي هوندي ۽ ڳالهائڻ لاءِ لفظ توريندي تڪيندي هوندي. ان دم ٿي دل ۾ خيال ٿو ورائي ته متان مون واري مومل به وري ساڻس ڳنڍي نه اچي. سو اتان ئي ڪيس ڪن تي ٿو هڻان، "هاڻي مهرباني ڪري تون وڪالت ڇڏ. مون لاءِ مائي پڇائي آءُ."

مان ڪن ٿو ڏيان ته پنهنجي مومل جو ڪيهو بروچي خاني ڏانهن ٿو ٻڌان ۽ زينوءَ جي اچڻ جو آواز دل ۾ پيو محسوس ڪيان. هوءَ سرندي، سرڪندي، بيهندي، هلندي ڪاٺين ڪال در ۾ ائين ٿي منهن ڪڍي، جيئن پندرهينءَ جو چنڊ ڪي گهڙيون لڪ ڪري پوءِ اُڀرندو آهي. هوءَ در جي تاڪ کي جهلي پير جي ننهن سان ڌرتي کوٽڻ لڳي ٿي. مان هن جي چنڊ جهڙي منهن کي ڏسان ٿو. جو حجاب کان ڳاڙهسرو ٿي ويو آهي ۽ پوءِ سندس ڊگهي هاٺي، موڪري سيني، چيتڻ جهڙي چيلهه ۽ پرپور ڍاڪن کي ٿو تڪيان. جيڪي هينئر مون کان هزار ڪوهن تي آهن. مون ان مفاصلي کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجا پير پٽون ڪيا آهن، پر اهو اڻانگو پنڌ ڪٽيي نٿو ڪٽي. مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان، پر ڳالهائي نٿو سگهان. زبان ڄڻ ته تارون سان ٺهڪي وئي آهي. مس مس ڳيتون ڏئي مان ڏک ۽ ميار مان ذري گهٽ روئڻهارڪو ٿي پڇڪان ٿو. "آئين آن زينو؟"

هوءَ جواب ۾ ڪي ڪجهڻ بدران پنهنجون چيرويون اکيون کڻي مون مٿل کي رهندو ماري ٿي.

"منهنجي ڳالهائڻ تي ڏک ضرور ٿيو هوندءِ، پر زينو ادا ڏک ته تو

ٻه ڏنا هئا."

هوءَ اٿين ٿي چپ.

"ياد اٿئي تو لاءِ مون ڦارون پٽي پاتيون. تون رڪو جواب نه ڏين ها ته ههڙا ڏونگر ڪٿي ڏسان ها."

هوءَ ايرنڊڙ چند جيان آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪٿي مون کي چوي ٿي، "قرب ڪرين ته ڏکيءَ کي نه ڏکوءِ مون ٻي وڙيءَ تي وڙ ڪر."

"توکي ڪهڙا ٿو ڏک ڏيان زينو؟"

"اهي ڏک ناهن ته ٻيو ڇاهي؟"

"زينو تون سمجهين ڇو نه ٿي. توکي پنهنجا ڏک ته ياد پون ٿا. پر منهنجا وساري ويهين ٿي. مان اڄ ٻه تولاءِ پاٽون پيو ڪاوان."

هوءَ ڪو جواب نٿي ڏئي، پر سندس اکين ۾ منهن شوڪجي ٿو وڃي ۽ مون واري ڳالهه کي ليلاڻي ٿي ڪري ڇڏي. مان وري وارو ٿو هڻان. "زينو مٺن لاءِ ايترا ماتم ڪونه ٿا ٿهن."

"تو لاءِ مٺل هوندو، مون لاءِ ته جيئرو جاڳندو آ."

پوءِ مون کي پنهنجو پاڻ تي خار ٿي اچي. مان ته ڪيڏو خسيس ٿي پاڻ کي پيو سندس پيرن ۾ اڇلايان ۽ هوءَ اها وڏائي ۽ هٺ ڪونه ٿي ڇڏي. مان ڪانتو بدلائي ڪيس چوان ٿو، "توکي خبر آهي نه ته مان وڪيل آهيان."

"ها."

"آندي اٿئي روڪڙ."

"ڪيتري آ تنهنجي في؟"

"هزار، ٻه هزار، ٽي هزار ڪيس تي مدار آ."

هوءَ رقم ٻڌي دهلجي وڃي ٿي. ڪي گهڙيون سوچي سوچي مون ڏي نهاري چوي ٿي، "هينئر ته ڪي ڪينهيم. باقي اوڌر ڪرين ته چاڪري ڪري ٻه وهي ڏينديس."

"مان ته اڳواٽ روپيو روپئي تي وڃائي ويٺو آهيان." مان خار ۾ چوان ٿو.

"پوءِ ڇا ڪيان؟" هوءَ بيوس ٿي پڇي ٿي.

"پڻ وٺتو اٿئي زينو؟"

"ها."

"پڻسو بہ ڪونهي؟"

"نہ."

مان زينو ڏانهن ڏسان ٿو. هوءَ هينئر بيواهي آهي ۽ ڪيس ڪا واهہ ڪونهي. مان ورهين جا ورهيہ هن لاءِ ڪوڙڪيون اڏيون، پر هينئر اچي ڦاٿي آهي. مان ڪيس ڦاٿل ڏسي مهل تي ڏڪ ٿو هڻان، "زينو جي روڪڙي في ٿئي ڏئين تہ پوءِ اهائي في وٺندو ساڻ، توکي مان سان نياڻتو پوندو."

"خدا جي قهر کان نٿو ڊڄين؟" هن جون اکيون ذري گهٽ لال ٿي وڃن ٿيون.

"ان ڪان ڊنس تڏهن تہ توکي زوري بہ نہ ڪنير، نہ تہ تون دادن سان ڪيئن لائون لهين ها، پر هينئر ڪنهن کان بہ نہ ٿو ڊڄان."

"تون تہ ڪو صفا لانگڙ لاهہ آن." هوءَ رهندو مون واري جواب تي باهہ ٿي ٿئي.

"تون ٿي ائين ڪيو آ."

"مان؟"

"ها تون."

هوءَ چپ ٿي وڃي ٿي ۽ ڪي گهڙيون دل من پڇي ڦونڌانهن چوي ٿي، "تنهنجي مدد جي گهرج ڪُونهي، مان پاڻهي ٻار وٺنديس."

"مليءَ ٻار." مان ٽوڪ ڪيان ٿو.

"ڇو نہ ملندو؟"

"زينو تون جي اهو ٻار وٺي وٺينءَ تہ توکي پيرين اچي پوندس."

"ڪال ٿي تنهنجو پيل هوندو تہ پوءِ ڪئين ملندو."

"مس مس سمجهيو اٿئي."

هن جي منهن جو پنو ٿي لهي ٿو وڃي. هوءَ مون واري رمز مان ٿي سهي ڪري وٺي آهي تہ مان ضد تي بيٺو آهيان ۽ ڪيس ٻار ڪائين ڪال نہ ملندو. هوءَ ليلهائي ٿي، "ان انڌ جي گهوڙي تان ڪنهن حيلي لهندين؟"

"نہ." مان صفا پڙ ٿو ڪيي بيهان. "ڪهڙو رحم بيرحمن سان."

هوءَ مون ڏانهن ڪي گهڙيون نهاري منهنجي اکين ۾ ديد لهڻ جي ٿي ڪوشش ڪري، ٻر انهن اکين تي چلر چڙهيل ڏسي لاچار چوي ٿي، "چڱو جي نٿو مڙين تہ ڀرپور ٻار وٺي ڏي، پوءِ اهائي فهي ڏيندم. ڪڏهن وٺي ڏيندين؟"

"سياڻي شام کان اڳ، رات اتي ئي رهبي تنهنجي بلي."

"مان به پهرين رات ٻڌل آهيان، پوءِ جوڳي نه ڪنهن جا مٽ."

"پوءِ مان ٻڌل، تون ڇٽل."

"ته پوءِ ڪا اميد نه رکجانءِ."

"ٺيڪ، سياڻي لاءِ ٻڌل آهين نه."

"ها، سياڻي لاءِ ٻڌل."

"انجام ڏي متان پوءِ ڪو ڏنو پوزي ڪرين."

"هيءَ منهنجي سينڊ." هوءَ سينڊ تي رکي ڇوي ٿي.

اتي مون کي پنهنجي مومل جو گيهو ڪن تي پوي ٿو. هوءَ سهڪندي سهڪندي مون لاءِ ماني جو تشت کڻي اچي ٿي. ماني ٽيبل تي رکي پاڻ ڪرسيءَ ۾ اٿين ڦان تي ڪري ٿي پوي، جيئن ڏيهي ۾ ڪا ٽڪل مينهن. ڪهڙي مهل کان پوءِ مس مس سامت ۾ اچي، مون کان پڇي ٿي، "زينوءَ جي ڪم جو ڇا ٿيو؟"

"سياڻي ڇنڇر ڏينهن راجوڻي ڪبي، نه ته پوءِ لاچار ڪورٽ ۾ ڪيس وجهندس."

"ها، تنهن سان ڇڄي ته ڪاتي ڇو وجهجي. پهريون ميار لاهه پوءِ ڪيس به نتو ڀڳو وڃي."

"اٿين ئي ٿيندو سائڻ، جيئن تنهنجو حڪم." مان متس ٿورو ٿو ٿڦيان.

منهنجي جيپ ڳوٺ ڏانهن اڏامندي ٿي هلي ۽ جيڻ جهاز جون پٽي سڪون لاهي. مان هونءَ به گهڻو ڪري مهيني ماسي ڇنڇر تي ڳوٺ ويندو آهيان. ان ڳوٺ ۾ ئي منهنجا ٻني ٻارا، ڪڙمي ڪاري ۽ رام راڄ آهن. اهو ڳوٺ مونکي سدائين ڪاڻ ايندو آهي ۽ مان هر ڀيري پهر ٻاچو گذاري پوڻتي موٽ ڪندو آهيان. پر هن ڀيري مان ڏاڍو خوش آهيان ۽ ساجهر پهچڻ لاءِ ڊرائيور کي جٿين پوءِ تيئن تيز هلائڻ لاءِ زور ٿو ڀريان. مان اباڻي ڳوٺ جون ڀيريون ۽ ٻيا وڻ ٿو ڏسان. انهن وڻن هيٺان ئي زينو آهي، جا ڪو وقت مون لاءِ ڍکهو اڇو وڻ هئي، جتي مون لاءِ پڇڻ محال هو. پر هينئر اهو وڻ پنهنجي پڪل ڦر سوڊو سمورو پاڻ مون ڏانهن نمي آيو آهي ۽ مان ڪي گهڙيون اهو ڦر ٻنهنجي هٿن سان روڙي چڪي ڇپاڙي سگهندس.

منهنجي جيپ سڙڪ ڇڏي ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ ڦري پنهنجي بنگلي

وٽ ببفي ٿي. جيپ جي گهرڪي تي مون وارا ڪمدار ڪاراوا پڳا ٿا اچن. هرڪو منهنجي خدمت لاءِ بيقرار آهي. ڪو جيپ مان تيڙ ٿو ڪڍي ته ڪو مون کي منهن کان پيرن تائين ڇنڊي ٿو. مان بنگلي ۾ پهچي ڪرسيءَ تي پوءِ ٿو ويهان ۽ پهرين ڪمدار کي ڪرڙي آواز ۾ چوان ٿو. "هن غلامو ڪتي جي پٽ کي گهراءِ ته سندس ڇنجري لاهيان."

"ڇو سائين خير؟"

"پنهنجي پاڇائي کان ابهم ٻار ڪسيو اٿئين. ان کان وڏيڪ کهڙو ڏوهه ٿيندو آ ڪمدار؟" مان ڪمدار سان انهيءَ خار ۾ ٿو ڳالهايان. مونکي خبر آ ته مون واري اها ٿانَ شوخائي ڪم ڏيندي. ڪمدار مون واري رمز سهي ڪري ڪارائي کي ٻه رتيون سرس پائي ڏيندو ۽ مينهن واءَ هڪ ڪيون غلاموءَ کي ڇو ڪنيو ڪنيون ايندو. مون وٽ پهچڻ کان اڳ سندس پير پٽيل هوندا. هن جون وايون بتال هونديون ۽ مون وارو هڪ ئي لوهارڪو ڏک هن کي موڙي ميڻ ڪري ڇڏيندو ۽ ڪا ڌمر ئي نه جهليندو.

ڪمدار جو ڳوٺائين ريتن. رسمن. ڇيڙين نبرين جو ماهر آهي ۽ مون سان حجائتو آهي، سو نئين ڳالهه ٻڌي چوي ٿو، "پر سائين ٻار ته نيٺ ڏاڏنگ لهڻو. جي مائي ان ساڳي گهر ۾ متي ڇانوَ ڪري ويهي رهي ها ته غلامو ڇو ٻار ڪسي ها."

"ڪمدار، زوري پرٿائينديس ڇا؟"

"سائين اڳي ته اهو رواج هو. خانصاحب واري زماني ۾."

"ميان نئون زمانو آ. اها ٻار جي ماءُ جي متي دانهين ها ته غلاموءَ جي نه رن بچي ها نه روڳڙي. شڪر ڪر جو مون وٽ ئي پهتي. راڄوٺي ڪم جون چاٻيون پنهنجي هٿ آهن، جيئن ڦيرايون تيئن پيو ٿئي."

"سائين، غلامو به اهو ڪم تنهنجي طاقت تي ڪيو نه ته هن کي ٻي کهڙي واهه."

"نه نه ميان، قانون بجڙي بلا آهي."

ڪمدار مون کي بٺنش تي ڏسي، آئي مجي مون کان پڇي ٿو، "پوءِ سائين جيئن حڪم ڪيو."

"هينئر جو هينئر غلامو ٻار سوڌو پهچي."

ڪمدار منهنجو حڪم ٻڌي وڄ وانگر وڃي ٿو ڪارائي تي ڪڙڪي.

ڪمدار جي آواز ۾ وري مون ڪان بہ وڏيڪ گجگوڙ آهي. هو ڪارائي ڪي باهہ جو پاڻي ڏئي حڪم ٿو ڪري: هينئر جو هينئر بنا دير ٻار مائي جي حوالي ڪري اچي سهڻي ورندي ڏي. ٻيو ٻڌ. غلاموءَ ڪي منهنجو نياپو ڏجانءِ تہ مهينو ڪن صاحب جي منهن تي نہ چڙهي، نہ تہ ڪل ڪاري وجهندس."

مان جيسين ٻنيون ٻارا گهمي واپس بنگلي تي پهچان ۽ تڙ ڪري ڪپڙا لٽا بدلائي بالم تي ويهان ٿو تہ اهو ڪارائو اچي خبر ٿو ڏئي تہ ٻار مالڪين پهچي ويو ۽ هرڪو هينئر رِيان ڪنيان آهي. مان بہ پانهن سيراندي ڪري ليٽي ٿو پوان.

اکيون ڪڪڙن دس هنيو. گهڻو ڪري اڌ رات پئي لڙي. چؤ طرح چپ چپات ۽ سانت لڳي پئي آهي. ڳوٺ جا ڪتا جي مالڪن ڪان بہ وڌ عاشقن جا ويري ٿين، سي بہ ڪنهن ڪُنڊ ۾ وڃي پٽجي رهيا آهن. ان سڄي جهان ۾ مان ئي تارا پٽي پيو عجيبن لاءِ اگھ ڀهاريان ۽ واٽون نهاريان. مٿي نيري آسمان ۾ تارا پيا ٽمڪن. مان هر هڪ تاري ڪي چتائي پيو نهاريان تہ ان ۾ زينوءَ جو منهن پيو پسان. آسمان ۾ انهن تارن جي پاسي ڪان اچو پٽو جرڳي پيو ۽ مان ان پٽي ڏي ٿو نهاريان، جو اهو رستو، اهوئي ڳس وٺي زينو مون ڏي اچڻي آهي.

ڪن تي ٺورو ڊيڪو ٿو پئيم مان ڪر ڪئي ان طرف پيو واجهايان. پهريون ڪاري ٻاٽ. پوءِ پاڇولو ۽ پوءِ ڪپڙن جو سرڙاٽ. هوريان هوريان پدمڙا پير پير ۾ ڪنندي ڪڙڪو مارينديءَ- هائو ٻيلي اچي ٿي. سندس جوان جماڻ جسم جي ڪٿوري پهريون ئي تي پڄي: ايتري ڪٿوري تہ مونکي پاڻ واري مومل مان بہ نہ ايندي آهي، جا الائي ڪيتريون شيشين مٿان شيشيون پاڻ تي پرٽيندي آهي. مان اکيون ٻوٽي نڪ مان ڊگهو ساهہ کڻي زينوءَ جي بدن جي سرهاڻ هڪ ئي وار ٿو جهٽيان. هو تيستائين منهنجي کٽ وٽ پهچي وڃي ٿي. مان هوريان پٽڪو ٿو ڪيان، "ڏاڍو اوجاڳو ڪرايئہ؟" هوءَ کٽ جي پيرانديءَ تي ويهي مون ڪي چوي ٿي، "ڇا ڪيان چوڪر ڪي ڊهہ پٽجي وٺي آهي، اچا سمهاري آٿان تہ ٻرڙاٽ شروع ٿو ڪري. لاچار ڪيس کڻي آيس تہ مٿان خواري نہ ڪري."

مان چرڪ ڀري کٽ تي ويهي ٿو رهان ۽ ڪانئس پڇان ٿو، "ننڍڙو ڪٿي آئينہ ڇا. ڪاٿي آ؟"

"اجهو هي اٿي ڊولو. ڏس نه هوبهو جهڙو دادن." هوءِ ٻار تان رئو لاهي مونکي ڏيکاري ٿي.

"دادن جهڙو ته ڪونهي." مان ٻار کي گهوري گهوري چوان ٿو.

"ننڍڙو آ نه توکي خبر نٿي پوي. وڏي ٿيندو ته ترَ به دادن کان نه مٽيندو. ان آسري تي ته پئي جيئان." هوءَ تڏو شوڪارو ڀري ٿي.

"هاڻي ته چپ ڪر آ."

"ها. هاڻي ته ننڊ ڪر به کلڻ ٿو. ڪر چوڙ تان تي لاهيانس ته چَپَ ٿو چپا ڪري. دادن جو به مونتي اهڙوئي آر هوندو هو. جهٽ پلڪ هيڏي هوڏي ٿيندي هٿس ته هن مارئيي جيان ٿي پوٽ بجڙو ڪندو هو."

"زينو." مان ڪيس هوريان سڏيان ٿو. چڻ ڪنهن اونداهين اونهيَ قبَل کوهه مان.

"جي."

"دادن ڏاڍو پيارو هيَءِ؟"

"ڏاڍو روح رليل هئا نه صاحب."

مان ماٺ ميٺ ڪر آسمان کي ٿو تکيان. تارا ءِ گس جيئڻ پوءِ تيئن مون ڪان پري ٿيندا پيا وڃن، هوءِ کي گهڙيون منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪري چوي ٿي؛ "تون وري کهڙن پورن ۾ پئجي وئين. تون وکيل ماڻهو توکي پنهنجي فهي سان ڪم، ٿورو سُر ته ٻار کي ليٽايان. چاڻ باک ڦٽي."

هو ٻار کي هيٺ سمهارڻ لاءِ نوڙي ٿي، مون کان بي اختيار درهڙي ٿي نڪري وڃي. مان هوريان رڙ ڪري هن کي جهليندي ٿو چوان، "نه زينو، ٻار چوڙ تان نه لاهجانءِ، ٻار روئي پوندو. مان هن کي سدائين کلندو ڏسڻ ٿو چاهيان. ❑

مساوات

ايس- پي هاء ڪمانڊ ميٽنگ جو حال احوال ۽ ان ۾ ٿيل فيصلي جو ذڪر پورو ڪيو ته ڪي گهڙيون بنهه سانت ٿي وئي. ان وقت ايئرڪنڊيشن جي ڀوُن ڀوُن هئي يا ٻنهي ڄڻن جي ساهه کڻڻ جا آواز. ايس - پي اهو لڪ اڳ ۾ ئي لنگهي آيو هو، پر ايس . ايچ . او بهار علي، جنهن اهو احوال ڀهريون ڀيرو ڪنين ٻڌو هو، تنهن جي ڪنن ٿي تاڙيون چڙهي ويون هيون. سندس منهن جو پنو ڪوري هرڪ جهڙ ٿي ويو هو. سندس تيل پيتل شهپر، جي ٻن ڦولن پاڻڻ ڪان پوءِ اوڪين ڪان اوِڪين مهلن ۾ به هميشه اُڀا هوندا هئا، سي به الائي ڪهڙي مهل ڍڍر ڍاري هيٺ ڪري پيا هئا. پوءِ به ايس- پي پاڻ سنڀالي، پنهنجي چاندي جي منيي واري ننڍڙي اسٽڪ آڱرين ۾ ڦيرائيندي چيو، "بس، اهي ٿي حال احوال."

ايس - ايچ - او جو ڳتين ۾ گم هو ۽ اجا پوري هوش ۾ ڪونه آيو هو، سو ڪنڌ مٿي ڪئي پنهنجي صاحب ڏانهن نهارڻ لڳو. ڳالهائڻ گهريائين، پر زبان ئي ڪون اٿليس. مٿل سٿل آواز ۾ ڇڙو اهو پڇيائين، "پوءِ سائين؟"

"بس بابا، حڪم جا بنده آهيون."

"پر سائين، اوهان هيڏو اٺ جيڏو بار ڪيئن پٽي ڪنيو؟" ايس- ايچ- او ليلهايو.

"بابا، بار بارين تي آهي. هتي ڪنهنجي ڪڇڻ جي جاءِ آهي، اتي ته وات تي به هٿ هو، ته هيٺ به."

ايس: ايچ. او ڪي دل ئي دل ۾ ڪُتڙيون چڙهي ويون. هن ڪي پنهنجا اڳيان اي - پي صاحب ياد آيا. جي سڏائي سڏا ڪميشن مان چونڊجي ايندا هئا، پر دلين جا پاور هوندا هئن. ههڙي تهڙي ڪي ته سنگل ئي ڪونه ڏيندا هئا. وقت جو بادشاهه به ڪين ابتو ڪم چئي نه سگهندو هو، پر هينئر ته اهي مور مري ويا هئا ۽ هينئر هن رنگرس سان نياڻو هو، جي پنهنجين ڪرسين کي سلامت رکڻ لاءِ نه اڳ ڏسندا هئا، نه پٺ. سروس جو مزو به انهن ڏينهن ۾ هو، هينئر ته چاڪري هئي.

ايس - پي پنهنجي صوبيدار کي، جو هنجي هر مرض لاءِ آخري پڙي هوندو هو، ايڏي وڏي سوچ ۾ ڏسي پڇڻ لڳو، "بهار علي، ڇا پيو سوچين؟"

"سائين، پنهنجو حشر پيو سوچان."

"ڪمال آ، ايتري پاڙپاڙ!"

ايس. ايڇ. او جي ڪپڙن کي باهه لڳي ويئي. ڪيس چوڻ لڳو، "سائين، اوهان ان جا اڳا پيڇا سوچيا آهن؟"

"سوچڻ اسان جو ڪم ڪونهي، ان ڪم لاءِ مٿي ويٺا آهن."

"سائين، اهي ته ڪڏهن جيل ۾ هوندا، ڪڏهن ريل ۾. پاڻ اهڙيون سٿون...."

"ٺڏو ٺي ٺڏو. توکي ته نوڪري پياري ڪونهي. مان بابا ٻچڙيوال آهيان." ايس. پي سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چڙڪندي چيو.

"پر سائين، ڳالهه به ته اهڙي تهڙي ڪونهي، نيٺ ته مصلحت ڪبي."

"پاڻ کي ڪهڙي مصلحت ڪرڻي آ. حڪم آ حاڪم."

"ڪير ذميواري ڪندو؟"

"ڪوبه ڪونه. باقي مان سو توسان ٻڏل آهيان."

ايس. ايڇ. او کي هن واري ٽيڪ جي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي. هو ڪيس ڊاڪڻ تي چاڙهي هيٺان پير ڪيڻ وارو هو. هو ته ڪيس ان پوهي ۾ ڦاسائي پاڻ اوچتو ڪونه ڪو دورو ڪڍي ويندو ۽ ان ڏينهن سندس آمد ئي ڪونه هوندي. پاڻ پنجاهه ميلن تي پيو ڏسائيندو. هو اهو سوچي صفا پڙ ڪڍي بيٺو. "نه سائين، مون کان اهو ڪم نه ٿيندو."

اهو جواب ٻڌي ايس. پي کي ڏکر وٺي ويا. هنجي ڪنفرميشن جو دارو مدار سمورو ان ڳالهه تي هو. ڪلهوڪو ڏينهن هو جو سب انسپيڪٽر هو، مس مس ڊي. ايس. پي ٿيو، ان رئنڪ ۾ به هو جونيئر ۾ جونيئر هو. جو نڪي نوڪي ڳالهائي ٻولهائي عارضي ترقي ڏني. ڪيس ضلعي جي چارج ڏني وئي. اتي سندس چاندي ئي چاندي هئي. مس مس هن ۾ پهريون ڪم پيو هو ۽ هو سيني تي هٿ هڻي هائو ڪري آيو هو. هيئر سندس زبردست سندس ٽيوٽي اونڌو ڪري رهيو هو. هنجي هڪ دل چيو ته جيڪر پنهنجيءَ تي اچي ڪيس ٻني رهڙون چاڙهي، پر ڪم جي نزاڪت کي ڏسي، هن سور پي، هيٺائين کي نه ڇڏيو. هن ايس. ايڇ. او کي ماڪيءَ کان به مٺي آواز ۾ پيار سان چيو، "بابا، پاڻ کي هي ڪم ضرور ڪرڻو پوندو."

"سائين، پهريون ٺڏي دماغ سان ويهي سوچيو."

"ڇا سوچيون ؟"

"ائين ڪرڻ سان رهندو ٻاهر نه پڙڪي پوي."

"ٻاهر وسامي ڪٿي آ ؟" ايس- پي پڇيو.

"گهٽ ۾ گهٽ گرفتارين کان پوءِ چپ چپات ته آهي."

"ميان اها ماٺ نه سمجهه. سيني جي اندر ۾ پيا ڪورا ٻرن، رڳو پيا پٽي ڏينهن واجهائين ته گرفتار ٿيل ڇٽن. تولاءِ مون لاءِ به سدائين جنجال آ. روز لا ائنڊ آرڊر جو پرابلم. ان ڏينهن هاسٽلن ۾ ڇا ڏٺئي؟"

"ها سائين، ڏرتي ٽامون هئي."

"پيٽسان ٻارهن ٿي مهينا پڙهائي بند. ڪمرن ۾ ڪتابن بدران اسٽين گنون، رائفلون. روز جلسو جلوس ۽ پوليس سان ڏاڙهي پٽ ۽ رت جون ناليون. آخر ڪيترو وقت انهن ڳالهين کي سهبو."

"سائين، نئين رت آ، ان کي جوش گهڻو هوندو آ. هنن جا ڪجهه نه ڪجهه ڊيمانڊ قبول ڪيو، پاڻهي چپ ٿي ويندي."

"ميان مطالبا به جائز قبول ٿيندا، ناجائز ڪير قبول ڪندو. تو کي خبر آهي ته ٻاهرين ملڪن ۾ ته هن يونيورسٽي جي ڊگرين کي ٽڪ ٿي نٿا هڻن."

ايس. ايچ. او بهار علي نه ٻاهريان ملڪ ڏٺا هئا ۽ نه هن کي ڪا ڄاڻ هئي. هن سموري سروس ۾ يا ته پنهنجا ٽاٽا ۽ آئوٽ پوسٽون ڏٺيون هيون يا ڪورٽون ۽ بالا آفيسون، جتي ميڙيءَ چونڊيءَ، جي ورهاست ٿي، باقي هن لاءِ وچي ڪو پاڻڻ پاڇو رهندو هو- هو چپ ۾ رهيو.

ايس. پي واٽ تي ڏسي ڪيس سمجهائڻ لڳو. "ميان. هن وات ڳاڙهن چورن کي ڪيستائين ڊر ڏبي. پاڻ کي قانون جي بالادستي هر حالت ۾ قائم ڪرڻي آ. ڏسين نٿو ته ڪيترن ڏينهن کان پيا گهر ڪائون."

اها گهر ڪائڻ واري ڳالهه صوبيدار کي اندر ۾ ائين ٺهڪي ويئي، جيئن سچ پتري کان پوءِ جوابدر جو ڪنفيشن. هن جزائن ۾ ڦاسائڻ ڪانپوءِ، پيون سب فريادون، درخواستون سموريون ڳاڙهين پوتين واري دفتر واري دفتري ۾ بند پيون هيون ۽ انهن کي کولڻ جي ڪا واند ڪائي ڪونه هئي. روز ڪونه ڪو جلوس، اسٽرائيڪ هئي. هن کي پاڻ اهي سکيا ستابا ڏينهن پسند هئا، جڏهن هٿ چوري ڪجهه نه ڪرڻو پوندو هو، پر تنهن هوندي به انهن

سٺاوَن ڏينهن آٿڻ جي ان نئين مٿان آيل طريقي مان راضي ڪونہ هو. هن چيو:
"سائين، امن امان قائم رکڻ جا پيا بہ طريقا آهن، هرويرو هي ڪونهي."

"سڀ رستا وتاسي. چوڪرن جي مائٽن کي چيوسين تہ" پنهنجن کي قابو ڪن. هنن چيو تہ: ٻاڻ ڪان زور آهن. وري ڇورن کي سر ۾ اچي بيمانو ڪيوسين، پر اهڙي جا اهڙا. مٿن هلڪي لاڊي چارج ڪئيسين ۽ ٽيئر گيس اُڇلياسين، پر ساڳي ڪتي جي پڇ واري ڪار. وري ڪين لٺ بہ ڏيکاريسين تہ چٽ بہ؛ تہ بہ ڪو مڙيا؟"

صوبيدار بهار علي ڊرو پنجي ويو هو. پر هن همت ٻڌي چيو، "اهي سڀ ڳالهيون برابر آهن. پر معتبر تي جيري لاءِ ٻڪري کي ٿي سير ڏيڻ بہ سيائپ ڪونهي."

"ميان. ڪني آگر هميشہ وڏي پلي، ڪني مڃي ڪاري مان ڪڏي نہ اڇلبي تہ ڪارو ٿي گونهن ٿي ويندو."

"پر سائين، تاريخ ...." ايس ايچ او بهار علي چوڻ گهريو.

"توکي ڪهڙي تاريخ جي خبر بابا. مون اسلامڪ هسٽري پڙهي آهي، اها مونکان پڇ. جڏهن ڪوفي ۾ شرارتون وڌي ويون هيون تہ پوءِ حجاج گورنر مقرر ٿيو هو. جنهن جي زبان ۽ تلوار ٻئي آبدار هيون ۽ هڪ ٻئي کان ڪسر هيون. خبر اٿئي ان ڇا ڪيو هو ؟"

"نہ سائين، مون کي خبر ڪونهي."

"هن پهرين مسجد ۾ تقرير ڪئي هئي. شرارتي ماڻهن هير موجب، مٿس ڇترون ڪيون هيون ۽ پٿريون هنيون هيون. تہ هن اتي جو اتي ڪوس ڪرايو هو. ان ڪانپوءِ اهڙي ٽاپر ٿي وئي، جو سيڪو ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو. اهو حجاج ساڳيو ٻاڻ وارو اٿئي، جنهن سنڌ ۾ بہ ٻائٽيو موڪلي ڏاهر کي مارايو هو."

ايس. ايچ. او بهار علي پنهنجي صاحب جي علمي قابليت تي گهور گهور ٿيڻ لڳو. هن جي هڪ دل گهريو تہ جيڪر موقعي مان فائدو وٺي حجاج ۽ ٻائٽيهنس جا ڪارناما ۽ سندس دين ۽ ايمان سان پڇائي معلوم ڪري، پنهنجي ڪاري ٻاٽ جهڙي سيني کي روشن ڪري. پر ٻيءَ دل هن کي پنهنجو ڪرمنل پروسيڊر ڪوڊ وارو ڪتاب ياد ڏياريو، جيڪو هن کي برزبان ياد هو ۽ جو هن کي تاريخ تہ ڇا، پر دنيا جي مڙني ڪتابن کان

وڏيڪ پيارو هو. جو هن کي سنڌائين پوتيءَ ۾ ويڙهي تاڪ تي رکي ڇڏيندو هو. هن کي پنهنجي ان ڪ - پ - ڪ جا سڀئي قلم ياد هئا ۽ ڪيس ڪنهن بي تاريخ جي علم جي ڪا ضرورت ڪونه هئي. هو دل ئي دل ۾ پنهنجا قلم ياد ڪري سرور ۾ پئجي ويو.

ايس. پي ڪيس ماٺ ۾ ڏسي پنهنجي ڦرندڙ ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيندي چيو: "بابا، قدرت جو قانون آ. ڏاهرين جو علاج حجاج ئي آهي ۽ اهوئي انهن جو دارون آ."

صوبيدار بهار علي جي ڳلَ تمام ٿلهي هئي. پر لڳاتار ڪوشش ۾ نيٺ اهي ڳالهيون سندس چپ ۾ گهڙنديون پئي ويون. جن ڳالهين ڀريون ڪيس ڏنيو پئي ڏنا، سي هوريان هوريان پچائيندو ۽ سهسائيندو پئي ويو. باقي وچي کي انڌا ڪاٺا اعتراض رهيا هئا. هن پنهنجي صاحب کي چيو. "سائين، اهي خون ڪتوريون نيٺ وچي ڦاٿنديون پوءِ زمانو...."

"ميان، زماني جا بهانا نہ ڏي. زمانو ڇاٽي ٿو تہ تون ۽ مان ڇڙيون پُتليون آهيون ۽ اسان جا ڌاڳا ٻئي هٿ ۾ آهن. جيئن چوريندو، تيئن چرنداسين، جيڪو ناٽڪ چوندا، سو ڪري ڏيکاريندا سين."

"پر سائين، پوءِ ذميواري ڇو نہ ٿا ڪڻن؟"

"وري ساڳي ذميواري جي ڳالهہ. بابا، لکت ۾ ڪو ذميواري نہ ڪڻندو، باقي پاڻ سان هر حالت ۾ پٽ آهن."

"پڙ تہ اهو ٿو ٿئي تہ ڀريون چٽ ٻڌي، پوءِ ڪنڌ نہ ڀڃن."

ايس. پي بہ نرمائيءَ سان ڳالهائي ڳالهائي ٿڪجي پيو هو ۽ سندس نڙي ۽ وات پڻ ڪوڙو ٿي ويو هو. ٽتل لوهہ تي هنڌائتو ڌڪ هڻندي، سامر ۾ چيائين، "ميان، تنهنجي ڪنڌ ڀڃڻ لاءِ هن وٽ پيوئي مسالو گهڻو آهي. هي روز بروز جو تنهنجي ٿاڻي جي حد ۾ ناڪا بندي ۾ ڌاڙيل پڪڙجن ۽ هر مهيني ماسي پيا انڪائونٽر ٿين، سا ڳالهہ هن کان ڳجهي ڪونهي. هن کان ان سچ ڪوڙ جي رتيءَ جيتري بہ ڳالهہ لڪل ڪونهي."

"ها، اهي ڳالهيون تہ پيون ٿين. پر سائين، اهي ڌاڙن ڪاٽن جا ڍوهاري ...." صوبيدار ذري گهٽ ڪنبندي چيو.

"اهي چور، ڌاڙيل ڪنهن هڪ گهر، هڪ ماٿهو جا ڍوهاري آهن. هي جزائون تہ سڄي ملڪ جي پيڙهہ کي پيا ڪاٽ هڻن. اهو نہ وسار تہ اهو ملڪ

اسان ڪيتريون قربانيون ڏئي ورتو هو."

"مان انهن ڏينهن ۾ ننڍو هوس، پر چوطرف فساد ياد اٿم. ريل گاڏيون رت سان رنگيون ايندڙيون هيون. نفسا نفسي هئي."

"بابا، ان ملڪ جي ٿي صدقي مان هن ڪرسيءَ ۾ آهيان ۽ تون چوندءِ ٽاٽا پيو هلائين."

صوبيدار بهار علي ڪن چپا ڪري ويهي رهيو.

"آهن ڪل ڪيٽا چٽا. لسٽ اُٿئي؟"

"ڪل ٻارهن چٽا آهن." اٿين چوندي ايس. ايڇ. او قميص جي اڳئين کيسي مان لسٽ ڪڍي.

"نالا پڙهه، پر پهريون اهي، جي وڏيڪ خطرناڪ هجن."

"انهن ۾ چار مکيه آهن. يعقوب لغاري نوابشاهه، پيو محمود دراني حيدرآباد. ٽيون حسين ڪنياڻ سکر، چوٿون ديدار جتوئي شڪارپور."

"پهريون ۽ چوٿون، تنهنجي ڪهڙي صلاح آ؟"

صوبيدار بهار علي ٻئي ها ۾ ها ڪرڻ وارو هو، جو هن کي اوچتو يادگيري اچي وئي. هن کي پنهنجي ويهن سالن جي سروس جو تجربو ڪم اچي ويو، هو چوڻ لڳو:

"صاحب، جي منهنجي صلاح مڃيو، ته هن چئني سان نه ڪُونسو. هنن جون قومون تمام ڏکيون آهن. سڄي عمر ڪهاڻ بيهاريون، ته به وارو ڪري ويندا. ڏسي وائسي اَڪَ جو ڪير اڪِ ۾ ڏهائڻ به ٺيڪ ڪونهي."

ايس. پي کي پنهنجي زيردست جي ڳالهه دل- من سان لڳي. اهي قومون ڏکيون هيون.

هن چيو، "پلا اڳتي پڙهه."

"ستار بگتي جيڪب آباد، سائين، اهو به ڪکر ۾ ڪڙو."

"اڳتي پڙهه، اڳتي پڙهه." ايس. پي اهو نالو ٻڌي تڙتڪڙ ۾ چيو:

"مير محمد پيو، ٿرپارڪر."

"اهو ڪير آ؟"

"ان جي وڌيڪ خبر مون کي ڪونهي، باقي ان جي اوهان پارٽ ڪئي هئي."

"اڙي ها ها، نه بابا، اهو پنهنجو آ."

" عزيز شيخ، نورنبي ميمڻ ٽنڊوآدم." ايس. ايچ. او به نالا وڏيڪ پڙهيا.

"اهي آهن ڪيئن."

" ڪا خاص شڪايت ڪونهي، سائين ذات به ته ڏسون." ايس. ايچ. او ڪلي چوڻ لڳو.

" چڱو، انهن کي ڊڪ ڏي، جي ڀيا نه لڌا ته پوءِ لاچار اهي ئي، اڳتي پڙهه."

" سائين، ختم گهڻا ڪرڻا آهن؟"

" چيل ته تن جو هو، پو به ئي هجن، مڙئي ڪم سان ڪم."

ايس. ايچ. او بهار علي نالا پڙهڻ لاءِ ڪنڌ ڊاري لسٽ ڏانهن ڏٺو. ان دم ئي هن خوشيءَ مان پنهنجي صاحب ڏي ڏٺو. هن جون اکيون چمڪڻ ۽ ميچون ڦرڪڻ لڳيون. هنجي منهن تي رونق اچي وئي ۽ هن ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو، "بس سائين، بس. ڪم ٿي ويو."

" وارو ڪر. نالا پڙهه."

" نالا ڪهڙا ٻڌايانو. مڙئي مزي جو مزو. پٽيچن تي به تورو ۽ پويان ماٺهو ته ڇا، پر ڪتي به نه پڄنڪندي."

" ٻڌاءِ ته سهي."

" گوپال داس ۽ آنند تاراڻي."

" واهه وا، بهار علي واهه وا، بيشڪ تون سياڻو آن."

ٻئي ڏينهن اسر کان پوليس جون جيپون تڪڙيون تڪڙيون هيڏانهن هوڏانهن زوڪاٽ ڪنديون رهيون. توري دير ۾ اها ڳالهه هوهوا ٿي وئي، ته تازو گرفتار ٿيل شاگردن مان به خطرناڪ ڏوهاري گوپال ۽ آنند رات جي لپيٽ ۾ پڄي نڪتا آهن. ۽ پوليس سندس مٽن مائٽن، دوستن کان پٺي ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ پڇا ڳاڇا ڪري. بارڊر پوليس کي به ناڪابندي ڪرڻ لاءِ خبردار ڪيو ويو آهي ته متان بارڊر ٽپي وڃن. ٻاهريان اسٽرائيڪ ۾ شريڪ شاگرد پوليس جي عملي کي حيران پريشان ڏسي دل ئي دل ۾ ٽهڪيون ڪڍيون هٽڻ لڳا، پر پوءِ اوچتو ئي اوچتو سڀ ڇوڪرا هراسجي ويا. ڪئمپس ۾ جتي اسٽرائيڪ وارن ڏينهن ۾ به ميڙا لڳا پيا هوندا هئا، سو خالي ڀان ڀان ڪرڻ لڳو، ڄڻ ته راڪاس گهمي ويو هو.

هفتو کن پوءِ، هڪ شام جو ايس- پي پنهنجي بنگلي جي لان ۾ بيگم سوڌو چانهه پي رهيو هو. ٻنهي زال مڙس ٻاڻ ۾ اويارين لهاريون

ڳالهيون پٽي ڪيون، ٺهڪڙا پٽي ڏنا. پرسان سندن ٻارهن سالو نينگر بہ ڪنهن ڪتاب ۾ منهن وجهيو ويٺو هو. اوچتو پڙهندي پڙهندي پيءُ کان پڇڻ لڳو، "بابا، پري پيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو ڪيئن هوندو آ."

ايس- پي صاحب کان ذري گهٽ کوپ ڇڏائجي ويو، ۽ ڇانهن هارجي سندس ڪپڙن تي وڃي پئي. ڪپڙا ڇنڊيندي، پٽ کان شوڪجي پڇيائين، "ڇا پيو پڙهين؟"

"بابا، پهاڪن جو ڪتاب آ گل شڪر." پنهس روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو.

"ڪنهنجو لکيل آ؟"

"ديوان آڏواڻي جو."

ايس- پي کو جواب ڏيڻ بجاءِ وري پٽ ڏانهن ڏٺو، جو معصوميت ۾ ڏانهنس ڏسي رهيو هو. هن کي گهٽيل دم ٻاهر ڪڍي سک جو ساهہ پريندي چيو:

"پٽ، اهو پهاڪو واٽين پنهنجي مطلب تي ٺاهيو هو، هينئر تہ مولا جي مهرباني سان مساوات آ." ❑

ڪوڙڪيون

پوءِ حورن جهڙيون حوران، ڏٺي ڪڏ ائين لڳي ويئي جيئن ڪا ڏالي وڃ پنهنجي ڏنار جي پٺيان.

ڏهہ سال اڳ جڻ تہ ڪالهوڪي ڳالهہ: شاهي بندر جي ڀر ۾ هڪ پنجاهي سائيڪو گهرن جو ڳوٺڙو نالو آباد. ڪچا پڪا ڪکاوان گهر، وچ ۾ ڪنگرن واري ڪوٽ ۾ اڏيل پيرائي حويلي. جنهن جو مالڪ ڳوٺ جو وڏيرو بہ تہ مرشد بہ ۽ وڏڙن ڪان ونئي دين ۽ دنيا تي پورو قابض. گهٽي جي منڍ ۾ دڪانڙا، جن ۾ سودو اهوئي لوڻ مرچ ڪان وڌ وارو. ڳوٺاڻا سڀ هڪ ئي وڻ جا، پر لامون جدا جدا. ڪي سوني جو اولاد سونائي تہ ڪي گولي جو اولاد گولائي. هر ڪنهن پاڙي جو جدا جدا ويڙهو پڌل. ڪانو ڪانوَن سان تہ ڳيرا ڳيرن سان. پير جي محرابن واري اوطاق ڀرسان ٽورو پٽ. پوءِ پرائمري اسڪول ۽ ان جي ڀرسان بنيادي جمهوريت وارن جي پيلين سرن سان اڏيل ٽن ڪوٺين جي ڊسپينسري. هڪ ڪوٺيءَ ۾ منهنجا ٽپڙ ٽاڙي، ٻي ڪوٺيءَ ۾ ٽاڪن تي پيل خالي شيشا ۽ برنيون. جن مان ڪي اڌو ڳابريون پريل ۽ انهن ۾ هر مرض تي پونڊڙ پوٽيشم پرمئگنيٽ ۽ ٽنڪچر آيوڊين پاريون دوائون. گوريون چڙيون ڪونين: پيو منو نالو رب جو. ٽين ڪوٺيءَ ۾ ڪنهن اوستي ڊڪڻ جو اڌ رکي دل ڪي بهاري ڏيڻ لاءِ آپريشن روم ٺاهيل. شفا تہ ان رب جي ذات جي، پر جت وڻ نہ اُتي ڪانڊيرو بہ درخت، سو انڌن ۾ ڪاڻو مان بہ هوس ۽ ٻن ٽن هفتن ۾ ئي بند تار وسيلي مون واري هٽ شفا جي چوطرف هاڪ مچيل هئي. صبوح جي پهر ۾ پري اوري ڪان اينڊڙ اڻ مڪيل بيل گاڏيون رينگٽ ڪري اسپتال جي اڱڻ ۾ ايندي يون هيون تہ چڱو ملاڪڙو مچي ويندو هو ۽ لڙي منجهند تائين چڙو ڏاندن جون ٽاڏيون ۽ وهٽن جون هاهرون پيون پڌبيون هيون. ڳوٺ آباد ۾ يا سڌ پنڌ تي، چڱي مٺي ڪي ڏسڻ لاءِ، عزت شرافت ۽ شرم حياءَ سان اچڻ وڃڻ بہ ٿيندو هو ۽ گذر گذران پلو پيو ٿيندو هو. ڳوٺ جون ڪراڙيون سراڙيون بہ هڪ ٻہ پيرو ميل ملاقات ڪري ناٿيون ماسيون ٻڌجي چڪيون هيون. ۽ مهل ماسي وَٽَ وٽڃ جي ڀاڄي بہ آڻيندي يون نينديون هيون.

هڪ ڏاڪ منجهند جو سڀ مريض اڪلائي ڪٽ تي هليل مجان. جو

انهن قربائٽين ڪراڙين مان ماسي مرادان پنهنجي ڇڳل ٽِڳلي جتيءَ ڪي لف لف ڪرائيندي اچي ٺهڪو ڪيو. منهن ون ون، رنگ ڪاراٽيل. سندس دوڏن ۾ پيئل اکيون، جي مون ڪي تر جي ڪن جاڙن ڪوهن جيان ڏِکَ ڏينديون هيون، سي پٽي سِميون ۽ انهن اکين وارن پوڪن مان ميرا ڳوڙها لار ڪري دوڏن جي پاڙين تي پٽي ڪريا ۽ اتان گهنجن واري نيسر*وٺي ڪاڏيءَ ڪان هيٺ ميري ڳچ کي پٽي رجايائون. ماسي مرادان جو اهو حال ڪان بيحال ڏسي مان تپ ڏٺي اتيس. ايندي ئي چيائين "ڏاڪدر ابا. پيٽين جا هر هر هٽ پير ٺري پاروتا ٿي تا وجن. ڪا دوا تہ ڏي."

"چو ماسي آهي تہ خير ؟"

"خير وري ڪهڙو ابا. هن پاتواري پير ڪال وڏو آهي. سمو رب کين ڪندس." ماسي پلؤ ڪٽي پير کي ٿي پٽين جي آهوڙ ٻڌي.

"ڇا ٿو ڪري؟"

"ڇا ٻڌايانءِ ابا. جنسي انڌ ٿو ڪري."

"نيٺ ٻڌاءِ تہ سهين."

"حوران جو زور سان پرٿو ٿو ڪري."

"ڪهڙي حوران ؟"

"حوران مون واري ڏوهٽي، ان ڏينهن جو ڪک ڏناسين."

"اها جنهن کي واري جو تپ هو؟"

"ها اهائي ڇائي جم ڪان چندي، ان تپ ۾ ئي مري ها تہ هي ڏجها تہ ڪونہ ڏسان ها." ائين چئي ماسي مرادان پٽي چنبا پنهنجي پوٽ ۾ زور سان وهائي ڪڍيا. جنگ نار جو ٿورو بيهجي ويو هو سو وري - گڙڪڻ لڳو.

"ماسي چو ٿي ويچاريءَ کي پٽن." مون کي ڪهڪاءُ اچي ويو.

"ابا، سچ ٿي چوان، اصل ڪان نصيب ئي ڪوتو اتس. ماٽس کي سور ٿيا تہ چند سمورو وتل هو. وير ڪيائين تہ پوءِ مس مس وچي ڪو ڇٽو. چوري سو ڪرڻ ڪان الائي ڪيئن بچي وٺي."

مون دل ۾ سوچيو تہ جيڪر ڪيس چوان تہ ڳهيلي ماسي تون تہ ڪا وڏي پليل آهين. حورن جهڙي حوران کي تہ جوڙيندي قدرت پاڻ تي پوءِ لاءِ ڪو لعنتاٿو ڪونہ رکيو هو. سنڌوءَ جي انهيءَ سير مان، جتان هينئر ٿو اکين وارن انڌن کي سون لبي، ان ٿوبي پاڻ ٽپيون هٽي، اها سون ڳاڏڙ پوري لتاشي

مٺي ڪڏي هٿي ۽ پوءِ ان ۾ ماکيءَ کان مٺي ڪير واري ڪچي جي پلوڙ اربيليءَ جو ڪير وجهي. انهن چاڻن مان ڪاريگر سندس بوتو ٺاهيو هو. پوءِ پورا نوَ مهينا راتين ۽ ڏينهن جا پاڻ ويهي ٽڪ ڪٽي هٽائين. جڏهن ڪيس جوڙي راس ڪيائين ته پهريون ڪيس پاڻ ڏسي ٿي آنرجي ويو. ملائڪن هٿن پيرن جون ترپون مهٽي سندس هوش جاءِ ۾ ڪيو ته پوءِ پياري ماسي جيئن تون پنهنجي وهيءَ جي ٺاهيل پلي ٽڪ واري رلهي گهر گهر ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو هنيانءِ ٺاريندي آهين، تيئن هن قادر به پنهنجي هنر ڏيکارڻ لاءِ ڪيس ڪڪرن جي ڪوئنتي ۾ ڪٽي ستن ئي آسمانن جو سير ڪرايو. چنڊ ته ڪيس ڏسندي ئي ڪاراتجي ويو ۽ تو چوائي ڪي پهر وتل رهيو. تارا شرم کان منهن لڪائي هڪ هڪ، ٻه ٻه ٿي ٻر منهن ڪندا رهيا ۽ باقي ڪي وچي داڻا بچيا. پوءِ هن سمورو ڏينگو ڏيري ٿيندو ڏسي، اهو ڳڙو آسمان تان لاهي، شاهي بند جي پر ۾، زمين جي هن ٽڪر تي، جنهن کي هيئنر آباد ٿا چون، تنهن کي برباد ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿن سان پاڻ وڌو ۽ پاڻ اهو ناٽڪ پٽيري پيو تماشو ڏسي. پر مون اهي ڳالهيون دل ۾ ته گهڻو سوچيون، پر اهڙو اکر به ڪونه اڪليم. چيم ته چڙو ايترو ٿي، "ماسي ڏيون نيٺ پرايو ڌن آهن، نه موت مهٺو نه شادي طعنو."

"پر اها خبر اٿئي ته کهڙو سدا ملوڪ تو موڙ ٻڌي." ماسي اڳيان ڳوڙها دوڙن مان اگهي ٻين لاءِ واهه ڪٽي.

"نه مون کي کهڙي خبر؟"

"ڪکُ ڪراڙو، مون کان به ڏهه طور وڏو."

"تون نالو ته ڪڻ."

"هو ڏتو ڏٻو ٿئي، ان سان."

مان ڏتي کي ياد ڪرڻ لاءِ مٿو ويڙهائڻ لڳس، پر مون کي ياد نه آيو. آخر ڏينهن به ڪيترا ٿيا هئا ان ڳوڻڙي ۾، چڙا به مهينا. وري ڏتا ۽ ڏنا نالا ته گهر گهر ۾، سو منهنجي دل تي ئي نه پٽي چڙهيو. مون لاچار ڏتي مان هٿ ڪڍي ماسيءَ کي چيو، "خير هوندو ڪو اڏڙوپ مون کي ته ياد نٿو پوي."

ماسي کي چڻ ته چوچڙي وئي وٺي ۽ چريل ڪڪر جيان مون کي وٺي وئي، ذري گهٽ رهڙ ڏيندي چيائين، "اڏڙوٽ هجي ها ته هي روئڻان چو روئان ها. هو ته آ پورو سٺ، ڪتن جي چٽ."

"نہ ماسي، ائين ڪيئن هوندو!"

"نور مني جو قسم، اجا ہہ سال ہہ ماريو وڏو هوندو. ڀلا تون پاڻ حساب ڪر نہ، جڏهن هوء وڏي بيماريء پوي."

"ڪهڙي بيماري؟ هن ملڪم تہ هڪ ڪان بي وڏي بيماري پئي آهي."

"او جڏهن گهر گهر ماڻهو عام مرن، ڪانڌي هڪ پوري موٽن تہ وري ٻيو ڍوئن."

"ها، ها ڪالرا سال ٽيهن ۾ تا ٻڌون."

"سن جون توکي خبرون، باقي مان ان وقت ڇگي ڏکري آهيان، جو گهڙو پاڻي جو ٽي کڻان ۽ اهو مردار ڏِتو ڏاڙهي ميڄن سان آهي ۽ لاشا تو ڍوئي. هاڻي حساب ڪر."

"اهو تہ ماسي ڏاڏي آدم جو سن ڇٻو." مون حساب ڪري چيو.

"نہ تہ وري مان ڪو ڪوڙ پئي ڳالهايو."

"پوء لک لعنت آ ان گهوٽ تي، جيل جيل تو ڪري."

"ڪٿي آ ابا هن ملڪ ۾ راڻي راڻو."

"پر ماسي ڪهڙي ملان ڪي ساهہ آ جو زوريء نڪاح پڙهندو. تون حوران کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏجانء تہ ڏاڙ ڏاڙ ڪري."

"ابا، اهو نپڻو آٽنو ملان موسو ٺي وٽ جو نہ هوندو." مان ماسي جو جواب ٻڌي ماٺ ٿي ويس. ڀلا ڳوٺ جي ملان کي ڪهڙو ساهہ جو پير سان سينو ساهي. ڏينهڪ ٺي ٽڙا ٻڌائيس ۽ نهيو نڪيو ٻن جو نڪر وڃائي ويهي.

ماسي مون کي ماٺ ۾ ڏسي ايلاز ڪرڻ لڳي، "ابا، تون جيڪر ان پير کي نہ سمجهائين، آخر تہ ڪامورو آهين، من تنهنجو هو چوڻ وٺي."

"ماسي مان ڊاڪٽر ماڻهو مون کي ڇو ليکيندو. منهنجي هٿن ۾ ڏنڊو ڪي ڪهاڙو."

"ابا، گلو تہ سيتارامي سون آ، پر اها پٽيل پوليس هن تي ڪونہ پوندي. سڄو ڏينهن ٽي هن جا ڇيلا ڪڪڙ ڪائي، هن بيواهي جي ڪير ٻڌندو."

"ماسي تون پاڻ وڃي ڇو نٿي پير ہہ پاڻي ڪرين."

"نہ ابا، مون سان تہ اصل چاندين مڪسين وارو وير اٿس."

"ڇو. تون تہ حاويليء ۾ ٽانو ٻهاري ہہ ڪندي آهين!"

"ان حوران جي ڳالهہ تي ٺي تہ چپ آ. هن جي مرضي هٽي تہ اڳنا لاء

حوران بہ حاويلي ۾ پئي تانوَ تپو ڪري، پر مان ائين نہ ڪيو. آخر تہ ڪنوارو وياءُ هو."

"تون بلڪل ٺيڪ ڪيو."

"بس اهو ڏينهن اهو شينهن، ڏتي کي ٻچون ڏيڻ شروع ڪيائين."

"پر ماسي اَن ڏتي کي ڇو ٿي ڪٽي ڪٺي، هن جو لهڻو ڪي ليکو؟"

"بس، ائين پيڙهي اُٺ جو ماڪوڙو ماسات. ڏتو وارثي تو ڇاٽائي."

"ڪهڙي مٽي آ ڏتي جي حوران سان؟"

"پٽس جو سوٽي سوٽ ٿئي."

"وارث تہ برابر ٿيو."

"ڏوڙ جو وارث آ. اڄ جي وارثي آ قرب جي. هن ڪو مرحيات جو مهن ماني ڪيو يا ڪو ختمو صلات ڪڍائي. هن تہ رهندو بوتا وڃهايا."

"نہ ماسي اهي ڪوڙا ٿئي، مڙئي ماڻهن جا ناهہ."

"ابا ان ملان موسي ٺي ڪتاب پڙهيو هو."

"مڙئي ڪاڏي جي جاءِ ناهيائين." مون ماسيءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"نہ ابا، وري يوپي بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي. هن تہ مقام مان بوتو بہ ڪڍي ڏيکاريو، هوبهو مرحيات جهڙو، سوين سيون ٽنبيل." ائين چئي ماسي جي اکين جا ڇوڪا وري پرجي ويا ۽ هوءَ ڏتي کي پٽڻ لڳي:

"اڙي ڏتا. شل رب تنهنجو موت بہ ائين ڪندو ۽ رڳ رڳ ۾ سيون ٽنبيل هوندءِ."

"پر ڏتي کي ان شادي مان ورندو ڇا؟" ماسيءَ جي پٽڻ کي بند ڪرڻ لاءِ مون وري ڳالهہ ڪڻي.

"تون پاڻ ڏس نہ ابا، حوران ڪلهوڪي ڇوڪري، اڃا مس ٻارهن مهينا بہ نہ ٿيا اٿس ساماڻي ۽ هي ڏتو چنديءَ واڙ جو پٽس کان بہ وڏو. شادي بہ جوڙ جنس سان ٺهندي آهي."

هو سياڻا جو ڳجهارت چئي ويا آهن تہ "ولايت ۾ گاهہ ڙي تہ من ۾ ساءُ ڙي." تہ ڪو ڪوڙ تہ نہ ناهيو اٿئون. سن ڪان سواءِ شاديءَ ۾ ڪهڙو ساءُ ابا." پيراڻي زماني ۾ سپورنج زائفان هيڏي وڏي ڳالهہ مام ۾ سمجهائي وئي ۽ اهائي ڳالهہ اسان اڄوڪي تهي وارا چوڻ گهرون تہ جيستائين ٻئي پيرا

جھان ڦھان نہ ڪيون. تيستائين اھو پوري طرح مطلب نہ سمجھائي سگھون.

مون ماسي مرادان جي ڳالھہ کي ووڻ ڏيندي چيو، "ماسي ڳالھہ ڪٿي اٽي رپٽي جا سورھن آنا."

"وري ابا ڇڙو ھڪ سور ھجي تہ ڪٿي ھڪ پيرو سھجي. ھتي تہ سور مٿان سور ايندا. تنھن کان پٽي کي گوريون ڏي تہ پاڻ بہ کاوان تہ ھن چنڊيءَ کي بہ ڏيان. روز روز جي موت کان اھو ھڪ ئي موت چڱو اٿس." ماسي وري ڊرڪڻ لڳي.

"ماسي الله وساريو اٿئي. نادر بہ نادر آ تہ قادر بہ قادر آ."

"ابا: الله کان ھي الھڙيون زور آھن." ڏجھن جي ڏڏل ماسيءَ مون کي سمجھائي ڏني.

"نہ ماسي، غم نہ ڪر. تون الله تي رک."

"تہ ابا تون ڪو ھڻ پير ھڻ، تون بہ تہ پنھنجو ٻچو آھين."

مون کي اتي ماسي مرادان ۽ حوران تي قياس اچي ويو ۽ ان ڏني وائڻي انڊ تي باھہ وٺي وئي. مان بہ آخر وقت جي حڪومت جو ننڍو کي وڏو ڪامورو ھوس ۽ مون تي فرض ھو تہ ھر بيمار جي دوا دارون ڪيان. شرع شريعت ۾ بہ اھو پرٿو بي واجبي ھو. ڳوٺ جا ملان مولوي ۽ راڄ وارا تہ پير جا ٺڪريل ھئا، يا سندس ڪڙين تي وينا ھئا، ۽ مان تہ نہ ھن جو ڪڙمي ھئس نہ ڪاسبي. اھا تہ منھنجي ھيڻائين ھئي جو ڳوٺ جي ھڪ ڪنڊ ۾ زبان ۽ ڪنن کي ھڻ ڏيو گونگو ٻوڙو ٻڌيو ماٺ ۾ وينو ھوس، نہ تہ ڪٿي ڪامورو ۽ ڪٿي ڏاڏن پڙڏاڏن جو ڪٽيو ڪائيندڙ پير. جو الائي پاڻ ڪيترن گونھن ۾ گتل ھو. ڇڙو پلو ڪڻڻ جي دير ھئي، پير ڳوليو نہ ليندو. مون ۾ الائي ڪيئن ھمت اچي وئي ۽ ان اوڙاھہ ۾ پاڻ ٽپو ڏيندي چيم، "ماسي، تو ھائي ھڪ تہ ڪر ڪجانءِ."

"ڪھڙو؟"

"ڇڙو حوران ھاٿو نہ ڪري ۽ زور سان ڏاڙ ڏاڙ ڪندي رھي، باقي پير جو مان پاڻ پاٿھي ھنيان؛ تو ڪاوان."

"پوءِ بہ جو نہ مڙن ۽ ڏاڍا ڏاڍ ڪن." ماسي مرادان جي اکين مان سيمو پنھنجو پاڻ بند ٿي ويو.

"پوءِ بہ حوران تنھنجي ٽيندي نہ شاھدي او گاھي ۾." مون ماسي کان پڇيو.

"قرآن تي، حرام جو ڪهڻ ڪري."

"الائي متان ڏاڪڻ تي چاڙهي ڦرهو ڪيدي؟"

"ابا ڪمال تو ڪرين چوري روئي روئي ڪِنَ ڪيا آهن. ٻه دفعا سرايون وجهي ڏندڻ پڳامانس."

"ماسي، متان سرائي سان ڏند نه پچي وجهينس. رڳو ٿڌي پاڻيءَ جا چندا هڻيءَ هٿ پير مهٽينس."

"ها اهي ته جُهڏ پئي ڪيانس. هائي ته رهندو دلجاءِ ڏيندي مانس ته ياٽڙو ڪهڻ نه ڪندس."

ياءِ پيڻ جي ناتي جو رهندو مون تي وڏو بار پئجي ويو. مون ماسيءَ کان پڇيو: "اهو ته ٻڌائجانءِ ته نڪاح آهي ڪڏهن؟"

"سيان شام. ماريو ڪاچ تو ڪري سو پٽ ستٽ ۾ لڳو پيو آهي."

"بس تون مولا تي رک پاڻهي سولي ڪندو."

ماسي مرادان ته خوش خوش هلي وئي. مون کي سو ڇڏي هلي وئي ٻُڌين ۾. دل ۾ سو هڪ قسم جي راحت هئي، ڪنهن وڏڙيءَ جي لٽ ٽيڻ جي ۽ ڪنهن پيڻ جي ياءِ ٽيڻ جي.

اهوئي ڏينهن، شام جو وقت، مان ٻاهر ٻڌر ۾ ويٺو هجان. ٿورو پرتي مون وارو ڪمپائونڊر خيرو ماني پچائڻ ۾. پت جي ٻاهران ڪنهن جو خيري کي سڏ. خيرو ماني تئي تان لاهي در تي ويو ۽ کي گهڙيون ٻاهر. ڳالهائي ڳالهائي ڪنهن کي ڏاڍيان پيو چوي: "هل تون مليس نه، ڊاڪٽر آ مڪڻ ماٺهو."

"چاهي خيرا؟" مون ويٺي ويٺي خيري کان پڇيو.

اتي خيرو جواب ڏيڻ بدران ان ماڻهوءَ کي ٻانهن کان وٺيو اندر آيو ۽ مون کي سفارش ڪندي چيائين، "سائين هي سوناڻي پاڙي جو چگو مڙس آ الهڏتو خان. سيائي پنهنجو پرٿو ٿو ڪري. سو سڏ ڏيڻ آيو آ."

نالو ٻڌندي ئي مون هڪدم همراه ڏانهن ڏٺو. جنهن رضا خوشيءَ سان پئي واڳن ۾ وات وڌو. ڏاڙهي اڇي، پر نئون ڪيس لڳل، عمر ڪري سائيڪو سال. ڪنڌ في الحال ڏڪندڙ نه. پر سال ٻن ڪانپوءِ جو حشر آنهڙيَ جيان اڪين آڏو. ڪيس ڏسي مون کي الائي چو ٿڌي تي ئي هن ئي جهڙي ڪراڙي تي، سچي الائي ڪوڙي مڙهيل ڳالهه ياد اچي وئي، جنهن کي سالن پڇاڻان هڪ اسر جو رڳڙيءَ ۾ ڪو انڌو ڪاٺو ساهه پيو. هن تڙ تڪڙ ۾

وچي جوئڙي جو پاسو ورتو. ورهين جي ٻاڙيل جوٽس ويچاري اهڙي مِهر ڏسي ٻه عيدون ڪيون ۽ سندس سڏ ۾ سڏ ڏيڻ جي ڪيائين. ان دم ئي ملان اسر جي بانگ ڏني. زائفان ويچاري پنج وقت نمازڻ. سو حياءَ سببان پوڙهي کي ٽورو ترسڻ لاءِ چيائين. بانگ پوري ٿي ته ڪلمون ورائي زال مڙس کي آءَ ڪٺي ته مڙس پاڻ ۾ وڻ تي چڙهڻ جو پوتو نه سمجهي متان رلهي پائيندي چيو: "پردو ٿيئي هاڻي وچي ان بانگ واري سان سمهه." اها ڳالهه ياد ايندئي دل ۾ خارون ٻه آيون ته ڪلون ٻه. ڇو جو ڏٺو ان ڪراڙي ڪان جيڪي سي ٻه رتيون ڪسر ۾ هو. تنهن هوندي ٻه موڙن ٻڌڻ لاءِ حيران پريشان هو. ڪاوڙ ۾ ڪائنس پڇيم، "ڪڏهن تو ڪرين وهانءُ؟"

"سيان شام."

"ڪتان تو ڪرين؟" هاسِڪار سوال ڪيم ته ڏسان ته ڪهڙو ٿو جواب ڏي.

"مڙئي پنهنجي ئي آهي، ساڳيو پوڙو ساڳيو ڪانو."

"پر ميان اسان ته آهيون پرديسي ماڻهو."

"ڊاڪٽر صاحب پوءِ جي ڪنهن تي ميار ڪونهي. باقي چار ڏينهن جيڪي گڏ آهيون، تن ۾ ته اٺئو ويٺئو پوندو. مرشد جو ٻه اهوئي امر آهي."

"چڱو ڀلا جيئن پير صاحب چيو." مون ٻه پير سان ڳالهائڻ جو بهانو ڳوليو. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ته رومالي ڏک هٿي ڇڏبو.

الهڏتي ويندي ويندي وري ڪمپائونڊر سان ڦسڪو هنيو ۽ هوريان هوريان ٻاهر وڃڻ لڳو. خيري ڪمپائونڊر ڪيس در ڪان ٻاهر ٽپيل ڏسي مون کي هوريان چيو: "ڏتي کي طاقت جا ڪڪَ تا ڪپن. ڏوڪڙ ٻه دل گهريا ڏيندو."

"ڇو؟"

خيرو ٺَهه ٺَهه ڪري ڪلڻ لڳو ۽ اک پڇندي چيائين:

"گهوڙو جو نه ڪم ڪندو هوندس، وري شادي ٻه پريزادي سان تو ڪري، پل ته پهر ڪو پاڇو دير وٺي."

"پوءِ ڪنهن زور ڪيو اٿس، ان بي مَنديءَ شادي تي." مان تڪائي سان پڇيو.

"سائين مڙئي جهانگيلو ماڻهو."

"ته نه مون وٽ ڪونهي ڪو ڪکُ ٻڪ."

"سائين ڪشتو ڪيئن نہ هوندو مڙئي هڪ ٻہ وزن ٿي ڏيوس."

"اڙي ماٺهو آن ڪِنَ مس- چڱو، مان ڪو يوناني حڪيم آهيان."

خيري پچ پائي وٺي ڪڙي ڪٽي ۽ مان ڏٽي ڪي ڀهرين ملهہ ماري، پير سان پوئين ڪرڻ لاءِ پيرن ۾ بوٽ پاتو. اوطاق جو در ٽپيس تہ ڏٺم تہ پير ڪٽ تي آهليو پيو هو. ڪچهري ٻاهرڄي وٺي هئي ۽ باقي ڪو ڀاڄو ٻاروچو ٿي پيڙهن ۽ منجين تي ويٺو هو. مون کي ڏسي ڪنهن ڪرسي ۾ هٿ وڌو تہ ڪنهن موڙي ۾. هٿ ڏناسون، خوشان خوشي ٿي پير وري آهلي پيو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون ۽ نيٺ ڏٽي جي وهانوَ تي اچي بيٺيون. مان بہ اڪيلائي ڏسي ڳالهہ ڪٽي چوري، "پير صاحب، اڳهون الهڏتو سڏ ڏٺي ويو."

"چڱو ٿيو. تون بہ اسان جو ڀاءُ آهين. سيان سچو ڏينهن وهان ۽ هلندو. سدا گلاب چانور ۽ قندرون. پاڻ لاءِ تہ حلواڻ ڪسندو."

"پر سائين اسان پرديسي ماٺهو اڄ ڪٿي سيان ڪٿي."

"توتي مبارڪي ڏيڻ جو هرويرو زور ڪونهي، باقي ان خوشي ۾ تہ ضرور اچڻو پوندو."

"خوشي وري ڏوڙ جي. ڪارو اٿس منهن، نيرا اٿس پير. جيڪو ماٺهو هن وقت ٿي ٿو ڪشتا گهري سو مهل تي ڪهڙي غذا ڪندو." مان ڏٽي جو پاندو پچي وڌو.

پير منهنجي ڳالهہ تي ٻڌو ٿهڪ ڏنو ۽ ڪي گهڙيون ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پيو. گهڻي دير کان پوءِ سامت ۾ آيو تہ مون ۾ ذري ڳهڻ جوهہ وجهي پڇڻ لڳو، "پوءِ ڏنوس ڊاڪٽر؟"

"مان اهڙا ڪم ٿي نہ ڪيان."

"چڱو ٿيو تون اشراف ماٺهو انهن ڪمن مان تون ڇا ڄاڻين؟" پير مون کي شاباس ڏني. سندس منهن جي سهڻي تختي ڇهندو ٻهہ ٻهہ ڪرڻ لڳي.

مان بہ ڦوند ۾ پرچي ويس ۽ ڪيس ٻڌاير، "ڪڪ ٺاهڻ ۾ تہ ڪا فارسي ڪونهي، پر اهي ٽنيا ٽوٽيون بہ آخر ڪيستائين؟"

"پر ڇڏيو تو ڇٽ ڪي ڪلهہ ماري." پير ڪلندي چوڻ لڳو.

"منهنجو ڪهڙو ڏوهہ. هيءَ ڪا شادي جي مند اٿس وري پرڻجي بہ تو ٻارهن ورهن جي ٻالڪي."

"ميان چوڙو آ چوڙو. ڏٽي جي منهن تي تہ ٻوي ٿي ڪانہ ٿي." پير

ذري گهٽ گِگ ڳاڙيندي چيو.

" پر سائين، اوهان جهڙي داناءَ هوندي جو اهڙا پرتا ٿين، آهي ته وڏي ارمان جي ڳالهه." مون پير کي پيي ڏني.

"ميان، هي جهنگ جا چٽ، ڪو مڙئي جا آهن. ڪين جي سمجهايون ته وري سيئجي چون ته پنهنجي پراون ۾ ڏئي. پوءِ ڇو پيا اٽا ڏيون."

" پر سائين، ڳالهه ته غلط آهي."

"غلط به آهي ته وري هڪ لحاظ کان لاچار به اٿن. پلا اها جو ٻاهر اٿارن ته ڏتي ڪي وري ڪتان سگ ملي."

"هٿا اهڙي ننڍڙڪي ڪتان ملندس. پر مزو ته تڏهن آ جو اها ڪنوار ئي تي انڪار ڪري."

پير ڪي مون واري ڳالهه شايد ته نه وڻي جو مون پٺي رنگ ۾ ڀنگ وڌي ۽ پت ڪِنو ڪيو. هو اتي ويهي رهيو ۽ ذري گهٽ رهڙ ڏيڻ تي هو. پر پوءِ پاڻ سنيالي رومالي ڏک هٿندي چيائين، "ڊاڪٽر، اهي لعنتاٽا شهرين تي اٽئي. هتي ته ڀهراڙيءَ ۾ جيڪو چڱي مڙس ڏنو سو ڪين قبول."

پر ڪنوار جو نڪاح وقت قبوليت نه ڪري ته پوءِ نڪاح وري ڪيئن ٿيندو؟" مون ڏک پڇائي نڪ پڪو ڪري چيو.

" پر ڪا انڪار به ڪري نه. هتي ته ابن ڏاڏن کان ڪنهن ننهڪر نه ڪئي آ. ٿوري ٽڻ مڻ ڪندي ته پوءِ موچڙي ۾ هٽ. ملان جو ڪم به آنگوٺي سان، سو ڪيس لڳي ملندو."

" نه سائين، هرويرو موچڙي تي ڪونهي ."

"ميان ، موچڙو آ چتيهه لکو، اهوئي ڦڏن ڪي سڌو ڪندو ڊاڪٽر مان ته صلاح ڏيانءِ ته انهن ننگاوتي ڳالهين جي وچ ۾ نه پوندو ڪر. اهي ڳالهيون ڏاڍيون ڏکيون آهن ميان." پير مون ڪي دڙڪي جو دڙڪو به ڏنو ته صلاح جي صلاح به.

"نه سائين، منهنجو ڇا، مون ته چڱائي پئي چئي." مون ڪيس خاطري ڏني.

پير ڪي ڪنهن ماٺيي ۾ نه ڏسي مون موڪلايو ۽ اچي پنهنجي اسپتال پيڙو ٿس. پير مان سو ڪنهن چڱي ڳالهه جي اميد رکڻ پل هئي. باقي مون ڪي پروسو هو ماسي مرادان تي، جنهن ڪي مون ٻني ڦوهارا ڏئي ڇڏيا هٿا ۽ ڪيس سمجهايو هئم ته ڪنوار ڪائين ڪال هائو نه ڪري، پر ڏاڙ ڏاڙ

ڪندي رهي. پوءِ ڏسون تہ ڪيڻ پير هٿ وٺي تو اک سان چٽڻ ڪنهي.

ٻي ڏينهن ٻوپاڙي جو پاڇا لڙيا تہ مگنهارن پيلا ڳاڙها پٽڪا ٻڌ تي رکي اچي منهن ڪڍيو ۽ مٽان ڦوڪي واڄو شروع ڪيائون. دم تہ اصل ڪونہ پٽي منجهين ۽ ڪا انڊي ڪاٿي ساهي جهڙي ڪٽي وري پٽي رينگٽ ڪيائون. مان اهو سمورو وقت هڪ ڪُن ڪيو ويٺو هوس. مون کي الائي ڇو دل ۾ اها اميد هئي تہ ماسي مرادان ۽ حوران جي ڏاڙ ڏاڙ ٻڌي پير جو هنيان؛ ڪاڇي ويندو ۽ پاٿهي اهي ساز بند ڪرائيندو. پوءِ اهي مگنهار ٻوٽ پيلو ڪري ڪٿا ويڙهي پنهنجي ٽڻ کي ٽيڪ ٽيڪ ڪرائي وڃي جوئڻ کي سلام ڏيندا، پر ائين ڪونہ ٿيو. شرنايون جيئن پوءِ تيئن وڄنديون رهيون. ها، ائين ضرور ٿيو تہ انهن شرناين ۾، جن جي نالي تي ڇڙن جون دليون ٻڌا ٽپا ڏينديون آهن ۽ سندن وهيءِ جو شهزور ارڏو گهوڙو جنسي ٻن پيرن تي ايو هوندو آهي، اهو تاثير ٽڪي جو نہ رهيو. پر اهي ڇڻ تہ ڪنهن معذور ٻلي ۽ جيان ميڪنديون رهيون. سچي تي رحمت، ڪوڙي تي لعنت، مون تہ هنن ٿي ڪن سان انهن شرناين ۾ حوران جا سڏڪا ٻڌا ۽ جنهن وقت ملان ڪوڙو ڪي سچو نڪاح پڙهيو تہ پوءِ اهي ريهون ڪرڻ لڳيون. سومهڻي جو گهوٽ لاون لهڻ لاءِ ويو تہ پوءِ انهن ساڳين شرناين پار ڪيڻ شروع ڪيا ۽ صبوح جو نڪيٽي مهل تہ پوءِ اهي رهندو اونائڻ لڳيون. شرناين جو اهو روح راڙو تہ مگنهارن جي وڃڻ کان پوءِ بہ پهر پاڇو منهنجي ڪنن ۾ ٻرندو رهيو ۽ ورندو سارو ڏينهن منهنجي دل جو گل مٿل رهيو.

ڪنوار ستاوڙي تي ڏينهن اڌ لاءِ پيڪين موٽي تہ ماسي مرادان بہ واندڪائي ڪڍي مون وٽ اچي پهتي. رنگ ڪوري بافتي جهڙو رت بنهہ ڪونہ. روئي روئي اکين مان نيمڪ نڪري ويو هوس. باقي خالي ميراڻ چڻ جنگ نار وهي خالي ٿي وڃن ۽ تري ۾ چڙي ميري گپ هجي. مون وٽ روئڻ جي ڪيائين، پر سڪٽين اکين مان لاچار ڪو هڪ اڌ ڳوڙهو ٿي نڪتو. ٽڏا شوڪارا پريندي چيائين "ڏاڪدر ابا، ڏٺئي هي ڪوفي وارو ڪيس، ڇوريءَ حوران ڏاڙ ڏاڙ ڪئي، نڪاح وقت ريهون ڪيائين ۽ اهي پار ڪيائين جو روئي روئي ڪٽي دٻا پريائين. نڪيٽي مهل تہ ابائي گهر جي ٽوٽيءَ کي ياڪر وجهي جو چنبڙي تہ اصل هٿ ڪونہ پتيائين ۽ پوءِ چٽن ڏندن ڏوٽن سندس هٿ پٽي ٽنگا ٽولي ڪري وڃي ڏٽي جي گهر ستيس."

"ها ماسي، مون حوران جا سڏ ڪا ٻه ڀڏا تہ ريهون ٻہ."

"پوءِ ابا ٽيندو ڪو داد فرياد ؟".

"تو ٻڌ، حوران ۾ ڪا ٽومر هوندي تہ سڀ ڪاٺ ڪاٺ ٽا ڪن."

"ابا، تون حوران جي خاطري ڪري ڇڏ. هن ڪي هن هڏن جي مٺ مان ڇا هٿ ايندو. جهڙي وٺي هئي، تهڙي ٿي موٽي آئي. مٿي ۾ آهي بہ ڇا."

"اها ڳالهہ تہ رهندو پلؤن پلي، هيڪاري ڪيس مضبوط ٽيندو."

"پر تون بہ تہ ڪو هٿ پير تہ هڻ."

"تون ماسي رڳو چپ ڪري ويهہ. ڏس ڪيئن نہ ٿو ممڻ مچي."

"الله اهو ڏينهن ڏيکاري."ماسي ٻئي اشهد آگريون ڪٽي مولا کي ٻاڏايو.

ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان ڳوٺ جي ملان، شاهدن، وڪيلن ۽ پير تي گونگين درخواستن جي باهہ ٻاري ڏني ۽ هڪڙيون اجا مس مٿي پئي پهتيون تہ وري ٻيون پئي لوڪيم. سيني درخواستن ۾ اهائي ڌاڙ گهوڙا تہ ڪيئن ان انقلابي دور ۾ بہ انڌير نگري چرپٽ راجا وارو قصو لڳو پيو هو ۽ زور زبردستي جا نڪاح پئي ٿيا. مهيني ماسي ڪانِ پوءِ هڪ اڌ درخواست جي حد واري ٿاڻي تي ڦاٽي، پير اها پهرين ٿي لپي ۾ لبي ڇڏي. پر پوءِ سنت ٿي ٿهو درخواستن جو مارشل لا هيڊ ڪوارٽر ۾ وچي پهتو ۽ ان جاچ ۾ مليٽري پوليس جون جيپون ڊوڙ ڊڪا، ڪنديون اچي آباد ۾ پهتيون. اڻ ڏنل وائنل اٿالو ڏسي پير پهريون تہ هارجي ويو، پر ڊڪ سنيالي بنا دير حوران پيش ڪرائي ڏنائين. ڪوڙو نڪاح پڙهندڙ ملان موسو ۽ شاهد وڪيل بہ هڪ هڪ ٽي ميڙجي چوندجي اچي پهتا. ماسي مرادان لاءِ مون گهڻهن ٿي ڦارون ٻاتيون، پر هوءِ ڪو اندر ٻاهر هئي سو ڪين اچي سگهي. شاهدن اوگاهن مان تہ ڪجهہ ڪونہ ٽيڻو هو، پر حوران جو بيان ٿيو تہ ان بہ ترائي ڪدي ڇڏيا. هوءِ رضا خوشيءَ سان مون وارين درخواستن تي ڪارو ڪٺو مليندي ڏٺي جي ڪڍ ائين لڳي پئي جيئن ڪا ڏالي وچ ڏنار پنيان.

پير جي ڦڙڪندڙ شهپرن، ٻاريهر جهڙين ڳاڙهين ڳنول اکين ۽ سڙهہ جي ڪندن جيان ڪاندرايل لونءِ لونءِ ڏسي مون ترت فيصلو ڪري ڇڏيو تہ ڳوٺ آباد ۾ منهنجو داڻو پاڻي پورو ٿي چڪو هو. مون اسپتال پهچي ڊگهيءَ موڪل جي درخواست لکي پنهنجا ٽپڙ ٻي سهيڙيا تہ خيرو ڪمپائونڊر بہ اچي پهتو. منهن سجيل، متان ڦوڪيل ۽ اکين ۾ ميارن جون ڀريون جو مون

ڪيس ڪو انديو ڪونہ ڏنو هو. پرچائڻ لاءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکي موڪلائي ڪيم تہ ڏٺم تہ سندس رسامون الائي ڪهڙي ڪاپار هليو ويو. هن شوڪارو ڀري ٻنل دل مان چيو: "يار ڊاڪٽر توکي ڇڏيندي دل تہ ڪانہ ٿي چوي پر تو ڪٿي آ پاڻ سان پاڻ."

"ير هاڻي اهي سڪتيون سيون تہ نہ هڻ."

"بس مڙئي قياس ڪان نہ تہ منهنجو ڇا ؟"

خيري ڪي گهڙيون ٻڙڪ نہ ٻولي. لاشڪ تہ مون واري ڳالهہ دل جي تارازيءَ ۾ توري پوءِ اکيون کٽي مون ڏانهن ڏٺائين تہ ڏٺم تہ شڪن گمانن جا پاڇولا ڪک پن ٿيل هئا ۽ وشواس ۾ اعتبار جا پاندا ڀرپور هئا. مون تان ان جبل جيڏي چپ جو بار لهي ويو تہ سک جو ساهہ ڀري ڪانٽس پڇي ورتم.

"ڪر تہ خبر خيرا. حوران ڏتي جي ڪڏ ڇو لڳي. جو نہ ڏهڻ جو نہ ڪهڻ جو؟"

"پير تہ ڏهڻ ڪهڻ جو آهي نہ ڊاڪٽر."

"هان!" منهنجا وائيسر ٿي ڦري ويا. جهٽ پلڪ سَن ڪائي ڳالهہ جو دل ۾ هنڊايم تہ ريٽي جا چوڏهن آنا هنيان؛ ٺري ويو. رڳو آنو ٻتو اڻ ٺڻ رهي ۽ اها لاهڻ لاءِ وري پڇيو مانس: "پوءِ ڏتي کي ڇو پٽي پرٺاياٺين ؟"

خيري ڏند ڪڏي ٺهہ ٺهہ ڪري جواب ڏنو: "يار تون تہ ڪو صفا ڇٽ آهين. ميان مائي مرادان جو ڪنهن ڦيٽي ڌاڳي ۾ نہ آئي تہ پوءِ پير اڏي اها ڏتي وري ڪوڙڪي- اها جو تو جهڙي ڪنهن ڏنڊي ڏوتي سان پرڻجي وڃي ها تہ پير ڪيئن ڦبي ها." □

خاڪي پنهنجي فطرت ۾

سانوڻ جي ٽاڪ منجهند جو ٻيرن جي ٽڏيءَ ڇانوَ هيٺان تاس پئي کيڏيسين تہ هو آيو. مون کي نوڙي ڪيڪارڻ بعد، هڪ همراهہ کي پاسي ڪري پاڻ کيڏڻ ويهي رهيو. سيني کي جهڻ واسينگ نانگ سنگهي ويو. ڪنهن جي منهن مان ٻڙڪ نہ پئي نڪتي. ٻيا تہ ڇڏيو پر علو، جيڪو ڳوٺ ۾ پنهنجيءَ لباڙ ۽ بڪوات ڪري مشهور هو، سو بہ ڪن ڇپا ڪري ماٺ ڪري ويٺو هو. حرام جو سندس اچڻ بعد هڪ حرف بہ ڳالهايو هجائين. جڏهن شام جا پاڇا لڙي آيا ۽ راند بند ڪئيسين تہ اوطاق ڏانهن ويندي مون علوءَ کان پڇيو:

" اهو هو ماهي؟" آءُ رخ مان ئي ڪيس سهي ڪري ويو هوس.

" ها، سائين." علوءَ ميسٽو منهن ڪري جواب ڏنو.

" شڪل ۾ تہ پيشان سِڪو ٿو ڏيکارجي."

آءُ ڪوڙ نٿو ڳالهايان. هو واقعي سِڪ پئي لڳو. سندس ڇيلهہ تي پوندڙ ڊگها وار ۽ لئيءَ تي پڳل ڏاڙهي سڪن وانگر هئي. اوٺين ئي سڪن وانگر وات تي پوندڙ وڏا وڏا شهپر هئس. فرق رڳو اهو هو جو سڪ هميشہ پاڻ ساڻ ڪرپان ڪندا آهن ۽ هن کي ڪلهي تي وڏي ڪهاڙي هئي. جنهن جي ڦر تي ڪيترا ڪارا ڪارا داغ هئا. جي علوءَ جي چوڻ مطابق انساني رت جا هئا.

" آدم سِر الاهي آهي، ۽ ان جي رت جي داغن کي ڪيتري بہ واري هئيين، ڪو نہ لهندا." علوءَ مون کي سمجهائيندي چيو هو.

هو ڪير هو، ڪٿان آيو هو، ڪن ٿورن کي خبر هئي. هونئن تہ جيترا وات هئا، اوترين ئي ڳالهيون هيون. ڪن جي خيال ۾ هو مشهور ڌاڙيل عبدالرحمان بروهيءَ جو ساٿو هٿ هو، تہ ڪي وري سندس دليري ڏسي ڪيس تازو وارادات تي مٿل ليمي ڪوش جو ساٿي سمجهندا هئا، جنهن کان سرڪاري ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم وقت بہ هنيانءَ ڪڍيا هئا. هو هن ڳوٺ ۾ بہ لڙيءَ سومهڻيءَ آيو هو. ڪنهن ڏورانهين زميندار جو خط آندو هئائين. اچڻ سان ئي وڏيري وڏي سان ملڻ جي طلب ڪئي هئائين، جو سندس ٻڌي هڪدم ٻاهر آيو هو. وڏيري وڏي خط پڙهي چشمن تي رکيو هو ۽ کيس چيو هو، " ابا، تون بي فلڪو ٿي رهہ، هتي تنهنجي وار کي بہ ايذاءُ نہ

ايندو." ان بعد هو هتي رهڻ لڳو جو. پر حرام جون مانيون هن کي به نه وڻنديون هيون. ويسند پٽي ڏنائين ته ڪڏهن وڏيري سان ذڪر ڪيدي موڪل گهري. آخر هڪ ڏينهن وڏيري وڏي پنهنجن همراهن جو پانهون ڏيئي ڪيس چرڻ پرڻ جي موڪل ڏني هئي. ڪيس رڳو ايترو چيو هو، "ابا، جي ڏکي تيئن، ڦتي ٽئين، ته رڳو رات جي پهر ۾ پاڻ هتي ڪٽائي اچج. پوءِ اولو ئي ڪونهي." وڏيرو وڏو زماني جو ماڻهو هو. اوڪيءَ ويل لاءِ به چار اٺ ڳس مڙس وٽس هوندائي هئا. بس، اشاري جي دير هئي. خان خانان جي سريءَ لاهڻ ڪان به ڪونه ڊڄندا هئا. ڪنهن ڳالهه جو فڪر ڪو نه هو. ضلعي جي ڪل ڪامورن ۾ سندس رسائي پهچندي هئي. ڪو ڪامورو بدلي ٿي ايندو هو ته ان وٽ پهرئين ئي ڏينهن تي پهچبو هو. ڪيس موسم مطابق ڏالي ڏبي هئي. پر جي ڪامورو ڪرڙو هوندو هو ۽ انهيءَ قسم جي ڏي-وٺ کي پسند نه ڪندو هو ته ڪيس شڪار جي دعوت ڏبي هئي. ڪامورو خوش ٿي ويندو هو ۽ پوءِ کي به وڏيري جون پارتون ڪري ويندو هو. ڪيترن ڪامورن ته ڪيس سونن اکرن ۾ لکيل پروانا ۽ آفرينناما به ڏنا هئا. جي سڀ وٽس سنيالي رکيل هئا. قصو ڪتائٺو مڙس امير هو ۽ سندس ساراهه مان ڪو ڍاپندو ڪونه هو. سندس دليريءَ جي ڌاڪ پهرئين ڌاڙي ۾ ڄمي ويئي هئي. هن واهوجن ۾ ڌاڙو هنيو هو. ڀاڳيو هلنديءَ وارو هو. ڌاڙي ڪان به ڏينهن اڳ روپين جا پنج هزار آتي گهر رکيا هئائين. اهي سڀ ڳالهيون هن هڪ جاچوس معرفت جاچي پوءِ قدم کنيو هو. هو پاڻ به چوندو هو، "مان ڪو لوسي چور نه آهيان، جو سؤ ڏيڍ جو ڊڏي ڀڄو وڃان. ڌاڙو هڻجي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪي ڏينهن ويهي کائجي. ڪو زور پوي ته اڳين کي به ڪجهه منهن ۾ هئي جان ڇڏائجي." ڌاڙي کان اڳ ۾ هن همراهن کي سمجهاڻيون ڏنيون هيون: "ڀاڳئي کي اسين لهڻون ڪونه جو پاڻ گهر ڦري ڏيندو. مڙسان مڙسيءَ جون ڳالهيون ٿينديون. ڀاڳيو مرڻ مارڻ جي ڪونه ڪندو جي پڇٿو اٿو ته هاڻي ئي وڪ ڏيکاريو. پوءِ ڀڄندؤ ته پهرين توهان سان پڄي ڪائندس. پيون ڳالهيون پوءِ ٿينديون." ڌاڙي جي اصولن تي هن چيو هو: "جي ڀاڳيو مقابلو ڪري ته ان سان هڪ هنڌ ٻيهي مقابلو نه ڪجي، پر هڪ ڌڪ اڳيان هڻجي ته ڊڪي هڪ ڌڪ پنيان به هئي ولجي. مگر ڌڪ اهڙا هڻجن جو ڀرزوت نه ٿئي، ڪا گهڙي هڪ جاءِ تي سيڪاتيو پيو هجي. گهڻو

روڄ راڙو به مارائيندو آهي." جڏهن ڏاڙو هٽي ٻاهر نڪتا ته ٽن ڳوٺن جي واهر اچي پهتي هئي. سندس ساٿي ٽپڙ چڙي ڪڙين تي زور ڏيڻ ۾ هئا ته هن رڙ ڪري همراهن کي چيو هو، "ڪلا شڪاري، متان ڀڳا آهيو!" ان بعد پنهنجن همراهن کي اڳ ۾ ڪري سڄي واهر پلي، پوءِ ٻاهر نڪتا هئا. حرام جو ڪا چيڙهه دگ تي چڙي هئائون. اها ڳالهه ٻڌي وڏيري سندس پٺي ٺپي هئي ۽ انعام ۾ پنهنجي پٽيءَ مان به ڪجهه ڪيس ڏنو هئائين. جڏهن ڀاڳٽي ڪان ڪنهن جوئي وٺي ڪيس ڏاڙي جي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته هو ميل ڪري وڏيري وٽ آيو هو. وڏيري وڏي سندس منهن تي ماهيءَ ڪان پڇيو به هو، مگر هن انڪاري جواب ڏنو هو. پر جڏهن ڀاڳٽي پنهنجي ڏاڙر ڏيکاري ته هن زمين تي آگر سان به ليڪا ڪڍي چيو هو، "جي صوبيدار ڏي وڃين ته هيءَ سڙنڪ ٽٽي، پر جي سڌو شهر وڃي ناظر کي دانهين ٽٽين ته هيءَ سڌي سڙنڪ وٺيو وڃ، جيئن جلد پهچين!"

سڄي ڪچهري سُن ۾ هئي. وڏيرو وڏو به اونهي فڪر ۾ هو. سيني پٺي وڏيري جي منهن کي تڪيو ته ڪهڙو ٿو حڪم نڪري. گهڻيءَ دير ڪان پوءِ وڏيري وڏي، ماهيءَ کي سڏ ڪيو. سندس آواز ۾ ڪاوڙ ۽ رعب هو.

"جيءُ، سائين." ماهيءَ هڪدم جواب ڏنو.

"رن پٽ جي سري آٽي ڏين ته پوءِ ميڃانءِ!" وڏيرو خار ۾ ڏڪي رهيو هو.

"حاضر، سائين!" ماهيءَ پنهنجن همراهن ڏي نهاريندي جواب ڏنو.

"اڄ ئي وڃ." وڏيري ڪيس چيو.

ڳالهه ڳري هئي، ڪنهن کي مجال جو وڏيري وڏي جي باري ۾ ڳتا لفظ ڪڍي. وڏيرو فتح محمد جي پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس ۽ ڏنگ زميندار هو، ته به پنهنجي ڪاڻ. وڏيري وڏي سائنس ڪهڙو اڇايو هو، جو هن هشام ماڻهن جي اڳيان پوليس جي ناظر کي سندس شڪايت ڪئي هئي ۽ ڳتا لفظ ڳالهايا هئا. جي، "چوريون ٿو ڪرائي. ڏاڙا ٿو هڻائي!" وڏيري وڏي جا ته مٿس ڪيترائي لاٿ هئا. ڪيترا ڀيرا سندس پڌ کي سڄايو ڪري مال به موٽائي ڏنو هئائين. اها ڳالهه بي هئي ته ناظر وڏيري وڏي سان ٺهيل هو، ۽ اها ڳالهه ڪيس پاڻ ٻڌائي هئائين. پر هو ته پنهنجو وارو ڪري بيٺو هو ۽ ان جي سزا ڪيس لوڙڻي هئي.

ساڳين ڀيرين هيٺان راند پئي ڪيڏيسين. ڇهڇٺو لڳو پيو هو. علوءَ مان ڀيءَ ڏر ڪي سلام ڏنو. تن ڏنڊ ۾ ڪن - گوڇي پئي ڪٽي ته خميسو ڀڄندو آيو.

"سائين، وڏيري وڏي ماهيءَ کي ڪڍي ڇڏيو."

سيڻي جي منهن تي مرڪ اچي ويئي، ماهيءَ کان هرڪو ڊڄندو هو.

"ڇو؟" مون ڪانئس پڇيو.

"وڏيري وڏي ڪيس موڪليو هو نه ڪلهه هوڏي؟" خميسو اشارن ۾ سمجهائڻ لڳو. هونئن به اها ڳالهه هن ئي اسان کي ٻڌائي هئي.

"ها -"

"اتان خالي هٿين موٽي آيو. ڇيائين ته وڏيرو فتح محمد اندر ڪوٺيءَ ۾ پيچي ويو .... هو سندس پٺيان پيا ته سندس نياڻي قرآن کڻي اچي سندن اڳيان بيٺي ..... ۽ هو همراهن کي جهلي، قرآن ۽ نياڻيءَ کي مُهت ڏيئي، ٻانهن لوڏيندو واپس موٽي آيو." خميسي ٽوڪ جي نموني ۾ چيو.

سيڻي پنڊ پهڻ ٿي ويا، ڇڻ ڪنهن جادوگر متن جادوءَ جي ڇڙي گهمائي هئي. ٻيا ته ڇڏيو، پر علو جيڪو ڳوٺ ۾ پنهنجي بڪوات ۽ لباڙ ڪري مشهور هو ۽ ماهيءَ جو سيڻي کان وڌيڪ دشمن هو، سو به ڏسان ته ڪن ڇپا ڪري ويٺو هو ❑

تنهنجي خودي ۽ جو ڀرم

اڄ جڏهن تنهنجي هڪ سنگتي ٻڌايو تہ تون وري پنهنجي سيٺيءَ ياءُ سان گڏ ٽيو آهين، تہ مان هي سيڪجهہ لکڻ تي مجبور ٿي ويو آهيان.

مان سمجهان ٿو تہ هي تنهنجو خانگي معاملو آهي ۽ مونکي ان ۾ ٽپي ڏيڻ جو ڪو حق ڪونهي. اهو بہ سمجهان ٿو تہ تون هي پڙهي خوش نہ ٿيندين، پر اٽلو گاريون ڏيندين. هوتئن بہ ظاهر ۾ ياءُ کان جدا ٿي وري گڏ ٿيڻ، هڪ ٻڌائڻ جوڳي ڳالهہ نٿي لڳي. پوءِ جڏهن مان انهن ڳالهين کي ياد ٿو ڪريان. جن ڪري تون پنهنجي ياءُ کان جدا ٿي ويو هئين، تہ پوءِ دل ٿي چوي تہ جيڪر تنهنجون ڳالهيون توکي ٻڌايان.

مون کي جيترو ياد آهي تہ. مان توکي ٻهريون ڀيرو پنهنجي ڪلاس ۾ ڏٺو هو. تون ۽ مان گڏ پڙهندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ تون اڇو اجرو رهندو هئين. توکي سٺا قيمتي ڪپڙا پاتل هوندا هئا ۽ تنهنجي نرم ريشمي وارن کي ڦڻي ڏنل هوندي هئي. تنهنجو دماغ عرش تي هوندو هو ۽ اسان جهڙن ڏانهن تہ نهاريندين بہ ڪونہ هئين، پر سال ڪن کان پوءِ تون گدلو رهڻ لڳو هئين. تنهنجا وار اٽيا هئڻ ڪري ڪڪا لڳندا هئا. انهن ڏينهن ۾ تون ۽ مان هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا وياسين. مونکي تنهنجي حالت جي تبديلي جو عجب لڳندو هو ۽ مان سڄو ڏينهن پيو سوچيندو هوس تہ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي وئي هئي. هڪ ڏينهن مان توکان ان جو سبب پڇيو هو ۽ تون هڪ اداس مرڪ مرڪي مون کي انجو سبب ٻڌايو هو. تون ڇورو ڇنو ٿي ويو هئين. تنهنجي قيمتي ڪپڙن خريد ڪرڻ وارو پيءُ گذاري ويو هو ۽ تنهنجي ڪاڏيءَ کي جهلي پيار سان ڦڻي ڏيڻ واري ماءُ بہ سامي ۾ پورجي چڪي هئي. انهن ڏينهن ۾ تون پنهنجي ڀيٽي ياءُ جي نظرداريءَ ۾ ڀئي ڏينهن ڪاٽيا. جنهن کي توکان وڌيڪ پنهنجو اولاد مٺو هو. پنهنجي اولاد جي ڳالهہ تہ ٻري رهي، پر هو توکي پنهنجي ڪتي جيترو بہ نہ ليکيندو هو. معاف ڪجانءِ، هي ڳالهہ مان پنهنجي طرفان نٿو ٺاهيان. ڪجهہ تنهنجي واتان ٻڌي هئيم ۽ ڪجهہ پاڻ بہ ڏٺو هوم. ان ڏينهن مان توسان تنهنجي گهر جي ٻاهران بيٺو هوس. توکان کي ڪتاب ونٿا هئا يا شايد ڪا ٻي ڳالهہ هئي. تنهنجو ياءُ اندران پنهنجي پوري ناسي السيشن ڪتي سان ٻاهر نڪتو هو. ڪتي سائنس مستيون ڀئي

ڪيون ۽ سندس ڪپڙا پٽي خراب ڪيا. پر تنهنجي ياءُ ان هوندي به مٺس پيار جا هنڙا پٽي ڪهمايا ۽ اتي ٽي تو آهستي مون سان اهو ڏک ڪڍيو هو ته جيڪر تنهنجو ياءُ توکي پنهنجي ان ڪتي جيترو به پيار ڏئي ها ته به تنهنجي لاءِ وڏي ڳالهه هئي.

ان زماني ۾ توکي پنهنجي ياءُ ۽ سندس خاندان سان نفرت پيدا ٿي ويئي هئي ۽ تون ڪلاس ۾ جاميٽري جي ڪاپي تي رائيٽ اينگل ڪڍڻ سان گڏوگڏ دل ۾ پنهنجي مستقبل جي رائيٽ اينگل ڪڍڻ جي به ڪوشش ڪندو هئين. ان ڳالهه جو پتو مونکي ان ڏينهن پيو هو، جنهن ڏينهن تون ڪلاس ۾ ڪونه آيو هئين. تو سڄي عمر ۾ ڪڏهن ڪونه گسايو هو. انڪري مونکي تنهنجي چنتا لڳي هئي. مان تنهنجي گهر پڇا ڪرڻ ويو هوس. تنهنجو ياءُ ڦل سوٽ هنيو ٻاهر ويٺو هو، ان ڪان ڏچي ڏچي تنهنجي لاءِ پڇيو هوم.

"ڪير آن ڙي تون؟" تنهنجي ياءُ تيشي ڏيٺي مونکان پڇيو هو.

"سائين مان – مان سائين هنجو دوست آهيان." مان هبڪندي ڪيس ٻڌايو هو.

"ها، تو جهڙا رولو جو سندس دوست هوندا ته گهر ڪان ڪيئن نه يڄندو." هن خار ۾ مونکي گهوري چيو هو، پوءِ پرسان ٻنتي ڪارا برقعا ويندي ڏسي، هو "منڍا تيرا، ميري مهاندرا او ڏندي ڏندي چلڻي والي ني" ڳائڻ لڳو هو ۽ مون تان بلا ٽري وٺي هئي.

تنهنجي ياءُ جي منهن ۾ تنهنجي لاءِ ڳٽتي نه ڏسي مون کي ڏک ٿيو هو ۽ دل ۾ دعائون گهريون هيم ته تون ان گهر ۾ يا عمر واپس نه اچين. پر، جڏهن تون ٻئي ڏينهن رلي پني واپس موٽي آيو هئين ته مونکي ان ڪان به وڌيڪ ڏک ٿيو هو.

پڇي وڃڻ ڪان پوءِ تون جڏهن پهريون دفعو ڪلاس ۾ آيو هئين ته ان ڏينهن پنهنجو استاد ڪونه آيو هو ۽ اسان کي ٻيو استاد، جنهن کي سندس ڏگهي قد ۽ چوڙيدار پاجامي ڪري استاد ڪنگ اسٽارڪ سڏيندا هئاسين، پڙهائڻ لاءِ آيو هو. ان ڏينهن سندس موڊ پڙهائڻ تي ڪونه هو انڪري اسان سيني چوڪرن کي پنهنجو پنهنجو سبق ياد ڪرڻ لاءِ چئي لت ڏيئي ڪرسي تي سمهي پيو هو. تون ۽ مان ان ڳالهه جو فائدو وٺي پوين ٻنچن تي هلي ويٺا هئاسون. مونکي توکان پيرائتي ڳالهه پڇڻ جو ڏاڍو شوق

هو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن توکان تنهنجي ٻچي وڃڻ جو آئيڊيا چڱي طرح سمجهيو هوم. تو چيو هو ته "پر، مون کي ڪهڙي خبر هئي ته ڪو ٻچي وڃڻ ڪري مونسان هيءَ حالت ٿيندي. مان ته سمجهيو هو ته ادي جو هيانءُ ڪونئرو ٿي پوندو ۽ اڳنا لاءِ منهنجو خيال رکندو. مونسان ته هينئر جنسي ويل آ."

"پلا آئين ته ڪا مار ته ڪونه مليءَ نه؟" مان توکان پڇيو هو.

"ڇڙي هڪ مار لاءِ ٿو پڇين؟ هتي ته اٿندي ويهندي پادر آ. منهنجي پٺيءَ تي جي ڏنا ڏسين ته جيڪر تون به روئي ويهين. جيڪڏهن وس پڇي ته سچو ڏينهن هت اسڪول ۾ ويٺو رهان. پر اسڪول به نياڳو ڏيڍ بجي ٿو بند ٿئي." تو روئڻهارڪو ٿي چيو هو.

"پر ادا هاڻي نه ٻچجانءُ،" مان توکي ايلاز ڪيو هو. مونکان تنهنجو ڏک نه پئي سٺو.

"نه في الحال ته توبهه ڪيم پر وقت اچڻ ڏي." ۽ ان ڏينهن ئي شايد تون ڦڪي کل کلندي چيو هو ته تنهنجي ڪنسٽرڪشن غلط نڪري پيئي هئي ۽ تون "رائٽ اينگل" ڪونه ناهي سگهيو هئين.

ائين ئي قصو هلندو رهيو تان جو تون ۽ مان گڏ مئٽرڪ پاس ڪئي. مان ڪاليج ۾ داخلو ورتو. پر تون ڪونه آئين- پر تون پوءِ ٻئي ٽرم کان ٿورو اڳ ۾، اچي داخلا ورتي هئي. تون پاڻ ئي مونکي ٻڌايو هو ته تنهنجي ياءُ جي توکي وڏيڪ پڙهائڻ تي مرضي ڪانه هئي. سندس پٽ مئٽرڪ به پاس ڪري نه سگهيو هو ۽ هن نه پئي چاهيو ته ڪو تون سندس پٽ کان مٿي پڙهين. پر پوءِ پنهنجي سنگتين ساٿين جي چوڻ تي، جن کي شايد وري تو ايلاز ڪيا هئا، توکي ڪاليج ۾ موڪليو هئائين. تنهنجي ياءُ توکي ڪاليج ۾ موڪلڻ وقت توکي کولي ٻڌايو هو ته جي تون هڪ دفعو به امتحان ۾ ناپاس ٿيندين ته هو توکي وڏيڪ ڪونه پڙهائيندو.

مون کي چڱي طرح ياد آهي ته ڪاليج جي زماني ۾ توکي پورا پئسا به ڪونه ملندا هئا. ڪاڏي جو خرچ ۽ ڪاليج جي في ڪيڏڻ بعد تو وٽ رڳو ڪي روپيا وڃي بچندا هئا. تنهنجي چانهه پاڻي جو خرچ پنهنجي سچي سنگت تي هو. تون هڪ ٻيرو نوڪري ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي، پر تنهنجي ياءُ توکي دڙڪا ڏنا هئا. جو ان ۾ سندس بدنامي هئي.

تنديڻ ڪان ونئي تو ڏڪ ڏنا هئا. تنهنجي اندر ۾ بغاوت جي باهه دکندي رهي هئي، تان جو ان هڪ ڏينهن پڙڪو ڪاڏو هو. پڙڪو به شايد انهن ڳالهين تي ڪاڏو هئائين جو تون اکين ۾ پاڻي آڻي مونکي ٻڌايو هيو ۽ جن منهنجي اکين کي به آلو ڪري ڇڏيو هو. تون شام جو منهنجي ڪمري ۾ آئيو هئين ۽ اچڻ سان هنڌ تي ڪري سڏڪندي چيو هيءِ:

"پر، هي ياءُ آ ؟"

"وري ڇاهي ؟" مان توکان پڇيو هو.

"اهي مٺي سورن جون ڳالهيون پيو ڇاهي ادا ." تنهنجي اکين مان جهر جهر ڳوڙها پئي وهيا.

"ٻڌاءِ نه." مان توکان ڳرانڍي پائي پڇي هو.

"ولايت ويو هو الائي ڪيترا لک ڪٺي ؟ پٽ لاءِ موٽر آندائين. زال لاءِ زيور وٺي آيو ۽ پوٽين لاءِ قيمتي ڪپڙا، پر منهنجي لاءِ ڪجهه به ڪونه. ڇڻ مان سندس ڪجهه ڪونه ٿيان؟ آسيس لاءِ هڪ روپي جو قلم ڏٺي ها ته به مان ڪيترو نه خوش ٿيان ها، پر ان ڳالهه کي به ڪٺي ڇڏ." تون سڏو تي ويهي رهيو هئين. توکي جوش چڙهي ويو هو "ڪجهه نه ڏيئي ها، پر ڪلي ته ڳالهائي ها. ڪن اچڻ سان دڙڪا ڏيا آهن ؟"

"دڙڪا ڏنائين؟" جنسي باهه وٺي ويئي هئي.

"ها."

"ڇو ؟"

"مان سندس پوٽيءَ کي اڄ چماٽ هنئي هئي. ٻڌ نه. منهنجي ياءُ جي پوٽي منهنجي به پوٽي ٿئي ۽ اها جو اڌ نالي سان سڏي ته ڪِڏي نه ڇڏجيس. مان ته رڳو ڪيس ڇڙي چماٽ هنئي هئي."

ان ئي رات تون پنهنجي ياءُ ڏي پنهنجي جدا ٿيڻ جو خط لکيو هو ۽ ڪاٿس پنهنجي ملڪيت جي حصي جي به گهر ڪٺي هئي. تنهنجي ياءُ تنهنجي جدا ٿيڻ تي خوشي ڪٺي هئي، پر ملڪيت لاءِ توکي ٽي تريون هٿي ڪيون هئائين. هن توکي جواب ڏنو هو ته سڄي ملڪيت هنجي پنهنجي ٺاهيل هئي. ۽ پنهنجي پيءُ ڪجهه به ڪونه ڇڏيو هو. پنهنجي ياءُ وٽان ڪلي جواب ملڻ بعد به تو همٿ ڪونه هاري هئي ۽ جلدي پيٽ گذران لاءِ هڪ چڱيءَ پگهار واري نوڪري هٿ ڪٺي. مون کي اهو ڏينهن چڱي طرح ياد آهي، جنهن

ڏينهن توکي پنهنجي پورهئي جي ڀرپور پگهار ملي هئي. تون ان ڏينهن اسان سڀني دوستن کي ڪيفي جارج ۾ چانهه پياري هئي. تون ان ڏينهن خوشيءَ ۾ مست هئين. ان ڏينهن پوءِ ڳن ۾ توکي ڪنهن دوست صلاح ڏني هئي ته جي تون پنهنجي پاءِ وٽ وڃي فلم آواره جي ڪورٽ سين ۾ راجڪپور وانگر ميٺون منهن ٺاهي ڏانهن نهاريندين ته هو توتي رحم کائي توکي چڱي رقم ڏيندو. سڀ دوست ان ڳالهه تي ڏاڍو کليا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي شڪل بلڪل اهڙي لڳندي هئي. ان ڳالهه جو جيڪو تون جواب ڏنو هو سو به اڄ تائين مونکي ياد آهي. تون چيو هو:

"ادا مان غريب آهيان، پر خودي وارو آهيان. منهنجو وَس وڃڻ ته پري رهيو، پر هو پاڻ اچي مونکي ايلاز ڪري ته به ساڻس گڏ ڪونه ويندس. لکن جا تيڙ هنکي آيا. مان پنهنجي پگهار مان بلڪل خوش آهيان."

قسم سان، مان تنهنجو اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هوس ۽ سمجهيو هوم ته تون پنهنجي مستقبل جي "رائيٽ اينگل" کيڻ ۾ ڪامياب ٿي وينئن.

پر اڄ تنهنجي هڪ سنگتي ٻڌايو ته تون وري پنهنجي سينيي پاءِ سان گڏ ٿيو آهين، ته آءٌ اهو سڀ ڪجهه لکڻ تي مجبور ٿي ويو آهيان. تنهنجي سنگتيءَ اهو به ٻڌايو ته هينئر منهن تي اداس مرڪن بدران خوشي جون مرڪون آهن ۽ تنهنجي وارن ۾ اٽيائپ ڪانه آهي، پر سليقي سان ڦٽي ڏنل هوندي آهي ..... پر تڏهن به الاجي ڇو مونکي سندس ڳالهه تي اعتبار نٿو اچي. تون ويجهو هجي ها ته تنهنجي وارن جي پاڙن کي ڏسان ها، متان اهي اندران اڳي وانگر اٽيون نه هجن، تنهنجي خوشيءَ جون مرڪون ڇتائي ڏسان ها ته متان ان ۾ ڪي اداس مرڪون به لڪل هجن. اهو سڀ ..... اهو سڀ انڪري ڪيان ها ته متان تون ڪنسٽرڪشن غلط ڪڍي هجي ۽ تون "رائيٽ اينگل" نه ٺاهي سگهيو هجين ❑

ننگر

پير سائين مراقبي مان اٿيو. پنهنجي ڪپهه جهڙي سفيد ڏاڙهي کي خلال ڪندي، خليفي وڏي کي سڏ ڪيائين، "ڀانها! او ڀانها!"

سڏ سان خليفو ڊڪندو آيو. ادب سان جهڪي پڇيائين، "قربان ٿيان حڪم؟"

"ابا، ننگر جو کهڙو بلو ڪيو اٿئي؟"

"قبلا سڀ ڪجهه ڪيو اٿم. جيڪي پڇو -" ڀانهي فخر سان ڪنڌ مٿي ڪري چيو، "وڏيري واري موڪليل ڳنڍر جو ڇا ڪيئي؟"

"ڪاسائيءَ کي ڏئي ڇڏيم، هن اڄ ڪهي به ڇڏي هوندي." ڀانهو ٻڪيو.

"گهڻو ڪيائين؟"

"ڏهن گهٽ ٻه سؤ." ڀانهي ورائيو.

"هي ننگر لاءِ ڳنڍر گهڻي ورتيءَ؟"

"چڙي چاليهن. باقي پئسا حويليءَ ڏي موڪليا اٿم."

"چڱو ڪيءَ." پير خوشيءَ ۾ ٻهڪندي چيو.

ڀانهي جون واڇون به پير صاحب کي خوشيءَ ۾ ڏسي ٽڙي ويون.

ٿوري ويرم بعد پير سائين وري چيو:

"ابا، چاليهن ۾ ته ڪراڙي ملي هوندءِ."

"اهڙي ڪراڙي ته نه هئي، پر ٿورڙو بيمار هئي. پر قبلا ديگ ۾ پوڻ کانپوءِ ڪير ٿو سڃاڻي ته وڏيري واري وچ آهي يا ڪا ٻي ڳنڍر. رڌون سيٺي پوٺ ڪاريون." ڀانهي جواب ڏنو.

"مرچ مصالحا جام وجهنديس ته ڪنهن کي لکائي ڪا نه پوندي. پر ابا منهنجي لاءِ ڇيلي جو گوشت گهرائج." پير سائينءَ کي پنهنجو فڪر لڳو.

"قبلا، اهڙو ڇڻ ته نه سمجهه. آخر تو جهڙن اميرن جا هٿ ڏورايا اٿم. ايترو به نه سمجهندم. توهانجي لاءِ اڱندي سان ئي ڇيلي جو گوشت گهرايو آهي. اندر تيار پيو اٿئي."

"آهين ته سياڻو پر ٻيلي مٿان به ..... چڱو ابا هاڻي تون پل وچ جڏهن ماني تيار ٿئي تڏهن اچج. تيسين مان به اشراق پڙهي وٺان." ڀانهو هليو ويو.

گادي نشين ته گهڻا پر پير رضا سائين ڪونه سڏائي، ڪا ماءُ اهڙو

ٻچو نہ ڄڻيندي. سدائين لوڙهي ۾ رهندو هو. صوم صلواة جو پابند. علم فقه، علم حديث جو گوهر. مجال جو ڪو عالم هن جيان ڪو شرعي فيصلو ڪري. زهد ۽ تقوي ۾ تہ پنهنجي ڏاڏي سائين حضرت پير تقي شاهہ کان ٿي گوءِ کڻي ويو هو. سندس ڏاڏي جا مريدڻي ڪيس مڃيندا هئا. وڏيرو ڪريم ڏنو، جو ڏاڏهنس جو خاص مريد هو، سوئي چوندو هو تہ "تقي شاهہ بہ تقي شاهہ هو، پر هن سان پچڻ جي ٻيٽي ڪانهي. هن سان خدا جو ڪو ٻيو قرب آهي." واقعي وڏيري واري ڳالهہ سچي هئي. هن پير صاحب وٽ وري هڪ ٻي مڻ هئي. ماڻهو سندس ڪرامتون ٻڌائي ٿڪبا ڪين هئا. خليفي ٻانهي سان جو رنگ ڪيائين سو ڪنهن کان لڪل ڪين هو. خليفو ڪڏهن پاڻ اکين ۾ آب آڻي چوندو هو. "ادا، مون ۾ پنج ئي شرعي عيب هئا. پر اهو سڀ ڪجهہ خدا ڇڏايو. هڪ ڏينهن جان درگاهہ ۾ ننگر کائڻ آيس تہ پير سائين جن جي مون گنهگار تي نظر پئجي وئي. مشڪل ڪشا جو قسم، سندن اکين ۾ اهڙو تہ نوراني جلال هو جو مان ان وقت سيني گناهن کان توبهہ تائب ٿيس."

خير، سندس گنهگار هجڻ يا نہ هجڻ جي تہ ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي، جو هو ٻري جو وينل هو البت ايتري سڌ هر ڪنهن کي هئي تہ ٻانهو هاڻي پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو. تنهنڪري هر ڪنهن کي سندس ڳالهہ تي اعتبار اچي ويو هو. تنهن بعد پير صاحب جي ٻي ڪرامت جا ٻانهي حج تان موٽڻ بعد ڪن خاص ماڻهن کي ٻڌائي هئي، سا تہ ملڪان ملڪ پکڙجي وئي هئي. هر ڪنهن کي اعتبار اچي ويو هو. اها ڳالهہ هيئن هئي تہ پير صاحب ٻانهي تي قرب ڪري، ڪيس پنهنجي خرچ تي حج لاءِ موڪليو هو. ٻانهي جي وات جي ڳالهہ تہ جڏهن هو بيت الله جي زيارت لاءِ ويو تہ ڏسي تہ پير رضا سائين اڳ ۾ ئي اتي بيٺو آهي. ٻانهو اچرج ۾ پئجي ويو تہ "پير صاحب کي تہ مان پوئتي ڇڏي آيس، هن جو ڪو حج تي اچڻ جو خيال بہ ڪونہ هو، پر هيءَ ڳالهہ ڪيئن" پر جيئن ٻانهو پير صاحب ڏانهن پيرين پوڻ لاءِ وڌيو تہ ڏسي تہ ڪاري وارا ڪک- ڪوئي ڪونہ هو. اهڙي نموني سان وري ڪيس عرفات جي ميدان تي ڏٺائين. پر جان جو ٻانهو ڏانهس وڌيو تہ وري گم. پوءِ ٻانهو سمجهي ويو ۽ شڪرانہ جا سجدا ڪيائين، جو ڪين اهڙو ڪامل مرشد نصيب ٿيو هو. پر پير صاحب کي جڏهن اها خبر پئي تہ ٻانهي سندس روحاني حج جي ڳالهہ ٻڌري ڪئي آهي تہ ڏاڍو ڪاوڙيا ۽ بہ

تي ڏينهن حجري مان ٻاهر ئي ڪونہ نڪتا. بقول ٻانهو ہہ تي ويلا ماني بہ ڪونہ کاڌي هئائون. ان ڳالهہ کان پوءِ پير سائين ٻانهي جو رتبو وڌيو ۽ هو هاڻي "خليفي وڏي" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. مريدن جي تحفن ۽ نذرانن ۾ بہ اضافو ٿيندو ويو. پر پير صاحب پنهنجو نيم نہ مٽيو. هو پنهنجي درويش طبعي ڪري اهي نذرانا مشڪل سان ئي قبول ڪندا هئا. پر ٻانهو اڻين ڪنهن مريد کي مايوس ٿيڻ نہ ڏيندو هو ۽ پنهنجي ڪامل مرشد جي خدمت ۾ هٿ ٻڌي عرض ڪندو هو. "مرشد، هنن جون دليون نہ رنجايو. بسم الله ڪري قبول ڪيو." ۽ پوءِ لاچار پير صاحب جن ٻانهي کي حڪم ڏيندا هئا تہ اهي نذراني جون رقمون ننگر جي پيتيءَ ۾ وجهي، پر ان مان هڪ پائي بہ ذاتي استعمال لاءِ ڪم نہ آڻي، جو اهو حرام آهي.

پير نماز پڙهي تسبيح پڙهڻ ۾ مشغول هو، تہ خليفو وڏو داخل ٿيو. ڪيس ڏسي پير تسبيح مصلي تي رکي.

"ابا هلون!" پير ڪائنس پڇيو.

"هائو قبلا، ماني تيار آهي، ماڻهو بہ اوهان جو انتظار پيا ڪن."

پير سائين حجره عام ڏي رخ رکيو. خلق ڪيس ڏسي اٿي ڪڙي ٿي. گهٽا ڏانهس وڌيا ۽ سندس، قدم چمڻ لڳا. پير هر هڪ کي مرحبا ڪرڻ لڳو. مس مس اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو. پير ٻانهي ڏي ڪنڌ ڦيرائي ڪيس چيو:

"خليفا وضو ساري ماني ديڳن مان ڪڍ."

خليفو هليو ويو. ماني هر هڪ اڳيان رکجي وئي. پير ۽ سندس ننڍڙي نينگر جي اڳيان بہ ہہ ڏاکون رکيائون.

پير سيني کي بسم الله ڪُرڻ لاءِ چيو. ماڻهو ماني کائڻ ۾ شروع ٿي ويا. جلدي ئي اوڪارن جو آواز آيو. پير ڪنڌ مٿي ڪئي ڏٺو تہ ٻن ماڻهن الٽي پئي ڪئي.

پير منهن تي ٿوري مرڪ آڻي ڏاڍيان کين چيو:

"ابا آهستي آهستي چٻاڙي کائو."

"قبلا، دل ڪچي ٿي ٿئي. ڦندر شايد ڪراڙي هئي." انهن مان هڪڙي چيو.

"واهہ ابا واهہ، کائڻ اچي ڪونہ ۽ ڏوهہ ڦندر تي. اسان بہ تہ اهو ڪجهہ ٿا کائون، جيڪو توهان کي مليو آهي. اسان جي اڳيان ڪو چيلو تہ

ڪونهي، پير صاحب ترشي سان چيو. پير جي اٺ سالہ نينگر اهو ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪيو. پير سائين جي هٿ ۾ ڪنيل گره، جنهن ۾ ڇيلي جي ٻڪي هئي، ڪي ڏسي سوچيندو رهيو تہ اها ٻڪي ڪاٿون آئي، ڇو تہ خليفي وڏي سنڌس منهن تي ڦندڙ جا جيرا ۽ ٻڪيون سڄي پوڻ ڪري اڄلي ڇڏيون هيون. هن چاهيو تہ جيڪر پنهنجي پيءُ کان ان مسئلي بابت پڇي، مگر پنهنجي پيءُ جي منهن تي هڪ نوراني جلال ڏسي ڪيس اهڙي سوال پڇڻ جي همت ڪانہ ٿي □

منجهيل سٽ

پئراڊائز سئنما ٽپي جڏهن هو "چارلي هيئر ڪٽنگ سئلون" اڳيان لنگهيو تہ هن جو هٿ بي اختيار پنهنجي ڪياڙي ڏي کڄي ويو. هن جا وار وڌي ويا هئا. نهرائڻ جي خيال سان هو دوڪان ۾ داخل ٿيو. ڪي ٿوريون ئي ڪرسيون خالي پيون هيون. ڪاريگر پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئا. ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ ڪئنچي جي "ٽڙڪ ٽڙڪ" بند ڪري پاڻ ۾ سنها ٽوڪ بہ پئي ڪيائون. هو هڪ ڪرسي تہ ويهي رهيو. هڪ ڪاريگر اڇو اجرو ڪپڙو ڪني ڏانهس وڌي آيو.

"مان نمبر ائين ڪان وار نهرائيندو آهيان." هن آيل ڪاريگر کي مايوس ڪيو. هوندئن بہ نمبر ائين سان هن جي هڪ قسم جي سنگت ٿي ويئي هئي. هو سدائين اڇو اجرو رهندو هو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ وارن ڪاٽڻ سان گڏوگڏ هن جا قصا بہ پيا هلندا هئا. اهي عادتون هن کي پسند هيون.

"هو واندو ڪونهي، متي هڪ ليڊي جا وار "ڪرل" پيو ڪري." ڪاريگر نوڙي ڇيو.

"مان هن لاءِ ترسندس." هن آيل ڪاريگر جو اندر ساڙي ڇڏيو. هو منهن گهنجائي هليو ويو. هن دل ۾ خوشي محسوس ڪئي تہ سندس ڪاريگر ايڏو هوشيار آهي، جو هڪ ليڊي جي وارن کي ڪرل ڪرڻ لاءِ هنجون خدمات ورتيون ويون آهن ۽ تنهن ڪانسواءِ هن جي من ۾ ڪتڪاڙيون ٿيڻ لڳيون تہ اهو ڪاريگر هڪ حسينہ جي سهڻن زلفن کي هٿ لائي پوءِ هن جي ڪم کي لڳندو. هو سوچڻ لڳو تہ هو نمبر ائين ڪان اُن حسينہ بابت ٻئي سوال بہ پڇي سگهندو. مثال طور تہ هوءَ ڪاٿي ويٺي آهي. هميشہ هن دوڪان تان وار "ڪرل" ڪرائيندي آهي يا ٻين ڪان بہ. ٽپ گهٽو ڏنائين ۽ اهڙي قسم جا ٻئي پيا بہ سوال. ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ هن مئگزين کنئي، هو تصويرون ڏسڻ لڳو. اها ڏسي بيٺو تہ وري هن بي ڪنئي. ڏاکڻ تان لهڻ جو آواز آيو. هو ڪڙڪي مان ئي سجاڻي ويو تہ حسينہ کي ڏکيءَ ڪڙيءَ واري سينڊل پئي آهي. هن ڪنڌ موڙي ڏسڻ مناسب نہ سمجهيو شيشي ۾ گهور ڪري نهارڻ لڳو. پهريون ڪاري سئنڊل ۾ ننڍڙا ننڍڙا سهڻا پير ظاهر ٿيا. ڪاري سئنڊل ۾ پورن پورن سهڻن پيرن کي ڏسي هن جا جپ ٽرڪڻ

لڳا. پر ان خواهش کي ناممڪن سمجهي، هن پنهنجو پاڻ سنڀالي ورتو. هو اڪيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو. پوءِ خوبصورت گداز جسم ۾ نيٺ سهڻو منهن ظاهر ٿيو. هو ڀهريون ٿورو شڪيو، پر تنهن بعد ڪيس سڃاڻي ويو. هوءِ زرينہ هئي سندس دوست خالد جي پيڻ. هنجا چيلهہ تي پونڊڙ ڪارا وار "ڪرل" تي وچي ڪلهن تي بيٺا هئا. هوءِ ڏاڍي خوش پئي نظر آئي. هن مئگزين کي منهن سامهون جهليو. جيئن هو ڪيس ڏسي نہ سگهي. جڏهن هوءِ سندس ڪرسي جي پرسان لنگهي وئي تہ هو مئگزين مان منهن ڪڍي ڪيس ويندي ڏسڻ لڳو. هنجي چال ۾ اڄ هڪ نئين قسم جي نزاڪت هئي. آخر هن کي پنهنجي وارن "ڪرل" ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي. هنجا وار تہ اڳئي سنا هئا؟ پنج سال اڳ جي ڳالهہ سندس اکيان اچي بيٺي.

هو شام جو چانهہ پي رهيو هو تہ خالد وٽس آيو هو. زرينہ جو ڀاءُ.

"هڪ ڪم تہ ڪر مسعود." هن ايلاز ڪيو هو.

"ڪهڙو." هن چانهہ جو ڪپ ڏانهس سيريندي چيو هو.

"اهوئي." خالد ڪيس اک هڻندي هئي.

"هون – ڪير آ."

"مس روز." خالد خوشيءَ ۾ گد گد پئي ٿيو. مس روز ڪلب جي حسين ترين ميمبر هئي. نوجوان سائنس ڳالهائڻ لاءِ سڪندا هئا. هوءَ خالد ۾ انهن مان هئا. هن کي تہ لفٽ ڪانہ ملي هئي، البت خالد ۽ روز جي متعلق هن ٻين ميمبرن کين گهٽائي افواه ٻڌا هئا. پر هن کي اعتبار ڪونہ آيو هو. روزي جي گهنڊيدار وارن کي ڏسي، هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ اهي ڪرل ٺي انهيءَ لاءِ ڪرايا ويا آهن، جيئن روز ڌهندا رهن ۽ وري ڪرل ٿيندا رهن.

"آل رائٽ." هن ٽڏو ساهہ کڻندي چيو هو.

"ٿئنڪ يو."

اٽڪل نائين وڳي هو آيا. روزي ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. هن هر هر انداز سان پنهنجي ڪرل ٿيل وارن کي پٺتي پئي ڪيو. ڪين ڏسي هو هيٺ لهي ويو ..... ڪلاڪ کن ڪانپوءِ هو موٽي آيو. خالد ڊرائنگ روم ۾ ڪوچ تي ويهي فروٽ کائي رهيو هو ۽ روز ڊريسنگ ٽيبل اڳيان پنهنجي وارن کي برش ڪري رهي هئي. سندس گهنڊيدار وار ائين کلي وڌا ٿي ويا هئا، جيئن ڪنهن منجهيل سٽ جي تندتند ويهي سلجهائي هجي. خالد ڪيس ڏسي معنيٰ خيز

مرڪ مرڪندي چيو، ”اڄ ويهه فروٽ کاءِ.“

هو ويٺو ءِ خالد جي پرسان وچي پٽڪيائين، ”پيو تہ ٺهيو پر ويچاريءِ جا وار بہ خراب ڪري ڇڏيئي. جڏهن سو روپئي جي نوٽ تان هٿ ڪٺي تڏهن ٺي اهڙا ٺهرائي.“

”هون،“ خالد ٽهڪ ڏيندي ڪيس چيو هو، ”تون چريو آهين. اهي ڇوڪريون پنهنجا وار ان لاءِ تہ ڪرل ڪرائينديون آهن.“

..... ۽ اڄ خود پيٽس پنهنجا وار ڪرل ڪرايا هئا. هنجي دل ۾ هڪ ڏاڍو عجيب قسم جو خيال آيو، پر هن دوست جي پيڻ جو خيال ڪندي ڪنڌ ڌوڻي ان خيال کي جهٽڪي ڇڏيو. نمبر اُون اچو اجرو ڪپڙو ڪٽي هنجي ڳچيءِ اڳيان رکيو ۽ ڪيس آهستي چوڻ لڳو. ”اڄ مونوٽ هڪ پريءِ جو بچو آيو هو پر ڏيڪارجي ”فلرٽ“ پيو.“ ☐

استاد ۽ شاگرد

"ادو آن ني،" هن ڪيس ايلاز ڪيو.

"نہ مان ڪونہ،" ننڍڙي ڇوڪر منهن سڄائيندي نهڪر ڪئي.

"ڀائو ناهين منهنجو."

"آهيان."

"پوءِ هي ڏينس تہ وجي." هن نيرو لفافو سندس معصوم هٿن ۾ ڏنو.

"مونکي مارينديءِ." ننڍڙي ڇوڪري کي ڀؤ ورايو.

"خدا جو قسم ڪونہ ماريندي، اٽلو خوش ٿيندي. تون رڳو وڃي هٿ ۾ ڏجانس."

"نجمہ کي ڇو نہ ٿو ڏئين تہ وڃي ڏئي اچي." ننڍڙي عقل ويڙهايو.

"نجمہ کي ايترو عقل ڪٿي، تون تہ عقلمند آهين نہ." هن ننڍڙي ڇوڪري کي "مسڪو" هنيو. هونئن نہ تہ سندس سوال تي ڪيس ڏاڍي خار آئي هئي. پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ کان اهڙو خط پهچرائڻ هنڪي ڏاڍو ڏکيو پي لڳو.

"ڀلا ڇا لکيو اٿئي هن خط ۾." ننڍڙي ڇوڪري وڃڻ کان اڳ پڇيو.

"سڀ ڪجهہ،" هنجون اکيون سرور ۾ بند ٿي ويون. "وڏو ٿينديئن تہ پاڻهيئي ڄاڻ پوندءِ." هن کان بي اختيار ٿڌو ساهہ نڪري ويو.

ننڍڙي قاصد خط پنهنجي ڀيڻ کي پهچايو. سندس ڀيڻ خوشيءَ ۾ ائين ڪر موڙيا، ڄڻ هوءَ لوڪ ڪهاڻين جي انهن شهزادين مان هڪ هئي، جي سالن کان لوهي ڪوٽن ۾ قابو ستل هونديون آهن ۽ ڪنهن بهادر شهزادي جو انتظار ڪنديون آهن. جو اهو طلسم ٽوڙي ان گهري ننڊ مان جاڳائي ڪين پنهنجو ڪندو آهي. ننڍڙو قاصد صبوح شام چٺيون ڪٺي ڀنهي پاسن ڏي پهچائڻ لڳو- ائين چٺيون پهچائيندي پهچائيندي جوان ٿي ويو. سندس بڪايل اکيون هيڏي هوڏي واجهائي پنهنجي "استاد" جي انهيءَ ڀيڻ نجمہ ۾ وڃي ڪٽيون جا بہ گهري ننڊ ۾ ستي، ڪنهن شهزادي جو انتظار ڪري رهي هئي. هڪ ڏينهن هن بہ سورن جو خط لکي نجمہ جي ننڍي ڀا؛ کي ڏئي ساڳيا ايلاز ڪرڻ لڳو؛

"ادو آن ني."

....

"ياءِ ناهين منهنجو."

....

خدا جو قسم ڪونہ ماريندي اٿلو خوش ٿيندي.

....

"سڀ ڪجھ." هنجون اکيون سرور ۾ بند ٿي ويون. "وڏو ٿيندي تہ پاڻهي چاڻ پوندءِ."

هي ننڍڙو قاصد بہ پنهنجي معصوم هٿن سان ٽپالون ڊوئيندي، پنهنجي وڏي ڀيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو تہ جيئن ڪيس بہ خبر پوي تہ اهڙن خطن ۾، جي نيرن لفافن ۾ بند ڪري، تڏا ساهہ ڀري ايلازن سان ڏبا آهن، ڇا هوندو آهي؟ □

سوکڙيون

نورمحمد منهنجو سنگتي آهي. ٻٽي سال ڳڻ گذاريو اٿئون. شڪل ڪا خاص ڪونهيس. ٿَنبي جهڙو بت ۽ ڊگهو قد اٿس. رنگ ٽيٽهڙو اٿس. يعني تہ ڪنهن وقت مشڪي ڏسبو آهي تہ ڪنهن وقت ناسي. وار روز بروز گسندا ٿا وڃنس. تيل هڻندي جڏهن مٿ کي وارن جي ڇٽڻا اٿس تہ ڪمرو گهڻ خميسي حجم جو دوڪان وڌ لڳندو آهي. هيئنر سندس لوٽي ٽڪڻ تي وار ڪبوتريءَ جي نٽين چاول ٻچي جي پرن کان ڪنهن بہ حالت ۾ زياده نہ ٿيندا. دنيا جي دستور مطابق هن بہ پنهنجي دل ڪنهنجي قدمن ۾ پيتا رکي آهي. سندس محبوب دنيا جي محبوبن کان وڌيڪ سهڻو سڀاجهڙو آهي، ايترو تہ معصوم آهي جو ڪيڪراٽن بعد ٻولي بہ ڇا هوندي. ڪڙين تائين ڊگها وار اٿس. گهاٽا جيئڻ ٻبرن جو ڪوشو. ڪارا جيئڻ "ڇتون چاپ" ڪاري پالش. انهن وارن جي ڇانو ۾ ئي ڪيس سڪون ملندو آهي...... مون سندس محبوب ڪونہ ڏٺو آهي، ان سان منهنجو ڪو واسطو بہ ڪونهي. مان رڳو نورمحمد سان ٻڌل آهيان. سندس ها ۾ ها ۽ نہ ۾ نہ ڪندو آهيان. ان ڳالهہ ٻڌائڻ جو ڪو ضرور ڪونهي تہ جي فيءَ ماني جي خرچ ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪو خرچ نہ ٿيندو آهي. ٻيا سڀ بار هنتي آهن. انجي بدلي ۾ ڪيس "سائين سائين" چوڻو پوندو آهي ۽ وقت بيوقت سندس ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون آهن، جي سندس چوڻ مطابق محبوب وانگر ئي سهڻيون ۽ سڪون بخش آهن.

سندس ڳالهين جو گهڻو ڀاڱو پنهنجي محبوب متعلق هوندو آهي. جڏهن بہ جُڪي ايندي اٿس تہ سندس شان ۾ قصيدا بيان ڪندو آهي ۽ مان پنهنجي ضروري ڪم کي بہ ڇڏي سچو ڌيان ڏانهنس ڪندو آهيان ۽ موزون موقعو ڏسي سندس پريت جي تعريف بہ ڪندو آهيان. مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي تہ ائين ڪرڻ سان مون کي اقتصادي فائدو پهچندو آهي، جنهن کي ڪو نظر انداز نٿو ڪري سگهي. مثال طور هڪ ڀيري جڏهن مان افسانو لکي رهيو هوس تہ هن سوئڙي چوڙي تہ سندس محبوب کي بہ ادب سان دلچسپي آهي. مون معمول مطابق هڪدم ڪن ڪڙا ڪري سچو ڌيان ڏانهنس ڪيو. پر جڏهن هن ان دلچسپي جي تشريح ڪئي تہ دل گهريو تہ جيڪ

ڀٽي ڀِڪَ ڏوڙ جا مٽي ۾ پائي ماتم ڪريان. هو فخر سان ٻڌائي رهيو هو ته سندس محبوب، سيف الملوڪ جا مڪالما ۽ امير حمزه جا "اصل وڏا قصا" چڱي طرح پڙهيل آهي، ۽ اهي بيتن سميت ڪيس ياد آهن. جڏهن به سندس موڊ آف ٿيندو آهي ته هو سندس دل ڪي وندرائڻ لاءِ انهن مان ڪانه ڪا پهيلي ڪيس ٻڌائيندي آهي. ڀٽي ڪڏهن ڪڏهن انهن قصن تي تنقيد به ڪندا آهن. مثال طور جانعالم جو طوطو ٺاڪرو هو يا سنڌي، امير حمزه ۽ سيف الملوڪ مان ڪنهن گهڻن ديون کي پهريون "ماما، ماما" ڪري پوءِ حرفت سان ماريو. سيف الملوڪ جي ڏنڊ ۾ پلو هو يا نه. جي هو ته اهو ٽري ڪاٺيندا هئا يا سيڪي ..... وغيره وغيره ..... اهڙي قسم جون پيون به ادب سان گهرو تعلق رکندڙ ڳالهيون سندن بحث جو موضوع بڻبيون آهن.

هو هر آچر ۽ اربع تي وٽس ويندو آهي. اهي ڏينهن هن ڪڏهن ڪونه گسايا آهن. مان انهن ڏينهن تي سڄو وقت ڪمري ۾ گذاريندو آهيان. اڄ صبح جو به اٿڻ سان هن تياري شروع ڪري ڏني. لڪس جي اڌ چڪي ڪپائڻ بعد جڏهن هو ڪمري ۾ آيو ته سندس رنگ ڳاڙهو ناسي تي چڪو هو. منهن کي وينشنگ ڪريم جو ليپو ڏيڻ بعد جڏهن هو پائوڊر جي اسٽيج تي پهتو ته هن کي ڪا ڳالهه ياد آئي. پڇڻ لڳو، "ڀٽي ڏهاڙي عيد آهي نه؟"

"ها" ..... مون هميشه وانگر مسڪيني لهجي ۾ جواب ڏنو.

"ته اتي ته صدر هلون!" ...... هن ٺوال سان هٿ اگهيو.

"ڇو؟" مون خوشي کي قدري دٻائيندي پڇيو.

"هن لاءِ ڪجهه سوکڙيون وٺڻيون آهن."

اهڙا ته موقعا مون کي گهربا هئا ...... آءٌ هڪدم ڪپڙا پائي تيار ٿيس. ڪمري کي بند ڪري ٻاهر نڪتاسين. دڳ تي هن خواجه خضر وانگر مونسان معاهدو ڪيو. ته سوکڙين جي خريداري سندس مرضي مطابق ٿيندي. آءٌ وچ ۾ ڪو ٽپو نه ڏيندس جو مونکي اهڙين ڳالهين جي خبر نه آهي. مان رڳو سندس خريد ڪيل شين کي کڻي، سندس پويان ڦرندو وتندس. مون اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي. سڀ کان پهريون دڪان جنهن کي اسان شرف بخشيو، سو "انگلش بوٽ هائوس" هو. هنجي خيال ۾ سڀ کان سٺي سوکڙي هڪ سهڻيءَ نازڪ جتيءَ جي خريداري آهي. آءٌ سندس پوٺ کي تڪڻ لڳس، ۽ هو سيلس مين هد بتون ڏيڻ لڳو. ضائقن جه عاء نمبر

چوٿون ۽ پنجون، پر هن پهرين ست سان ٿي ڪيس ستون نمبر آڻڻ لاءِ چيو. سيلس مئن ڏاڪڻ تي چڙهي مس مس هڪ جوڙ لٿو ۽ چندي ڦوڪي اڇي ڪيس ڏنو. هن پادر کي جهلي گرانٽ هڻي ۽ منهنجي ڪن ۾ پُٽڪاڻ ڪيو، "يار هي ته ڪيس پورو ڪونه ايندو."

"ڪمال ٿو ڪرين! هي ته تنهنجو پير آهي، عورت ذات کي ڪيئن نه پورو ايندو."

"نه يار هن جو پير وڏو آهي. منهنجو بوٽ ڪيس پورو ڪونه ايندو آهي." هنجي لهجي ۾ شرمندگي هئي جا مونکان سواءِ ڪو محسوس نه ڪري سگهي ها.

"نه پوءِ ڪيس ائين نمبر لاءِ چئو" ...... مون مزي خاطر ڪيس صلاح ڏني.

نورمحمد زخمي نگاهن سان سيلس مين کي ڏسي ڪيس ائين نمبر آڻڻ لاءِ چيو. مگر سيلس مين مجبوري ڏيکاري ۽ چيو ته سينڊل ته ڇا، پر ائين نمبر جو زنانو قالب ٻه هن وٽ ڪونه آهي. ڇاڙيءَ ۾ لهندي وقت ٽوڪ به ڪري ورتائين، "اسان ضائفن لاءِ جتيون رکندا آهيون، ڏاچين لاءِ ڪونه."

..... نورمحمد اهي لفظ ٻڌي ڏاڍو شڪي ٿيو. مونکي به ڏاڍي کل پئي آئي، پر پاڻ روڪيو پئي آيم جو ڪاڻڻ پيٽڻ جو پروگرام اجا پريرو هو...... "انگلش بوٽ هائوس" تان لهڻ بعد نورمحمد، رستي تي ويندڙ سهڻين ضائفن کي تڪيندي اعلان ڪيو ته هن جتي وٺڻ جو پروگرام ختم ڪيو آهي، جو هڪ ته اهون نمبر جتي ملڻ مشڪل هئي ۽ جي ڪنهن دوڪان تان ملي به، ته ايڏي وڏي نمبر جي زناني جتي وٺڻ، هڪ غير روحاني ۽ پاڻ تي ڪلائيندڙ ڪم هو. مون سندس سياڻپ جي تعريف ڪئي. هو وري اوچي ٻاڻ سان تڪڙا قدم ڪٽي، "غلام محمد برادرس" ڏانهن هلڻ لڳو. جتان هن کي بوڊي ڪولن ۽ رومال خريد ڪرڻا هئا.

ڪائونٽر وٽ بيهڻ سان ئي هن شوڪيس ۾ پيل هڪ شيشي ڏانهن اشارو ڪيو ۽ سيلس مئن ڦرتائي سان اها شيءِ ڪڍي آيو. مون ڏٺو ته اها بوڊي ڪولن نه پر ڊيٽول جي هڪ وڏي سيشي هئي. مون ڪيس ٻڌائڻ گهريو مگر هن رهڻ ڏني، "توکي ڪهڙي خبر، تو ڪڏهن هاءِ سوسائٽي ۾ موو ڪيو آهي؟" ..... مون ڪئي مات ڪئي. هن تنهن کان پوءِ سيلس مين کي

زنانا رومال آڻڻ لاءِ چيو. هو ٻئي پئڪيٽ کڻي آيو. رومال ڏاڍا سهڻا ۽ وڻندڙ هئا. ڪن تي جهرڪيون چاپيل هيون ته ڪن تي ڇڙا گل هئا. آءٌ به پنهنجي دل ۾ انهن کي خريد ڪرڻ جو خيال ڪرڻ لڳس. مون سندس مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ ڏانهس ڏٺو. هو هڪ رومال کي کولي ڪجهه سوچي رهيو هو. جلدي ئي هن سيلس مئن کي مردانان رومال آڻڻ لاءِ چيو. آءٌ اها فلاسافي سمجهي نه سگهيس، ڪانئس ان جو سبب پڇيم. پهريون ته هو ٽارڻ لڳو، مگر منهنجن گهڻن ايلازن تي هن ٻڌايو ته ليڊيز رومال ننڍا آهن ۽ اهي "هن" جي نڪ جي پگهر اگهڻ سان ئي آلا ٿي پوندا. انڪري هن مردانا رومال ورتا.

ايتري خريداري ڪري ٽڪا هئاسين. فاروق هوٽل ۾ ٽڪ لاهڻ لازمي هو. هن آئيس ڪريم ڪاڏي ۽ منهنجي لاءِ پلين جيلي گهرائي. هو مون کي وهاري پاڻ اٿي ويو. ويهن منٽن ۾ موٽي آيو. سندس هٿ ۾ هڪ پئڪيٽ هو. مون اهو ڏسڻ گهريو. مگر هن ڏسڻ نه ڏنو ۽ چيو ته ان ۾ منهنجي ڪم جي شيءِ ڪانهي. مون ته پئڪيٽ جي آيار ۽ لاهيءَ سان ان شيءِ جو اندازو لهي ورتو. مون کي ان جو نالو ڪونه ايندو آهي البت انجا پار پتا ڏئي سگهان ٿو. اهڙي ئي نموني جي شيءِ مون نار ۾ ٻڌل ڏاند جي اکين تي ڏٺي آهي. فرق رڳو هي آهي ته اها شيءِ ڪجي جي ٻوٽن جي نهيل هوندي آهي ۽ هي جا نورمحمد خريد ڪئي، ڪپڙي جي نهيل هئي.

هو صدر مان ئي ٽئي شيون ڳاڙهي لغڙي پني ۾ ويڙهي پنهنجي پرينءَ ڏي کڻي ويو آهي ۽ مان سهڪندو اچي پنهنجي ڪمري ۾ پهتو آهيان. هن مهل آءٌ ڪنڌ گوڏن ۾ هڻي خيال ٿو پچايان ته هن سان ڪهڙي حالت ٿيندي.

مون ته هاءِ سوسائٽي ۾ موو نه ڪيو آهي، ڇا توهان ٻڌائيندا؟ ☐

لهرين جا لوڏا

هو دريءَ مان منهن ڪڍي هاسٽل جي گيٽ ڏي نهاري رهيو هو. ڪي ڇوڪرا اندر پئي آيا ته ڪي ٻاهر پئي نڪتا. ڇوڪرا ٻه هڪ ٻئي کان مختلف .... ڪي سهڻا ته ڪي وري ڪوجها. ڪن کي اوچا سوٽ اوڊيل ته ڪن کي گوڏن وٽان ڪٽل خاڪي زين جون پتلونون. سهڻن ۽ امير ڇوڪرن کي ڏسي هن جون اکيون ائين ڦوٽارجي پئي ويون، جيئن هو کين پنهنجي اکين ۾ سمائڻ چاهيندو هجي، پر انهن جي سونهن به سندس ڪهڙي ڪم جي، هو وٽس ڀڳا ته ڪونه ايندا..... هن کان بي اختيار ٿڌو شوڪارو نڪري ويو.

رات گرميءَ ڪري جوٽس کي ننڊ نه پئي آئي ته سياڳيءَ ساڙ کان ڪيس اٿاري، ان موضوع کي ڇيڙيو هو، جنهن ڪانٽس سموريون تفريحون ڪسي ورتيون هيون. ٻين تفريحن کي ڇڏيو، پر "هارون جيمخانه جي تفريح جنهن ۾ هو هر آچر سومر تي تمبولا کيڏڻ ويندو هو، سا به ڪانٽس ڪسجي وئي هئي. حرام جو هو ويجهڙ ۾ ويو هجي! مسز سوزي جيڪب جا هميشه سندس پئسن تي کيڏندي هئي ۽ جنهن جو سندس هر ڪٽيل رقم ۾ ڀائيچارو هوند هو، ٽي چار ڏهاڙا اڳ ڪيئن نه فون تي ڪيس اپلاز ڪيا هئائين "ڊارلنگ تون ڪونه هلندين ته مان ڪونه ويندس. توکانسواءِ کيڏڻ ۾ مزوئي ڪونه ٿو اچي." وري ليلائيندي ڪانٽس پڇيو هئائين، "اڄ ايندين ني ؟ توکي منهنجو قسم، ضرور اچج."

مسز سوزي جيڪب جو هن تي پڪو هو. يا ائين ڪٿي چئجي ته سندس واڳون هن جي هٿ ۾ هيون. ان ڪرستانڻ متس الائي ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيو هو، جو هو سندس ڪا ڳالهه موٽائي نه سگهندو هو. هاسٽل جي ڇوڪرن کي به اها خبر هئي ته جي سپرنٽنڊنٽ کين هاسٽل ۾ داخلا نه ڏئي يا ڪاوڙجي کين هاسٽل مان ڪڍي ڇڏي ته اتي ڪنهنجا به اکر ڪم ايندا ۽ هو پاڻ به اها ڳالهه، پنهنجي دوستن اڳيان قبول ڪندو هو ۽ چوندو هو، "هي ته خسيس ڳالهيون آهن، پر جي سوزي مونکي ائين چوي، آءُ توکي ڪاتيءَ سان ڪهان ته جيڪو مڙي سو ...."

مگر، ان ڏينهن هن جي قسم وجهڻ جي باوجود هن ناڪار ڪئي ۽ چيو هئائين، "جاني، ٻئي ڏينهن ايا ترس !" پوءِ اها جدا ڳالهه هئي ته سوزي

ڪي اهڙو جواب ڏيڻ بعد هنجي اکين مان ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا هئا.

هو به آخر ڇا ڪري؟ ...... جي وڃي ته ڪير سندس بدران جوئس جا مهڻا جهلي! "ڀهريون پنهنجي جوان جماڻ ڌيءُ جي ڳڻ ڪر پوءِ پيو اهي سير ڪجانءِ." هوءَ ڪتي جهڙو ڀوٽ ڪري کيس چوندي هئي. هن پنهنجي ڌيءُ لاءِ آخر ڇا نه ڪيو هو؟ ڪهڙي پاسي کان هن گهٽتائي ڪئي هئي. جي دوستن کي ونو ته هن ڪهڙي دوست کي، پنهنجي اڻ ڳڻتيءُ ان بار کان واقف نه ڪيو هو. هاسٽل جا ڇوڪرا وات ڳاڙها ٽيندا آهن. انهن کي اهڙي آچ ڪرڻ معنيٰ بورڊ جي ميمبرن کي پنهنجي هٿن سان پاڻ، پنهنجي ڪرتوتن جي چٺي لکڻي هئي. مگر، تنهن هوندي هن ڪيترن کي اشارن ۾ ان بابت چيو هو، پوءِ اها ته ڊيٽس جي بدقسمتي هئي، جو هر ڪنهن ناڪار ڪئي هئي ۽ عجيب عجيب بهانا ڏنا هئا. ڪو پرٽيل هو، ته ڪو مگيل هو، ۽ ڪنهن کي وري وڏيءَ نوڪريءَ تي چڙهڻ بعد ئي شادي ڪرڻي هئي.

هن ڀتي پيرا پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي زال کي سمجهايو به هو ته جي ڊيٽس جو بندوبست ٿئي به، ته خرچ پڪو يا ڀٽي ڏاج ڏيوڻ جو بندوبست ڪٿان ٿيندو؟ مگر جوئس ته ڄڻ هن جي سپرنٽينڊنٽي کي هڪ ڪاڻ سمجهيو هو. هميشه کيس چوندي هئي "ان جو فڪر نه ڪر تو وٽ ڇوڪرن جون فيون گهٽيئي گڏ ٿينديون ۽ ان جون حساب ڪتاب به ٻارهين مهيني ٿيندو آهي. في الحال اتان ئي ڪجهه رقم ڪڍي ونجانءِ" زال جي ان جواب تي هن چوڻ گهريو هو ته جي هن سال اڳ ئي حساب ونن ته پوءِ؟" مگر هن کي پڪ هئي ته جوئس کيس دڙڪو ڏيئي چوي ها ته "ائين ڪڏهن نه ٿيو آهي." ۽ تنهن ڪانسواءِ کيس يادگيريون ڏياري ها ته ڪيئن نه ٻه سال کن اڳ کيس ٻن هزارن جي ضرورت پئي هئي ۽ هن انهن فين مان پيسا ڪپائي، ڪم ٽپايو هو. تنهن کان هن ماٺ ۾ رهڻ مناسب ڄاتو.

ان بعد هو واقعي سچي دل سان ڪوشش ڪرڻ لڳو هو. ان سوداءِ ۽ ڳڻتيءَ ۾ هن کان سڀ ڳالهيون وسري ويون هيون. هو سدائين خيالي دنيا ۾ پيو ڀڄائيندو هو. ايتري قدر جو هڪ پيري هن ڪاليج ۾ پرشن جي ڪلاس ۾ سياست تي ليڪچر شروع ڪري ڏنو هو. جنهن تي پرنسپال سڄي اسٽاف جي سامهون کيس ٺاهوڪي دٻ ڪڍي هئي ..... پرنسپال جا دڙڪا ياد ڪري، کيس پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪڻ لڳا ۽ هو ايتري سرديءَ ۾ اُچ محسوس ڪرڻ لڳو. هن زال کان پاڻي گهريو ۽ اهو ئي وري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳو.

هينئر ٻه ڇوڪرا ڪيس ايندي ويندي نظر پئي آيا هڪ شڪل جي ڪوجهي ڇوڪري کي ڏسي، ڪيس پنهنجي زال تي سخت خار آئي. جوئنس جا نخرا ٻه عجيب هئا. ڪيس اهڙو نائي گهربو هو، جو سيني ڳالهين کان نيڪ هجي. سهڻو ٻه هجي ته امير ٻه هجي. نه ته هنڪي ڪوڙ اهڙا ڇوڪرا سجهندا هئا. جي سندس ڌيءُ جو سڱ خوشيءَ سان قبول ڪن ها. هو سوچڻ لڳو ته جي هينئر ٻه جوئنس اها ڳالهه قبول ڪري ته جيڪر منٿن ۾ ڪم لهي سگهي ٿو. مگر جوئنس کي ٻه ته اڻ جو پتو آهي. پنهنجي هٺ تان ڪڏهن ٻه نه لهندي.

سوچيندي سوچيندي، هن ڪنڌ مٿي ڪئي گيٽ ڏانهن نهاريو. هن جي نگاهه هڪ سهڻي ڇوڪري تي پئي جو وڏين وڏين ٻرانگهن سان اندر اچي رهيو هو. هي هڪدم دريءَ جي اوٽ تي بيٺو. ان ڇوڪري جي ڌيئس سان محبت هئي. هن پاڻ ڪيترا ڀيرا کين اشارا ڪندي پڪڙيو هو. ڇوڪري کي ته خواريءَ سبيان ڪجهه نه چئي سگهيو، پر البت پنهنجي ڌيءُ کي سو چڱي ڪنج ڪڍي هئائين. ان بعد اهو ڇوڪرو وٽس ٻه دفعا سڱ لاءِ ٻه آيو هو. مگر هن ڪيس دڙڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍيو هو. جوئنس وري الائي ڇو هنجي سفارش ڪندي هئي" ڏس ڇا ۾ کهٽ آهي؟ سونهن ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ آهي. لٽن ڪپڙن مان ٻه سکيي گهر جو ٿو ڏيکارجي." مگر هن زال جي اها ڳالهه، ڪڏهن نه قبولي هئي. ڪيس چوندو هو، "انڪي پنهنجي ڌيءُ ڏيون، تنهن کان ڪيس پاڻ گهٽو ڏيئي ڇو نه ماريونس." هن کي ان ڇوڪري کان نفرت ٿي وئي هئي. ڪيس ڏسي سندس رت ٽهڪندو هو ..... مگر اڄ اها نفرت محبت ۾ بدلجي ويئي. هو پيار جي نظرن سان ڪيس ويندي ڏسڻ لڳو.

هن ميز تان سلپ کئي، ان تي ڪجهه لکيو ۽ پٽيوالي کي سڏ ڪري، رشيد کي ڏئي، جواب وٺي اچڻ لاءِ چيو. ٿوري دير ۾ پٽيوالو جواب کڻي آيو، ڀهرين سٽ کي پڙهڻ سان ئي هنجو هيانءُ ٻوساٽجڻ لڳو. رشيد لکيو هو "مان مجبور آهيان. منهنجي شادي مهينو کن اڳ پنهنجي ماسات سان ٿي وئي آهي." هو اڳتي ڪجهه نه پڙهي سگهيو. هن خط کي مروڙي ڪيسي ۾ وڌو. ايتري ۾ جوئنس هن وٽ آئي ۽ کيس چوڻ لڳي، "ڏس مان توکي رڙو لاهي پيرن تي ٿي وجهان، رشيد جو رشتو قبول ڪر." هن ڪنڌ ڦيرائي زال ڏانهن نهاريو ۽ ڪيس رهڙ ڏني، "مون هزار دعا توکي چيو آهي ته ان لوفر کي پنهنجي ڌيءُ نه ڏيندسون. مگر تون هر ڀيري هن جي سفارش ٿي ڪرين. تون صفا بي غيرت آهين زرينه!" ايترو چئي هو وري دري کان ٻاهر نهارڻ لڳو، ۽ ان وقت هنجي اکين مان ڳوڙها برسات وانگر تمڻ لڳا □

● "نسيم، زندگيءَ جي ٻاهرين رُخ ۽ انسان جي ٻاهرين تهه يعني هڏائين پڃري تي چڙهيل کَلَ جو ليکڪ آهي. زندگيءَ جو ظاهري روپ جيئن هن کي نظر اچي ٿو، تيئن هو ان کي چٽي ٿو ڇڏي. هو، زندگيءَ کي انٽرپريٽ نٿو ڪري، ڪو خواب، ڪو آدرش، آئيندي جي ڪا آس نٿو ڏي. ساڳيءَ طرح هو ڪردارن جي اندر ۾ ليئو پائي، هنن جي اندر جو ايذاءُ نٿو ڏيکاري، پر سندن خارجي عمل ٿو پيش ڪري. اهو عيب نه آهي، پر انداز آهي ۽ ان انداز جي سيني ليکڪن کان نسيم وڏو ۽ سٺو ليکڪ آهي." (آغا سليم)

● "مون، نسيم کرل جي پوئين مجموعي، "چوٿيهون در" جي ڊسٽ ڪور تي اهو رايو لکي ڏنو هو ته: سنڌيءَ جي هن وقت ميدان ۾ موجود ڪهاڻيڪارن ۾ نسيم کرل سيني کان سرس آهي." (شمشير الحيدري)

● "نسيم پنهنجي تر جي ٻوليءَ جو ڄاڻو ضرور آهي، پر ٻوليءَ جي تخليقي پهلوءَ ڏانهن هن جو ڌيان گهٽ ئي ويو آهي ۽ ائين ان ڪري ٿيو آهي جو نسيم ڪنهن به موضوع کي گهرو نه ورتو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نسيم وٽ ڪهاڻيءَ اندر جي نه، پر ٻاهر جي شيءِ ٻڌجي رهجي وئي آهي."

(امداد حسيني)

● "نسيم کرل فنڪار آهي. پارٽ ٽائم ئي ڪٿي چئو، پر هن پنهنجي ماحول ۽ ڪردارن جي روح کي محسوس ڪيو آهي. سماجي احساس ۽ انساني تجربات کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي. جيڪا سندس عظمت آهي. هت گهٽيون ڳالهيون رهجي ويون آهن، جن لاءِ دفتر کپن ۽ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن جي ڪهاڻين جي نفسياتي، سماجي ۽ فني پهلوئن کي ڀوري ريت اجاگر ڪجي." (غلام نبي مغل)

● "بابا لکڻ وقت هميشه نيرو لکڻ وارو عمدو ڪاغذ استعمال ڪندو آهي ۽ مهڙي تهڙي قلم سان ڪونه لکندو آهي، هو هميشه لکڻ لاءِ شيفرز قلم وٺندو آهي، جي عام طرح هر مهيني گهر تي ويندا آهن ۽ وري هو نئون خريد ڪندو آهي. بابا لکڻ وقت سموري رات ويهي گذاريندو آهي ۽ صبح جو ڪهاڻي لکي جڏهن ننڊ ڪندو آهي ته سندس هر طرف پٺيڻ جا پنا ۽ سگريٽن جي رک پئي هوندي آهي ۽ ان ڏينهن بابا عام ڏينهن کان وڌيڪ ٻهڪندو آهي ۽ پوءِ فون تي ويهي پنهنجي دوستن کي رات واري ڪارنامي بابت ٻڌائيندو آهي." (فريال نريمان)